زندگي آزادي ۽ محبت



عبدالواحد آريسر

زندگي، آزادي ۽ محبت

عبدالواحد آريسر

سنڌي ساهت گهر
حيدرآباد- سنڌ
2020ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر- ڪتاب نمبر 324

ڪتاب جو نالو: زندگي، آزادي ۽ محبت

ليکڪ: عبدالواحد آريسر

ڇاپو پيو: 2009ع

(اداري طرفان پهريون): 2020ع

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

سنڌي ساهت گهر، دڪان نمبر 4، سيد آرڪيڊ، عبرت گهٽي حيدر چوڪ، حيدرآباد، سنڌ 0304-3688286

آئيڊيل ڪتاب گهر، رابعہ اسڪوائر، حيدر چوڪ، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد، سنڌ Mobile # 0300-3946518

- دانيال ڪتاب گهر، ڏهراج سينٽر، قاسم آباد حيدرآباد. 0300-3296225
- رومي ڪتاب گهر، ايگريڪلچرل ڪمپليڪس، وحدت ڪالوني، حيدرآباد. 0333-2284354
- مدني ڪتاب گهر، دادو. 0300-3256788
- نئون نياپو ڪتاب گهر، سچل چوٽ، ڪراچي، سنڌ. 2218025 .2638025

ZINDAGI, AZADI AEN MUHABAT

By: ABDUL WAHID AREESAR

Translated by: Naoon Mal (Junior)

Published By: Naz Sanai
Chairrman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad, Sindh

Book No.: 324

First Edition 2020

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اڻپنا

'هوري' جهڙي ڪهاڻي جي تخليقڪار

ءِ

'جنهاڻ' جيءِ پٽ جي مينهن وساڻي جهڙي ماڻهو

عبدالقادر جوڻيجي

جي نالي، جنهن کي مون ڏاڍو دير سان سڃاتو.

- عبدالواحد آريسر

فهرست

- اداري پاران — ناز سنائي — 07
- اسان جيئن جيئي ڪو — علي نواز آريسر — 09
- مهاڳ — عبدالقادر جوٽيجو — 13

تحريرون

1. سائين جي ايم سيد ڏانهن لکيل پهريون خط — 19
2. سيد جي قدمن ۾ — 21
3. ڪارونجهر جو قيدي روپلو ڪولهي — 33
4. اونداهيءَ دور ۾ چوڏهين جي چنڊ جهڙو شاعر — 38
   خليفو نبي بخش 'قاسم'
5. واويلا وٽڪار — 46
6. همالیا، آئون ۽ وقت جي وِڇوٽي — 55
7. سنڌڙي تنهنجو ساهه ایاز — 61
8. پٽائيءَ جا پانڌيئڙو ایاز کي نه وسارجو — 71
9. متان کائين کچڻي، حاڪماڻي هٿان — 73
10. آئون تاريخ جو آواز ٻُڌي رهيو آهيان — 77

11. تاريڪ راهُن ۾ پکڙيل اُجالن جا مسافر 79
12. انتقام هيئن به ونبو آهي 83
13. ايئن نه ماريو يار 87

تقريرون

14. آيت آيت بيتن ۾: (يومِ لطيف جي موقعي تي) 93
15. سنڌ منهنجو ساهه: 106
(شاهه لطيف جي عرس جي موقعي تي)
16. چوٽين مارچ، جدوجهد جو ڏينهن: 119
(سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪيل خطاب
17. پيار ۽ پلاند: (شهيدن جي ورسي تنڊو جام) 125
18. فريڊم مارچ قافلي کي خطاب: 133
(20 مارچ 2014ع، پريس ڪلب ڪراچي)

انٽرويو

19. ماهوار ساجاهه کي ڏنل انٽرويو 149
20. ماهوار ساجاهه کي ڏنل انٽرويو 183
21. ماهوار ساجاهه کي ڏنل انٽرويو 205
22. ذوالفقار علي پُٽي بابت انٽرويو 233
23. روزاني عبرت کي ڏنل انٽرويو 252

بہ اکر

عبدالواحد آريسر سنڌ جي قوم پرست سياست جو اهو نالو آهي، جنهن پنهنجي سڄي زندگي، سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ فلسفي سان پنهنجي سچائي ۽ پيار کي هر وڪ تي نہ ڳو ظاهر ڪيو پر ان تي ثابت قدميءَ سان بيٺو رهيو، پنهنجي تحرير ۽ تقرير ذريعي هو اُهو پيغام عام ڪندو رهيو. هو شعلہ بيان مقرر هو، جيئن اسٽيج تي بيهندو هو تہ لفظ مالهائون بنجي نہ رڳو هُن جي همت ۽ حوصلن جي ڳچيءَ جو هار بنجندا هئا، پر پڌندڙ بہ اُن جي سحر ۽ جادوئي بيان انداز ۾ گم ٿي ويندا هئا.

هن جي تحرير بہ اهڙي تہ پُراثر آهي جو جيڪو بہ ان کي پڙهي ٿو، اهو ان کان نہ رڳو متاثر ٿو ٿئي پر هُن جي تحريرن سان ان طرح ئي پيار ٿو ڪري، جيئن آريسر خود سنڌيءَ قوم سان بي لوث محبت ڪندو هو ۽ ان پيار ۽ پاڻپوهہ ۾ ڪڏهن بہ گهٽتائي نہ آئي.

هن ڪتاب ۾ سندس ڪيتريون تحريرون، تقريرون ۽ انٽرويو آهن، جيڪي تڙيل پکڙيل صورت ۾ مختلف اخبارن، رسالن ۾ موجود تہ آهن پر پياري علي نواز آريسر وڏي محنت سان سموهيو، گڏ ڪيو ۽ ان جو پهريون چاپو 2009ع ۾ پاڻ ئي چاپائي مارڪيٽ ۾ آندو. ان جي پهرئين چاپي ۾ ڪافي اهڙيون بہ تحريرون هيون، جيڪي هن چاپي ۾ موجود ناهن ۽ پئي چاپي ۾ نہ آنديو ويون آهن، جو تہ پبلشرن ان ئي ڪتاب مان اُهي تحريرون

کڍي، مختلف ڪتابن ۾ آڻي ڇڏيون. نواز پياري جڏهن هن ڪتاب جو پيو ڇاپو تيار ڪيو تہ ان ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون تحريرون شامل ڪيل آهن، جيڪي وري پين ڪتابن ۾ نہ اچي سگهيون آهن. جنهن ڪري هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت اڃا بہ پيٽي ٽي ٽي وڃي.

سنڌي ساهت گهر هن کان اڳ بہ عبدالواحد آريسر جي تقريباً سمورن ڪتابن کي جُلدن جي صورت ۾ توڙي الڳ الڳ بہ ڇاپيو آهي، جن کي عبدالواحد آريسر جي چاهيندڙن ڏاڍي وڏي چاهہ ۽ دلچسپيءَ سان پڙهيو آهي ۽ اسان کي نيڪ مشورن ۽ صلاحن سان نوازيو آهي.

آريسر جون سموريون تحريرون قومي تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن لاءِ وڏو ڏيئ رهنما ثابت ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ سان لاڳاپيل نوجوانن ان جي تحريرن سان اهڙي طرح پيار ڪيو آهي، جنهن جو اسان جي ويجهڙي تاريخ ۾ پيو ڪوبہ مثال ناهي.

آريسر صاحب جو هيءُ ڪتاب، سنڌي ساهت گهر کي ڇاپيندي انتهائي سَرهائي پئي محسوس ٿئي. ڇاڪاڻ تہ هيءُ ڪتاب بہ آريسر جي ٻين ڪتابن جيان سنڌ جي جديد قومي ۽ سياسي تاريخ جوڙڻ ۾ ٿيندڙ وقت ۽ مؤرخ لاءِ بنيادي ماخذ ۽ مددگار طور ثابت ٿيندو.

ناز سنائي
0300-3946518

حيدرآباد، سنڌ.
5- ڊسمبر 2020ع

اسان جيئن جيئي ڪو

رسول حمزه توف پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب 'ميرا داغستان' ۾ لکيو آهي ته: "اڪ ڪُلندي ئي پنهنجي بستري تان اُٿي ايئن نہ پچو جڙ ڪنهن زهريلي شئي ڏنگ هنيو هُجي، پر سڀ کان پهرين اُن خواب جي باري ۾ سوچيو جيڪو اوهان جي اکين ڏٺو آهي."

جيڪي ماڻهو خوابن جي ساڀيان جي لاءِ ڊوڙندا آهن، اُهي ماڻهو ئي تاريخ بدلائيندا آهن. جيڪي اکيون خوبصورت خواب کان محروم هوندیون آهن، انهن کي بينائي چيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ جو خواب ڏسڻ لاءِ منظرنگاري ضروري هوندي آهي ۽ جن اکين ڪنهن منظر ڪُي ڏٺو ئي نہ هوندو آهي، انهن اکين ۾ خواب پنهنجو آڪيرو ڪڍهن بہ نہ ٺاهيندو آهي. جيڪي ماڻهو چوندا آهن ته توهان خوابن جي دنيا ۾ ٿا رهو انهن لاءِ فقط ايترو ئي چئي سگهجي ٿو ته زندگي مان جنهن ڏينهن خواب ختم ٿي ويندا آهن، اُهو ڏينهن موت جو هوندو آهي. سائين عبدالواحد آريسر جنهن پنهنجي اکين جي ماڻڪين ۾ هڪڙي ئي خواب کي جاءِ ڏني هُئي ۽ اُهو خواب هو "آزادي" ۽ انهيءَ آزاديءَ لاءِ هُن پنهنجي سڄي زندگي تکيليفن ۾ گذاري ڇڏي. هُن وٽ آزاديءَ جو تصور ٻين کان نرالو هو. هُو قيد ۾ رهندي بہ آزاديءَ جو قائل هو. مُن جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ رهندي بہ پنهنجي خيالن کي قيد ٿيڻ ڪونہ ڏنو. جيڪي خيال سڄيءَ سنڌ جو طواف ڪري وٽس موٽي ايندا هُئا ته هُو انهن کي ڪڍهن سگريٽ جي پاڪيٽ تي ته ڪڍهن ڏرتيءَ جي پيٽ تي اُتاري وٺندو هو. ايئن هُن ڪيترائي ڪتاب لکي ورتا. ڪيترن ئي مجموعن کي خطاب ڪيائين ته

ڪيترائي انٽرويو ڏنائين، ۽ ڪيترن ئي خوابن جي تڪميل ڪئي، هُن نوجوانن جي اندر ۾ آزاديءَ لاءِ اهڙي تڙپ پيدا ڪئي، جو هر نوجوان سُوريءَ تي سِر ڏيڻ لاءِ تيار ٿي پئي ويو پر آزاديءَ کان ٽِر جيترو به پوئتي هٽڻ لاءِ تيار نه هو. هُو گلن جون ڳالهيون به ڪري ڇاڻندو هو تہ گوليءَ جي موت جو به قائل هو. هُن چاهيو ٿي تہ سنڌ آزاد هُجي ۽ اُنهيءَ آزاد سنڌ ۾ ڪو به ڏاريو دلال نہ هُجي. هُن چاهيو ٿي تہ سنڌ جو ادب آزاد هُجي، سنڌ جو شعور آزاد هُجي، سنڌي ماڻهن جي ٻولي ۽ سنڌ جو ڪلچر آزاد هُجي، اهڙيءَ سنڌ جي اڏاوت جي لاءِ ڪڏهن هُو يونيورسٽي پهچي پئي ويو جتي هُن نوجوانن جي دلين کي گرمائڻ لاءِ تقريرون ٿي ڪيون تہ ڪڏهن هُو ڀهراڙيءَ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي رات ٿي ٽِڪيو جتي هُن سياري جي ڏگهين راتين ۾ مڇ تي ويهي عمر رسيده ماڻهن کي سنڌ جون ڳالهيون پئي ٻڌايون. انهي سنڌ جون، جيڪا ڪنهن دور ۾ آزاد هوندي هُئي، جنهن جون جاگرافيائي سرحدون ايران ۽ افغانستان تائين هونديون. ڪڏهن وري هُو انهن سنڌين تائين پهچي پئي ويو جيڪي سنڌ کان هزارين ميل پري ٻئي ڪنهن ديس ۾ رهندڙ هُئا. هو انڊيا ويو افغانستان ويو وڏن وڏن انقلابين سان مليو پر هُن جو هر جاءِ تي موقف هڪڙو ئي رهيو "آزاد سنڌ."

هُن ۾ بلا جي دانائي هُئي تہ بيپناهہ سهپ به هُئي. هُن تي ڪيترو ئي تشدد ٿيو پر هُن جي ذهن مان آزاديءَ جو تصور ختم ٿي نہ سگهيو. هُن جي جسم تي ڏنڪا پئي لڳا پر هو مسڪرائيندو پئي رهيو هن جي ذهن ۾ اُن وقت به آزاد سنڌ جو تصور موجود هو. اهڙيءَ طرح هُن پنهنجي زندگيءَ جا لکين ڪلاڪ آزاديءَ لاءِ تڙپندي، لکندي ۽ وڙهندي گذاري ڇڏيا. هتي آئون سندس هڪ پيرا گراف ونڊ ٿو ڪريان، جيڪو هن سڄي ڪتاب جو تت به چئي سگهجي ٿو:

"آمريڪا جو آئين ناهيندڙ ٿامس جيفرسن ۽ انسان جي لاءِ ٽي اهم شيون ٻڌايون آهن 'زندگي، آزادي ۽ محبت' ۽ مان ان سان سهمت آهيان. جيڪا زندگي آزاد ناهي، اها ڪهڙي ڪم جي؟ منهنجي شروعات کان ونئي زندگي، آزادي ۽ محبت جي حاصلات لاءِ جستجو ۾ رهي آهي. پوءِ اها ملي هجي يا نه! پر جستجو رهي آهي. ان جستجو ۾ پنهنجو مزو آهي. اها پهاڙن تي چڙهڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي. ڏونگر ٽوڙڻ تي ۽ مجبور ڪندي آهي ۽ روپلو ڪولهي ٽيڻ تي پڻ مجبور ڪندي آهي. روپلي ڪولهي جي مٿي تي وٽيون ناهي. تيل جا ڏيئا ٻاريا ويا ۽ انگريز چيو ته: "تون آزادي تان هٿ کڻين ٿو؟" روپلي ڪولهي چيو "نه. مان هٿ نه کڻندس."

آريسر صاحب جيتوڻيڪ ڪنهن وڏي يونيورسٽيءَ جو پڑهيل ته ڪونه هو. پر هُو جڏهن ڳالهائيندو هو ته اُٿ ڪتابن جا پڑهيل وڏا وڏا اديب ڏير ٿي ڪِري پوندا هئا. هُن پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي مان ايترو ڪجهه پرايو هو جو سڄي دنيا جو ادب سندس حافظي ۾ محفوظ هو.

آريسر صاحب جو ڪيتروئي مواد ايڊيٽ ٿيل آهي. پر اسان جي اها ڪوشش آهي ته سڄو مواد گڏ ڪجي ۽ ان کي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪجي. ان سلسلي کي اڳتي وڌائيندي 2009ع ۾ مون ۽ بشير آريسر گڏجي آريسر صاحب جا ڪجهه مضمون، تقريرون ۽ انٽرويو گڏ ڪري "زندگي، آزادي ۽ محبت" جي نالي سان ڪتاب ڇپايو هو جيڪو هٿو هٿ ڪپي ويو ان بعد هن ڪتاب جي مسلسل پڇا ٿيندي رهي. ان ڪري هيءُ ٻيو ڇاپو اوهان جي اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هن ٻئي ڇاپي ۾ ڪجهه مواد وڌايو ويو آهي ته ڪجهه

لکڻيون ڪڍيون ويون آهن. ڇاڪاڻ جو ڪيترائي مضمون موضوع جي مناسبت سان "ڇا ٿہ شخص هو" ۾ "ويراڳي جي ويڙها" ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جيڪي هن ڪتاب مان خارج ڪيا ويا آهن.

هيءُ ڪتاب هر لحاظ کان شاهڪار آهي. ڇاڪاڻ جو هن ۾ روپلي ڪولهيءَ جي بهادري ۽ حشمت جون بہ ڳالهيون آهن ٿہ خليفي نبي بخش قاسم جي شاعريءَ جي عظمت تي بہ فڪري بحث ڪيو ويو آهي. شاهہ سائينءَ کان ويندي شيخ ايياز تائين جي شاعريءَ جي جماليات تي ڳالهايو ويو آهي. ماضيءَ جي خوشحال سنڌ کان هيل تائين جي صورتحال جو بہ تفصيلي جائزو ورتل آهي. ان ڪري هيءُ ڪتاب هڪ ريفرنس بوڪ طور بہ ڳڻيو ويندو. هتي مون کي ورجينيا وولف جي ڊائريءَ جو هيءُ ورق ياد پيو اچي. جيڪو آئون هتي لکڻ ضروري ٿو سمجهان:

"هڪ ڏينهن 'ڪيٽرائين منسفيلڊ' آئي ٿہ مون کيس 'يوليسس' پڙهڻ لاءِ ڏنو. اول ٿہ هُو پڙهندي مذاق ڪندي رهي. پر پوءِ اوچتو چيائين: 'هن ۾ ڪا ڳالهہ آهي. جيڪا ادب جي تاريخ ۾ ڪيس جاءِ ڏيارينديِ'"

رسول حمزه توف لکيو آهي ٿہ: "انسان کي صرف ٻن صورتن ۾ جُهڪڻ کپي. ڪنهن وَهندڙ چشمي مان پاڻي پيئڻ لاءِ يا ڪنهن تاريءَ تي ٽڙيل گُل پٽڻ لاءِ."

۽ آريسر صاحب پنهنجي سڄي جمار ان تي عمل پيرا رهيو هُو جُهڪندو ضرور هو ۽ اُهو صرف ۽ صرف "سنڌ" جي اڳيان. ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي تسبيح پڙهندا آهن. اُهي ماڻهو ئي امر ليکيا ويندا آهن.

تاريخ
04_11_2020ع

علي نواز آريسر
حيدرآباد

مهاڳ

پاڻ کان وڏي ماڻهوءَ تي لکڻ معنيٰ ته جبل ٽُڪڙ، سو پاڻ بہ هتي جبل ٽکڻ وينا آهيون. خدا جا اُهي ڏينهن بہ اچڻا هئا. انهيءَ ۾ تِر جيترو بہ شڪ ناهي ته عبدالواحد آريسر فڪري طور تي توڙي عملي طور تي بہ ۽ جُرئت مندي توڙي اخلاقي ايمانداريءَ جي خيال کان هن بندي کان ڪيئي ڀيرا وڏو ماڻهو آهي. سو عبدالواحد آريسر جي هن ڪتاب "زندگي، آزادي ۽ محبت" تي لکندي هٿ ته ڏکن ٿا، پر آريسر جي اخلاق ۽ محبت واري زور اڳيان زاري آهي ۽ حڪم جي بجاآوري ضروري آهي.

عبدالواحد آريسر جيڏو وڏو ليکڪ ۽ سياستدان آهي، ايڏو وڏو ئي خطيب آهي. جي سولي سنڌيءَ ۾ چئون ته آريسر هڪ خطيب جي حيثيت ۾ ست واتي بلا آهي، جيڪو ٻڌندڙن کي ڪنهن جادوءَ وانگر مُندي ڇڏيندو آهي. عبدالواحد ڳالهائي ته سُئي ڪِري ته بہ آواز ٻڌڻ ۾ اچي. رب جي ذات سندس قلم توڙي زبان ۾ ايڏي ته سگهہ ڏني آهي، جو وڃي ٽيا ست خير.

عبدالواحد آريسر جي انهن خوبين جي شروعات مدرسن کان ئي ٿي چڪي هئي. انهيءَ زماني ۾ پاڻ جيڪڏهن پنهنجو دين ايمان وڃائي، رُڳو پنهنجو پاڻ کي مٿي اُپارڻ جو غرض رکي ها ته، وٽس موجود قوت گويائي اهڙو ته رنگ ڏيکاري ها، جو وٽس هن وقت جديد کان

جديد تر ۾ مهانگي ۾ مهانگي لئنڊ ڪروزر هجي ها. سندس چوڏاري ڪلاشنڪوف بردارن جو پهرو هجي ها ۽ وڏي حلقت سندس داڍي ۾ هجي ها ۽ ڏوڪڻ جي ريل پيل ۾. پر آريسر اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي ڪري ۽ پنهنجو ايمان داءَ تي نہ لڳايو ۽ اهڙي قسم جي ذاتي غرضن کي چنڊي ڦٽو ڪري سنڌ جي خلقت جي پلي لاءِ ڪنڊن سان پريل اوٽ ورتي ۽ پير پٽون ڪري سياست جي اٽانگي واٽ ورتائين ۽ سنڌ جي عشق جي اوڙاهہ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڦٽو ڪيائين. ائين سندس ايمان سلامت رهيو. لالچ بري بلا آهي، جنهن کي چنڊي ڦٽو ڪرڻ صرف عبدالواحد آريسر جو ئي ظرف، ضمير ۽ ڪم آهي. ائين هن سنڌي عوام جي پلي لاءِ هر قسم جي سختي سٹي، جيلن ۽ ٽارچر سيلن ۾ رهيو. ريل ڇڏي جيل جي راهہ ونڊ هر ڪنهن جي جاءِ ناهي، اهو تہ هو سندس زندگيءَ جو پهريون مرحلو هاڻي اڇجي ٻئي مرحلي تي.

پاڻ کي هيستائين تہ اهو ئي نظر آيو آهي تہ جن ۽ سياسي ڪارڪنن قوم پرستي، ترقي پسندي (سوشلزم) ۽ جمهوريت پسنديءَ جي نالن سان جڏهن سياسي راهہ ورتي تہ انهيءَ وقت اهڙا ڪارڪن پيرين پنڊ هئا ۽ سندن گهرن ۾ ڪُڪڑ سنئين ڪاٽ پئي هليو. ٽانءَ ۽ پئي وڳا، پيٽ ۽ پئي وڳا، پر ڪجهہ سالن اندر اهي سياسي ڪارڪن اعليٰ قسم جي ڪارڪن ۽ لئنڊ ڪروزرن ۾ گهمندي ۽ جلسا جلوس ڪندي نظر آيا. سندن گهر ۽ پرجي ويا، اهو ڪم ڪيئن ٿيو اها خبر تہ ڏر ڏٽين کي ئي هوندي، پر پاڻ کي رڳو عبدالواحد آريسر جي خبر آهي تہ اهو اهو ئي رهيو جيڪو اڳي هو. وٽس لفظن جي قوت تہ ڏينهون ڏينهن وڌ آهي، پر مالي سگهہ جي حساب يا نٽ نانگر جي حساب سان آريسر جهڙو اڳي تهڙو تڳي آهي. اهي ئي حال هيڻا، سُور

ٻيٽا، نہ گھر پريو نہ پيٽ پريو. هن وقت بہ سندس زندگيءَ جو گاڏو اوڏر سوڏر تي پيو هلي، سياست ۾ اڇڻ کانپوءِ بہ آريسر پنهنجو اصلي مقصد پاسي تي رکي، لالچ ۾ پوي ها تہ پنهنجيءَ سنڈ جي غريب عوام جي ڏکن ۾ بيوسيءَ کي ڪجهہ وقت لاءِ پاسيرو ڪري زور خطابت جي زور تي پنهنجو پاڻ پرڻ جي ڪوشش ڪري ها تہ هن وقت سندس وڏا ٽٽ هجن ها. وڏي ڳالهہ تہ اهڙي قسم جا موقعا بہ آريسر وٽ هين کان وڌيڪ هئا، پر آريسر ائين نہ ڪيو ۽ پنهنجو ايمان سلامت رکيائين. جي ڪا ڳالهہ نظر ۾ رکيائين تہ اهي صرف سندس اصول هئا. اصولن کي متيءَ ۾ رولڻ ۽ رڳو پنهنجي ذاتي سُک لاءِ آنسنا ڪرڻ سندس وڙ ئي ناهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس قلر سندس قوت گويائي ۽ سندس جرئت ۽ ايمانداري ڏينهون ڏينهن وڌ آهي. هيءُ ڪتاب بہ انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي، جنهن ۾ جتي پنهنجي سياسي سفر جو ذڪر ڪيو اٿائين، اتي ڪتابن ۽ ادب جي دنيا بہ هن ڪتاب ۾ پاتي وڃي ٿي. اعليٰ تحريرون صرف فقير تن ۽ فقير منش ماڻهو ئي تخليق ڪري يا لکي سگهندا آهن. هن مادي دور ۾ آريسر کان وڌيڪ پلا ٻيو ڪير فقير تن ۽ فقير منش هوندو.

عبدالواحد آريسر جي سچ لکڻ ۽ سچ ڳالهائڻ جي انتها آهي، جو هڪ پيري تقرير ڪندي چئي ويو تہ، "اصلي ٽريا ٻيا آهن، آئون ۽ عبدالقادر جوٽيجو تہ رڳو رنگ ۾ ٽريا آهيون." سندس اهو جملو جتي اصلي حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو اُتي مون لاءِ اها وڏي فخر جي ڳالهہ آهي تہ هن مَون کي پاڻ سان برڪيٽ ڪري چڏيو. جي عبدالواحد آريسر ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پاڻ سان برڪيٽ ڪري چڏي تہ انهيءَ کي وڌيڪ پلا ڇا ٿو ڪيي. گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ تہ اها اعزاز جي ڳالهہ آهي.

هيءَ ڪتاب تہ ڇا، سندس ڪو ٻيو ڪتاب بہ ڪٽي ڏسو تہ سندس هر تحرير ۾ لفظ سندس قلم جا غلام آهن ۽ ڊڪشن سندس هٿ ٻڌيو ٻانهو آهي. سندس لکيل جملا وارڙيا ٿي ائين ورندا آهن، جيئن ٻلو گهوڙو مهرون هٽندي، ڪِري بہ پنهنجون اڳيون مُريو ڦٽجڻ کان بچي ويندو آهي ۽ پويون سُنب اڳئين سُنب کان بہ اڳتي ٿي ويندو آهي.

هي سڀ ڪجهہ لکڻ جو منهنجو رڳو اهو مقصد ناهي تہ عبدالواحد آريسر رڳو لفظن ۾ ڊڪشن جو شهنشاهہ آهي. پر گڏوگڏ هو پنهنجين تحريرن ۾ جيترو علم پمپ ڪري ٿو اوترو شايد ڪوئي ڪندو هجي. ائين هو پڙهندڙ کي علم سان بہ مالا مال ڪري ٿو. عالم بہ هجي، تخليقڪار بہ هجي ۽ ڊگهي نظر رکندڙ بہ هجي تہ انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڇا کپي. سندس اهي سڀ خوبيون سندس هن ڪتاب "زندگي، آزادي ۽ محبت" ۾ جيئن جو تيئن ملن ٿيون.

جي عبدالواحد آريسر کي ٻاهران ڏسبو تہ هو هڪ ڦٽڙيو مڙس ٿو ڏسجي، جنهن جا هٿ خالي آهن، پر جڏهين سندس ههڙن ڪتابن جي معرفت سندس اندر ۾ جهاتي ٿي پائجي تہ هو مالا مال نظر اچي ٿو.

لاهور وارا چون ٿا تہ "جنهن لاهور نہ ڏٺو تنهن ڪجهہ بہ نہ ڏٺو." دادوءَ وارا چون ٿا تہ "دادو جادو آهي." ائين آئون چوندس تہ جنهن عبدالواحد آريسر جو ڪتاب "زندگي، آزادي ۽ محبت" نہ پڙهيو انهيءَ ڪجهہ بہ نہ پڙهيو. سندس ڪتاب جي جادوءَ ۾ جهاتي نہ پاتي، تہ ڪيس ڪجهہ بہ نہ ورندو.

عبدالقادر جوٹيجو

30_03_2009

تحريرون

سائين جي. ايم سيد ڏانهن لکيل پهريون خط

05 مارچ 1973ع

پيارا سائين!
جيئي سنڌ!

مون کي نهايت افسوس، ارمان ۽ شرم آهي، جو اوهان جي حيدرآباد اچڻ وقت روبرو حاضر ٿي زيارت کان محروم رهيس. اڳئين پيري جڏهن اوهان ماتلي وڃڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ترسيا، تڏهن مون کي خبر پئجي نه سگهي ۽ هن دفعي جلسي ختم ٿيڻ کانپوءِ، اوهان جو پروگرام معلوم ڪونه هو. نتيجي صور درياهه جي ڪپ تي پهچي ۽ اُجيو ئي رهجي ويس. شايد اهڙي ئي موقعي لاءِ چيو ويو آهي ته:

تھی دستان قسمت راچہ سود از رہبر کامل،

کہ خضراز آبِ حیوان تشہ می آرد سکندر را۔

باوجود انهيءَ جي منهنجي فڪر ۽ نظر تي اوهان جو جلوو هميشه رهي ٿو ۽ پنهنجي وجود (سنڌي انسان جي حيثيت ۾) جي بقا لاءِ اوهان جي فلسفه زندگيءَ ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. مون اوهان سان ملي ۽ اوهان جا ڪتاب پڙهي، ائين محسوس ڪيو آهي ته آئون اونداهيءَ جي ڪاري ۽ هيبتناڪ ڪُن مان نڪري، پورنماسيءَ ۾ پهچي ويو آهيان. 'مولويت جو چولو' جيڪو آزاديءَ سان

هلڻ ۾ سوچڻ لاءِ نيئر ۾ زنجير ثابت ٿيندو پئي رهيو آهي. تنهن کي ماضي مرحوم جي کنڊرن ۾ اڇلائي ڇڏيو اٿم. اوهان ته هن دور جي سنڌ لاءِ پهريون ۾ آخري سهارو آهيو. پر مان آزاديءَ ۾ حق لاءِ وڙهندڙ هر انسان جو مداح رهيو آهيان. پوءِ اهو ڪٽي جو به هجي ۾ ڪير به هجي! آئون چاهيان ٿو ته پنهنجي وس آهر توهان جو فڪر "پيغام" وسيلي سنڌ واسين تائين پهچائيندو رهان. انهيءَ ڪري اوهان پنهنجا مضمون، تقريرون، خط ۾ خطبا "پيغام" ۾ ڇپجڻ لاءِ عنايت ڪريو ته مهرباني! جيڪي مضمون ڏيپلائيءَ نه ڇاپيا هئا، سي ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ شهيد الهه بخش جي تقرير ۾ اوهان جون تازيون تقريرون، مهرباني‌ءَ سان عنايت ڪريو ته نوازش ۾ ڪرم پروري!

عمرت در از باد که تا دور مشتری،

ما از تو بر خوریم و تو از عمر بر خوریم.

اوهان جو پير - پٽي
عبدالواحد آريسر

سيد جي قدمن ۾!

هيءَ ڪتا 1976ع کان شروع ٿئي ٿي. انهيءَ سال منهنجي زندگيءَ ۾ تبديلي آئي. هڪ ته انهيءَ سال "چوٽين مارچ" جو واقعو پيش آيو جنهن سنڌ ۾ هڪ وڏي پونچال کي جنم ڏنو. ان سموريءَ سنڌ جي نوجوانن وانگر منهنجي ذهن تي به جذباتي اثر ڇڏيا. انهيءَ سان گڏ منهنجي ذهن ۾ هڪ وڏي تبديلي آئي، مون جمعيت العلماءِ هند جي سيڪريٽري جنرل مولانا احمد سعيد دهلويءَ جو برصغير جي تاريخ تي لکيل ڪتاب پڙهيو جنهن ۾ هن صاحب حوالي طور پنهنجي موقف جي حمايت ۾، سنڌ جي هڪ سياستدان جي.ايم.سيد جي لکڻين جو حوالو ڏنو هو. انهيءَ حوالي، منهنجي ذهن تي اهو اثر ڇڏيو جو آءُ جي.ايم.سيد جي شخصيت کان ان کري بيحد متاثر ٿيس، جو مولانا احمد سعيد دهلويءَ جهڙو خطرناڪ مقرر به پنهنجي موقف لاءِ جي.ايم.سيد جهڙي ماڻهوءَ جو حوالي ڏئي رهيو هو. اتان کان ئي مون کي جي.ايم.سيد جا ڪتاب پڙهڻ جو شوق جاڳيو ۽ پنهنجي شوق جي اظهار مدرسي پيڊي جي هاءِ اسڪول جي هڪ استاد محمد صديق سومري سان ڪيم. آءُ جيئن ته بنيادي طرح مدرسي جو شاگرد هئس، پر پنهجي شوق خاطر واندي وقت ۾ هاءِ اسڪول جي ڪنهن به ڪلاس ۾ وڃي ويهندو هئس. منهنجي انهيءَ شوق کي ڏسي، استاد محمد صديق سومري مون کي چيو ته، "اڄ شام جو راهوڪي شاخ جي ڪپ تي فلاڻي وقت مون سان ملجانءِ." آءُ مقرر وقت تي ڏسيل جاءِ تي پهتس، جتي سومري صاحب پڪي ناسي جلد سان هڪ ڪتاب پنهنجي ڪانڇ جي ور مان ڪڍي ڏنو جنهن تي لکيل هو "موجوده سياسي مسئلا" مصنف: جي.ايم.سيد مون چيو "سائين! ايڏي

لِڪ؟" جنهن تي استاد مرحوم وراڻيو: "هن ڪتاب تي بندش پيل آهي، هن جو ليکڪ نظربند آهي، ڪتاب مولوين کان لڪائي پڙهجان." بهرحال مون ڪتاب استاد جي هدايتن تي پڙهڻ شروع ڪيو جنهن ۾ جيستائين مون کي ياد پوي ٿو ته چئن مسئلن تي بحث ٿيل هو. (1) پاڪستان ۾ قوميت جو مسئلو (2) پاڪستان ۾ زبان جو مسئلو (3) مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟ ۽ (4) پاڪستان جو قومي شاعر ڪير، اقبال يا لطيف؟

انهيءَ سال ساڻئي استاد، سيد صاحب جو تازو ڇپيل ڪتاب "جيئن ڏٺو آهه مون" مون کي ڏنو ۽ مون پڙهيو. انهيءَ ڪتاب تي سنڌ ۾ تمام گهڻو گوڙ ٿيو ۽ سنڌي مولوين، جي.ايم.سيد تي ڪفر جي فتويٰ جاري ڪئي. صرف هڪڙي عالم ان فتويٰ تي صحيح نه ڪئي ۽ اهو هو حافظ محمد اسماعيل ڪڏي وارو جڏهن ته علامه قاسميءَ کي اها فتويٰ ڏيڪاري ئي نه وئي، ان ڪري سندس صحيح جو سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو. باقي گهڻا آزاد خيال عالم هئا، جن انهيءَ فتويٰ جي مخالفت ڪئي. انهن ۾ جيستائين مون کي ياد ٿو پوي: مولانا عبدالحق رباني، مولانا محمد اسماعيل لغاري مسڻ وارو، مولانا حڪيم محمد مغاڏ نوابشاهه وارو ۽ خود اسان جي مدرسي جو هيڊ معلم علامه انور شاهه پناڻ، جيڪو بادشاهه خان جي "خدائي خدمتگار تحريڪ" جو ميمبر رهيو هو.

اها فتويٰ مدرسي پينڊي ۾ به آئي ۽ مختلف عالمن ۽ شاگردن جي شوريٰ گهرائي رايا ورتا ويا. انهيءَ اجلاس ۾ ڪجهه ذهين شاگردن کي به شريڪ ڪري سندن راءِ ورتي وئي هئي. انهن شاگردن ۾ آءٌ به هئس. مون پنهنجي تقرير ۾ فتويٰ جي مخالفت ڪئي. جيئن ته استاد انور شاهه پاڻ شريڪ نه ٿيو هو پر مون کي ٻڌائي ڇڏيو هئائين ته تون

اتي ان جي مخالفت ڪجان، ڇو تہ جي.ايم.سيد، ون يونٽ جو مخالفت آهي، (ان وقت تائين مون کي ون يونٽ جي خبر نہ هئي)، ان ڪري سندس اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ هيءَ فتويٰ پنجابي بيورو ڪريسيءَ پنجابي مولوين کان تيار ڪرائي، هيڏانهن موڪلي آهي، هن کان وڌيڪ سخت مواد تہ علامہ نياز فتحپوريءَ پنهنجي ڪتاب "من و يزدان" ۾ طه حسين پنهنجي ڪتابن ۾ لکي چڪا آهن. انهن تي ڪنهن بہ ڪُفر جي فتويٰ نہ ڏني آهي، پر ننڍي کنڊ ۾ اڄ بہ نياز فتحپوريءَ کي "علامہ" سڏيو ويڄي ٿو ۽ طه حسين لاءِ جنرل ناصر چيو آهي، "واضح رهي تہ طه حسين ماتا وڳهي ٽن سالن جي عمر کان نابين هو ۽ ان وقت مصر جو وزير تعليم هو. ان ڪري مون اهي ئي ڳالهيون، انهيءَ شوريٰ جي اجلاس ۾ ڪيون ۽ فتويٰ جي مخالفت ڪئي، نتيجي طور مون کي مدرسي مان RESTUCATE ڪيو ويو.

پوءِ مون اچي حيدرآباد جي هڪ مدرسي ۾ داخلا ورتي. اهو اهو دور هو جڏهن "حريت" اخبار "سنڌي نيشنلزم" جي خلاف (ون يونٽ تحريڪ جي خلاف) رڙ ٻاري ڏنو هو ان وقت عبدالڪريم 'عابد' نالي ڪو شخص انهيءَ اخبار جي اهم صفحن جو انچارج هو. آءٌ پانيان ٿو تہ اهو اڃا بہ جيئرو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن موسيٰ پُٽي جي "بيداري" اخبار ۾ لکندو رهي ٿو. هن جو چوڻ هو تہ پنهي ڌرين جو موقف پيش ڪيو ويندو شرط اهو آهي تہ لکندڙ پنهنجي ائڈريس بہ لکن، نتيجي طور مون بہ هڪ مضمون لکيو جيڪو قومپرستيءَ جي حق ۾ ۽ 'پئن اسلامزم' جي خلاف هو. جيئن تہ هتي آءٌ پنهنجي سوانح عمري ڪونہ پيو لکان، ان ڪري اختصار کان ڪم وٺندي، اهو ٻڌائيندو هلان تہ انهيءَ مضمون ڇپجڻ کان پئي ڏينهن بہ نوجوان منهنجي جاءِ تي اچي پهتا. انهن مان هڪڙو مدد علي سنڌي ۽

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ٻيو مهر علي مرزا هو جن مون کي ٻڌايو ته اسان سياڻي سن ويون ٿا سائينءَ سان ملڻ ۽ تنهنجو مضمون به ڪنيون ٿا ويون. ٽُنهنجو ڪو ڪم ڪار هجي ته ٻڌاءِ. مون ان وقت جي.ايم.سيد ڏانهن زندگيءَ جو پهريون ۽ آخري خط لکيو جيڪو ڪجهه سٽن تي مشمل هو. اهو خط سائين جي.ايم.سيد پنهنجي ڪتاب "اڄ پڻ چمڪيم چاڪ" ۾ ڇپرايو آهي. بهرحال ان ڏينهن شام جو مهر علي مرزا، جنهن جو شاندار گهر منهنجي رهائشگاهه جي پرسان هوندو هو. مون وٽ آيو ۽ سائين جي.ايم.سيد جا ان وقت تائين ڇپيل ڪتاب آڻي مون کي ڏنائين ۽ چيائين ته. سائين جي.ايم.سيد توهان جي خط جو هيءُ جواب موڪليو آهي.

وقت گذرندو ويو. انهيءَ وچ ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب جو مغربي پاڪستان ۾ طوفان پڻ اٿيو. وٽ پڪڙ شروع ٿي وئي. پورو بنگلاديش شيخ مجيد الرحمان جي مٽ ۾ ائين اچي ويو. جيئن محبوبه جي وارن جي چوٽي ڪنهن جي هٿ ۾ اچي وڃي. سياسي قيدي آزاد ٿيڻ شروع ٿيا. سموري پاڪستان ۾ "آخري قيدي. جي.ايم.سيد" هو جنهن کي آزاد ڪيو ويو هو. مون کي ياد آهي ته ان وقت شيخ ايياز جڏهن ساهيوال جيل مان آزاد ٿي حيدرآباد پهتو هو ته حيدرآباد جي استيشن ڪان هزارين چوڪرين ۽ چوڪرن سندس استقبال ڪيو هو. شيخ صاحب پيادل جتان جتان گذرندو پئي ويو هزارين مردن ۽ عورتن اها متي ڪٽي پنهنجي پيشانين تي تلڪ پئي لڳايا ۽ ايياز جي اها وائي ڳائيندا هليا:

"سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان
متي ماٽي لايان!"

ان وقت ايوب خان عوامي دٻاءُ تحت گول ميز ڪانفرنس گهرائي هئي. جنهن لاءِ شيخ اياز کي ب دعوت هئي. مون کي ياد آهي. هوشوءَ جي مزار کان هيٺ لهي جلوس جڏهن گاڏي کاتي پهتو ان وقت جي اورينٽ هوٽل ۾ سلطان هوٽل وٽ رش ايڏي ته وڌي وئي. جو اياز کي اتي ئي مختصر تقرير ڪرڻي پئي. جنهن ۾ هن چيو ته: "آءٌ اهڙي گول ميز ڪانفرنس کي مڪر جو قلعو ٿو سمجهان. جنهن ۾ 'سن جو سائين' شريڪ نه هجي." هتي ٿورڙي وضاحت ڪندو هلان ته سنڌ ۾ سپ کان پهرين جي.ايم.سيد لاءِ "سائينءَ" جو لفظ شيخ اياز ئي استعمال ڪيو ۽ هن پنهنجي هڪڙي لازوال تقرير ۾ چيو هو ته. "مشاعرو مغل سامراج جو يادگار آهي. اهو سنڌ جي ثقافت جو حصو ناهي. پٽ ڏٽيءَ کان وٺي سن جي سائينءَ تائين ڪنهن ب شاعري جون مجلسون نه سجايون آهن."

بهرحال ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري مدد علي سنڌي مون وٽ آيو ۽ چيائين ته. "سائين آزاد ٽي حيدرآباد پهتو آهي. گاڏي کاتي ۾ سيد غلام حسين شاهه جي جاءِ تي ترسيل آهي. هل ته هلون." تڏهن ايجان اهو .... وارو رواج نه پيو هو ته ٽانگو ڪجي يا رڪشو ڪجي. اسان منهنجي مسجد واري هجري مان نڪري مهر علي مرزا کي ڪٽنداء پنڌ گاڏي کاتي پهتاسين. ۽ سائين جي.ايم.سيد سان مليا سين. اتي مون سنڌ جي ٻن عظيم انسانن جي.ايم.سيد ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي گڏ ويهل ڏٺو. چانهه پيتي سين. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو گڏجي فوٽو ڪيڙايوسين ۽ مون پنهي کان آٽوگراف ورتا. ان ۾ سائينءَ ته صرف پنهنجو نالو "غلام مرتضيٰ" لکي هيٺ تاريخ هٽي چڏي ۽ شيخ صاحب انگريزيءَ ۾ پنهنجو نالو لکي صحيح ڪئي هئي. اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن مون نه ڪنهن کان آٽوگراف ورتو آهي ۽ نه ڪنهن سان گڏجي ارادي طور فوٽو ڪيڙايو آهي.

ڳالهيون کوڙ ساريون آهن، اهي آءٌ پنهنجي ڪتاب "سيد ۽ آئون" ۾ لکي رهيو آهيان، هتي جيئن ته ڳالهه مختصر ڪرڻي آهي، ان ڪري پهرين ڳالهه اها ته آءٌ سيد کي ايتر ويجهو ٿي چڪو هئس، جو جڏهن ڏکڻ ايشيا جو عظيم ليڊر شيخ مجيب الرحمان سنڌ جي دوري تي آيو ته حيدرآباد ريلوي استيشن کان نوابشاهه تائين ٻين ڪارڪنن سان گڏ آءٌ به هئس. 1970ع ۾ اليڪشن ۾ آءٌ سائين جي.ايم.سيد جو پولنگ ايجنٽ هئس. ڳوٺ چاڪر خان راجڙ ۾ ۽ ان اليڪشن جي نتيجي ۾ بنگلاديش جي آزاديءَ کان پوءِ 1972ع ۾ جڏهن سيد "سنڌو ديش" جو نعرو ڏنو ۽ ان لاءِ قسم کڻڻ جو طريقو ۽ عبارت لکي ڏنائين، جنهن ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جي تصوير سامهون سنڌو درياهه جي مٿيءَ تي ميڙ بتي ٻاري، پنهنجي رت سان انهي قسم نامي تي صحيح ڪرڻي هئي. اها تقريب به منهنجي هُجري ۾ ٿي هئي. ان ۾ پهريان چار ماڻهو شريڪ ٿيا، تن ۾ آءٌ، عمر شورو، سيد شاهه محمد شاهه ۽ مدد علي سنڌي هئاسين. مرحوم عمر شوري ان وقت ئي مون کي چيو ته هي ٻئي پڄي ويندا، باقي مار پاڻ ٻئي ڪائيندا سين، واقعي ٿيو به ايئن ئي، هو ته ٻئي هر اقتداري پارٽيءَ سان ملندا رهيا ۽ ان ۾ شامل ٿيندا رهيا، فائدا به حاصل ڪندا رهيا، پر عمر شوري، سائين جي.ايم.سيد تي 1972ع ۾ مسلم ڪاليج حيدرآباد اڳيان ٽل بم حملي ۾ پنهنجي ٽنگ وڃائي ۽ پوءِ ڪسمپرسيءَ جي زندگي گذارينڊو رهيو. جڏهن هو وفات ڪري ويو ته سيد خاندان ۽ جيئي سنڌ هلچل مان صرف اسان ٻ ماڻهو هئاسين، جيڪي هن جي عذرخواهيءَ تي وياسين: آءٌ ۽ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي.

بنگلاديش جي آزاديءَ کانپوءِ سنڌوديش جي نعري تائين آءٌ، سيد سان گڏ رهيس ۽ آهيان. هونئن مون کي سنڌ جي مالي طرح شاهوڪار ۽ عملي طرح ڏکويل ماڻهن سان بيپناهه محبت هئي، ان لاءِ

ان زماني ۾ سيد آزاديءَ جي سلسلي ۾ مختلف ملڪن ڏانهن مختلف وفد موڪليا. انهن ۾ انڊيا، بنگلاديش، افغانستان، عراق، مغربي جرمني ۽ برطانيا شامل آهن، پر ڪيس هر جڳهه تان مايوس ٿيڻو پيو ڪجهه نه ڪجهه اميد اسان جي وفد مان هن کي پلئه پئي، جنهن ۾ آءٌ، علڻ خان ٿيبو ۽ قاضي فيض محمد هئاسين، ٻيا سمورا وفد سيد جي ڪانن جي پيسن تي عياشيون ڪري موٽي آيا.

بهرحال انهن ڪوششن کي لاحاصل ٿيندي ڏسي، سيد صاحب لکڻ پڙهڻ تي زور ڏنو انهيءَ لکڻ پڙهڻ ۾ سائين اعتماد ۽ اهليت صرف اديبن مان تاج جويي ۾ ۽ قومي ڪارڪنن مان مون ۾ ڏٺي. آءٌ هتي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته سيد کي جيڪو اعتماد اسان ۾ هٽن تي هو اهو ٻئي کنهن تي به نه هو البته محمد ابراهيم جويي تي هن کي تمام گهڻو پروسو هوندو هو. سائين سندس سرڪاري ملازمت واريون مجبوريون سمجهندو هو ان ڪري هن کي تڪليف گهٽ ڏيندو هو. پر ڪڏهن ڪڏهن صلاح مصلحت لاءِ محمد ابراهيم جويي کي گهرائيندو هو. بهرحال اسان جو اهو لاڳاپو ايترو ته ويجهو ٿي ويو جو ويندي سائينءَ جي سالگرهه جو آخري خطبو به مون لکيو ۽ ان جي نوڪ پلڪ تاج جويي کان ڪرايو ويو هو. سائين جي.ايم سيد جو آخري "عدالتي بيان" جيڪو "سنڌ ڳالهائي ٿي" جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ ڇپيو آهي، سندس هدايتن ۽ رهنمائيءَ ۾ مون ۽ تاج جويي تيار ڪيو هو ان لاءِ سائينءَ سنڌ سرڪار کي خط لکيو ته مون کي پنهنجي عدالتي بيان تيار ڪرائڻ لاءِ هنن ۾ شخصن جي گهرج آهي، ان ڪري کين اهڙي اجازت ڏني ويجي. منهنجي اجازت ته ڪو مسئلو ڪانه هئي، پر تاج جويو سرڪاري ملازم هو ان جي اجازت ضروري هئي، جيڪا سنڌ سرڪار ڏني، ڪجهه وقت لاءِ ان ڪم ۾ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي به اسان جو مددگار رهيو.

انهيءَ عرصي دوران مون جيڪي ڪجھ پوڳيو اهو في الحال ظاهر ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. پر مجموعي طرح ننڍين وڏين گرفتارين کي ڇڏي وڏي ۾ وڏي گرفتاري، پُٽي صاحب جي دور ۾ منهنجي حصي ۾ آئي. جنهن ۾ سڀ کان پهرين منهنجي پيءُ ۽ پائرن کي گرفتار ڪرائي ضلعي جيل ميرپورخاص ۾ ٽن مهينن تائين رکرايو ويو ۽ ان کان پوءِ اپريل 1975ع ۾ مون کي گرفتار ڪرائي، ڪراچي سينٽرل جيل ۾ "سي" ڪلاس جي ڪرمنل قيدين سان گڏ رکيو ويو جتي مون جھڙي ڪمزور ماڻھو کي جھاڙو ۽ پوچي بہ ڏيڻي پئي. منهنجي گرفتاريءَ جو عرصو ذوالفقار علي پُٽي جي حڪومت تائين جاري رهيو. وري اهو سلسلو 1978ع جي پڇاڙيءَ کان شروع ٿيو جڏهن ضياءُ الحق اقتدار تي قبضو ڪيو. منهنجو ڏوهہ صرف اهو هو تہ بنگلاديش سميت سموريءَ دنيا ۾ پهريون دفعو سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فئڪلٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ 'جساف' طرفان سائين جي.ايم.سيد جي اجازت سان "شيخ مجيب الرحمان جي ورسي" ملهائي وئي، جنهن جي صدارت مون ڪئي. ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر شيخ اياز هو. انهيءَ جرم ۾ مون کي گرفتار ڪري بہ سال قيد، ڏهہ ڪوڙا ۽ ست هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ڏني وئي. هتي آءٌ اهو واضح ڪندو هلان تہ اهي ڪوڙا مون کي 11 فيبروري 1981ع تي هنيا ويا. ڪوڙا انهيءَ حڪمداد نالي شخص هنيا، جيڪو اڇڪلھ کي ٽي اين ٽي هڪ ڪردار جي صورت ۾ اچي پيو. هن اهڙا تہ خطرناڪ طريقي سان ڪوڙا هنيا، جو ستين ڪوڙي تي ڪوڙو ٽٽي پيو ۽ وري نئون ڪوڙو گهرايو ويو ان وقت اتي موجود جيل جي ميڊيڪل آفيسر مولابخش جوٽيجي ۽ جيل سپرنٽينڈنٽ نورالاهي شيخ جي اکين ۾ مون ڳوڙها ڏٺا. بهرحال عشق ۾ امتحان سخت هو پر اهو پاس ڪري وياسين. اهو

جيل وارو عرصو جون 1981ع تائين هليو. آءٌ ڪنهن پارٽي جو واحد اڳواڻ هئس، جنهن کي سموري پاڪستان ۾ ڪوڙا هنيا ويا هئا، ڇو ته ان وقت آءٌ جيئي سنڌ محاذ جو متفقہ چيئرمين هئس. آءٌ سمجهان ٿو ته، ضياءَ جي دور ۾ جيترا ڦٽڪا مون سان لاڳاپيل سائينءَ جي سچن پيروڪارن کي هنيا ويا، اوترا ڪنهن بہ پارٽي جي ڪارڪن کي نہ هنيا ويا. جيتوڻيڪ پاڪستان ۽ انڊيا ۾ ضياءَ جي دور تي جيڪي ڪجهہ لکيو ويو آهي، ان "جيئي سنڌ" کي مڪمل نظرانداز ڪيو ويو آهي. مثال طور: عوامي تحريڪ جي صرف ٻن ماڻهن کي ڪوڙا هنيا ويا: حسين بخش ناريجي ۽ منو مهيريءَ کي ۽ پيپلز پارٽي جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ڪوڙا نہ هنيا ويا. پر جيئي سنڌ جي جن ڪارڪنن کي ڪوڙا هنيا ويا تن ۾: (1) عبدالواحد آريسر 10 ڪوڙا، (2) رسول بخش ٽيهو 10 ڪوڙا، (3) لطف عباسي 10 ڪوڙا، (4) حفيظ قريشي 10 ڪوڙا، (5) دودو مهيري 15 ڪوڙا، (6) علي حسن چانڊيو 10 ڪوڙا، (7) گل محمد 10 ڪوڙا، (8) ابوبڪر زرداري 10 ڪوڙا، (9) قمر پٽي 10 ڪوڙا، (10) حبيب الله ڪابورو ڏهہ ڏينهن آرمي ٽارچر جو شڪار. هي تعداد آءٌ صرف سينٽرل جيل حيدرآباد جو ٻڌائي رهيو آهيان. ان ڪانسواءِ سنڌ جي ممتاز شاعر ۽ دانشور تاج جويي کي، منهنجي هڪڙي مضمون "هي لاش ڪنهن جو آهي" جي اُتاري ڏيڑ جي ڏوهہ ۾ هڪ سال جيل جي سزا، 150 سچ پترا ۽ نوڪريءَ کان برطرفيءَ جون سزائون ڏنيون ويون. سندس ڏوهہ صرف اهو هو تہ هو ابي ڏاڏي کان ونئي سائين جي.ايم.سيد جو خانداني مريد هو ۽ هميشہ سائينءَ جي سالگرهہ تي مهمانن جي رهائش جو ڪم سندس حوالي هوندو هو. ايجان بہ ڪافي نالا مون کان وسري وڃن ٿا. اهي گمنام قومي تحريڪ جا سپاهي آهن، جن کي آئون سلام ڪريان ٿو.

ظاهر ڳالهه آهي انهيءَ سموري عرصي دوران جيئن آءٌ اڳ ۾ لکي آيو آهيان تہ سائين سفارتي مهم جي بي لاپ ٽيڙ تي لکڻ پڙهڻ تي زور ڏنو ان ڪري مون بہ لکڻ تي زور رکيو ۽ لکڻ پڙهڻ منهنجي عادت هوندي هئي. حافظو بہ سنو هو ان ڪري شروع ۾ مون مسجد جي هجري مان هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو جنهن جو نالو "پيغام" هو. اهو نالو تاريخي طرح بن ماڻهن طرفان جاري ڪيل رسالن جو نالو هو: مولانا ابوالڪلام آزاد. آخري رسالو "پيغام" نالي جاري ڪيو ۽ بادشاهه خان بہ "پيغام" نالي رسالو جاري ڪيو هو. اهو رسالو مون ادائي سئو رپين جي خرچ سان جاري ڪيو هو ۽ ان جو پهريون پرچو ڊيمي سائيز جو هو جنهن ۾ سائين جي.ايم.سيد جو اسڪيچ ۽ ان جي هٿ ۾ ڳاڙهو جهنڊو ڪهاڙيءَ وارو هو ۽ ان جي ٽائيٽل جو عنوان هو "منهنجو جهنڊو بُلند رهندو." اهو رسالو ايڏو تہ مقبول ويو جو عام سنڌي رسالن وانگر ان جي اشاعت هزار کان شروع ٿي هئي ۽ پنجن هزارن تائين پهچي چڪي هئي، ان جو آخري پرچو جيڪو گورنمينٽ سنڌ ضبط ڪيو ان جي ٽائيٽل تي تصوير جواهر لعل نهروءَ جي هئي، مون ان جو بلاڪ بہ ٺهرائي ڇڏيو هو هن جي تقرير جيڪا پهاڙي دوشيزه جهڙي خوبصورت هئي ۽ جيڪا هن برڪلي يونيورسٽي آمريڪا ۾ ڪئي هئي، جنهن جو ٻڌندڙن ۾ ان وقت ذوالفقار علي پُٹو بہ هو اها بہ هٿ ڪري ترجمو ڪرائي، ڪمپوزنگ لاءِ ڏيئي ڇڏي هئم. پر اهو پرچو ڇپجڻ کان اڳ ۾ ئي غلام مصطفيٰ جتوئيءَ (ان وقت جي وزير اعليٰ سنڌ) ان تي بندش هٽائي ڇڏي ۽ پريس مان سمورو مواد کڻارائي ڇڏيو.

بهرحال پوءِ جيل ۾ مون لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو ۽ باهر جيڪي مون تقريرون ڪيون سي بہ حافظي جي آڌار تي لکيون. انهن

تقريرن جو پهريون مجموعو "پرهه جو پيغام" ۽ ٻيو مجموعو "صدين جون صدائون" نالي سان ڇپيا. جيل ۾ مون پهريون ڪتاب لکيو "جي.ايم.سيد" ظاهر ڪالهه آهي، ان وقت جا جيل اڇوڪن جيلن وانگر نه هئا. ان ڪانپوءِ ٻيو ڪتاب لکيم. "قومي تحريڪ ۽ قومي تحريڪ ۾ رڪاوٽون" پوءِ مون جيڪي ڪجهه لکيو آهي. اهو گهٽو ڪري جيل ۾ ئي لکيو آهي، "سَر ۾ سانجهي ويرَ" اهو منهنجو ڪتاب تاريخ جي موضوع تي هو. انهيءَ ۾ مون انهن هيرن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي مغل امپائر ۾ گمنام هيرن طور وڙهندا رهيا. ٻيو ڪتاب مون لکيو "وريا واهرو" پٽ ڏٽيءَ جي شاعريءَ جي تشريح ۽ وضاحت. ٽيون ڪتاب مون اتي ترجمو ڪيو فرانز فينن جو "مٽيءَ هاڻا ماڻهو"، جنهن ٻوليءَ ۽ ترجمي جي حوالي سان سنڌ ۾ بيپناهه مقبوليت ماڻي ۽ سنڌ ۾ جيترا ايڊيشن هن ڪتاب جا نڪري چڪا آهن، ايترا ٻئي ڪنهن ڪتاب جا گهٽ نڪتا هوندا. ڪڏهن مولانا آزاد وانگر طبيعت رنگينيءَ ڏانهن مائل ٿيندي آهي تہ آئون ڪجهه اهڙيون شيون ٻہ لکي وٺندو آهيان. انهيءَ سلسلي ۾ منهنجا ڪتاب "چاندوڪيون ۽ چيٽ" ۽ "ماڻهو ميگهه ملهار" پڙهي سگهجن ٿا. پوئين ڪتاب جو مهاڳ، سنڌ جي موجوده دور جي رومانٽڪ شاعريءَ جي امام اياز گل لکيو آهي. هڪڙو ڪتاب مون 1992ع ۾ لکيو. جڏهن آرميءَ وارا رات جي وقت رهزنن وانگر مون کي گهران کنيي ڪٽي ويا، اتي آءٌ پنج مهينا چار ڏينهن جنهن ڪيفيت مان گذريس، ان جو احوال ٻاهر اچي مون يادگيرين جي آڌار تي لکرايو. جنهن جو نالو آهي "اُسان جيئن جيئي ڪو." ان کان پهرين ٻہ منهنجون ٻہ جيل جون ڊائريون ڇپجي چڪيون هيون: "ترم ياترا" ۽ "ماڙين ماريس ڪينڪي." هڪ ڪتاب مون پاڪستان جي سياست جي حوالي سان "مجيب ۽ يٽو" پڻ لکيو آهي.

هڪڙو ڪتاب مون ذوالفقار علي پُٹي جي دور ۾ قيد دوران عدالتي بيان طور لکيو: "ٽي نہ محبت مات" اهو پڙ انهيءَ قسم جو ڪتاب آهي، جڙو مولانا آزاد جو "قولِ فيصل" ۽ فيدرل ڪاسترو جو "تاريخ مون کي بيڏوهہ قرار ڏيندي" پر ان تي گورنمينٽ بندش وجهي چڏي. جنهن ڪري ڪوبيو ايڊيشن اچي نہ سگهيو. سنڌ جي ڏاهي اديب تاج جويي جو چوڻ آهي تہ ان ڪتاب ۾ جيڪا هولي ۽ تاريخ لکيل آهي، سنڌ ۾ اڳي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ نہ آئي آهي. ان کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب مون لکيا آهن، جن جي لسٹ هتي پيش ڪجي ٿي:

1ـ چا تہ شخص هو — سائين جي.ايم.سيد بابت

2ـ سر جي صدا سر ۾ — تقريرون

3ـ روح جا ريلا — ڪالم

4ـ سچ وڏو ڏوهاري — شهيد مخدوم بلاول بابت

5ـ رُوءِ داد هڪ رات جي — آرميءَ جي تارچر ۾ گذريل دردناڪ رات.

6ـ اميد جو قتل — آخري ڪتاب، جيڪو بينظير جي شهادت تي لکيل آهي.

ان کان سواءِ هن وقت منهنجي آڏو بہ ڪتاب زير تصنيف آهن: "سيد ۽ آئون" ۽ "دولهہ دريا خان ۽ مخدوم بلاول."

✷

ڪارونجهر جو ڪونڈر روپلو ڪولهي

هن دنيا ۾ ندي‌ءَ جي واهن ۾ رنگ ۽ روپ پرڻ لاءِ بيشمار انسانن جي جدوجهد ۽ جاکوڙ شامل آهي. انسانيت جي شاندار مستقبل جي تعمير ۽ ترقي‌ءَ لاءِ ڪروڙين انسانن قربانيون ۽ ڪاوشون ڪيون آهن. آزادي ۽ امن جا مينار اڏڻ لاءِ بي انت جانبازن ۽ جوڌن پنهنجو رت ۽ ست صدقي ڪيو آهي ۽ نه معلوم ڪيترا ڪونڈر هئا، جن گمنام رهندي، نالي، عزت، شهرت ۽ پروپيگنڊا کان بي نياز ٿي، انسانيت جي اونداهين واهن ۾ پنهنجي رت جا چراغ ٻاريا ۽ واٽ جي ڪڏن کوپن تي پنهنجي لاشن جون پليون تعمير ڪيون.

انسان جنهن جاءِ تي اڄ پهتو آهي، انهي‌ءَ منزل تي پهچڻ وارن کان وڌيڪ ڏرتي‌ءَ جي فرزندن رڻ پٽن ۾ پنهنجي ارادن سان گلزار پوکيا ۽ ويرانن ۾ نخلستان آباد ڪيا آهن. دنيا جي جن به جاين تي سرمائيداري ۽ سامراج جي ديو کي شڪست آئي آهي، جتي به غلامي‌ءَ جا ڳٽ ٽٽا آهن، جتي به لوسائيل ۽ ڪوماٽيل چهرن تي سدا بهار مرڪ نمودار ٿي آهي، جتي به ڏورو ٽولن جي ڪٽڪن ۾ ٽاڪوڙو پيو آهي ۽ جتي به زندگي سان هٿ چراند ڪندڙن کي تاريخ جي چووائي تي سنگسار ڪيو ويو آهي، انهي‌ءَ لاءِ نامورن کان وڌيڪ اڻ سڃاتل چهرن قربانيون ڏنيون آهن. چند کان وڌيڪ ستارن روئي رات کي روشن ڪيو آهي، پر پوءِ به تاريخدانن، قلمڪارن، دانشورن ۽ شاعرن جي ڪوتاهه نظري‌ءَ کي صرف اهي ئي نظر آيا، جيڪي ٻين جي ڪلهن تي چڙهي مٿاهان ٿيا هئا.

هي عجيب ستم ظريفي آهي ته روس جي انقلاب ۾ هڪ ڪروڙ قربان ٿيندڙن مان تاريخ جي صفحن تي رڳو لينن ۽ ان جا چند ساٿي نظر اچن ٿا.

چين ۾ تيرنهن لک انقلابين مان رڳو مائوزيتنگ ۽ چند ٻيا چهرا نروار آهن.

الجزائر ۾ ڏهه لک انسانن مان رڳو بن بالله ۽ جميلہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ويٽنام جي چاليهه لک، اڻڄنگ انسانن مان صرف هوچي منهه، لي دوئان ۽ جنرل گياپ دنيا جي نگاهن جو مرڪز هجن ۽ بنگلاديش جي ٽيهن لکن مان صرف چند چهرا ئي رونق جو باعث بنجن.

اهو سڀ ڪجهه ٽيندو آيو آهي ۽ شايد ٽيندو رهندو.

پر سنڌ ۾ ماڳهين انهيءَ جي ابتڙ ٽيو آهي، هتي محب وطن کان وڌيڪ باهرئين حملي آور کي ساراهيو ويو آهي، هتي عزت ۽ آزاديءَ لاءِ قربان ٽيندڙ کان وڌيڪ رعايتن ونڊڻ جي شان ۾ تاريخ جا صفحا پريا ويا آهن ۽ تاريخدانن، ساهه قربان ڪندڙن کان ٻه وڌيڪ اهميت خيرات ڪندڙ ۽ يتيم خانا کولائيندڙن کي ڏني آهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙو انڌير ۽ اهڙي ڪپت، هوش محمد شيدي ۽ مير شير محمد خان جي باري ۾ اختيار ڪئي ويئي آهي، ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ کان اڳ سنڌ جي عوام ۽ نئين نسل کي هوش محمد جو نالو ٻه ياد ڪونہ هو ۽ صرف مير شير محمد کي انگريزن سان لڙائي جو هيرو قرار ڏنو ويندو هو حالانڪ هيءَ حقيقت آهي تہ مير شير محمد، انگريزن جي آڙ مجي، آخري وقت ۾ سنڌن وظيفي تي گذارو ڪندو هو.

اهو ساڳيو انڌير روپلي ڪولهي جي باري ۾ ٻه روا رکيو ويو آهي.

روپلو ڪولهي، ننگرپارڪر جي ڪولهين مان تاريخ جي صفحن ۾ هڪ گمنام شخصيت جي حيثيت رکي ٿو.

ننگرپارڪر جا ڪولهي جيڪي بهادريءَ ۽ دليريءَ ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هئا. پارڪر جي پونڻ ۾ هنن جي تيرن ۽ ڪاترن جا دشمن تي ڪيل وسڪارا اڄ ٻه تصور جي اکين سان ڏسي سگهجن ٿا. پارڪر

جي ادب، لوڪ شاعري ۽ داستانن ۾ انهن ڏتڙيل ۽ نظر انداز ٿيل ڪولهين جي ڪوششن ۽ ڪاوشن کي ڪنهن به صورت ۾ وساري نٿو سگهجي. انهن ئي ڪولهين مان هڪ روپلو ڪولهي به هو جنهن پنهنجي دليري ۽ جانبازيءَ سان سنڌ جي حب الوطنيءَ جي تاريخ ۾ لازوال نشان ڇڏيا اهن. هن جي وطن جي آزاديءَ لاءِ قرباني ايتري دائمي آهي، جيتري ڪارونجهر جي ڪور.

روپلي جو ڪردار اسان کي انگريزن خلاف ٿرين جي انهيءَ بغاوت ۾ نظر ٿو اچي، جيڪا هنن اپريل 1859ع کان 22 آگسٽ 1859ع تائين وڏي جوش ۽ خروش سان پورا پنج مهينا جاري رکي. اها بغاوت ڪن معمولي ڳالهين تان تڪرار جي صورت ۾ شروع ٿي پر سگهو ئي پوري ٿر ۾ انگريز سامراجين جي خلاف آزاديءَ جي هٿياربند جدوجهد جي حالت کي وڃي پهتي. انهيءَ بغاوت کي دٻائڻ لاءِ انگريزن کي ڏيسا، پنجاب ۽ ڪراچي مان فوجون گهرائڻيون پيون هيون.

بغاوت دوران باغين مواصلات جو سرشتو تباهه ڪيو ٽاٽن کي باهيون ڏنيون. سرڪاري آفيسن ۽ خزاني تي قبضو ڪيو سيني کوهن ۾ زهر هاري انگريزن لاءِ پاڻيءَ جا ذريعا ختم ڪري ڇڏيا. اها ڪارروائي شروع ٿيڻ شرط انگريزي فوج چئن طرفن کان ماڪڙ وانگر اچي ڪڙڪي ۽ پاڙ ڪر جا سوڍا پنهنجي روايتي بهادريءَ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري آيا. سوڍن جي لشڪر کي سپ کان وڏي مدد ڪولهين کان پهتي. ڪولهين جي عوامي جٿن (جن جو تعداد پنج هزار هو) جي اڳواڻي هڪ پهلوان لوهي لڱن وارو نوجوان ڪاتر هٿ ۾ ڪٽي ڪري رهيو هو. هو طوفان وانگر آيو ٿي، ڪڪرن وانگر گجگوڙ ڪري حملو ڪيائين ٿي ۽ انگريزن لاءِ سندس ڪاتر موت جو پيغام بڻجي ويئي ٿي، اهو ڪاتر وارو پهلوان ڪارونجهر جو ڪوندر روپلو ڪولهي هو.

جنگ ۾ پارکر وارن هارايو ڪاترون ۽ منهن پرپ واريون بندوقون، توبن کان شڪست کائي ويون، ڪافي سردار گرفتار ٿي پيا ۽ ڪي مارجي ويا.

روپلو پنهنجي بچيل لشڪر کي ساڻ وٺي وري ٽاٽن ۽ چانوٽين تي حملي آور ٿيو ۽ سيني قيدين کي آزاد ڪرايائين، قيدي آزاد ٿيڻ شرط وري جنگ جي تيارين ۾ لڳي ويا ۽ هڪ دفعو وري رڻ گجيو ۽ راڙو ٿيو. ڪاترون، بندوقن ۽ توبن سان ٽڪرائجڻ لڳيون. پارکر جا پهلوان آزاديءَ جي چرنن ۾ پنهنجي لهوءَ جو نذرانو پيش ڪرڻ لڳا. وقت وري ٻه سات نہ ڏنو ۽ مختصر سنڌي لشڪر کي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو.

روپلو وري ٻه ويرا واهه جي سوڍي لڌي سنگهه سان گڏجي نڪري ويو ۽ ڪارونجهر ۾ پنهنجو مرڪز قائم ڪري انگريزن خلاف ڇاپا مار جنگ وڙهڻ لڳو. انهيءَ جنگ ۾ حقيقي ليڊر راڻو لڌو سنگهه هو ۽ ... روپلوي جو ڪم شهر مان خبر چار وٺڻ، کاڌي ۽ انتظام ڪرڻ، هٿيار حاصل ڪرڻ ۽ دشمن جي نظرداري ڪرڻ هو. ڇاپه مار جنگ هلندي روپلو اوچتو گرفتار ٿي پيو. انهيءَ جاءِ تي "تاريخ ريگستان" جو مصنف لکي ٿو:

"تروٽ (ڪمشنر) پهريائين روپلي کي جاگير ۽ پينشن جون لالچون ڏنيون تہ گوريلا مرڪز جو ڏس ڏي ۽ پڪڑائي، پر هن قبول نہ ڪيو تڏهن کيس مارڪٽ ڪري ڏاڍا عذاب ڏنائين. چون ٿا تہ هٿن جي ترين ۾ تيل وجهي، آگرين تي ڪپهه جون وٽون ناهي باهه ڏنائون. روپلي اهي تڪليفون برداشت ڪيون پر سچي نہ ڪيائين."

انهيءَ کان اڳتي تاريخ جا صفحا روپلي جي باري ۾ خاموش آهن. مصنف روپلي جي نالي کان ائين پرهيز ڪري ويا آهن، جيئن هندو عورت پنهنجي مڙس جي نالي وٺڻ کان پرهيز ڪندي آهي.

اڳتي صرف راڻي جي گرفتاري، معافي ۽ جاگير جو بيان آهي. اهو دلير ۽ سرويچ انسان وڏن ماڻهن جي ساراهه ۽ مدح خواني ۾ گم ٿي ويو. جنهن بنان لالچ ۽ لوڀ جي آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو. پنهنجي جان قربان ڪئي ۽ ڏرتي ماتا جو قرض چڪايو. اڄ جڏهن ڪارونجهر جي ڪور مان ڪنهن مور جي ڪائي ڪوڪ ٻڌبي آهي. ان وقت آئون فيصلو نه ڪري سگهندو آهيان ته اهو روپلي جو آزاديءَ لاءِ نعرو آهي يا سندس ڪاتر جو آواز. يا سندس ساٿين جي غداري ۽ بي ايمانيءَ تي ڏڪار جو پڙاڏو. بهرحال جنهن راڻي جي ڪري روپلي سختيون سٺيون، سو اڳتي هلي پنهنجي ئي دوستن جي غداريءَ سان گرفتار ٿيو. سندس ساٿين مان گهڻن آڻ مڃي جاگيرون ۽ وظيفا ورتا. راڻي به پنهنجي آبائي جاگير واپس ونڻ جي مطالبي جي بنياد تي ناهه ڪرڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا انگريزن ٽڏي ڇڏي ۽ ڪيس ۾ سالن لاءِ عمرڪوٽ جي قلعي ۾ قيد رکيو.

روپلي جي لاءِ ڪولهين جو چوڻ آهي ته هن ڀڄي وڃي ڪارونجهر ۾ پنهنجو اڏو ناهيو ۽ پچاڙيءَ تائين وڙهندو رهيو. هو پنهنجو مختصر دست وني طوفان وانگر ايندو هو ۽ پاڇي وانگر گم ٿي ويندو هو. پارکر جي هر پٿر تي هن پنهنجي بهاديءَ جي حب الوطني جو نقش چٽيو ۽ ڪارونجهر جي ڪور ۾ آزاديءَ جي جوت جلائڻ لاءِ سالن تائين وڙهندو رهيو.

آئون انهن دوستن ۽ پڙهندڙن جو ٿورائتو رهندس، جيڪي روپلي جي باري ۾ وڌيڪ معلومات موڪلينداً.

("ڪارونجهر" ڪتابي سلسلو)

✷

اونداهي دؤر جو چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو شاعر

خليفو نبي بخش "قاسم" اسان جي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ پٽائيءَ ڪانپوءِ اهم جاءِ والاري ٿو. پر اها بدقسمتي آهي ته اسان جي علمي ۽ ادبي حلقن سان گڏ 'حُر جماعت' به هن کي نظر انداز ڪيو آهي. هن جي شاعري، فن، هوليءَ تي قدرت، تخيل جي بلند پروازي ۽ جماليات جي گهرائيءَ تي ڪو به ڪتاب نه لکيو ويو آهي. نه ئي منهنجي ڄاڻ موجب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪنهن هن تي تحقيقي مونوگراف ۽ پي. ايڇ. ڊي جو ڪو مقالو لکيو هجي. وڏي حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته خليفي صاحب جو رسالو مرتب ڪندڙ قابلِ احترام محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيترا سال سنڌ يونيورسٽيءَ جي اهم ذميوارين تي موجود رهڻ باوجود، خليفي صاحب تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪا چيئر يا ڪارنر به قائم ڪرائي نه سگهيو. نه ئي هُن رسالي جي ترتيب وقت خليفي صاحب جي استعمال ڪيل هوليءَ، جماليات جي گهرائيءَ ۽ خيال جي بلند پروازيءَ ۽ شاعراڻين خصوصيتن ۽ خوبين جون ڪي نادر ۽ نايابَ وصفون بيان ڪيون آهن. اسان جي محققن جي اِها ڏاڍي ڪمزوري رهي آهي ته اُهي اسان جي شاعرن کي هڪ انسان جي حيثيت ۾ انساني جذبن، ڪيفيتن، هيجانن ۽ لطيف احساسن کي بيان ڪندڙ شاعر جي بدران ڪامل وليءَ جي حيثيت ۾ معرفت جا صاحب بڻائي پيش ڪندا رهيا آهن. مون هڪ دفعو اڳي شيخ اياز جي ورسيءَ تي ڳالهائيندي چيو هو ته، لاطيني آمريڪا جي پنڌتي پيبل ملڪ ڇليءَ جا حڪمران، اسان جي محققن کان وڌيڪ شاعريءَ جا قدردان هوندا هئا، جيڪي صرف شاعر جي فن، ۽ هوليءَ کي ڏسي، ان کي سرڪاري عهدن تي مقرر ڪندا هئا، پر اسان جا "محقق" شاعر جي فن ۽ اسلوب کان وڌيڪ اهميت اِن ڳالهه کي

ڏيندا آهن، تہ فلاڻو شاعر ڪيڏو وڏو ولي ۽ ڪرامت جو صاحب هو. ان ڪري اسان وٽ شاعرن جي گهٽائي سيدن ۽ خليفن تي ٻڌل رهي آهي. اهوئي سبب آهي جو ويچاري "چتي سانگي" ۽ "جلال ڪتيءَ" کي ڪو پچڙ وارو ئي ناهي. هڪ پيرو شيخ ايياز سان ڪچهري ڪندي مون کانئس پڇيو هو تہ "سائين! توهان سچل کي تہ بار بار ڪوٽ ڪندا آهيو پر خليفي نبي بخش جي شاعري، زبان، اسلوب ۽ جماليات جي گهرائي مون کي تمام مٿانهين نظر ايندي آهي، ان کي توهان صرف هڪڙي جڳهہ تي ڪوٽ ڪيو آهي، سو بہ سائين جي. ايم. سيد تي لکندي توهان خليفي جي هڪ ست لکي آهي "ويا اُڏامي ڳک، پڙ تان پاهڙ نہ ڇُري" ان بيت جون اڳيون بہ سٽون هي آهن:

ڪلنگيون جن ڪپار ۾، پائي تن پرک،
هٽي، هٽ هاٽيءَ کي، ٻي سپ مهندا مَکَ،
ويا اُڏامي ڳک، پڙ تان پاهڙ نہ ڇُري!

شيخ صاحب مون کي جواب ڏنو هو تہ "سچل جي سنڌي شاعريءَ ۾ ڏهہ سٽون ڦهر جون آهن ۽ خليفو سڄو سون آهي، پر انهن ڏهن سٽن ۾ سچل پاڻ موجود آهي ۽ خليفي جو سڄو سون پٽائيءَ جو ڳوليل آهي. هو تمام وڏو عالم هو ٻوليءَ تي بي پناهہ قدرت حاصل هئس ۽ انساني جذبن جي لطيف واردات جيڪا پٽائيءَ تي گذري هئي، سا پڻ ڪنهن مختلف انداز ۾ خليفي تي بہ گذري هئي، ان ڪري آئون، لطيف ۽ خليفي کي گهٽ پڙهندو آهيان تہ ڪٽي انهن جي ٻولي، اسلوب ۽ تخيل جي بلند پروازيءَ ۾ وڃائجي. ايياز نہ رهان." پر اها حقيقت آهي تہ لطيف سون جون جيڪڏهن گينيون گڏ ڪيون، تہ خليفي انهي سون مان سهاڳڻين جون ٻُليون تيار ڪيون.

منهنجو پنهنجو خيال آهي تہ خليفي صاحب جو فڪري سرمايو بيشڪ لطيف وارو آهي، پر ان کي جنهن انداز ۾ سنڌ جي عوام ۾

خليفي ورهايو آهي. سو هن جو ڪمال آهي. آئون سمجهان ٿو تہ اردو شاعر مومن جي هڪڙي "شعر" تي غالب پنهنجو پورو "ديوان" قربان ڪرڻ لاءِ تيار هو بلڪل اهڙيءَ طرح خليفو صاحب صرف "سر ڪيڏارو"ءِ سُر سارنگ" ئي لکي ها تہ هي سندس شاعري انهن ٻنهي سرن تان قربان ڪري پئي سگهجي. هو نہ رڳو جسماني سونهن جو بي پناهہ چاهيندڙ هو پر ان سان گڏ انسان جي ذهني ءِ دلي خوبين جو بہ پروانو هو. جيتوڻيڪ سندس جي قديم شاعرن ۾ اها روايت رهي آهي تہ هُو پنهنجو "ديوان" مذهبي حوالي سان شروع ڪندا آهن. پٽائي بہ ان لِسٹ کان آجو ناهي. آئون سمجهان ٿو تہ پٽائيءَ جي فڪري ارتقا جي خبر پوي ٿي تہ هو مذهب کان شروع ٿي، "وطن ءِ عالم انسانيت" تائين پهچي ٿو. پر خليفي صاحب جي رسالي جي شروعات ئي هِن بيت سان ٿئي ٿي:

هڪ هٽ ۾ ونڊي، ٻي هٽ ۾ ڪات،
وجهن ڪرٽ ڪپار ۾، هٽ ناهي ريت رڪات.
سودو هاٽو هاٽ، "قاسم" ڪج ڪلال سين.

ان مان هُن جي بهادرانہ ءِ عاشقانہ طبيعت جي خبر پوي ٿي ءِ هن جي شاعريءَ جي شروعات ئي اهڙي واقعي سان ٿي هئي، پوءِ اڳتي هلي هن پنهنجي محبوب زال جي وفات کان پوءِ ڪنهن درگاهہ جو رُخ رکيو. جڏهن تہ پٽائيءَ پنهنجي محبوب جي جدائيءَ کان پوءِ سندس ءِ ڪائنات جي سونهن ڳولڻ لاءِ ريگستانن ءِ پهاڙن جو رُخ رکيو. جتي هن کي هر ذري ۾ خدا نظر آيو. مون کي پوريءَ ريت ياد ناهي، پر سائين جي. ايم. سيد جي لٽبرريءَ ۾ هڪ قلمي نسخو هو مخدوم ٽاري جو لکيل. جنهن جو نالو هو "رسالہ اويسيہ" جنهن ۾ مخدوم ٽاري ڄاڻايو هو تہ پٽائيءَ جو مسلڪ "اويسي" مسلڪ هو جيئن حضرت اويس قرنيءَ ڪنهن جي هٽ تي بيعت نہ ڪئي هئي، تيئن پٽائيءَ بہ ڪنهن جي هٽ تي بيعت نہ ڪئي هئي: پر خليفي صاحب پير پاڳاري (موجوده نہ) جي هٽ تي بيعت ڪئي

هئي ۽ ان جو خليفو ٿيو هو. پر ان خلافت سندس شاعراڻي وسعت تي ڪوبہ اثر نہ وڌو. هو هڪ انسان ٿي، انساني احساسن ۽ حسناڪين جي شاعري ڪندو رهيو. منهنجي خيال ۾ هو بنيادي طرح سيڪيولر قسم جو انسان ۽ وسيع نظر شاعر هو جنهن خالص "راسوڙا" بہ لکيا ۽ راجستاني ٻوليءَ ۾ "ڊول مارو" جو داستان بہ لکيو. هن جي شاعراڻي عظمت مون کي ان ڪري بہ موهي وجهندي آهي، تہ آئون جڏهن بہ هن جي شاعري پڙهندو آهيان تہ هن جي شاعري منهنجي لاءِ "ريشمي اڏام ڪٽولي" بڻجي ويندي آهي، جنهن ۾ ويهي آئون ڪڏهن چنڊ جي چهري کي چُمندو آهيان ۽ ڪڏهن ستارن جي روشني ڦري پنهنجي محبوبہ جي وارن ۾ افشان وانگر چٽيندو آهيان؛ ۽ ڪڏهن آڪاش وانگر جهڪي پنهنجي ماتر ٻوميءَ کي چمندو آهيان. هڪ دفعو مون کي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ چيو هو تہ خليفي کي بيشڪ اهو اعزاز حاصل آهي تہ هن سنڌي بهادرن تي ڪيڏارو لکيو پر هن جي عظمت "سُر سارنگ" لکڻ ۾ پڻ آهي. خلفي جو سُر سارنگ سنڌي ٻوليءَ ۾ موهن جي دڙي جو استوپا آهي. ان سُر جون تشبيهون ۽ استعارا، موسم جي ڪيفيت پنهنجو مثال پاڻ آهي ۽ ڪٽي ڪٽي مون کي لڳندو آهي تہ هو ٻڌائيءَ جو رستو اورانگهي ويو آهي. منهنجو پنهنجو رايو آهي تہ "سُر سارنگ" ۾ خليفي صاحب جيڪا ڪيفيت بيان ڪئي آهي، جنهن جمالياتي جو نقشو چٽيو آهي ۽ مينهوڳيءَ جي فائدن، لذتن ۽ بي پناهہ ڏهني مسرتن جو اظهار ڪيو آهي، ۽ ان لاءِ هن جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، سا شايد سنڌ جو ڪو شاعر ڪري سگهي. مثال طور سُر سارنگ جو پهريون بيت:

ابر منجهہ آثار اڄ پسجي مينهن جو،
سج پڙي، ڪس ڪرين، چؤوايو چوڌار،
سنجهي لهندو سار، اچي اُجاين جي.

هن بيت ۾ ٽي شيون ڏاڍيون اهم آهن. پهريون آهي سج پڙي يعني سج جي چوڌاري جيڪو دائرو اڇي وڃي ٿو ٿيو "ڪس ڪرين" يعني اسان وٽ ڪارو ڪڪر يا ڪارونهار لفظ شاعر عام جام استعمال ڪندا آهن. ۾ هتي آهي "ڪس ڪرين" يعني ڪڪرن کي ڪس لڳي وڃي- ڇو ته جيستائين ڪڪر سفيد هوندو تيستائين ان ۾ برسات نه هوندي آهي. ۾ جڏهن هو ڪارسرو ٿي وڃي ٿو ته برسات آٽي ٿو: ۽ ٽيون لفظ آهي "ڇوايو چوڌار" يعني چئني طرفن کان هوا لڳڻ شروع ٿي وڃي ۽ هڪٻئي جو ڌڪ روڪي ته لازمي طرح مينهن وسندو. اهڙي قسم جي مصوري صرف اهوئي شاعر ڪري سگهي ٿو جنهن جو مشاهدو فضائن جا پردا چيري هر شيءِ پسندو هجي. سُر سارنگ ۾ هن ڪيترائي لفظ سنڌيءَ جا اهڙا استعمال ڪيا آهن ۽ ڪجهه جاگرافيائي خطن جو به ذڪر ڪيو آهي. جيئن "پڪي ڪوڙ ڪچ جي" آئون سمجهان ٿو ته "ڪوڙ" لفظ جي معنيٰ جي اسان جي اڄ جي شاعرن کي خبر نه هوندي. اهڙي طريقي سان هن انيڪ لفظ ڪم آندا آهن. ڪوڙ به مڱڻ وانگر هڪ فصل ٿيندو آهي. جيڪو دالين وانگر پاڇيءَ جي ڪم ايندو آهي. هڪڙو ٻيو شعر جنهن ۾ قهر جي مصوري ٿيل آهي سو هيءُ آهي:

مور وسندي مينهن، چڙهيا ڏونگر چوٽئين،
اُيي سارنگ سامهان، ڪن نالون منجهان نينهن،
وريو وصل ڏينهن، مينهن ميڙيا سپرين،

سُر سارنگ تي آئون وڌيڪ مثال ڏيڻ بدران هن واين جا حوالا ضرور ڏيندس:

مانگ پڃايس مينهن، رات رمندي ڍول سين،
مينهن پڃايس مانگڙي، نيڻ نمايُس نيهن...
سر چُني، ڳل ڪنچرو، پُسيس پاندن سيئن...

ڪانڊ نپوڙيس ڪپڙا، حاضر ويهي هيئن...
"قاسما!" ڪانڊ سهاڳڻيون، رمن راتو ڏينهن...

-

موٽ وسندڙي، مينهن، لالڻ لاءِ مَر ڏينهڙا!
جدا سانوڻ ڏينهڙا، هاڻ نہ گهرجن هيئن...
جيئن پکي ٽمن پاندڙا، اکڙيون وسن ائين...

هتي هڪڙو وهم جيڪو سنڌ جي پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ويٺل آهي، سو ختم ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان- ته "ٽر" ۽ "سنڌ" کي يا "ڪراچي" ۽ "سنڌ" کي ۽ "ڪاچي" ۽ "سنڌ" کي عام طرح الڳ سمجهيو وڃي ٿو پر ائين ناهي. "سنڌ" مان مراد سر سبز علائقو آهي، جيڪو سنڌو درياهہ تي آباد ٿيندو آهي. باقي ڪاڇو ڪراچي ۽ ٽر درياهہ سنڌ تي آباد ٿيندڙ ناهن، ان ڪري الڳ الڳ نالن سان سڏيا ويندا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ خليفي جو شعر آهي:

وري ڪيڙِي وَر مُندائتين مينهڙين،
سُک وسائي سنڌڙي، ٿِهلي چَڙهيو ٽَر،
سيد سڪايل جي، 'قاسم' لڏي گَر،
گهاٽُو گهَر، ونو آب آگوندَرو.

مون متي عرض ڪيو هو ته خليفي جي شهرت عام طرح "ڪيڏاري" جي ڪري آهي. آئون سمجهان ٿو ته انهيءَ سلسلي ۾ خليفو اڪيلو ناهي، پر صوفي صادق، جيڪو هن جو همعصر آهي، جنهن شاهہ عنايت ۽ سندس جانثارن تي شاعري ڪئي آهي ۽ جلال ڪتي پٽ مقامي سورهين تي شاعري ڪئي آهي. جلال ڪتيءَ جي شاعري مخدوم بلاول جي شهادت تي آهي، جيڪا مون کي ملي ناهي سگهي، جو آئون پنهنجي ڪتاب "سچ وڏو ڏوهاري" ۾ ڏئي سگهان ها. خليفي جو ڪيڏارو

سجو "ڪرڙيءَ جي جنگ" تي لکيل آهي ۽ ان جا مکيہ هيرو مرتضيٰ شاهہ ڪهيري، عالم خان مري ۽ تقي شاهہ حيدرآبادي آهن، پر ان ۾ بہ سندس ڪماليت سندس فن جي ذريعي آهي. مثال طور هيءُ بيت جيڪو مرتضيٰ جي شان ۾ آهي. مرتضيٰ جي والد جو نالو گولو شاهہ هو ۽ اتي خليفي جي فڪري اُڏام جو اندازو ٿئي ٿو جڏهن هو چوي ٿو:

هيءُ گل گولي شاهہ، پرڪا ڪارڙ پوڪيو
ڪندو سنجهہ صباح، مقابلو ميدان ۾.

ساڳي طريقي سان هُو مريءَ ۽ ڪاظم شاهہ جي فنائتي نموني تعريف ڪندو ويو آهي، پر هيءَ حيرت انگيز ڳالهہ آهي تہ سندّ جي حڪمران ميرن جي هُن تعريف ناهي ڪئي، بلڪ مذمت ڪئي آهي. مثال طور سندس هيءُ بيت ڏسو:

اچي اڄ امير، ڪرڙيءَ خيما کوڙيا،
پيچي پيڙا نہ ٽيا، مهند نہ آيا مير،
ڏنو سِر سُڌير، مرتضيٰ ميدان ۾.

هتي آئون هڪ ٻي حيرت انگيز ڳالهہ عالمن جي سامهون رکڻ چاهيان ٿو تہ ميرن جي دور جا ٻيا وڏا شاعر ٻي گذريا آهن، تن ميرن جي دور حڪومت جي ساراهہ جي بدران مذمت ڪئي آهي. پهريون خليفو نبي بخش، جنهن جو شعر آئون نقل ڪري آيو آهيان، ٻيو صوفي صادق، جنهن ميرن جي حڪومت جي زوال لاءِ خواهش ڏيکاري آهي تہ: "پورا اچي پيل، ساري سندّ صديق چئي!" ٽيون گرهوڙي صاحب، جنهن پنهنجي رسالي ۾ ميرن کي پٽون پاراتا ڏنا آهن، جنهن جو هڪڙو شعر آهي تہ:

متان ڪائين ڪچڙي، حاڪيماڻي هنڌان،
رڌي هوندائون رت ۾، ماري مسڪينا!

اهو ان ڪري جو ميرن جي دور حڪومت، عيش عشرت ۽ نسل پرستيءَ تي مبني هو. ان جو واضح مثال اهو آهي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ جي زرعي زمين ويهن کان ٽيهن لکن ايڪڙن تائين آباد ٿيندي هئي. جيڪا ميرن جي دَور ۾ گهٽجي ڏهه لک ايڪڙن تي وڃي پهتي. انهيءَ ڪري ميرن جي دور کي مون "اونداهو دؤر" سڏيو. ان دور جي شاعر کي "چوڏهينءَ جو چند" سڏيو آهي. مون کي خليفي صاحب تي صرف هڪ اعتراض آهي ته جيڪو عظيم شاعر "ڪرڙيءَجي جنگ" تي ڪيڏاري جي روپ ۾ لفظن جي انڊلٽ پيدا ڪري سگهي ٿو سو ان وقت جو جيئرو هو. جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو هو ۽ ان وقت هن جي قلم مان هڪ لفظ به انهيءَ جارحاني قبضي جي خلاف ظاهر نٿو ٿئي. ۽ اهي شاهد موجود هئا ۽ وڙهيا به سهي ۽ ٽن ڪلاڪن جي جنگ "ميانيءَ" جي ميدان ۾ هزارين لاش ڪريا، پر هو خاموش رهيو. شايد ڪي ماڻهو ان جو سبب ان جي پيرسني ٻڌائين، پر آئون ته سچل جي لفظن ۾ اهو چوندس "سچل عشق ٻيا نہ ٿيوي، توڙي چتڑي هووي ڏاڙهي." ان جو جواب مون کي معلوم آهي، پر اهو آئون ڏيڻ نٿو چاهيان. سنڌ جي عالمن جي عدالت ۾ پيش ڪرڻ ٿو چاهيان ۽ اهو به ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته هن جي تخليقي قوت ختم نہ ٿي هئي، جو ته ڪن روايتن جي چوڻ مطابق "سُر سسئي" انگريزن جي قبضي کانپوءِ لکيو آهي، جيڪو پولي ۽ جذبن جي لحاظ کان سرائڪيءَ جو شاهڪار داستان آهي. انهن لفظن سان گڏ آئون هن عظيم شاعر جي عظمت جي محراب ۾ سيس نمايان ٿو ۽ اهو پڻ ٻڌايان ٿو ته هو بهادر ان ڪري نہ هو جو هو بروچ هو پر ان ڪري هو جو هو سنڌ جي مِٽي هو!

✷

واويلا وٽڪار

دنيا جو عظيم فڪر ۽ فن، زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ تخليق ٿيندو رهيو آهي. زندگي جيڪا سچ ۽ سونهن جي مادي روپ جو اظهار آهي. عظيم فن ۽ فڪر، سموريءَ ڪائنات لاءِ پنهنجي اندر ۾ ڪو عظيم آدرش، "سپاٽي جو سهڻو خواب" ۽ روشن آئيندي جي روشن اميد رکندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهڙو ادب، فن ۽ فڪر، ڪنهن هڪ فرد، هڪ گروهه ۽ هڪ پارٽي لاءِ نه هوندو آهي پر ان جو دامن خدا جي دل کان به وسيع هوندو آهي. اهو فن، جڏهن پنهنجي وُسعت ڇڏي، ڪنهن هڪ شخص، گروهه ۽ پارٽيءَ واري راهه اختيار ڪندو آهي، تڏهن اهو عظمت جي مناري تان ڪري، خوشامد، لالچ ۽ لوڀ جي گندگيءَ ۽ غلاظت جو ڊير بنجي ويندو آهي. ۽ پوءِ اهڙي فنڪار کي ان غلاظت ۾ ليٿڙين پائڻ واري پنهنجي عمل کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ انتهائي ڪين جهڙيون ۽ خسيس حرڪتون ڪرڻيون پونديون آهن. ڪوڙ ٺاهڻا پوندا آهن، تاريخ جون هٿرادو تاويلون ڪرڻيون پونديون آهن، ۽ هٿ ٺوڪيا فلسفا گهڙڻا پوندا آهن.

اهو ئي حال اڄ سنڌي زبان جي تمام وڏي شاعر، شيخ ايياز جو آهي، جنهن جي شاعريءَ جي عظمت جي محرابن ۾ سجدا ڪندي مون سميت سنڌي نوجوانن جون نه معلوم ڪيتريون شامون گذريون آهن! ان ايياز اڇڪلهه پنهنجي سموري فني تخليقي سگهه، هڪ شخص ذوالفقار علي ڀُٽي، هڪ اقتداري ڌر ۽ هڪ پارٽي (پيپلز پارٽي) جي ٿنا خوانيءَ واريءَ راهه تي لڳائي ڇڏي آهي. شايد هن، کي دير سان خبر پئي آهي ۽ احساس ٿيو آهي ته زندگيءَ جي خوبصورتي "ڀٽائي" ٿيڻ ۾

نہ پر "عطا نٹوي" بنجڑ ۾ آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي اڄ هن جي "جهول جهلڙ"[1] جا مرڪز پٽ، جهوڪ ۽ باغبان جي بدران لاڙڪاڻو ڳڙهي خدا بخش ۽ اسلام آباد بنجي ويا آهن.

پ پ پ کي اقتدار ملڻ کان پوءِ هڪدم شيخ اياز جي مَنَ ۾ موجود باغي شاعر، جهڙوڪر "اروڙ جي غفائن" ۾ "ڏاهر" کي ڳولينديسمهي رهيو ۽ سندس ذهن ۾ سُتل "امير خسرو" جاڳي پيو ۽ هن صاحب خيرپور يونيورسٽيءَ ۾ "جشنِ جمهوريت" کي خطاب ڪندي، پنهنجي پوري فني ۽ تخليقي سگهه کي پُٽي خاندان ڏانهن منسوب ڪندي، پاڻ کي جمهوري آزادي جو نہ رڳو علمبردار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نوجوانن کي قومي حقن تان هٽ ڪڻ ۽ جهڙوڪر، "پيپلز پارٽي" ۾ داخل ٿيڻ جي نصيحت ڪئي، ۽ اهو تاثر ڏنو تہ 1973ع جو آئين قومي ۽ طبقاتي حقن جي مڪمل ضمانت آهي.

شيخ اياز هڪ شاعر آهي، ۽ ڪنهن بہ پارٽيءَ سان لاڳاپيل نہ آهي، ان ڪري کيس ڪيندو هو تہ سياست ايتري ۽ اهڙي ڪري، جيتري ۽ جهڙي سندس شاعريءَ لاءِ ضروري هجي، ڇو تہ شاعر سياست کي سمجهندو ضرور آهي، پر ان جي عملي استعمال ۽ اظهار جو کيس ڏنگ اهڙو نہ ايندو آهي، جهڙو هڪ سياستدان کي ايندو آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ هندوستان جو ليڊر ٽئگور هجي ها، نہ ڪي نهرو ۽ چليءَ جو صدر پابلو نرودا هجي ها نہ ڪي الليندي.

شاعر واري حيثيت ۾ شيخ اياز کي شخصي پسند ۽ ناپسند جو حق، توڙي ان حق جي اظهار جو بہ حق آهي، پر اهي نازڪ ۽ قومن

---

[1] ڪنهن وقت اياز بيت لکيو هو تہ:

پرسان تنهنجي پٽ ڏٽي، جهلي ٻيلس جهول،

ڏٺئي ٻہ تي ٻول، ڏاها! منهنجي ڏات جا!

جي زندگيءَ ۾ موت سان لاڳاپيل "آئيني مسئلا" اهڙا نہ آهن. جيڪي ڪنهن شاعراڻي خواب ذريعي حل ٿي سگهن. ايازڪي پڪ سان معلوم ٿيو هوندو تہ 1973ع جو آئين، مجبوريءَ ۾ مصيبت جي حالت ۾ نافذ ڪيو ويو هو ۽ ان آئين نہ رڳو سنڌين جا مادي وسيلا ڌارين جي جهوليءَ ۾ اڇلائي ڇڏيا، پر ٻاهرين لوڌن جي قرلٹ لاءِ سنڌ ڪي چراگاهہ بہ بنائي ڇڏيو.

'جشن جمهوريت' واري تقرير ۾ ايازوڌيڪ چيو هو تہ "مون کي يقين هو تہ تاريخ شهيد ٿيڻي جي حق ۾ هڪ نہ هڪ ڏينهن پاسو ضرور بدلائيندي" حقيقت ۾ ڪيس ائين چوڻ ڪيندو هو تہ آمريڪي پاليسي، هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور ٿيڻي خاندان جي حق ۾ پاسو بدلائيندي اهو ان ڪري جو اڄ اسان ڏسون ٿا تہ پاڪستان ۾ آمريڪي ٻداخلت ايترو وڌي وئي آهي، جو وفاقي ڪابينہ جي گڏجاڻي ۾ آمريڪي سفير رابرٹ اوڪلي ويٹل نظر اچي ٿو.

بهرحال ڪنهن بہ سياسي سوچ رکڻ جو ايازڪي حق آهي، ان جي ايمانداريءَ سان اظهار جو بہ ڪيس پورو پورو اختيار آهي. پر آئون سمجهان ٿو تہ، هو اڇڪلهہ جيڪو ڪجهہ ڇئي رهيو آهي، ان ۾ سچائي ڪان وڌيڪ ڪا "طمع جي تنوار" ۽ ڪنهن مٹيي کي مٹ ۾ ڪرڻ جي تمنا آهي ۽ هو هارَ تي هرڪجي پيو آهي.[2] اهو آئون ان ڪري ڇئي رهيو آهيان، جو ٿيڻي ۽ ضياءَ جي باري ۾ سندس خيال آرائي جا بہ مثال منهنجي آڏو رهيا آهن.

(1) 1978ع ۾ ٿيو جيل ۾ ۽ شيخ ايازسنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر هو ان وقت آئون ايازسان مليو هوس، ڪچهري ۾ ٿيڻي

---

[2] طمع جي تنوار متان ڪرين مڱڻا
ڏکي ڪندئي ڏار مٹيو ڏئي مٹ ۾! (شاهہ)

جو ذڪر آيو تہ پٽي لاءِ چوڻ لڳو: هو..... پنهنجن ڪُڌن ڪرتوتن جي ڪري ڪوٽ لکپت ۾ وينو آهي ۽ پنيان اسان ڏڇي ۾ پئجي ويا آهيون.

(2) 1983ع ۾ MRD جي تحريڪ دوران سنڌ جا ڪجهہ اديب، اياز سان سکر ملڻ ويا ۽ اياز کين جنرل ضياءَ جي فائدي ۾ هن دليل ذريعي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ: هاليووڊ جو ايڪٽر اگهاڙين فلمن ۾ گندگي چٽيندڙ مسخرو ريگن، جيڪڏهن آمريڪا جو صدر ٿي سگهي ٿو وحشي سوئا هٽي ماڻهن جون اکيون ڪيندڙ خسيس جاسوس پوليس وارو ڪي.جي.بي جو سربراهہ يوري آندروپوف، جيڪڏهن روس جو صدر رهي سگهي ٿو تہ ضياءَ پاڪستان جو صدر چو نہ ٿو رهي سگهي.[3] اهي لفظ هن انهيءَ وقت چيا هئا، جڏهن سنڌ جي سدا سهاڳڻ ڌرتي، بارود ۽ باهہ ۾ سڙي رهي هئي ۽ هن ديس جا سوين نوجوان پُٽ ۽ ڌيئون، جيل جي اونداهين کولين ۾ سڙيا پئي، ۽ سنڌ جي ميدانن ۾ اڄ جي دريا خانن ۽ هوشوئن جون پگهون، فوجي بوٽن جي هيٺان لتاڙجي رهيون هيون. انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ اسان جي شاعر جون رڳون جيئن ڪمزور ٿيندیون وڃن ٿيون، تيئن تيئن مٽس خوف، موت ۽ لالچ جو غلبو ٿيندو وڃي ٿو ۽ انهيءَ لالچ ۾ ايترو اڳتي وڌي ويو جو ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي "رسالي" پروگرام ۾ انٽرويو ڏيندي هن جيڪي ماحول ۽ حالتن جو پورو پورو فائدو وٺڻ خاطر سنڌ جي عظيم محب وطن شهيدن مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت کان پُٽي کي وڌيڪ عظيم ثابت ڪرڻ لاءِ چيو تہ: "وڙهندي مرڻ ڪاَ وڏي ڳالهہ ڪونہ آهي. پٽو بيوس هو. بنديوان ۽

---

[3] هي ڳالهہ انور پيرزادي، مير محمد پيرزادي جي موجودگي ۾ ڪئي.

بيمار هو هو بن سالن کان وڌيڪ ضياءُ جي آمريت جو مقابلو ڪندو رهيو ان لاءِ نفرت جو اظهار ڪندو رهيو ۽ آڻ نہ مڃيائين ۽ نيٺ شهيد ٿيو. مخدوم بلاول بہ اڏ ڪلاڪ گهاٽي ۾ پيڙايو ۽ بو هو هو بن سالن لاءِ وڌيڪ پيچ وتاب ۾ رهيو اضطراب ۾ رهيو. شاهہ عنايت کي گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ تلوار هيٺيان سِر رکي شهيد ڪيو ويو هو. پُٽي وانگر سڄو سال مڇيل مهاڻن جو عذاب نہ پوڳيو هئائين."

ايازاها ڳالهہ ڪري حقيقت ۾ مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت شهيد جي مقدس رت جي توهين ڪئي آهي. سنڌ جي تاريخ جا ڪجهہ ڪردار ڏاهر، دودو دريا خان، مخدوم بلاول، شاهہ عنايت ۽ هوشو آهن. انهن ڪردارن ۽ نالن وسيلي نہ رڳو ايازجي شاعري کي هالار جي هيبت ۽ ڪارونجهر جي ڪاٺيءَ جي سونهن ملي آهي، پر اهي نالا ۽ ڪردار هر محب وطن سنڌي لاءِ قرباني، جدوجهد ۽ سِر گهوريڻ جو جذبو ۽ اُتساهہ پيدا ڪندا رهندا آهن.

اهي ئي نالا آهن، جن کي ايازسدا ملوڪ ۽ لازوال شاعريءَ ۾ وڌيڪ خوبصورت ۽ پائيدار بنائڻ لاءِ بار بار استعمال ڪندو آيو آهي. جڏهن تہ پُٽي جي ڦاسيءَ کان پوءِ هن جي گهٽي کان گهٽي شاعري چپي آهي، پر ڪٽي بہ هن پُٽي جو نالو ظاهر ظهور يا اشاري طور ڪتب نہ آندو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ فنڪار ايازلاءِ پُٽي جي نالي يا ڪردار ۾ ڪائي ڪشش نہ آهي، نہ تہ هو ضرور ان کي بهادريءَ جي علامت طور استعمال ڪري ها، ۽ ائين نہ چوي ها تہ:

"ڳاڙها ڳيرو آئيا، دولهہ منهنجي ديس جا!"

پر چوي ها تہ:

"ڳاڙها ڳيرو آئيا، پُٽا منهنجي پوندءِ جا!"

هتي مسئلو سزا جي "ڪميت" جو نہ پر "ڪيفيت" جو آهي. ڪڏهن ڪڏهن گهڙيءَ جو عذاب صدين جي عذاب ۾ پيڙا کان ڳورو هوندو آهي. ۽ گهڙيءَ جي عظمت ۽ اهميت جي باري ۾ ايياز خود هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: "مون تي ڪنهن وقت گهڙيءَ ڪن لاءِ ڪائي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي ۽ ان گهڙيءَ ۾ آئون محسوس ڪندو آهيان تہ پوري ڪائنات لاءِ صدين واري ڪيفيت گذري هوندي. آئون سمجهان ٿو تہ پوري انساني تاريخ ۾ سون هزارن سالن جا عذاب ۽ اذيتون گڏ ڪيون وڃن، تڏهن بہ ان اڏ ڪلاڪ واري ڪيفيت جو پڙ ڳرو رهندو." ۽ شاهہ عنايت جو ڏسندي وائسندي جلاد جي سامهون هليو وڃڻ ۽ تلوار جي هيٺان مرڪي ڪنڌ ڪپائڻ ۽ جلاد کي هيئن مخاطب ٿيڻ تہ:

بيا بيا! اربانيت شوم..... الخ

(اڇ اڇ آئون توتان قربان ٿيا، مون کي تنهنجو ئي انتظار هو!)

سر درِ قدم يارِ فدا شد، چہ بجا شد،
اين بار گران بود، ادا شد چہ بجا شد.

(سِر يار جي قدمن تان گهوريم سنو ٿيو
هي ڳرو بار هئو ادا ٿيو سنو ٿيو!)

هي اهو انساني ذهن ۽ ضمير جي عظمت جو تصور آهي، جيڪو اهڙي ئي ماڻهو جي دل ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو جيڪو جزا ۽ سزا، اميد ۽ خوف، زندگي ۽ موت جي سطحي قدرن کان مٿي ٿي، ڪائنات جي وحدت ۾ پنهنجو پاڻ گم ڪري چڪو هجي، جنهن وٽ فتح ۽ شڪست، زندگي جي رنگا رنگي ۽ گونا گونيءَ جا معمولي پرتوا هوندا

آهن. جڏهن ته پٽو زندگيءَ جا اهي ٻئي سال زندگيءَ جي عارضي سهارن ڏانهن واجهائيندو رهيو. تڏهن هن حسرت وٽان چيو ته: "جيڪڏهن اڄ شاهه فيصل ۽ مائوزي تنگ جيئرا هجن ها ته مون سان اها حالت نه ٿئي ها." ڪڏهن هن فرانس جي صدر کي لکيو ته: "توهان منهنجي زندگي کان لاپرواهه ٿي. آمريت جو ساٿ ڏئي رهيا آهيو. جڏهن ته توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته ڪميونزم هميشه آمريت جي ڪُک مان جنم ونندو آهي." انهيءَ بيان مان زندگيءَ جي سهاري جي تلاش سان گڏ اها به خبر پوي ٿي ته دنيا جي بهتر ترقي پسند نظام جي باري ۾ ايياز جي ممدوح جي ڪهڙي راءِ هئي ۽ هن آمريت جي مخالفت ان کري ئي ڪئي ٿي ته اتان ڪميونزم جنم ورتو ٿي.

منهنجو هي به خيال آهي ته جنرل ضياءُ صرف چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيڻ تي اکتفا کري ها ۽ پٽي صاحب کي وزيراعظم طور رکي ها ته. اهو سودو پٽو صاحب مهانگو نه سمجهي. قبول کري ها. چو ته سندس ماضيءَ جي تاريخ اهڙي ئي شاهدي ڏئي ٿي ۽ منهنجو تاريخ جي متحرک قوتن ۾ پکو ويساهه آهي ته. شاهه حسن ارغون ۽ نواب اعظم خان. خدوم بلاول ۽ شاهه شهيد کي اهڙي آڇ کرڻ جو تصور به نه ٿي کري گهيا. باقي جيسين تائين پٽي جو به سال جيل ۾ رهي. ڦاسيءَ تي چڙهڻ جو سوال آهي ته ان معاملي ۾ به سنڌ جا عظيم شهيد صبغت الله شاهه ۽ هيمون ڪالاٽي کانئس هر حالت ۾ گوءِ کٽي وڃن ٿا. چو ته هن سالن ۾ پٽو صاحب صرف اضطراب ۽ پريشان حاليءَ ۾ رهيو پر هن کي جنهن آمريت سان نفرت هئي. ان جي ختم کرڻ لاءِ وٽس کا به پلاننگ نه هئي. جڏهن ته صبغت الله شاهه ۽ هيمون ڪالاٽي کي ڏارئي سامراج لاءِ اڃاهه نفرت هئي ۽ زندگي جي آخرين

پساهن تائين پنهنجي مقصد جي سچائي واري لازوال مرڪ سندن چپن تي موجود هئي.

ظلم جي خلاف صرف ڪنهن اضطراب جو اظهار ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ۽ عوامي حقن جي باري ۾ فيصلو قضا و قدرت جي حوالي ڪري ڇڏڻ، گهٽ ۾ گهٽ انساني انقلاب جي عظمت جي تاريخ ۾ اها حيثيت نه ٿو رکي، جيڪا جيولس فيوچڪ، پگت سنگهه ۽ بين جي شهادت کي حاصل رهي آهي. ساڻئي انترويو ۾ ايازچليءَ جي عظيم ليڊر الينڊي لاءِ چيو آهي ته:

"چلي ۾ فوجي ڪوديتا کان پوءِ الينڊي به بندوق کڻي ڪجهه ڪلاڪ مقابلو ڪيو هو ۽ ماريو ويو هو. وڙهندي مرڻ کا وڏي ڳالهه نه آهي."

سڀ کان پهرين انهيءَ فقري جي خلاف ايياز جي تمام گهڻي شاعري شهادت ڏئي ٿي. يعني ايياز جي اها شاعري، جنهن ۾ هو هر هنڌ چوي ٿو ته:

"ڪانهي ڪا تاريخ ۾ ويڙهه سواءِ هي واهه!"

ويڙهه ئي زندگي جو جوهر ۽ قومن جي تقدير جو نِڪار آهي. اها سڄي شاعري انهيءَ خيال جي تردید ڪري ٿي ته "وڙهندي ماريو وڃڻ کا وڏي ڳالهه نه آهي." پر ايياز جي ان جملي ۾ منهنجي معلومات ۾ اضافو ٿيو آهي ته، الينڊي عوام جي اقتدار جي دشمن سان آخري گهڙي تائين بندوق کڻي وڙهندو رهيو آهي، جيئن شيخ ايياز چيو آهي ته:

واجهه نه وجهه تون وڃ ڏي رت وهي ته به رڙهه
پوئين ويڑ به وڙهه، ويريءَ سان وجود جي.

ويهين صدي ۾ فوجي ڪوديتائين ۾ جيڪي ٻ ملڪي سربراهه لاڻا ويا. نڪروما کان وٺي ذوالفقار علي ڀٽي تائين، ان ۾ الينديي واحد سربراهه هو جنهن بندوق کڻي ديس دروهين جو مقابلو ڪيو ۽ جڏهن ته (شهيد) ذوالفقار علي ڀٽو جنرل چشتي جي گن ڏسي پنهنجي ٻارن ٻچن جي زندگي جي ضمانت وٺي، عوامي اقتدار غاصبن جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو ۽ پوءِ ٻ سال ڪڏهن هاءِ ڪورٽ ۾ ڪڏهن سپريم ڪورٽ ۾ پنهنجي نفرت جو اظهار ڪندو رهيو.

آخر ۾ گذارش ته آئون اڄ ٻ ايياز کي هن دؤر جو دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر سمجهان ٿو ۽ سندس خلاف لکڻ مون جهڙي ماڻهو لاءِ ايترو ئي اذيتناڪ آهي، جيترو پنهنجي پيءُ جي ڪنڌ تي ڇُري وهائڻ. پر مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت شهيد جي قبرن کي ايياز شاهه حسن ارغون ۽ نواب اعظم خان بنجي ٽڏا هنيا آهن. اهڙي وقت ۾ مائ رهڻ اهڙو ئي جرم آهي، جهڙو مارئي جي لوئي کي رنديءَ جي ڪوٽي جو پردو بنائڻ.

✷

هماليا، آئون ۽ وقت جي وچوٽي

خبر ناهي ڪيتري وقت کان پوءِ آئون وقت جي ڏوڙ ۾ لٿجي، ليٽڙجي، ڏڪا ۽ ٽاپا کائي، سنڌي شاعريءَ، علم ۽ فڪر جي هماليا شيخ اياز سان ملڻ ويس. وچ واري وقت ۾ اسان ۾ ڪي قدر رنجشون رهيون هيون. هن پُٽي صاحب لاءِ ڪي ڳالهيون چيرن هيون، شاهه عنايت شهيد ۽ مخدوم بلاول جي حوالي سان، منهنجيءَ نظر ۾ اهي صحيح نه هيون، ان ڪري مون هڪ مضمون اياز جي خلاف لکيو هو ان ڪري رنجشون پيدا ٿي پيون هيون. مضمون لکڻ جي باوجود اياز جي شاعريءَ جي مهانتا ۽ ان جا اُلا، منهنجيءَ دل ۾ ڪڏهن به جهڪا نه ٽيا هئا، جنهن جو اظهار به آئون وقت بوقت ڪندو رهندو هوس، پر پوءِ به وٽس وڃڻ کان اڳ سوچيم پئي ته، خبر ناهي ته اياز مون سان ملي به يا نه!

خير، جڏهن سندس ڪلفٽن واري فليٽ جي گهنٽي وڄايم ته، هڪدم سندس نوڪر دروازو کوليو ۽ نالو پڇي اندر هليو ويو. وري انهيءَ گهڙيءَ واپس اچي چيائين ته، 'اچو!' اسان جيئن اندر گهڙياسين ته اياز نائيٽ ڊريس ۾ بينو هو. آئون عادت موجب ڪيس جُهڪي مليس، منهنجو اهو جُهڪڻ شخص شيخ اياز لاءِ نه، پر سندس انهيءَ سدا بهار ۽ لازوال ذات لاءِ هو، جنهن ذات ساريءَ سنڌڙيءَ کي ڳاڙهو کهنبو ٻڌايو هو، جيڪا تعليمي ادارن کان اڳتي وڌي مندر ۽ مسجد تائين پهچي ويئي هئي، جيڪا هاڻي پڙهيل ماڻهن کان ٽيندي، الهڏني خاصخيليءَ ۽ اسلم تنئي جي سريلن آوازن جي لهرن ذريعي ڏنار پنهوار کي پنهنجي پاڪرن ۾ وٺي رهي آهي، ۽ مون کي يقين آهي ته اهو وقت اچي ويو آهي، جو ساري سنڌ نه رڳو اياز جي چيرن

جي چمر چمر تي رقص ڪندي، پر ان جي روشنيءَ جي گهيري ۾ وڪوڙجي ويندي.

جوڳين ۾ روايت آهي ته، جِتي نانگن ۽ بلائن جو گهٽو آزار هجي، اتي رات جو سمهندڙ مسافر پنهنجي پاتاريءَ جي چوڌاري پڙ ڪڍي، گوگي چوهاڻ جو منتر پڙهي سُمهن، ته ڪو اَهرو انهن کي ڏنگي نه سگهندو. سو آئون به سمجهان ٿو ته، جيڪڏهن اڄوڪي سنڌ اياز جي شاعريءَ جو پڙ ڪڍي، ان ۾ سندس مرشد جو منتر پڙهن، ته مٽن حملو ڪندڙ ارڙ بلائن جي حملن کان محفوظ رهندا، انهيءَ ۽ اهڙي شاعريءَ جو مالڪ اسان کي اندر وٺي ويو. پر ترسوا! اندر ويڙ کان اڳ جڏهن مون پاڻ کي اياز جي پاڳُرن ۾ محسوس ڪيو ته خبر ناهي ڇو مون کي لڳو ته منهنجي سرير جي انگ انگ ۾ مسرت سان گڏ قرار ۽ سڪون جي اهڙي لهر ڊوڙي ويئي، جيڪا شايد هڪ صوفيءَ کي ان وقت ڊوڙندي محسوس ٿيندي آهي. جڏهن هن ۽ خدا جي وچ ۾ ڪوبه پردو نه رهندو آهي. پر ويچاري صوفيءَ جي ان وقت ڪهڙي حالت هوندي، جڏهن هو محبوب حقيقيءَ جي پاڳُرن ۾ هجي، پر آءُ سمجهان ٿو ته اها سعادت اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به صوفيءَ جي مقدر ۾ لکجي نه سگهي آهي.

اسان اندر ڊرائنگ روم ۾ ويجي ويناسين، هڪبئي ڏانهن ڏٺوسين، نه هن کي ڪا پشيماني هئي سندس لڪٽيءَ تي، ۽ نه آئون شرمندو هوس پنهنجي لڪڻ تي، انهيءَ ڪري جو اسان ٻنهي پنهنجي پنهنجي ضمير جو اظهار ڪيو هو، ۽ اهو ضمير جو ئي آواز آهي، جنهن سنڌ جي هر ڏاهي ۽ باشعور ماڻهوءَ کي گهاٽن، ٽياسن ۽ ڪوڙن جي ٽڪٽڪين ۾ پيڙايو ٽنگايو آهي.

آئون ايازَ ڏانهن ڏسندو پئي رهيس. حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ جي تن ماڻهن کي آئون جڏهن ڏسندو آهيان تہ اُهي مون کي هن ڪائنات رنگ و بُو جا ماڻهو ئي نہ لڳندا آهن. جي. ايم سيد کي ڏسي مون کي لڳندو آهي تہ هيءَ يونان جو پروميٿئس ديوتا آهي، پير حسام الدين راشدي مون کي ڪائنات جي علم، جلال ۽ اساطير جو ديومالائي ڪردار لڳندہ هو. ۽ ايازَ سچ پچ تہ ان کي آئون ڪنهن بہ تشبيهہ، ڪنهن بہ استعاري ۾ بند نہ ڪري سگهندو آهيان. ايازَ جون اکيون مون کي اهڙيون لڳنديون آهن، جو آئون سمجهندو آهيان. ايازَ جي اکين جيڪڏهن ڪنهن حاملا عورت ڏانهن ڏٺو تہ ان جي ڳچيءَ ۾ پيل هار جي بُٽ ۾ سيڙاندا پئجي ويندا ۽ سندس پيرون ان شينهن/چيتي جي پروئن وانگر لڳندا آهن، جيڪو دشمن تي جهپ هڻڻ لاءِ تيار هجي.

چانهہ مان واندا ٿياسين ۽ پوءِ ايازَ ڳالهائڻ شروع ڪيو. جڏهن ايازَ ڳالهائيندو آهي تہ ائين محسوس ٿيندو آهي، جڻ سموريءَ دنيا جو ادب، شاعري، تاريخ ۽ فلسفو سندس سامهون پکڙيو پيو آهي ۽ سموريءَ دنيا جا سمورا اديب، شاعر، فلسفي ۽ تاريخدان سندس آڏو ائين بينا هجن، جيئن هارون رشيد جي آڏو ٻانهيون بيهندڙيون هيون؛ جن مان هر هڪ جي خواهش هوندي هئي تہ، بادشاهہ سلامت مون کي طلب ڪري، بلڪل، ائين هر شاعر، اديب، فلسفي ۽ تاريخدان جي جڻ اها خواهش هجي تہ ايازَ منهنجو حوالو ڏئي. هو ڳالهيون ڪندو رهيو جن ۾ ڪڏهن انڊلڪ جا رنگ هٿا. ڪڏهن ٻارن جي مرڪ هئي تہ ڪڏهن ڪنوارن اُرهن جي دلڪشي تہ ڪڏهن ڏاهر جي شهپر جو موڙ هو ڪڏهن چارڻ جي چنگ جو آواز هو تہ ڪڏهن سنڌ جي روح جي ازلي ۽ ابدي دانهن هئي. هن چيو: "آئون ترڪيءَ ويو هوس، اتي قونيا

۾ مون درويشن جو ٻاهه تي رقص ڏٺو ۽ پوءِ گائيڊ کي چيم ته مون کي هني ٻال جي قبر جا نشان ڏيکاريو. گائيڊ چيو سائين! اهي تمام مٿي پهاڙ تي آهن، توهان پهاڙ تي چڙهي سگهندو؟ چيم: 'ها! آئون نہ رڳو وڏن وڏن پهاڙن کي اورانگهيندو رهيو آهيان، پر پهاڙن کي پٽون ٻه ڪندو رهيو آهيان.' منهنجي هڪ دوست چيو: 'سائين! هني ٻال ڇا ڪيو هو ۽ توهان جي ان ۾ دلچسپي ڇو هئي؟' ايياز وراڻيو: 'هن روم ڊائو هو. اهو روم جيڪو جبر ۽ استعماريت تي ٻڌل هو ۽ مون ٻه پنهنجيءَ ذات جي ذريعي ڪيئي روم بار بار ڊاهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي.'"

"جمهوريت" جي سلسلي ۾ ڳالهائيندي ايياز چيو ته: هڪڙي ماڻهوءَ مون کي خط لکيو ته، "تون جمهوريت، جمهوريت پيو چوين، پر اقبال چيو آهي ته جمهوري نظام کان بچ ۽ ڪنهن مضبوط ارادي واري جو غلام ٿيءُ، ڇو ته ٻن سَون گڏهن جي دماغ مان هڪ انسان جو دماغ پيدا ڪونہ ٿيندو آهي." کيس جواب ڏنم ته: "اهو صحيح آهي، پر پوءِ ٻه آئون هڪ 'گڏهه' کان ٻن سون گڏهن کي بهتر سمجهان ٿو." انهيءَ جملي ۾ جمهوريت ڏانهن جيڪو بليغ اشارو آهي، ان کي سمجهو ڪي سمجهن.

ايياز چيو: "بنيادي شئي آهي انسانيت يا ماڻهپو سموري انساني تاريخ جي فڪري جدوجهد ان لاءِ ٿي آهي ته انهيءَ ڳالهائيندڙ جانور کي انسانيت ۽ ماڻهپي جي سطح تي آڻجي. حقيقت ۾ ماڻهن کي آئون ٽن درجن ۾ رکان ٿو: آدم جو اولاد، جيڪو اشرف المخلوقات آهي؛ ڊارون جي نظريي موجب باندر جو اولاد، جنهن جي سمجهه جي سطح تمام هيٺاهين آهي؛ ۽ گڏهه جا ڦر، جيڪي يا ته ڪُٽبا رهن ٿا يا خلق آزارينda رهن ٿا."

گفتگوءَ هلندي، مون واري مضمون جو ذڪر آيو ان تي اياز چيو تہ منهنجو مقصد اهو نہ هو جيڪو تو سمجهيو آهي. منهنجو مقصد هو تہ مدافعت وارو وقت ۽ موت۔شاهہ شهيد ۽ مخدوم بلاول حياتيءَ ۾ پُٹي کان عظيم تر هئا ۽ اهي ماڻهپي جي جنهن بلند مينار تي بيٺا هئا، اتان هو ڪهڙي بہ قسم جي موت کي مرڪندي قبول ڪري سگهيا ٿي، پر هنن جي نظرن ۾ موت نالي ڪا شئي هوندي ئي ناهي؛ آئون بہ اڄ ان نظريي تي پهتو آهيان، پر پُٹي جنهن ماحول ۾ جنم ورتو هو ۽ جنهن طبقي سان هن تعلق رکيو ٿي، اتي ايڏو مقابلو ڪرڻ ۽ موت قبولڻ وڏي ڳالهہ هئي. بهرحال، مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت کي ايتريقدر قيد ۽ بند ۾ رهڻ جو موقعو ئي نہ مليو ۽ جيڪڏهن موقعو ملي ها تہ اهي يقينن وڌيڪ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪن ها."

آئون اياز جا دليل ٻڌي رهيو هوس ۽ سندس نادان دوستن جا دليل بہ منهنجي ذهن ۾ هئا، جن نہ اياز جي مفهوم کي سمجهيو هو ۽نہ ئي منهنجي ڳالهہ پروڙي هئي.

اسان کي ويني ويني ڏيڍ ڪلاڪ ٿي ويو هو مون کي ٻيءَ جاءِ تي وڃڻو هو. اياز جي خواهش هئي تہ ڪجهري هلي، پر وقت بي رحم ڪڏهن ڪڏهن ٻيءَ ڇُميءَ جو بہ موقعو نہ ڏيندو آهي. اسان موڪلائڻ جي ڪئي تہ اياز چيو تہ، "سائين جي. ايم سيد کي منهنجا سلام چئجو. اوهان جو واسطو جي. ايم سيد سان سياسي آهي، منهنجو پيريءَ مريديءَ وارو آهي." سندس اهي جملا ٻڌي، مون کي ڪجهہ وقت اڳ هڪ دوست جي ڳالهہ ياد آئي، جنهن ۾ هن اياز جي حوالي سان چيو هو تہ: "امير حيدر شاهہ ۽ امداد محمد شاهہ جي. ايم سيد جا جسماني پُٹ آهن، سندس رُوحاني ۽ فڪري پُٹ آئون آهيان."

اسان اتياسين، اياز بہ گڏ اٿيو مون چيو: "سائين، توهان ويهو نيڪ نہ آهيو!" چيائين: "اهڙي ڳالهہ نہ آهي، مون موت کي موٽائي چڏيو آهي تہ هينئر وچ، آئون واندو نہ آهيان. ان کري آئون توهان سان گڏ لفٽ تائين هلي سگهان ٿو." لفٽ تي پهتاسين تہ ايازوري موت جو ذڪر ڪيو جنهن تي آئون روئڻهارکو ٿي ويس. ايازمنهنجي اها ڪيفيت ڏسي چيو: "گهبراءِ نہ! آئون هيو ٽنم ٽر ۾ ونندس ۽ پوءِ ڏاڏيون ڪچهريون ڪنداسون." ايازجو اهو جملو هڏي، مون دل ۾ چيو تہ واقعي جمن، دربدر، حليم باغي، مير حسن آريسر، مظهر لغاري، مجرم لغاريءَ ۽ اقبال رند کان پوءِ ايازٽر ۾ ئي سُونهي ٿو چوتہ ٽرين ڪڏهن بہ پٽائيءَ کي پنڌ لاءِ نہ ڳايو آهي.

"ڏونگا آڇ مَ ان کي، ڪاسا جنين ڪم،
پنندي پرڏيهہ ۾، تن سوڍين اچي شرم!"

پر مسرت ۽ محبت واري زندگي گذارڻ لاءِ ئي ڳايو آهي.

ايتري ۾ لفٽ اچي وئي ۽ اسان ان ۾ داخل ٿياسين. منهنجي چپن تي ايازجي هيءَ ست اچي ويئي:

"سنڌڙي تنهنجو ساهہ ايان
مري نہ ٽيٽو آهي مات!"

مون سان گڏ انهيءَ ڪچهريءَ ۾ سائين غلام شاهہ، هاشم ڪوسو ۽ روشن ڪلهوڙو هئا.

(ڪراچي، 31_آڪٽوبر 1991ع)

سنڌڑي تنهنجو ساهه اياز

اڄ جڏهن جسماني طرح اسان کان اياز جي وڇوڙي کي ايڪيتاليهون ڏينهن آهي، پوءِ به آءُ پاڻ ۾ اها سگهه ساري نٿو سگهان ته مٽس ڪجهه لکان. اياز هن صديءَ جو سنڌ جو سپ کان وڏو شاعر ۽ عالم هو ۽ نه معلوم سندس شعر ۽ فڪر ايڏا ڪيترين صدين سنڌ تي حاوي رهندو. حقيقت ۾ اياز جون سنڌ ۾ عقيدت لائق ڪيترين حيثيتون آهن. هو ويهين صديءَ جي پوين ڏهاڪن جو دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو شاعر هو. ان سلسلي ۾ آءُ ڪنهن وڏاءُ کان ڪم نه ونڊي رهيو آهيان. پر انهن ڏهاڪن جي شاعري گهٽي يا ڳڻي سنئين سڏي يا ترجمن وسيلي منهنجيءَ نظر مان گذري آهي. خيال جي گهرائي، بوليءَ تي قدرت، بي جان لفظن کي زندهه ڪري انهن کي پرواز عطا ڪرڻ، انوکين تشبيهن، پيار جي بي پناهه پالوٽ ۽ ڌرتيءَ سان اٽاهه محبت جي ڪري شايد ئي ڪو شاعر اياز جي همسري ڪري سگهي. شاعري، شيخ اياز جي محبوبه هئي، جيڪا ڪڏهن به ڪانئس غير مطمئن ٿي رواني نه ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هڪڙي نقاد جي حوالي سان اياز کي مون چيو ته. سائين فلاڻو چوي ٿو ته: "ڪڏهن ڪڏهن ننڍيون زبانون تمام وڏا شاعر پيدا ڪنديون آهن، جيئن بنگاليءَ ۾ ٽئگور ۽ سنڌيءَ ۾ اياز." ان تي اياز وراڻيو ته. "ڪير احمق ٿو چوي ته سنڌي زبان ننڍي آهي؟ زبان جي ننڍي ۽ وڏي هجڻ جو ماڻ ۽ ماپو جاگرافيائي سرحد ناهي، پر زبان جي ننڍي ۽ وڏي هجڻ جو اصل معيار ان جو دامن آهي، جنهن ۾ شاعر ۽ فنڪار اظهار خيال جي ڪيتري سگهه حاصل ڪري سگهي ٿو. ان معنيٰ ۾ سنڌي زبان تمام وڏي زبان آهي ۽ مون کي پنهنجي انهيءَ بوليءَ ۾ شاعري ڪندي ڪا شرمندگي محسوس ڪانه ٿي ٿئي، جيئن ڪن پنجابي شاعرن کي پنجابيءَ ۾ شاعري ڪندي شرم محسوس ٿيندو هو. جيتوڻيڪ مون اردوءَ

۾ به شاعري ڪئي آهي، پر منهنجي اها شاعري ننڍي کنڊ ۾ اها مقبوليت حاصل نه ڪري سگهي آهي، جيڪا مقبوليت منهنجيءَ سنڌي شاعريءَ کي حاصل آهي، ان ڪري منهنجي ان نقاد کي چئجانءِ ته 'سنڌي زبان تمام وڏي زبان آهي، پر افسوس جو ڪڏهن ڪڏهن تمام وڏيون زبانون ننڍيا ۽ خسيس سياستدان پيدا ڪنديون آهن.'"

اهو ئي سبب آهي، جو ايياز نثر توڙي نظم ۾ آخري وقت تائين سنڌي زبان کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو ۽ هڪڙي غلام قوم جي نظرانداز ٿيل ٻوليءَ کي پنهنجي شاعريءَ جي اڌام ڪٽوليءَ ذريعي هن سموريءَ دنيا ۾ ڦهلائي ڇڏيو ۽ آءٌ دعويٰ سان چوان ٿو ته هن وقت دنيا جو اهڙو ڪوبه ملڪ ناهي، جتي سنڌي نه ڳالهائي ويندي هجي. سموري دنيا ۾ پکڙيل سنڌين جي وچ ۾ رابطي ۽ ڳانڍاپي جو ذريعو صرف ۽ شيون آهن: هڪ سنڌي زبان ۽ ٻي لطيف ۽ ايياز جي شاعري ايياز جي شاعريءَ کي اصلي رنگ ۽ روپ ۾ سنڌ جي افق تي روشن ٿيڻ لاءِ جيتوڻيڪ صديون درڪار آهن، پر هن جي شاعريءَ هڪ طرف اسان ۾ سياسي سگهه پيدا ڪئي ۽ ٻئي طرف ڌاري ٻوليءَ جي غلطي کي روڪي ورتو ايياز پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه وقت پوءِ ڪٽي لکيو هو ته "لڳي ائين ٿو ته سياڻي منهنجو اولاد منهنجي قبر تي اچي اردوءَ ۾ دعا گهرندو." پر انهيءَ اديشي کي خود هن جي لازوال، ٻهڪٽيءَ ۽ روح جي پاتال ۾ پيهي ويندڙ شاعريءَ شڪست ڏني ۽ سندس لحد تي سندس ئي گيت گونجاريا ويا.

هن جي شاعري سنڌي ۾ ايتري اثر انگيز ثابت ٿي جو پاڪستان جي فوجي جنتاشاهيءَ جي دور ۾ جڏهن سنڌ جا ماڻهو ٽارچر سيلن ۾ زندگيءَ کان مايوس ٿي، آپگهات لاءِ سوچڻ تي مجبور ٿيندا هئا، ان وقت هن جي شاعري محبوب جي مرڪ وانگر ڪرٽا ڪرٽا ٿي سامهون ايندي هئي ۽ مايوس نوجوانن ۾ نئين زندگيءَ سان ڀرپور محبت جو شعلو روشن ڪندي هئي، پر ايجا به اڃ ڪٽي رڙهڻ ۽ وڙهڻ لاءِ انهن ۾ جذبو پيدا ڪندي هئي.

واجهه نہ وجهه تون وڃ ڏي، رَت وَهي تہ بہ رڙهہ،
پوئينءَ ويہ بہ وڙهہ، ويريءَ ساڻ وجود جي.

خود آءٌ جڏهن 1992ع ۾ بلڪل اهڙي تارچر مان پئي گذريس، جهڙي تارچر مان نازي دور مان جيولس فيوچڪ ٿي گذريو ان وقت آءٌ زندگيءَ کان مايوس ٿي چڪو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن دوستن جي بيحسيءَ تي سوچيندي لطيف جو هيءُ شعر منهنجي ذهن تي تري ايندو هو:

مارو ملڪ مليہ جا، سيئي پرکياسون،
سوکيءَ ويلي سيکو اوکيءَ ويلي تون.

ان وقت الائي ڇو سنڌ جو ساهہ شيخ ايان پنهنجي چيتي جهڙن پِرُن سان منهنجي سامهون اچي بيهندو هو ۽ پنهنجو بياض مون ڏانهن وڌائيندو هو ۽ آءٌ سندس انهن عقابي اکين ۾ ڏسي، سندس هيءُ شعر پڙهڻ شروع ڪندو هوس:

بي موت مئا، تولاءِ ڪُٺا، انسان هزارين مان نہ رهيو!
هن دنيا ۾ اي ديس هئا، نادان هزارين مان نہ رهيو
جي راهہ اجل ڪنهن ورتي آ، هن پونءَ ڪئي بي پرتي آ،
هيءَ ڏرتي توکي پرتي آ، مهمان هزارين مان نہ رهيو!
تون چئومَ ڪُچان، تون چئومَ لُڇان، پر توکان هڪڙي ڳالهہ پڇان،
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين، اعلان هزارين مان نہ رهيو!
هي دور ايان گذرڻو آ، ۽ پنهنجو وارو ورڻو آ،
کو ٻارڻ نيٺ تہ ٻرڻو آ، امڪان هزارين مان نہ رهيو!

اها ايان جي مزاحمتي شاعري ئي هئي، جنهن مون جهڙي ڪمزور ماڻهوءَ ۾ فولادي سگهہ پيدا ڪئي، پر اها شاعري، ان کان اڳ هزارين نوجوانن کي ميدان ۾ آڻي، ون يونٽ جو قهري ڪوٽ ڪيرائي چڪي هئي. ايان جي مزاحمتي شاعريءَ جو ڪمال اهو آهي تہ هن ۾

پرجوش لهجي، خوبصورت لفظن ۾ بي پناهه آهنگ سان گڏ نفيس ۽ نازڪ جماليات آهي، ۽ اياز جي اها ئي جماليات آهي، جنهن سنڌ جي قومي تحريڪ کي انارڪيءَ ڏانهن وڏائڻ کان روڪيو. اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي آهي تہ قومي تحريڪ ۾ انتشار انارڪزم ۽ ڪرائيم جو زور انهن ئي سالن ۾ وڌيو جن سالن ۾ اياز جي شاعريءَ کي قومي تحريڪ کان الڳ ڪيو ويو. نہ تہ اياز جي رزميہ شاعريءَ تي جهڙي طريقي سان سنڌ جا نوجوان مقتلن ڏانهن ڪاهي ويندا هئا:

ڪو ڪيئن نہ ڏوڙي مقتل ڏي، آرت ۾ خوشبوءَ ميندي‌ءَ جي،
ڪو ڪيئن نہ ڏوڙي زندان ڏي، تا زلف ڇڪن زنجيرن جا.

تہ بلڪل ساڳئي طريقي سان هن جمالياتي شاعريءَ تي بہ سنڌي ماڻهو وجد ۽ ڪيف جي مها ساگر ۾ ترڻ لڳندا هئا:

صنوبر جي سائي ۾ ويهي رهون،
چُمي جئن سگهي چنڊ تنهنجون چڱون،
گهڙيءَ لئہ گناهہ محبت ڪيون!
نہ شايد وري زندگيءَ ۾ ملون!

—

الائي وري رات ايندي نہ ايندي،
اسان جي ملاقات ٿيندي نہ ٿيندي

—

ڪنهن ڪاريءَ ڇڳ تي رات ڪُٽي،
ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦُٽي،
ايئن وقت ڪٽيو ايئن عمر لُٽي،
سپ سانگ سجايو آ پيارا!

هن جي شاعري کٽي کهڙي به موضوع تي هجي، پر ان مان سنڌ کڏهن به غائب نه رهي:

جيءَ اچي نه جهل،
توکي کهڙي کل، مون کان سنڌ نه وسريا
ڏرتيءَ منهنجي ديس جي، کيڏا ڏنا کيس،
کيئي سورهيه سيس، واريا تنهن تان ويڑهه ڀرا

-

سنڌ سُکاري ساڃيان ٿيندي،
سپنا سپنا وهندي رهندي،
سون ورن سنڌوا

يا هڪ ٻئي شعر ۾ چوي ٿو:

ڏس! باک پليري آئي آ، ڏس! سنڌ مٿان سرهائي آ،
چو تن جي لاءِ ايياز رُنين، جي مارو ماڳ مٽائي ويا.

هن کي جيتوڻيڪ کڏهن کڏهن اهو احساس ٿيندو هو ته، جنهن ٻوليءَ کي آءٌ پنهنجيءَ شاعريءَ ذريعي کهڪشان ۾ انڊلڪ جا رُوپ پيو بخشان ۽ جنهن شاعريءَ جي ذريعي آئون سنڌي تهذيب ۽ سنڌ جي جاگرافيءَ جي چوڌاري ديوار چين پيو تعمير ڪريان، تنهن کي سنڌ يماڻهو اڃا نه پيو سمجهي، ان جو اظهار هو هن طرح ڪري ٿو:

ڪاري ڏنڊ، اچيرا پک،
چر تي چوهه چمر جا پاڇا!
گجريا توتي گج ته آ، پر،
جُهڙ ۾ ڪاوا جهڙا ڪک!
ڪاري ڏنڊ اچيرا پک!
چر تي چوهه چمر جا پاڇا!

اها شڪايت هر جينيس ماڻهوءَ کي پنهنجي دور ۾ رهندي آهي ۽ خصوصاً اهو جينيس، جنهن ۾ فنڪارانہ احساس سيني احساسن تي غالب هجي، ان جي باوجود اياز سنڌ جي نوجوانن کي پنهنجي شاعريءَ جي تلوار ڪٽي وڙهڻ جي تلقين ڪندو رهيو سندس هڪ نظم آهي:

دولهہ دريا خان جي پُٽ کي وصيت

تون هونئن بہ مرندين ڪاڇي ۾،
اڄ ناهر وانگر ڇال ڏئي،
تون آءُ پهاڙيءَ پاڇي ۾،
تون گوليون هيٺ هلائي ڏس!
۽ ڪنهن پٿر جي اوٽ ڏئي،
هن ڏرتيءَ کي ڏڏڪائي ڏس!
جي تنهنجو ڌرندو لاش ڪري،
نئين گاج مٿان پرواهہ ناهي،
جي ڏرتي تي آڪاش ڪري،
هيءَ ڏرتي ان کان هيٺي آ،
تون ڏاڍي جو ڏهڪاءُ نہ ڏس،
هر دل بندوق وهيٽي آ،
هر گوليءَ کي ڪا هولي آ،
جا هرڪو ڇاڻو ڇاڻي تو،
تون چوندين هيءَ پرولي آ،
پر سولي هيءَ پرولي آ،
تون ڪنهن جو ٻانهو ناهين ڏي!
جي گولي تنهنجي گولي آ،
اڄ ناهر وانگر ڇال ڏئي،
تون آءُ پهاڙيءَ پاڇي ۾،
۽ ڪنهن پٿر جي ڍال ڏئي،
تون گوليون هيٺ هلائي ڏس!
۽ نانا، نانا... جي سر تي،
ڳڙڪ آزاديءَ جا ڳائي ڏس!

آئون هتي ايان جي جمالياتي شاعريءَ جي خصوصيتن ۽ خوبين تي تفصيل سان لکڻ بدران صرف سندس هڪ بن تشبيهن ڏانهن اشارو ڏيندس، جيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ ايان کان اڳ ڪڏهن استعمال ٿيو نه ٿيون آهن ۽ اهڙيون هزارين تشبيهون ۽ استعارا سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن، هڪ شعر اٿس:

مينهن موتي ويا، ڏينهن اُپري لٿا،
تون نه آئين پرين، وِهه لڳي ٿي وهي!

"وَهيءَ جو وِهه لڳڻ" سنڌي شاعريءَ ۾ اڳي استعمال ٿيو نه ٿيو آهي ۽ جديد "سُر سورٺ" لکندي هن لکيو آهي ته:

گهاڙوءَ گهڙيو ڪونہ، ڳهڻو تنهنجو ڳل جيئن،
سورٺ توتي ڇو نہ، مان ور ور واريو وڃان!

هتي سورٺ جي ڳل کي ڪنهن اهڙي زيور سان تشبيهه ڏني وئي آهي، جيڪو ڪنهن سوناري اڄ ڏينهن تائين تيار ئي نه ڪيو آهي.

آئون هاڻي ايان جي شاعريءَ کان هتي، سندس ذاتيءَ خصلتن تي ڪجهه ڇوڙ ڇاهيان ٿو. هيءُ هڪ حقيقت آهي ته جهڙي طريقي سان مولانا آزاد جي نثر جي خصوصيت اها آهي ته هن ۾ هر جڳهه تي ايگو (Ego) آهي، اهڙيءَ طرح سان ايان به ايگو جي بلنديءَ تي پهتل هو. هن جي ڪا سِٽ لکل يا ظاهري ايگو کان خالي نه آهي. ان جي باوجود هو پاڻ کان ننڍين ليکڪن ۽ شاعرن جو بيپناهه قدر ۽ عزت افزائي ڪندو هو. مون کي ياد آهي ته مارشل لاءِ دور ۾ هڪ دفعي مون کي سکر بار طرفان بار کي خطاب ڪرڻ جي دعوت ملي. اها خبر جڏهن شيخ ايان تائين پهتي ته هن مون ڏانهن نياپو موڪليو ته آءٌ اڄ شڪارپور وڃي رهيو آهيان، اتي منهنجا ڪيس رکيل آهن. آءٌ ڪوشش ڪري ڪيس جون شنوايون وٺي جلدي موٽي ايندس، تون مهرباني ڪري منهنجي موٽڻ کان اڳ ۾ تقرير نه

ڪجانءِ! ۽ هُو جڏهن موتي آيو تہ ان کان پوءِ مون تقرير ڪئي، مون تقرير ۾ چيو تہ: "ممڪن آهي تہ اسان جي سياسي فيصلن ۾ غلطي ٿي وڃي، عملي طرح ڪٿي اسان دوکو کاڌو هجي، پر اي اياز جي لازوال شاعريءَ! اي معصوم شاهہ جا منارا! اي کرڙيءَ جي شهيدن جا مقدس رت! اي هيمون ڪالاٽيءَ جي قاسيءَ جا قندا! اوهين سڀ شاهد رهجو تہ اسان جي نيت ۾ ماڻ ڏڻ جي معصوميت ۽ اسان جي عمل ۾ ڪُنواريءَ جي ٽٽڻ جو تقدس هميشہ قائم رهيو آهي." اُتي ئي مون چيو تہ: "اڄ اوٺهين صديءَ جي دنيا جو وڏو شاعر هتي وينو آهي، جنهن جي سربراهيءَ ۾ موجوده وقت جي چئن وڏن شاعرن محمود درويش، ابراهيم آفيقي ۽ سردار جعفريءَ تي مشتمل ڪورٽ قائم ڪئي وڃي، جيڪا فيصلو ڪري تہ سنڌ ملڪيت آهي يا نہ؟" ۽ مون ڏٺو تہ سنڌ جو همالياہ ڪان بلند قد رکندڙ شاعر مسلسل عقاب وانگر منهنجي منهن ۾ گهوري رهيو هو ۽ پوءِ هن مون کي چيو تہ "تو تقرير صرف مون کي سامهون ڏسي ڪئي آهي، جڏهن تہ بار ۾ ويٺل جاهل، سڀ اياز ڪونہ هئا." اڳتي هلي هن پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو تہ: "سنڌ ۾ تقرير صرف ۽ ئي ماڻهو ڪري سگهن ٿا، هڪ عبدالواحد آريسر ۽ ٻيو رسول بخش پليجو" ۽ئي دفعي مون پنهنجو هڪ ننڍڙو ڪتاب "چانڊوڪيون ۽ چيٽ"، ٽر جي ماڪ جهڙي شاعر اياز گل جي هٿان شيخ اياز کي موڪليو جيڪو پڙهي هن لکيو تہ: "آريسر جي ڪتاب ۾ هڪڙو جملو آهي 'آءٌ پرامن غلاميءَ کان، پر خطر آزاديءَ کي وڌيڪ پسند ڪريان ٿو' ڇا واقعي اهو آريسر لکيو آهي؟"

اهڙي طريقي سان اسان جڏهن 'برسات' ۾ لکڻ شروع ڪيو ايازبحيثيت ايڊيٽر جي ۽ مون بحيثيت ڪالمسٽ جي، تہ هن مون کي چيو تہ. "آريسر! تنهنجي قلم ۾ بيپناهہ طاقت آهي. تون مون کي وقت ڏئي سگهين تہ اسان گڏجي سائين جي.ايم.سيد جي ڪٿا لکون، جيڪا اڃا لکي نہ ويئي آهي. تو جيڪو سائينءَ تي ڪتاب لکيو

آهي، ان ۾ لفظن جو سيلاب سائينءَ جي فڪر کي لوڙهي ويو آهي، فڪر کي نروار ڪرڻ لاءِ هن طريقي سان لکڻ جي ضرورت آهي. تون سائينءَ جو اصحابي آهين ۽ آءٌ ان جو روحاني پُٽ آهيان."

آئون نٿو سمجهان تہ اياز کان پوءِ کو ايڏو وڏو عالم ۽ شاعر هجي، جيڪو مون جهڙي هڪ اٽپڙهيل کي ايڏو داد ڏئي سگهي. اڄ هو اسان ۾ ناهي، پر هن جو هيءُ شعر اسان لاءِ مشعل راهہ آهي:

تون جو مون کان پوءِ اچين
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين منهنجا گيت ٻُڌين
مون کي ياد ڪرين!
سنڌڙي ساري ڳاڙهو کهنبو ٿي ويندي تسين،
۽ جي ان تي ڦلڙيون ڦلڙيون،
منهنجي ذات سين،
شال اهو سمجهين،
ذات وڏي شئي ناهي،
پر سچ وڏي شئي آهي،
۽ جو سچ مچائي،
سو مچ وڏي شئي آهي.

اچو تہ اها سنڌ تعمير ڪريون، جنهن تي ايازجي ڦلڙيون ڦلڙيون ذات هجي. ايازا! تو لاءِ مون وٽ ڪجهہ ڳوڙها آهن، ڪجهہ گل آهن، ڪجهہ روح جا ريلا آهن، جيڪي پيش ڪريان ٿو شل قبول پون! آئون توکي مرحوم ڪونہ ٿو چوان، چو تہ رحمت تو جهڙي ماڻهو ڪوءَ جي پيرن جي پٽي هوندي آهي، چو تہ تون ويو ناهين، تو هڪ پيري مون کي ٻيو هو تہ. آئون ٻيو جنم ونندس ۽ ٻيو جنم منهنجو ٿورم هوندو. ها! توئي تہ چيو هو دودي جي واتان.

ٿون چا ٻه چوين مان مرڻو ناهيان،
ويس متائي ورڻو آهيان،
تون ٻه چنيسر جو ڪجهه چاهين،
مون کان اڳ ۾ ورڻو ناهين،
نانءُ نئين سان، ويس بدل سان،
تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان،
جاري آهي، جاري رهندي
جاري آهي، جاري رهندي

ءِ توکي اها ٻه خبر هوندي تہ دودي جو پڳ متّ يار هاسو سوڍو هو جنهن سندس سڏ تي، پنهنجو وِهانءُ اڏ ۾ ڇڏي دودوي سان ياري نيائي هُئي ءِ دودي سان گڏ سِر ڏيئي سرهو ٿيو هو. انهيءَ هاسي سوڍي جي نالي پويان منهنجي ڳوٺ جي ڀرواري علائقي جو نالو "هاسيسر" آهي ءِ تون ٻه جڏهن دودي جي رُوپ ۾ وري موٽئين تہ هاسي جي روپ ۾ مان ٻه توسان گڏ هوندس.

سنڌڙي تنهنجو ساهہ ايان
مري نہ ٿيٽو آهي مات!

ايار جرئت، همت، محبت، لازوال تخليقي صلاحيت ءِ سنڌ دوستيءَ جي جذبي سان تمثار رڳ تي سوار ٿي آيو ءِ سيّ ڪجهہ ڏرتي کي ارپي، عورت جي مرڪ کان هلڪو ٿي، بادلن جي ڪُلهن تي سوار ٿي اڏامي هليو ويو. پوءِ ٻه هو آرهو نہ ٿيو ءِ ديس کي دعائون ڪندو ويو:

اکيون آرزوئون، اکيون التجائون،
اکيون يار تنهنجون صدين جون صدائون!
سُجاتئي نہ سائل، خدا خوش رکيئي،
وجون ٿا ڪري ديس توکي دعائون.

(شيخ ايار جي چاليهي جي موقعي تي لکيل)

پٽائيءَ جا پانڌيئڙو! اياز کي نہ وسارجو

14 صفر تي سنڌ جي ڪُنڊ ڪڇ مان ايندڙ پٽائيءَ جا عقيدتمندو! توهان مرد ۽ عورتون جيڪي ڪاسبي مان لوهي لِڳ ۽ گلابي بدن ڪٽي، سنڌ جي مرڪز پٽ شاهہ ڏانهن سفر تي اُسهيا آهيو ۽ دودي جي يوميءَ جا لاڙ واسيو! اوهين جيڪي لاڙمان سارين جي خوشبوءِ سان واسجي پٽائي جي رسالي جو وِرد ڪندي، سنڌي قوم جي تشڪيل ڏيندڙ پٽ ڏٽي جي آستان ڏانهن نڪتا آهيو ۽ ڪراچي ۽ ڪاڇي جا سُر سامونڊي ۽ سُر ڪوهياري جي بيتن جي عطر ۾ اوتجي پٽ جي راهہ ونڊي رمندا پيا اڇو اوهين جيڪي اپر سنڌ کان قافلن ۽ ٽولن جي صورت ۾ بهادري ۽ غيرت جو اُهڃاڻ بڻجي پٽ ڏٽيءَ جي درگاهہ ۾ سندس قول کي پاڙڻ لاءِ اڇي رهيا آهيو سي جڏهن پٽائيءَ جي درگاهہ تي پهچو ٿا، ان وقت هِڪ ٻئي شاعر کي نہ وسارجو جيڪو پٽائي جي قدمن ۾ ايئن سُتو پيو آهي، جيئن سرمد جي قدمن ۾ مولانا آزاد سُتو پيو آهي ۽ اُهو شخص شيخ اياز آهي، جنهن پنهنجي هڪڙي شعر ۾ چيو هو ٿا:

پرسان ٽُنهنجي پِٽ ڏٽي، جهلي بينس جهول.
ڏِنئي ٻہ تي ٻول، سَخي منهنجي ساهہ کي.

اهو شاعر، جنهن جي جهول ۾ پٽائي جا ٻول هٿا، جنهن جي اکين ۾ پِٽ جي وات جي کيهہ هئي، جنهن جي لفظ لفظ سان، سِٽ سِٽ مان سنڌ، شعور سجاڳي ۽ آزاديءَ جي آواز سان مهڪي اُٺندي هئي، اهو شاعر پٽ ڏٽيءَ جي پيرن ۾ ان لاءِ نہ سُتو آهي، تہ جن پٽائيءَ کي ڪنهن ٻئي طريقي سان پڙهيو آهي. اهي پنهنجا سُڪل ڏهن ڪٽي، نماٽين نگاهن سان ۽ هيٺن جڏبن سان منهنجي مزار تي اچن تہ آئون

پٽائي جو ڪلام انهن جي ذهنن ۾ ايئن اوتيان، جيئن موڪي، متارن جي ذهن ۾ مئڪدي جي ماڪ اوتيندي هئي.

ان ڪري منهنجي ميلي تي سيني سنڌ واسين کي وينتي آهي ته، توهان پٽائي تي اچوتا ته ان جي شاگرد کي نه وسارجو جنهن چيو هو ته:

واڪا ڪندي ووءِ، صديون تولاءِ سنڌڙي

سنڌ اڄ جنهن صورتحال ۾ ورتل آهي، ان صورتحال ۾ لطيف جي ڪلام ۽ سندس شاگرد شيخ اياز جي پيغام تي عمل ڪرڻ ئي هن جي نجات جو ذريعو آهي، ۽ جنهن سنڌ سان پنهنجي ڳانڍاپي جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:

تون چا ڄاڻين اوپرا توکي ڪهڙي ڪل،
مون کان سنڌ نه وسري،
ڪارونجهر جون ڪامڻيون ڳاڙهين ڳاڙهو ڳل!
مون کان سنڌ نه وسري.

ان ڪري محباڻي گذارش آهي، جيئن هن کان سنڌ نه وسري، تيئن توهان به هن کي نه وسارجو چو ته هن ئي چيو هو ته:

لاڙ وچولو اتر، ڪڇ ڪراچي ڪيٽي بندر،
هيڏو سارو جر ٿر، ڪيڏو ڪوهستان،
سنڌوديش مهان، سنڌو ديش مهان.

ان ڪري سنڌ واسيو! توهان به هن جي ڪلام جو حصو آهيو ۽ هن جي ابدي آرامگاهه تي حاضري پرڻ توهان تي فرض آهي ۽ اياز تي حاضري کانسواءِ لطيف تي حاضري اڌوري رهجي ويندي، اڌوريون سڃايون ۽ عقيدتون خطرناڪ ثابت ٿيندڙيون آهن.

(شاهه لطيف جي 265 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي لکيل)

✷

متان کائين ڪچڻي حاڪماڻي هنڌان...!

اوهان سيني کي پلي پت ڄاڻ آهي تہ هي سرزمين سنڌ هزارها سالن کان، هن خطي ۾ هڪ فطري آزاد ۽ خوشحال ملڪ جي حيثيت ۾ موجود پئي رهي آهي. هن جي خوشحالي جو ثبوت سنڌ جي ٻن سپوتن پروفيسر ڇبلاڻي ۽ ايس ڪي بلوچ پنهنجن شاندار تحقيقي ڪتابن ۾ ڏنو آهي. پروفيسر ڇبلاڻي پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب: "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ۾ لکي ٿو تہ: "سنڌ ايتري قدر خوشحال هئي، جو بکر کان ويندي ننگر ٺٽي تائين، مکڙ ۽ ماکي جون پريل ٻيڙيون هلنديون هيون، جيڪي مختلف شهرن ۾ ڪوڙ جي لپن جي حساب سان وڪامنديون هيون ۽ سنڌين وٽ اهو هنر بہ موجود هو تہ مکڙ جي ٻيڙين کي گرميءَ جي مند ۾ رِجڻ کان بچائڻ جو ڪهڙو طريقو آهي ۽ جڏهن نادر شاهہ سنڌ تي حملو ڪيو ان وقت هن جو جيڪو لشڪر سنڌ ۾ رهيو ان جي کاڌ خوراڪ ۾ لذيذ کاڌا ۽ جانورن لاءِ چارو ڪڏهن بہ نہ کٽو." اهو ميان نور محمد ڪلهوڙي جو دورو هيو ۽ ان ئي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور بابت ايس ڪي بلوچ پنهنجي ڪتاب "پاڻي منجهہ پساهہ" ۾ لکي ٿو تہ: "ميان صاحب جي وقت ۾ سنڌ جي ٽوٽل آبادي 21 لک هئي ۽ سنڌ جي زرعي زمين 31 لک ايڪڙ آبادي ٿيندي هئي. حالانڪہ ان وقت ايريگيشن جو موجوده نظام بہ موجود نہ هو ۽ اڄ ان سنڌ جي حالت اها آهي، جو سنڌ ۾ آبادي تہ نهيو بيراج ايريا جي ماڻهن کي پيٽ جو پاڻي ڪونہ ٿو ملي، ان جا هتي بہ مثال پيش ٿو ڪريان.

(1) ڪجهہ ڏينهن اڳ آئون ۽ منهنجا ڪجهہ دوست جسقم ضلعي سانگهڙ جي صدر نبي بخش شر جي ڳوٺ گرهوڙ شريف وياسين. گرهوڙ شريف جو ڳوٺ سنڌ جي عظيم عوام دوست شاعر ۽

صوفي شهيد عبدالرحيم گرهوڑي جي نالي تي ٻڌل آهي، ان شاعر جو هي شعر سنڌي صوفين جي منشور جو عنوان سمجهڻ گهرجي.

متان کائين کچڻي حاکماڻي هٿان،
رَڌي هوندائون رت ۾ ماري مِسڪينان.

اتي اسان جي دوستن ضلعي صدر کي چيو ته اسان کي پيو کجهه نه گهرجي، برف وارو ٽڏو پاڻي کپي. ان اسان کي جواب ڏنو ته، سائين! برف ته نهيو پر پاڻي به نه ملندو. هتي اسان وٽ پيٽرول لائق پاڻي ئي نه آهي. آئون کوشش کريان ٿو ته منرل واٽر جي بوتل هٿ کريان.

(2) مون کي کالهه ئي منهنجي ڪوٺ مان ٽيليفون تي اطلاع مليو ته ڏُهي ۾ گڏ ٽيل پيئڻ جي گندي پاڻيءَ تان عورتن جو جهيڙو ٿي پيو آهي، چو ته ڏُهي ۾ پاڻي ٿورو هيوءِ دلا پرڻ واريون مايون گهٽيون هيون.

نور محمد کلهوڑي واري سنڌ جي خوشحال سنڌ جو تصور اڄ قائم علي شاهه جي وڏ وزارت جي دور ۾ ائين چو ٿيو آهي؟ سکر بيراجي تعمير وقت انگريزن اهو اعتراض اٽاريو هو ته، بيراج جي تعمير تي ٽيندڙ خرچ سنڌ برداشت نه ڪري سگهندي ۽ اسان جي نمائندن سائين جي ايم سيد، سر شاهنواز پُٽي ۽ خان بهادر ايوب کهڙي دليلن سان ثابت ڪيو هو ته، سنڌ نه رڳو خرچ برداشت ڪندي پر ننڍي ڪنڊ ۾ بچت وارو خوشحال علائقو ثابت ٽيندي. اهو سڄ پاڪستان کان اڳ جو داستان آهي، پر پاڪستان کان پوءِ سنڌ سان جيڪي سياسي ويساهه گهاتيون، اُرهه زورابون ۽ ناانصافيون ٽيون آهن، انهن کي نظرانداز ڪندي، اسان صرف اقتصادي پهلو ڏانهن اچون ٿا. سنڌ جيئن ته بنيادي طرح زرعي ملڪ رهيو آهي ۽ سنڌ جي اقتصاديات زراعت تي ٻڌل رهي آهي. گڏيل هندستان ۾ 1945ع جي واٽر ايگريمينٽ ۾ اهو طئي ڪيو ويو هو ته، سنڌو درياءَ جي پاڻي تي

مڪمل حق سنڌ جو آهي. پنجاب ان مان صرف 25 سيڪڙو پاڻي ڪڍي سگهي ٿو سو به پنجند درياهه وٽ ان کي موٽائي ڏيڻو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجاب پنهنجا ٽي درياءَ هندستان کي وڪڻي ڏنا ۽ انهن جي مليل رقم مان منگلا ڊيم تعمير ڪيو ويو ۽ پوءِ وري عالمي ادارن جي تعاون ۽ مدد سان سنڌو تي تربيلا ڊيم ٺاهيو ويو. نتيجي طور خوشحال سنڌ مان بدلجي بدحال سنڌ ٿي وئي. ان جو جتي اسين پنجابين کي سنڌ دشمن منصوبن جو باني سمجهون ٿا، ان سان گڏ دنيا جي امداد ڏيندڙ ملڪن کي به سنڌ دشمن سمجهون ٿا. انهن کي اهو معلوم هئڻ ڪپندو هو ته جيڪا امداد اسان پاڪستان نالي ٺهيل رياست کي ڏئي رهيا آهيون، سا صرف ان جي هڪڙي حصي پنجاب کي طاقتور بڻائي رهي آهي، نه ئي اها امداد حصيوار سيني تي خرچ ٿي رهي آهي. هارن جي ڪير لاءِ ملندڙ پئسا بمن ۽ ميزائلن تي خرچ ٿي رهيا آهن. ڏڪار ستيل ماڻهن جي سهائتا لاءِ ملندڙ پئسا پنجاب ۾ ڊيم تعمير ڪري سنڌ کي بدحالي ڪرڻ لاءِ خرچ ڪيا ويڻ ٿا. ان ڪري جسقم جي سيني ادارن، تعلقي سطح کان وٺي مرڪز تائين، اهو فيصلو ڪيو آهي ته ڊيمن لاءِ امداد ڏيندڙ حڪومتن جي خلاف احتجاج ڪيو وڃي ۽ هن وقت به پنجاب ۾ يا پنجاب کان مٿان پاشا کان وٺي ٻيا ڊيم تعمير ڪرڻ جي منصوبه بندي شروع ڪئي وئي آهي.

ان تعميراتي ڪم تي خرچ پيرڻ جو چيني حڪومت واعدو ڪيو آهي. ان ڪري اسين 15 جون تي ڪراچي پريس ڪلب آڏو دنيا جي واحد وڏي ڪميونسٽ ملڪ جي پاليسين جي خلاف مظاهرو ڪري رهيا آهيون. اهو مظاهرو مائوزيتنگ جي فڪر خلاف نه پر ان جي فڪر کان انحرافي ڪري قومن کي محڪوم ۽ پاڻي کان محروم ڪرڻ واري چيني حڪومت جي پاليسين جي خلاف آهي. هونئن به فڪر مائوزي تنگ- لينن وانگر ايشيا ۾ ڪو خاص ٻوٽو نه ٻاريو آهي. اڄ بلوچن ۽ سنڌين کي چيني هٿيارن جي مدد سان دٻايو پيو وڃي. ان مظاهري کان پوءِ ٻيا ڏونر

ملڪ. جيڪي خاص ڪري پنجاب کي طاقتور ڪرڻ لاءِ ڊيمن کي تعمير ۾ مدد ڪن ٿا، تن جي خلاف ۽ جدوجهد ڪنداسين. پر هي حيرت انگيز ڳالهه آهي ته ٽاريو هالیپوٽو کان وٺي گوادر تائين، معدني وسيلن سان مالا مال علاقا چين کي ليز تي آهن ۽ انهن ئي وسيلن مان پيدا ٿيندڙ پئسو وري ۽ غريب ماڻهن کي غريب تر بنائڻ لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن وڏا ڊيم ايترا ئي ضروري آهن ته چين ۾ ايترا وڏا ڊيم چو نه آهن. اهي ته اڄ ۽ ڪڏن ۾ پاڻي جمع ڪري رڳو جي پائيپن وسيلي ٻنين کي پاڻي ڏين ٿا.

ان ڪري چين کي پنهنجي قديم تهذيب رکندڙ سنڌ وطن کي پڙپانگ ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي سرڪار کي امداد نه ڏيڻ گهرجي. حقيقت ۾ چيني حڪومت اهڙا قدم ڪٽي دنيا ۾ ڪميونسٽ نظام کي بدنام ڪري رهي آهي. چو ته ڪميونسٽ آزادين ۽ خوشحالين جا پيغمبر هوندا آهن. سوويت يونين اهڙي سلسلي ۾ جدوجهد ڪندي پنهنجو وجود ته وڃايو پر ماڻهن جي ذهنن ۾ آزادين ۽ خوشحالين جا گلاب پوکي ويو. جيتوڻيڪ اڄ هو پاڻ لينن جي تصور وانگر موجود نه آهي، ان بابت ايياز جي لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو ته:

"مڪاسين ته پنهنجي مٽيءَ مان ڦٽندا سرخ گلاب."

يا ايياز جو هي ٻيو شعر ان تي ٽهڪي اچي ٿو ته:

جي تون وڙهندي ماريو ويندين، هن وستي تان واريو ويندين،
دودا تنهنجو ساهه ته ويندو ماڻهوءَ جو ويساهه نه ويندو.

آخر ۾ اسان سنڌي قوم کي خصوصي طور ڪراچي ۾ آباد سيني ماڻهن کي اپيل ٿا ڪريون ته انهي مظاهري ۾ پرپور شرڪت ڪن، چو ته جدوجهد جو پهريون رائونڈ شروع ٿي چڪو آهي. انهيءَ پهرين رائونڈ کي فائينل ۾ پهچڻ تائين ڪاميابيءَ جو پهريون ڏاڪو ٻڌايون!

(ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڪيل تاريخي پريس ڪانفرنس جو متن)

آئون تاريخ جو آواز ٻڌي رهيو آهيان

اڄ آئون توهان سان سنڌ جي تاريخي شهر شڪارپور ۾ مخاطب آهيان. شڪارپور پراڻي تاريخ ۾ ته پنهنجي نفاست ۽ خوبصورتيءَ ۾ سنڌ جو پيرس سڏبو هو سو اڄوڪي تاريخ ۾ شهيد الله بخش سومري ۽ شهيد قيوم منگيءَ جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو. اهڙي شهر ۾ اڄوڪي سنڌ جي زبون ۽ زوال پذير سنڌ جي باري ۾ ڳالهائڻ پنهنجي لاءِ اعزاز سان گڏ ذکوئيندڙ پڻ آهي.

آئون هن وقت سنڌ جي مشاهداتي دوري تي نڪتو آهيان. جيئن سموري سنڌ ڏسي. ان جي معاشي سماجي ۽ قبائلي ڇڪتاڻ جي صورتحال نہ رڳو پنهنجي پارٽي ادارن ۾ پيش ڪريان پر اڄوڪي سنڌ جي طاقتور ميڊيا جي ذريعي سموري سنڌ ۽ سموري دنيا جي اڳيان پيش ڪريان. حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ معاشي ۽ سماجي طرح ابتريءَ جو شڪار آهي ۽ ماٺهو ٻُک، بدحالي ۽ سماجي گهٽ ۽ بوست جي ذريعي خودڪشين ۽ سماجي ڪرائيم جي ور چڙهيل آهن. اهو ان ڪري آهي جو سنڌ وفاق ۾ شامل آهي جيڪا ڪنهن قانون، آئين ۽ اخلاق کان مٿي ٿي. سنڌ جا معدني ۽ قدرتي وسيلا لٽيندي رهي ٿي. انهيءَ ڪلي جارحيت جي خلاف نہ اسيمبلين مان آواز اُٺي ٿو نہ ئي ڪليل طرح اهڙو ڪو آواز اُٺي ٿو جيڪڏهن اهڙي ڪليل اُرهہ زوراڪي بند نہ ٿي، ته پوءِ سنڌ ۾ ڳالهائيندي ۽ انهيءَ ڳالهہ کي ڪوئي روڪي نہ سگهندو. سنڌ جي ماٺهن سوچيو پئي ته سر شاهنواز جي پوٽي وري اقتدار ۾ آئي ته هُوءَ ضرور اسان جي ڏٺن تي مرحم رکندي. اسان جا ڳوڙها اُگهندي ۽ سنڌ جي اُجڙيل چمن کي وري آباد ڪندي. پر ان جي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳي ئي سنڌ جي سينڌ کي پنهنجن ۽ پراون گڏجي اُجاڙي ڇڏيو. هُوءَ جيڪا ڏٺي جي هوائن ۾ گلابي بدن جيان آئي هئي، ان کي ايئن چٽيو ۽ چڇريو ويو جو سندس گلابي چهرو ڏسڻ لائق نہ رهيو ۽ سندس هن قرباني‌ءَ جي نتيجي ۾ جيڪا

حڪومت اقتدار ۾ آئي. ان جي جهول ۾ سنڌ جي غلاميءَ لاءِ ٽانڊا ۽ هٿن ۾ معصوم هارن ۽ عورتن جي اميدن جون مرجهايل مکڙيون آهن ۽ اها هر طرح ڏنل، ڄڪڙيل آهي ۽ ان سان گڏ ناڪام پڻ. اها حڪومت چوي ٿي ته اسان فاٽا ۾ ناڪام آهيون. بلوچستان ۾ ناڪام آهيون. پر آئون چوان ٿو ته اهي انتظامي هر مسئلي ۾ ناڪام آهن. هو مهانگائيءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام آهن. روزگار ڏيڻ ۾ ناڪام آهن. امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪام آهن. دهشتگردي روڪڻ ۾ ناڪام آهن ۽ پرڏيهي پاليسيءَ ۾ پڻ ناڪام آهن. ان سان گڏ انصاف فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام آهن ۽ حڪمرانن جي انهن سڀني ناڪامين گڏجي هن اسٽيٽ کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي. آئون توهان جي ذريعي ناڪام رياست جي ناڪام حڪمرانن کي تنبيهه ٿو ڪريان ته توهان پنهنجين ناڪامين تي پردو وجهڻ لاءِ سنڌ جي قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ ڪري واحد اداري کي مضبوط ڪري رهيا آهيو. اها غير ملڪي حملي جي صورت ۾ اهڙي ثابت ٿيندي جهڙي آمريڪي حملي وقت صدام حسين جي فوج ٿي.

آئون سمجهان ٿو ته توهان اقتدار، طاقت ۽ دولت جي نشي ۾ مدهوش ٿي زميني حقيقتون ڏسڻ کان محروم آهيو. پر آئون تاريخ جو آواز ٻڌي رهيو آهيان. جيڪا توهان جي خلاف فيصلو صادر ڪري رهي آهي. اهو ته عنقريب سنڌ جا رود ۽ رستا، جبل، ٻيلا شهر ۽ ڳوٺ وستيون ۽ واهڻ، گهٽيون ۽ ديوارون ڳالهائڻ لڳندا ۽ انهن کي توهان جو ڪوبه هٿيار خاموش ڪرائي نه سگهندو. ڇو ته اهو ڳالهائڻ. اهي نعرا ۽ اها گجگوڙ ۽ ٽڪاءُ فطرت جو لازوال ۽ اٽڪ آواز هوندا ۽ فطرت جي اهڙي آفاقي آواز کي دنيا جي ڪابه طاقت ۽ ڪوبه هٿيار روڪي نه ٿو سگهي. وقت توهان جي هٿن مان نڪرندو پيو وڃي. تاريخ سرڪش گهوڙي وانگر ڊوڙي رهي آهي ۽ قدرت جو قانون پنهنجو فيصلو صادر ڪرڻ وارو آهي. انهن سڀني شين تي ڏيان ڏيو ماڻهن جي خوشحاليءَ جا وسيلا وفاق لاءِ استعمال نه ڪريو.

✷

تاريڪ راهن ۾ پکڑيل اجالن جا مسافر

ڊاڪٽر صفدر سرڪي منهنجي پارٽي جا جنرل سيڪريٽري ۽ منهنجي جگر جا ٽڪرئو! جيئي سنڌ متحده محاذ جا ڪارڪنؤ! اڄ توهان ڏاڍا ياد اچي رهيا آهيو توهان جيڪي آزادي جا خواب پنهنجي اکين ۾ عشق جي مدهوشي جي ڳاڙهين ريڪائن وانگر کٽي هڪ جاتل سُجاتل منزل ڏانهن وڌيا هيئو ان وقت توهان جي نگاهن ۾ شايد صرف خوبصورت سنڌ جا من مُهٽا ماٺهو جيڪي غلامي جي ذلتن ۾ پنهنجو وقار ويجائي وينا هئا. تن جي چهرن تي آزاديءَ جا خوبصورت جهومر سجائڻ جو اڃانگو پنڌ اُکرڻ جو ارادو توهان جي دلين ۾ ڪنهن ڪُنوار جي ذهن جي پرولي‌ءَ وانگر ڳر موڙيندو هجي. پر شايد ان وقت توهان سنڌ جي مهان ڪوي ايياز جون هي سٽون نه ساريون هجن:

"اي زندگي تون ڪيڏي نه خوبصورت
آهين. هن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦٽڻ ۽
ڪاري‌ءَ چمڪ تي رات ڦٽڻ."

هي صبح ويل پکين جون لاٽيون. جن کي پيغمبر به ڪا معني ڏيئي نه سگهندا آهن ۽ هي سنجها ويل واهرن ڏانهن ورندڙ پکين جا ولر. مال جي چرڻ جي چُرڀ يُڙ ۽ هي ڪُنوارين جي سينن تي هوليندڙ تتر ۽ نيري اُپ تي ڪارونيار جا ڪڪر. آئون اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ مهو هوس. پر اي موتا مون کي ڪهڙي خبر ته تون ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪمان ڪشيو مون کي زندگي‌ءَ جي حُسن کان محروم ڪرڻ لاءِ تيار آهين. پر آئون سمجهان ٿو ته. توهان اهو سڀ ڪجهه محسوس ڪندي ۽ سمجهندي. پوءِ به آزاديءَ جو سفر بلڪل اهڙي طريقي سان ڪيو جيئن سهڻي درياءَ جي دهشت ۽

ڪنن جا ڪڙڪا سُڻندي ۽ ميهار سان ملڻ جي ويلا کي نہ ٽاريو ۽ ان وقت توهان جي ذهن ۾ شايد تنوير عباسيءَ جو هي شعر، جيڪو ان سنڌ جي غلاميءَ ۾ آزادي جي تمنا رکندڙ رُوحن لاءِ چيو هو:

ڪنهن پرهہ اسان کي پاليو هو
هن رات اسان کي روليو آ،
اڄ هيٺا پاڻ وهيٽا ٿي گذرون ٿا،
چتين چولين وانگر جن جو من پئي چاچوليو آ.

جنهن پرهہ جا توهان پاليل آهيو اها يقيناً سنڌ جي آزاديءَ جي پرهہ هئي. اها پرهہ مهاراجہ سهاسي جي دور جي، اها مهاراجہ چچ ۽ مهاراجہ ڏاهر جي دور جي پرهہ هئي، اها پونگر ۽ جام انڙ جي دور جي پرهہ هئي، جنهن ۾ سنڌ آزاد هئي، سنڌ جا چاندپاٽا ماندپاٽا آزاد هئا. سنڌ جا پاڪُر ۽ اکين جا اشارا آزاد هئا، سنڌ جون چاندوڪيون ۽ چيٽ آزاد هئا، سنڌ جو درياءُ آزاد هو ۽ جڏهن سنڌ جو درياءُ آزاد هو، ان وقت ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ سنڌ جي آدمشماري 21 لک ۽ زرعي زمين جي آبادي 30 لک ايڪڙ هئي ۽ ان وقت سنڌ ۾ مڪڙ ۽ ماکي سير ۽ پاءُ جي حساب سان نہ، پر ڪوڏر جي لپن جي حساب سان وڪامندو هو.

توهان يقينن اهڙي خوشحال سنڌ جديد سائنس مطابق تعمير ڪرڻ جي تمنا ڪٽي نڪتا هُيئو پر رات جي رهزنن آزاديءَ جي پرهہ جي ڳل تي پهرين چُمي ڏيڻ کان توهان کي روڪي ڇڏيو. پوءِ ۽ مون کي يقين آهي تہ توهان اردو جي پنجابي شاعر فيض جي لفظن ۾ ائين قطعي ڪونہ چيو هوندو تہ:

ہم جو تاریک راہوں میں مارے گئے،
تیرے ہونٹوں کی چاہت میں،
خشک ہونٹوں کی چاہت میں،
خشک ٹہنی کی ڈالی پر وارے گئے۔

ان جي بدران توهان شيخ ايياز جي لفظن ۾ چوندا هوندئو:

"چنيسر تون چا ٻه چوين،
مان مرڻو ناهيان
ويس متائي ورتُو آهيان
تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان
هر نئين ويس بدل سان
جاري آهي جاري رهندي"

۽ پوءِ شايد سنڌ اهو چيو ته:

"دودا توساهه ته ڏنو
اي سنڌ توکي ويساهه ڏنو"

ها اڄ آئون توهان کي ڏسي ڪونه ٿو سگهان، پر چا ڏسڻ لاءِ صرف اکيون ئي هونديون آهن، روشن دماغ جا خيال نه هوندا آهن، جيڪي ڪئين ڪوٽ اورانگهي، ڪنهن سستي جتي جي من ۾ ڪاٽ هٽندا آهن، تيئن منهنجا خيال انهن تارچر سيلن ۾ توهان تائين پهچن پيا، جن جو سير آئون اڃي ڪري آيو آهيان. توهان وقتي طرح اسان کان وڇڙيا آهيو پر وسريا ناهيو. وڇڙڻ مجبوري هوندي آهي ۽ وسارڻ ڪميٽڊ، توهان منهنجي هانوَ ۾ هر وقت ائين مهڪندا رهو ٿا، جيئن منهنجي پهرين پيار جي پهرين چُمي، جنهن جو تصور اڄ تائين آئون ڪريان ٿو ته، مون کي ايئن ٿو لڳي ايياز جي لفظن ۾:

"مون شينهن جي گوشت سان نيرن ڪئي آهي."

مون کي يقين آهي تہ نئين سنڌ جا پُٽ ۽ ڌيئرون توهان کي ضايع ٿيڻ نہ ڏيندا، توهان جيڪي اڄ جي دور جا غدار سڏجو ٿا، تن جو (سياٽي پاڪستان جا حڪمران) مولانا آزاد جي لفظن ۾ "توهان جو محب وطن انقلابين جي حيثيت ۾ استعمال ڪندا." اهڙي نئين سنڌ تيار ٿئي پئي ۽ ان ۾ ڪٽڻ ۾ نہ ايندڙ ماڻهن جو ڪردار آهي، توهان يقينن موٽي ايندئو پر ان وقت توهان جي ڪچين ۾ گُلن جا هار نہ پر ڪڪوريل ٻانهن جا هار هوندا.

بس اڄوڪي ياداتي ختم ڪيان ٿو.

✷

انتقام هيئن ۾ وٽبو آهي

اها تاريخ جي ڏاڍي ستم ظريفي آهي تہ انساني تاريخ ۾ جڏهن کان بادشاهي دور شروع ٿيو آهي. ان وقت کان اقتدار، اختيار تڪ ۽ تاج لاءِ جنگيون، جهيڑا، فتحون ۽ شڪستون هن ڪائنات ۾ زماني جي سُفيد دامن تي رت هاڻا داغ ٻڌجي، پنهنجا نشان/ اثر ظاهر ڪندا رهيا آهن. انهيءَ سموري عمل ۾ فاتحن طرفان شڪست کاڌل ماڻهن سان انتقام جا اهي ويل وهايا ويا آهن، جن کي محسوس ڪري انسانيت پنهنجي گوڏن ۾ مُنهن لِڪائي ائين روئندي رهي آهي، جيئن ڪو صوفي مراقبي ۾ مُنهن وجهي پنهنجي زندگي جي گذريل گهڙين تي پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندو آهي.

اهو دور تاريخ ۾ ڪروڙها سالن تائين هليو ۽ جڏهن يثرب جي وادي ۾ اسلام جو نور پکڙيو تڏهن دنيا قرآن جي هولي ۾ ڪِن نون لفظن کان واقف ٿي، مثال طور: رحم، عدل، انصاف، پائيچارو ۽ ماڻهپو پر اهو دور عملي طرح ڏاڍو مختصر رهيو ۽ پوءِ اهي لفظ ڪوکلا ٿي ويا، بلڪل ائين، جيئن عصمت وجايل وئيشيا جو گهونگهٽ ۽ وري اهو ساڳيو انتقام، وحشت، هيڇ ۽ ڏاڍ مڑسي جا ڪارا ڪڪر، پرهہ جي پاند تي چائنجڻ لڳا ۽ ڪنهن ڪُنواريءَ جي سُفيد مُرڪ تي رت هاڻا داغ ٻڌجي ويا، مختلف دورن ۾ قومن جي انتقامي ڪارروائين کان پوءِ ننڍي کنڊ ۾ ڪجهہ مسلم بادشاهن جيڪي ويل وهايا ۽ انتقام جون نيون نيون شڪليون ايجاد ڪيون، انهن کي ڏسي چنگيز ۽ هلاڪو جا رُوح بہ ڏڪي ويا هوندا. ان ۾ تغلقن، خلجين ۽ مغلن جيڪي ويل وهايا، سي تہ پنهنجو مٽ پاڻ

آهن. ۽ آئون يقين سان چوان ٿو ته ننديي کنڊ ۾ ٻين. مسلمانن سان ايڏي تعدي نه ڪئي. جيڏي خود مسلمانن. مسلمانن سان ڪئي. جيتوڻيڪ شيواجي. مهاراجه پرتاب سنگهه وغيره. پر جيڪي ظلم محمد شاهه تغلق ۽ اورنگزيب پائرن ۽ پنهنجن ماتحتن سان ڪيا. تن جون شاهد دهلي جون ديوارون ۽ گوالیار قلعي جا برج آهن. بهرحال مسلمانن پاڪستان نالي ملڪ حاصل ڪيو ۽ بدقسمتي سان پاڪستان ٺهڻ شرط انتقام جو سلسلو شروع ٿي ويو.

جيتوڻيڪ پاڪستان جي باني کان وٺي انتقام جو سلسلو شروع ٿيو. جنهن خان بادشاهه. سائين جي. ايم سيد. خان آف قلات. حسين شهيد سهروردي کي پنهنجي بيمار انا جي اڏي تي ڪُنو ۽ جناب ذوالفقار علي ڀُٽي سنڌي قوم پرستن. بلوچ جانبازن ۽ ڪميونسٽ سرفروشن سان ۽ پيرپاڳاري صاحب جي حُرن سان جيڪي ويل وهايا. سي اڄ جي سنڌي قلمڪارن کي نظر ئي ڪونه ٿا اچن ۽ انهن ڪوتاهه قد قلم ڪارن جي نظر صرف جام صادق علي ۽ ارباب غلام رحيم تي پهچي ٿي.

جام صادق علي جي باري ۾ مون کي گهٽي ڄاڻ ناهي. پر ارباب جي انتقامي ڪارروائين جو داستان اڄ ٻه مولوي نيڪ محمد نهڙي کان وٺي ابڙي صاحب تائين جي قلمن تي طاري آهي. ٿر جي حوالي سان آئون اهو چوندس ته ارباب صاحب کي سادي ٿري هجڻ جي حيثيت ۾ انتقام وٺڻ جو ڏنگ ئي نه ايندو هو پر اڄ جڏهن جمهوري حڪومت آئي آهي. ان جيڪي انتقام جا طريقا ايجاد ڪيا آهن. مثال طور: عمرڪوٽ ڏگري ڪاليج مان قابل ۽ لائق استادن کي بدلي ڪري شڪارپور ۽ ڪنڊڪوٽ ۾

رکيو ويو آهي ۽ سنڌ جي ارڙهين گريڊ جي آفيسر محمد صادق راڄڙ کي گرفتار ڪري پنج ڪلو چرس بنا لائسنس ڪلاشنڪوف جي الزام ۾ جيل ۾ واڙيو ويو آهي.

ان وقت ۾ آئون سوچڻ تي مجبور آهيان تہ ارباب صاحب توکي تہ انتقام ونڻ ئي نہ ايندو هو جيڪڏهن توکي انتقام ونڻ جا اهي جديد طريقا اچن ها تہ. محمد خان لُنڊ اڄ ٿر جي ماڻهن تي ڪيس ڪرائڻ بدران خيرپور سينٽرل جيل ۾ 15 سالن تائين بنا ضمانت پيو هجي ها. پر مون کي حيرت اسان جي انهن قلمڪارن تي آهي، جيڪي ان معاملي تي ذرو بہ ڪونہ ٿا ڪُچن تہ. هڪڙو ارڙهين گريڊ جو آفيسر 5 ڪلو چرس ڪيئن قاسم آباد جي فليٽ تي رکيو ويٺو آهي ۽ جنهن ماڻهو کي ڪنهن هٿيار جو لائسنس ڏيڻ جو اختيار هجي، اهو پڳل ڪلاشنڪوف بنا لائسنس جي ڪيئن رکيو ويٺو آهي ۽ مون کي ڏک آهي هڪ پوليس عملدار تي، جنهن تي ڪجهہ مهينا اڳ 'عبرت' اخبار ۾ مون هڪ طويل مضمون "سنڌ جا مثالي پوليس آفيسر" جي عنوان سان لکيو هو ۽ شايد سمجهي ويو هجي تہ ارباب جي دور حڪومت ۾ حڪومت ارباب جي هئي ۽ هن دور ۾ حڪومت قائم علي شاهہ جي نہ پر ڪنهن ٻئي شخص جي آهي.

بهرحال سنڌ جي تاريخ ۾ بہ انوکا مثال آهن تہ. ڪاڇي جي شينهن عبدالحميد خان جتوئي کي ذوالفقار علي ڀُٽي مينهن جي چوري جي ڪيس ۾ گرفتار ڪرايو هو ۽ شير خان راڄڙ جنهن کي عام طرح شيخيو راڄڙ چيو ويندو آهي، جنهن جي نالي ٻڌڻ سان ليمبرڪ جا هڏ اڄ بہ قبر ۾ ڪڙڪاٽ ڪندا هوندا. ان جي پوئلڳ کي مرزا باقي جي هم ذات چرس جي ڪيس ۾ ٻڌرايو آهي

۾ ان تي اسان جي قلمڪارن طرفان مجرمانہ خاموشي ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي. ۽ آئون پنهنجي سنڌ جي بهادر پريس کي اپيل ڪندس تہ نام نهاد جمهوريت ۽ آمريت کان قطع نظر، جيئن اڳ ۾ مختلف مسئلن تي مظاهرو ڪيو آهي، هينئر بہ پنهنجي فرض کي پرپور طريقي سان ادا ڪري. باقي اڳوٽي چاچڪان ۽ موجوده بدين سان بن مرزائن جو سلوڪ آئون ٻئي ڪنهن مضمون ۾ تاريخ جي روشني ۾ لکندس.

✷

ايئن نہ ماريو يار...

سنڌ جيڪا تاريخ ۾ تهذيب ۽ علم جو مرڪز ليکي وئي آهي، ان ۾ علم ۽ تهذيب جي ارتقائي سفر کي اڳتي وڌائڻ لاءِ انيڪ ماڻهن مان هڪ منفرد ماڻهو جي ايم سيد جي نالي دنيا ۾ اڄ مشهور آهي. ان ماڻهو ڪراچي کان وٺي لوڙيون سمون تائين علم ۽ ادب وڌائڻ لاءِ ڪيترائي ادارا قائم ڪيا ۽ انهن ادارن جي قيام ۽ هلائڻ لاءِ اديبن، شاعرن ۽ محققن ۾ هڪ انڊلٽ تيار ڪئي. ان ئي ماڻهن جا مٿا ڳٽڻ بدران انهن جا دماغ تورڻ جو ادراڪ سندس قائم ڪيل ڪيترن ئي ادارن مان هڪڙو ادارو سنڌي ادبي بورڊ به آهي. انهيءَ بورڊ کي هلائڻ لاءِ هن سنڌ جي بهترين عالمن جي هڪ فوج تيار ڪئي، جيڪا سياست ۽ پئسي جي لالچ کان بالاتر هئي ۽ هو جيستسائين متحرڪ رهيو ان وقت تائين ادبي بورڊ سواءِ ليکڪن کي معاوضي ڏيڻ جي، باقي ڪوبہ خرچ بورڊ تي نہ وجهندو هو. پوءِ هڪڙو دور آيو جنهن ۾ اُهي ماڻهو اقتدار ۽ اختيار جا مالڪ بڻجي ويا، جن علم ادب کي سياست جي تابع ڪري ڪرائي جا ليکڪ پيدا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ سنڌ جي هن شاندار اداري کي سنڌ جي علم تهذيب بدران پنهنجي خسيس ۽ غلامانہ سياست جي تابع ڪري هلائڻ چاهيو.

انهن ماڻهن جو اعتبار ماڻهو جي شعور ۽ ادراڪ جي بدران انهن جي مٿن ڳٽڻ تي بڏل هو چو تہ اهي پاڻ علم ۽ تهذيب کان عاري هئا. ان ڪري بورڊ کي علمي ۽ تهذيبي شعبن ۾ ورهائڻ بدران مختلف عهدا ايجاد ڪري انهن تي پنهنجي من پسند ماڻهن کي ڳرين پگهارن ۽ رعايتن تي مقرر ڪندا رهيا، جن کي لطيف جي هڪ ست بہ پنهنجي ازلي ۽ ابدي مفهوم سان سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي، ۽ اهي ساڻيا ماڻهو ساڻئي وقت

تي جمهوريت جھڙي خوبصورت تصور جا زباني دعويدار هئا ۽ انهن جمهوريت قائم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ڪيترن ئي مردن، عورتن ۽ نوجوان اديبن کي سالن جا سال ٻُکن ۽ ڏُکن ۾ سفر ڪرڻ تي مجبور ڪيو هُنن ايندي شرط پهريون ڪم ۽ وار سنڌ جي علمي ۽ تهذيبي ادارن تي ڪيو. انهيءَ وار جو شڪار سنڌي ادبي بورڊ جو نوجوان سيڪريٽري اعجاز منگي ٿيو جيڪو جڏهن لکندو آهي تہ ائين محسوس ٿيندو آهي، جڙ ڪوهہ ڪاف جي پريءَ جي ڪچيءَ ۾ بدخشان ۽ بلخ جا هيرا ۽ موتي جوڙيندو ويندو آهي. جڏهن ڳالهائيندو آهي تہ اُڀ جا ستارا هن جي چپن کي چمڻ لاءِ هيٺ لهي ايندا آهن ۽ جڏهن ڪنهن ڪتاب کي ترتيب ڏيندو آهي، ان وقت ائين لڳندو آهي، جڙ هِرڪ جو تاکيو ويڑهجي توهان جي سامهون آيو هجي ۽ جڏهن بہ بورڊ جو ڪو ڪتاب ڇپائي يا بائيڊنگ جي سلسلي ۾ بيسرو ۽ بي ڊنگو هوندو هو تہ هن جي پيشاني تي اهڙا گُهنج پئجي ويندا هئا، جڙ تہ ٿر جو گولاڙو ڳاڻيري سان ڀڪجي پنهنجي ڊيگهہ ۽ ويڪر وڃائي ويٺو هجي.

ان شخص جي خلاف هڪ هٿرادو مظاهرو ڪيو ويو هڪڙي اهڙي اديب جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪو ادبي بورڊ ۾ هوندي ڪنن ۾ والا پائيندو آهي ۽ وارن کي بازاري عورتن وانگر ربين هٽندو آهي ۽ انهيءَ مظاهري جي آڏار تي سنڌ جي نهڻي وزير اعليٰ سيد قائم علي شاهہ اعجاز منگي جهڙي اعليٰ تخليقي صلاحيتن جي مالڪ کي برطرف ڪري ڇڏيو. موجوده پيپلز پارٽي ۾ آئون سيد قائم علي شاهہ جي عزت ڪندو آهيان، جو جڏهن، 16 فيبروري 2007ع تي ايجنسين مون کي دوستن سميت گرفتار ڪيو ۽ انتهائي توهين آميز سلوڪ ڪيو ان وقت سيد قائم علي شاهہ واحد ماڻهو هو جنهن اهڙي ورتاءَ جي خلاف

پريس ڪانفرنس ڪندي هڪ عالماڻ بيان ڏنو هو تہ "آريسر سان پاڪستاني ايجنسين اهڙو سلوڪ ڪيو آهي، جهڙو پنوشي جي فوج چلي ۾ پئبلو نرودا سان ڪيو هو." اُن وقت آئون ڏاڍو خوش ٿيو هئس تہ پيپلز پارٽي ۾ بہ اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي علم ۽ ادب جو قدر ڪن ٿا.

قائم علي شاهہ جي انهي بيان جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب "روءِ داد هڪ رات جي" ۾ بہ ڪيو آهي، جيڪو ڇپجي چڪو آهي، پر انهيءَ ساڳئي ماڻهو هن وقت جيڪو برتاءُ اعجاز منگيءَ سان ڪيو آهي، سو بہ ڳنن ۾ والا پائيندڙ ۽ وارن ۾ ربين ٻڌندڙ هڪ "رائيٽر" جي مظاهري تي، سو بہ بنا ڪنهن سبب جي، ان تي آئون پنهنجي يار قاسم پٽر جي ڪهاڻي جو هي عنوان لکان ٿو: "ائين نہ ماريو يارا!" بس جيڪڏهن توهان! ڪن سيڪسي مريضن جي چوڻ تي سنڌ جي ذات ڏٽين کي ايئن دربدر ڪندا رهيو تہ شايد تاريخ جو بي رحم وهڪرو توهان کي بہ دربدر ڪري ڇڏي، جڏهن توهان دربدر ٿيندا آهيو تہ اعجاز منگي سميت سمورا ذات ڏٽي پنهنجي قلم کي علم ٻڌائيندا آهن ۽ رومالن کي احتجاجي بينر ٻڌائي ڇڏيندا آهن، پر جڏهن بہ اسان اهل قلم جو قافلو دربدر ٿيندو آهي تہ ڪارونجهر جا مور تہ رڙندا آهن پر توهان جي محفلن ۾ ويٺل علم ۽ ادب دشمن بي سُرا ٽهڪ ڏيندا آهن، انهن ٽهڪن ۾ نہ تخليق جو نغمو هوندو آهي ۽ نہ ئي شاعري جي مڌرتا، پر صرف شيطاني رقص هوندو آهي ۽ جيڪڏهن توهان جو اهو رويو رهيو تہ پوءِ هاڻوڪي توهان جي دربدري ۾ سنڌ جون فضائون بہ ڳوڙها ڳاڙڻ بدران فاتحانہ ٽهڪ ڏينديون. اهڙن مانهن جو قدر ڪريو ۽ غلطين جو اعتراف ڪريو چو تہ ڏاها سياستدان پنهنجي غلطي جو اعتراف ڪرڻ وقت جرڻ تہ پلصراط تان گذري ويا.

هيرا تہ ڏسو ڪنڪرنہ هٽو
وري نہ ايندو هي وڻجارو
ڪجھ ڏات ڏسو پوءِ بات ڪيو
هي شور اجايو آ پيارا.

باقي اعجاز منگي کي قدرت اها ڏات ڏني آهي تہ هو پير جي اڳوڻي ۾ قلم جهلي ڪجھ لکي تہ انگريزي، اردو ۽ سنڌي اخبارن جا ايڈيٽر ان سِٽ کي پنهنجي اکين تي رکندا آهن.

✷

تقريرون

جناب صدر نوجوان ساٿيو لطيف جا وارٿو جيئي سنڌ.

آئون "جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن" شهدادپور جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي لطيف جي ورسيءَ تي سندس حضور عقيدت پيش ڪرڻ جو موقعو عنايت ڪيو آهي. هن جاءِ تي ماڻهن جو ايڏو وڏو اجتماع ڏسي آئون ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. انهيءَ خوشيءَ جا ٻه سبب آهن.

پهريون: دنيا جي شايد ئي ڪنهن شاعر جي ورسي تي هيترا ماڻهو گڏ ٿيندا هجن. ڪجهه وقت اڳ ايران سينٽر طرفان ڊاڪٽر اقبال جي ورسي ملهائي وئي هئي. انهيءَ ورسي جي جلسي گاهه جي چوڌاري مسلح پوليس وارا بينل هئا ته جيئن جلسي ۾ گڙٻڙ پيدا نه ٿئي. جلسي جي صدارت سنڌ جو مشهور مورخ سيد حسام الدين راشدي ڪري رهيو هو. جڏهن آئون پنهنجي هڪ دوست سان گڏجي پير صاحب جا خيالات ٻڌڻ ويس ته دروازي تي بينل پوليس واري اسان کي اندر وڃڻ کان روڪي ڇڏيو. مون پنهنجي دوست کي چيو ته اهو شخص پاڪستان جو قومي شاعر ڪهڙي ريت ٿي سگهي ٿو جنهن جي ورسي بندوق جي پاڇي هيٺ ملهائجي رهي هجي؟ پر ڪاش! اڄ ڪوئي اقبال جي وارثن ۾ ان جي ورسي ملهائيندڙن کي ونڊي اچي سنڌ جي قومي شاعر جي ورسي ڏيکاري ته ڪٽان ڪٽان کان ماڻهو ڪهي اچي لطيفي لات جي خوشبوءِ جهٽڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن، جڏ ته ماکيءَ جون مکيون آهن، جيڪي ڪنهن مٺيءَ رس چوسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيون آهن يا ڪنهن مڇ تي پتنگن پهه ڪيو آهي.

آئون هتي استيج تي ٻيهي، جڏهن سامهون نهاريان ٿيو ته اوهان جي پٽڪن جو نظارو نه معلوم منهنجي دل ۾ ڪهڙو ولولو پيدا

ڪري رهيو آهي. جنهن کي آئون لفظن جو ڪوبہ صحيح رُوپ ڏئي نٿو سگهان. اوهان جا پٿڪا ڏسي ائين ٿو محسوس ٿئي، جڙ گلاب جي گلن جي هار ۾ موتئي جا گل يا ٻاٽ اونداهي رات ۾ روشن تارا يا مارئي جي ملير ۾ ڪُنيين جون قطارون. يا حفيظ قريشيءَ جي لفظن ۾ ڦٽين جو فصل. اوهان جي انهن پٿڪن سان سنڌ جي تاريخ جي ڪهاڻي وابسته آهي. اوهان جي انهن پٿڪن جي ور ور ۾ شاهہ لطيف جي شعرن جون مصرعون سمايل آهن. اوهان جي پٿڪي جي هر وڪڙ تي سنڌ جي تاريخ جو ورق لکيل آهي. اهو پٿڪو سنڌ جي سلامتي جي نشاني ۽ سنڌ جي تهذيب جي بقا جو اُهڃاڻ آهي. هر دور ۾ حملي آورن جي اها ڪوشش رهي آهي تہ هُو ڪنهن طرح اوهان جي پٿڪي کي لاهڻ ۾ ڪامياب ٿين. تاريخ شاهد آهي تہ يونانين سنڌ تي ڪاهيو ۽ اوهان جي پٿڪي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. ايراني آيا هنن اوهان جي پٿڪي ۾ هٿ وڌا. عرب سڳورا آيا، هُنن اوهان جي پٿڪي سان هٿ چراند ڪئي. غزنوي آيا هنن توهان جي سفيد پٿڪي کي خاڪ آلود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ارغون آيا ۽ هنن اوهان جي وينل خوبصورت مٽن تان پٿڪو لاهي، ان جي عيوض ڇيٽ جو ڳاڙهو رومال ٻڌڻ لاءِ زور پريو. ترخان آيا، انهن بہ پٿڪي سان کونس ڪئي. مغلن اوهان جي پٿڪي کي ختم ڪري، ان جي جاءِ تي مرزا غالب ڪٽ ٽوپيءَ کي رواج ڏيڻ گهريو ۽ آخر ۾ انگريز سامراج بہ اڳين سامراجين جي نقش قدم تي عمل ڪيو. ليڪن اهي سڀ ڪامياب ٿي نہ سگهيا ۽ اوهان پنهنجي پٿڪي جي حفاظت اهڙي تہ بهادري، جُرئت ۽ دليري سان ڪئي، جهڙي طرح ڪو محب وطن انقلابي ويڑهاند ۾ وڙهندي وڙهندي پنهنجي جهنڊي جي حفاظت ڪندو آهي. اڄ بہ ڪَن ڏارين سامراجي ايجنٽن ۽ پنهنجن غدارن جي اها ڪوشش آهي تہ هو اوهان

جي متن تان پٽڪو لاهي. ان جي جاءِ تي رامپوري يا چيني ڪيپ پارائي. اوهان کي پنهنجي ڏرتي تي ڏاريو بنائي ڇڏين. ليڪن مون کي اوهان جي خوبصورت اکين ۾ پٽائي جي فڪر جي جوت ائين جلندي محسوس ٿئي ٿي. جيئن ڪنهن ڪُنواريءَ جي اکين ۾ جوانيءَ جون ريکائون. انهيءَ مان مون کي پڪ آهي تہ اوهان تاريخ جي هر دور وانگر انهيءَ تهذيبي ڏاڙي ۾ بہ ڏاڙيلن کي شڪست ڏئي. پنهنجي پٽڪي جو مان مٿي ڪندو. جو تہ اهو اوهان جي عزت جو نشان. اوهان جي غيرت جي علامت ۽ سنڌ جي وجود جي نشاني آهي. منهنجي خوشيءَ جو ٻيو سبب هي آهي تہ آئون اڄ ضلعي سانگهڙ ۾ لطيف جو پيغام پيش ڪري رهيو آهيان. سانگهڙ ڇا آهي؟ سانگهڙ دنيا جي جاگرافي جي نقشي ۾ ڳاڙهو ٽپڪو آهي. سانگهڙ جنگ آزادي جي تحريڪ ۾ مسلح جدوجهد جو نشان آهي. سانگهڙ برٽش سامراج خلاف باغيانہ للڪار ۽ انقلاب جو گيت آهي. سانگهڙ سنڌين جي هٿ ۾ ظلم جو گلو ڪپيندڙ خنجر آهي. سانگهڙ جنهن مان سيد احمد شهيد کي وفادار ساٿي مليا. سانگهڙ جنهن جي ٻيلن ۾ ويهي بهادر سنڌين. انگريزي سامراج ۽ ان جي دلالن. چاپلوسن ۽ چمچن کي ٽوڙا ڇٻايا. آئون اڄ بہ تصور جي ڪنن سان مکيءَ جي ٻيلي مان ڇڻندڙ گوليءَ جو آواز ٻڌي رهيو آهيان. جيڪا سنڌ تي غاصبانہ قبضو ڪندڙن جو هينئون چيري نيست و نابود ڪري رهي آهي. آئون اڄ بہ تصور جي اک سان رت جا اهي ڦڙا ڏسي رهيو آهيان. جيڪي سنڌي حريت پسندن جي جسمن مان وهيا هئا ۽ مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي تہ. اهي ڦڙا ناهن پر مينهن ونڍي کان پوءِ پالوا جي ٻٽ تي مينهن وسڻ جي قطار آهي. يا ڪنهن خوبصورت هٿ تي مينديءَ جا ڇٽ. يا ڪنهن پرينءَ جي پيشاني تي ڳاڙهي تلڪ يا اونداهي ۾ ڏيئن جون قطارون يا خليفي نبي بخش جي

ڪيڏاري جا بيت. سانگهڙ جا سورهيو! اوهان کي اهو ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ جي خوشحاليءَ جي تحريڪ هلائيندڙ جيئي سنڌ وارا اوهان جا دشمن آهن. ٿورو سوچيو اسان اوهان جا دشمن ڪيئن ٿا ٿي سگهون؟

اوهان سان دشمني معنيٰ سنڌ جي تحريڪ آزاديءَ سان دشمني. اوهان سان دشمني معنيٰ سنڌي قوم جي هڪ حصي سان دشمني. اسان جيئي سنڌ جي ادنيٰ ڪارڪنن جي حيثيت ۾ اعلان ٿا ڪريون ته. جڏهن مکيءَ جي ٻيلي ۾ ڪنهن فوجي بوٽ جي موجودگيءَ جو احساس ٿو پيدا ٿئي ته. ان وقت جڏ ڪنهن ڳوريون ڳوريون ڇپون اسان جي سينن تي رکي ڇڏيون هجن. اوهان کي جيڪا گولي لڳي ٿي، ان جو نشان اسان پنهنجي هانءَ ۾ محسوس ڪريون ٿا. اوهان جي ڳچيءَ ۾ جيڪو ڦندو وڌو وجي ٿو ان جا وڌ اسان پنهنجي نڙگهٽ ۾ محسوس ڪريون ٿا ۽ اوهان جي پير ۾ لڳندڙ ڪنڊي جو ڦٽ اسان پنهنجي دل ۾ محسوس ڪريون ٿا، پر اوهان ايترو ٻڌايو ته اها سانگهڙ ڪٽي آهي، جنهن جي نالي ٻڌڻ سان لئمبرڪ ۽ آئوٽرام جي ڏاڏن جون هڏيون سندن قبرن ۾ ڪڙڪاٽ ڪنديون محسوس ٿيندیون هيون. انهيءَ سانگهڙ کي اڄ آئون لطيف جي پيغام جي ڏياڻين جي روشنيءَ ۾ ڳولڻ آيو آهيان. شايد انهيءَ سانگهڙ کي نشو کارائي سمهاريو ويو آهي. ليڪن مون کي يقين آهي ته اها سانگهڙ وري ڪنهن الهڙ ڇوڪريءَ وانگر آرس پيجي اُٺندي ۽ پوءِ مکيءَ جي ٻيلي ۾ ڪنهن فوجي بوٽ جو نشان نه هوندو. هن ڌرتيءَ جا اصلي وارث پنهنجي ماڳ موٽندا. لوڙهن جي جاين تي سنڌ جي حفاظت جا مورچا هوندا ۽ اهو دور لطيف جي پيغام تي مڪمل عمل جو دور هوندو. انهيءَ مختصر ڳالهه ٻولهه کانپوءِ آئون شاهه لطيف جي شاعري ۽ فڪر تي ڪجهه ڳالهائيندس.

پهرين ڳالهه: شاهه جي فڪر ۽ پيغام جا ٻه روپ آهن. هڪ سنڌ لاءِ ۽ ٻيو پوري دنيا لاءِ. سنڌ لاءِ هن جو پيغام قوم پرستي ۽ وطن دوستي وارو پيغام آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هو ڪنهن به باهرئين حملي ۽ مداخلت کي ڏڪار ۽ نفرت جي نظر سان ڏسي ٿو. هن جي خيال ۾ سنڌ مڪمل طرح هڪ تاريخي ۽ جاگرافيائي سرحدون رکندڙ ملڪ آهي ۽ ان جا رهواسي هڪ قوم آهن. سنڌ تي حڪمراني ۽ سنڌ جي گذرمعاش جي وسيلن تي پهريون ۽ آخري حق سنڌين جو ئي هئڻ گهرجي. شاهه سُر مارئي ۾ وطن دوستيءَ جو جيڪو لازوال پيغام ڏنو آهي، ان ۾ حب وطن سان گڏوگڏ باهرين حملن جي ڪري سنڌ جي ماڻهن جي جيڪا اقتصادي تباهي ٿي هئي، تنهن شاهه لطيف جي جيءَ کي جهوري ڇڏيو ۽ هن انهيءَ اقتصادي تباهي جو زوردار نموني ذڪر ڪيو آهي. هو جڏهن ڏونرن، پيرُن، پُسين، پڪن، لُلرن، لنبن، سِگُرن ۽ ڏُٽ جو ذڪر ڪري ٿو، ان وقت حقيقت ۾ هو رڙيون ڪري ٻڌائي ٿو ته منهنجا مارو منهنجي وطن جا ماڻهو ۽ منهنجي ڌرتيءَ جا سپاجها سانگي، اهي شيون ڪائڻ تي مجبور آهن، نه ته هي به خوشحال ۽ ڪلندڙ هئا. هنن جي جسمن تي به ڪپڙا هئا، پر اڄ هنن کان خوشي ۽ خريد وسري وئي آهي ۽ هو ليڙون ليڙون لٽا پائڻ تي مجبور آهن. انهيءَ جو سبب صرف ڌارين جو تسلط ۽ قبضو آهي. پر انهيءَ غريبي ۽ مسڪيني هوندي به سنڌين ڌاري زبان، ڌاري تهذيب ۽ ڌارين جي خوشامد ڪري، خوشحالي ونڻ بدران حاڪمن سان عدم تعاون وارو جيڪو رويو اختيار ڪيو هو تنهن سان شاهه جي من ۾ پنهنجي ماڻهن سان محبت جا ڪنول نسرڻ لڳا هئا. ۽ هن وطن جي شاعر ۽ فلاسفر جي حيثيت ۾ پنهنجن ماڻهن کي اهو ٻڌايو ته اوهين (ڪٽيري مون کي خوب وٽو ٿا) آئون اوهان سان محبت ڪريان ٿو. بجاءِ انهيءَ جي اوهين جيڪڏهن پنهنجي عزت

وڪڻي، غيرت نيلام ڪري ڏارين جا دلال ٻڌجي. خوشحاليءَ جي زندگي گذاريندوءِ ڏارين جي اهل ڪندوءِ تہ اوهان ۾ ءِ ليلا ۾ ڪوبہ فرق نہ رهندو جنهن مٽيي جي عيوض پنهنجو ڪانڌ وڪڻي ڇڏيو هو. پر انهيءَ جو مطلب اهو نہ آهي تہ شاهہ صاحب سنڌين کي انهيءَ غلامي ءِ ذلت جي زندگي تي قناعت ڪري ويهي رهڻ جو سبق ڏنو آهي. هن انهيءَ زندگيءَ کي يڪسر تبديل ڪرڻ، ڪوٽ ڪيرائڻ، ظلم جي پاڙ پٽڻ، پاڻ ۾ اتحاد ءِ ٻڌي پيدا ڪرڻ، پکين وانگر آزاد فضائن ۾ زندگي گهارڻ جو سبق ڏنو آهي. اسان کي بہ ايري سيري حال ۾ گهاريندي، سنڌ جي مفادن تي سوديبازي نہ ڪرڻ گهرجي ءِ حالتن کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڪڌهن مارئي وانگر عدم تعاون، ڪڌهن سسئي وانگر ٻاکوڙ ءِ جدوجهد، ءِ ڪڌهن راڻي وانگر دليري ءِ ڪڌهن مومل وانگر ايثار کان ڪم وٺڻ گهرجي، جيڪي ماڻهو شاهہ جي پيغام جي تحريڪ هلندي سودي بازيون ڪري، حڪومت جا دلال ٻڌجي، سنڌ کي وساري رُکي ءِ سُکيءَ بجاءِ پرمٽون وٺي، ست رچيون ڪائڻ جي تمنا ڪن ٿا ءِ وقت جي عمرن سان سمجهوتي بازي ڪن ٿا، سي حقيقت ۾ شاهہ جي رسالي کي لتن هينان لتاڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ءِ اهي ماڻهو جيڪي ڏکئي وقت تي پنهنجن گهرن ۾ ائين لڪن ٿا، جيئن مشرق جي ڪُنواري چوڪري پنهنجو گناهہ لڪائي، سي شاهہ جي معيار مطابق غلط بزدل ءِ گيدي آهن.

شاهہ سنڌ جي نوجوانن کي پٽڪا چيلهين سان ٻڌي، جڏهن نادر شاهہ جي ڪٽڪن سان وڙهندي ڏٺو آهي، ان وقت خوشيءَ ۾ ائين پرجي ويو آهي، جيئن واريءَ جو هرڻ پلر جي پاٽيءَ کي ڏسي خوش ٿيندو آهي ءِ سنڌي نوجوانن جي خصوصيت ءِ خوبي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏيا،
ڪارا ڪند هٿن ۾، آڙل وڇيرا هيٺ،
ٽي تنينءَ سين ڏيٺ، موٽڻ جنين مهڻو.

۽ جڏهن سنڌ جي نوجوانن کي هن جنگ ڪندي ڏٺو آهي، انهي وقت جيئن هڪ جرنيل پنهنجن سپاهين کي اُپاري، تيئن اُپارينديِ چوي ٿو:

"سُورهيه مرين سوڀ کي تہ دل جا وهم وسار."

مون کي انهن ماڻهن تي حيرت ۽ ڪاوڙ ايندي آهي، جيڪي سنڌي نوجوانن کي انهن جي ڪنهن جرئتمندانہ فيصلي ۽ ڪم تي خراج تحسين پيش ڪرڻ بجاءِ، 'سنڌ جا ويري' سڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن کي شاهہ جي پيغام جي يا تہ پروڙ ڪانهي يا نرم لفظن ۾ مصلحت پسنديءَ جو شڪار آهن.

پي ڳالهہ: قوم پرستي ۽ وطن دوستيءَ جي راهہ ۾ جيڪي رُڪاوٽون هيون، شاهہ صاحب تن کي بہ ختم ڪندو هليو آهي. هن جي خيال ۾ مذهبي ڇڪتاڻ جيڪا بعض مولوين جي طرفان پيدا ڪئي وئي هئي، سا سنڌ جي قوم پرستيءَ جي راهہ ۾ رُڪاوٽ بڻجي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب ٻڌايو تہ اصلي شئي آهي سونهن ۽ سچ جي تلاش ۽ حاصلات. پوءِ اها ڪهڙي طريقي سان بہ ٿئي. پرواني کي شمع گهرجي، پوءِ اها مسجد جي هجي يا مندر جي. عشق کي حُسن گهرجي پوءِ اهو ڪنهن جي سرمگين نگاهہ ۾ هجي يا ڪنهن جي منڙي مرڪ ۾. فضائن ۾ ڪڪرن جي لڪ لڪوٽي ۾ هجي يا ڪنهن معصوم جي خوابيده مشڪ ۾. بهرحال حُسن آهي، انهيءَ ڪري شاهہ صاحب چيو تہ:

هڪ قصر در لک کوڙين ڪٽس ڳڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن سڄڻ سامهون.

يا سامين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

سچا سامي، سچا سامين پنڌ،
هوت انهيءَ هنڌ، پر هنن ڏٺو هنگلاج ۾.

شاهہ صاحب وٽ اهي سڀ شيون ٻڌي درجي جون هيون، اول ۾ اصل سنڌ ۾ سنڌي هئا.

ٽين ڳالهہ: شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ شهرن جي ٻيٽ ۾ ٻهراڙين کي وڌيڪ ڳايو ۽ ساراهيو آهي. انهيءَ جو ڪارڻ هي آهي تہ شاهہ جي دور ۾ سنڌ جي غلام ٽيڙ جو خطرو هر وقت موجود هو. جڏهن تہ ڪا قوم سياسي طرح غلام ٻڌجي ويندي آهي، ان وقت تهذيب ۽ ثقافت جي حفاظت انهيءَ قوم جي آزاديءَ جو رستو صاف ڪندي آهي. شهرن ۾ ڪنهن بہ قوم جو ڪلچر خالص ۽ نباڻ نٿو رهي سگهي ۽ نہ ئي زبان نج رهي ٿي. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻهراڙين کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي. جتي سنڌ جو صحيح ڪلچر ۽ خالص زبان موجود هئي. خدا نہ خواستہ سنڌ جيڪڏهن ڪنهن ڏڪئي دور ۾ داخل ٿئي تہ اهو ٻهراڙين جو ڪلچر ۽ زبان سنڌ جي وجود ۽ بقا جو نشان ٻڌجي. ٻيو تہ شهرن جا ماڻهو اڪثر بزدل ۽ گيدي ٿيندا آهن. هو پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت جو ذمون بہ پوليس تي وجهندا آهن، برخلاف ان جي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو بهادر ۽ دلير ٿيندا آهن، جيڪي پنهنجي هر شئي جي حفاظت پاڻ ڪندا آهن. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب کي ڏٺي جي مدرسي ۾ ڪابہ ڪشش محسوس ڪانہ ٿي، پر ننگرپارڪر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ سان هن جي دل ائين ٻڌجي وئي، جيئن چاندوڪيءَ رات ۾ ڪنهن جي مڙئي مُرڪ پياسي دل ۾ پيار جو پيوند وجهي ڇڏي.

چوٿين ڳالهہ: شاهہ صاحب پنهنجي رسالي ۾ جيڪي مکيہ ڳالهيون بيان ڪيون آهن، سي آهن، حب الوطني، بهادري ۽ جدوجهد. انهن

ڳالهين لاءِ هن وڏن ماڻهن، پئسي وارن، دولتمندن ۽ جاگيردارن جا ڪردار ڪتب نه آندا آهن ۽ نه ئي حڪمران چونڊيا اٿس، پر غريب ۽ مسڪين هيرا چونڊيا اٿس. جيئن ته بهادري لاءِ سنڌ ۾ مهاراجا ڏاهر، دودو سومرو ۽ دولهه دريا خان به هئا، پر شاهه بهادري لاءِ مورڙي ميربحر، حب الوطني لاءِ مارئي ۽ جدوجهد لاءِ سسئي جو ڪردار چونڊيو.

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته شاهه جي نظر ۾ انقلاب جا سرچشما غريب ئي آهن، هنن جي محبت به پاڪ ۽ نفرت به صاف. جنهن ۾ ڪنهن لالچ، لوب، لڳي، دوکي ۽ دولاب جي ڪابه گنجائش ڪانهي. برخلاف انهيءَ جي وڏن ماڻهن کي ڪي لالچون ۽ مصلحتون به ٿين ٿيون، پر انهيءَ جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته شاهه صاحب جي نظر ۾ وڏن ماڻهن جي چڱاين ۽ خوبين کي ڪابه اهميت نه آهي ۽ هروپرو چڱائي، ورٿو ئي ننديي ڪلاس جو آهي. هن غريبن سان گڏ راڻي مينڊري (وزير)، راءِ ڏياچ (بادشاهه)، لاکي ڦلاڻي (مالدار)، جادم جکري (واليءَ رياست) ۽ جام ڏاتار کي به امر بڻائي ڇڏيو آهي. حقيقت هي آهي، جيئن مون اڳ ۾ چيو ته شاهه جي نظر ۾ چڱائي ۽ سچائي اهم آهي، پوءِ اها ڪنهن جي به طرفان هجي، هو ان کي نظرانداز ڪرڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار نه آهي.

پنجين ڳالهه: شاهه سنڌ جي هاريءَ جي خوشحالي چاهيندڙ هو هن جي دل ۾ سنڌ جي هاري ۽ مالوند ماڻهوءَ جي غريبي ۽ مسڪيني ڏسي وڏ پئجي ويندا هئا ۽ جيڪي ماڻهو انهن کي ڦريندا ۽ لٽيندا هئا، تن لاءِ انتهائي ڏڪار ۽ نفرت جو اظهار ڪيو اٿس ۽ "ڏڪاريا ڏيهه مان موڪي شال مرن" اهڙن ئي ماڻهن لاءِ چيو اٿس.

جڏهن سنڌ جي آسمان تي ڪاريون ڪڪريون ڪر ڪٽي اييون ٿيون آهن. يا سُرمئي ڪڪر ڪنهن جي نشيلن نيٽن وانگر نروار

ٽيا آهن ۾ جڏهن ڏرتتيءَ جو تاڙي جي تنوار ٻڌي اٽس. انهيءَ وقت نهايت سرهائي محسوس ڪئي اٽس ۾ بي اختيار چوڻ لڳو آهي ته:

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، تاڙي ڪئي تنوار
هارين هر سنباهيا، سَرها ٽيا سنگهار
اڄ پڻ منهنجي يار وسڻ جا ويس ڪيا.

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٿهڪن ٽيون ٽاريون،
لٽن لک لطيف چئي، ڏايون تاساريون،
پڄنديون پٽاريون، وري وڻاٽن آيون.

اڄ ڪي ماڻهو اسان تي الزام تراشي ڪن ٿا ته اسان هاري جي خلاف آهيون. آئون انهن کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو هاري شاهه جي رسالي جي ورڻن جي زينت آهي. هاري سنڌ جي سونهن ۾ ساهه آهي. اسان انهيءَ هاريءَ سان ڪيئن ۽ اکيائي ڪنداسين؟

جڏهن اسان سنڌي قوم جي ڳالهه ڪريون ٿا، ان وقت اسان هارين، مزدورن، شاگردن، استادن، ننڍيرن ۽ وڏيرن، سيني جي ڳالهه ڪريون ٿا، پر اصل ۾ اها غريبن جي خوشحالي جي ڳالهه آهي. ڇو ته قوم جو اڪثر حصو غريب ۽ ڏٽڙيل آهي. جڏهن پوري سنڌي قوم خوشحال هوندي ته ان ۾ هاري به خوشحال هوندو. اها هئي شاهه جي سنڌ جي باري ۾ فڪر جي هڪ جهلڪ. باقي دنيا جي لاءِ شاهه جو پيغام ٽن ڳالهين جو حامل آهي: (1) امن عالم (2) اتحاد (3) ترقي. شاهه صاحب اصل ۾ انسانيت جي باهمي ميلاپ جو مبلغ ۽ داعي آهي. هو ساري دنيا جي خوشحالي ۽ عالم جي آبادي جو دعاگو آهي. هن وٽ رنگ ۽ نسل جي بنياد تي يا مذهب ۽ ڏرم جي سبب ڪري انسانيت ۾

تفريق ۽ اختلاف بيواجبي ۽ نامناسب آهي. ليڪن انسانيت جي خوشحالي ۽ اتحاد ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ حاڪمن، فوجي جرنيلن ۽ مذهبي اڳواڻن جو جنگي جنون آهي. انهيءَ ڪري شاهه صاحب ان کي تمام ضروري ٿو سمجهي، جو تہ سندس نظر ۾ انسانيت جي تباهي جو ڪارڻ جنگيون ئي آهن، پوءِ اهي ڪهڙي بہ مقدس نالي سان ڇو نہ وڙهيون وڃن. امن ئي هڪ اهڙي شئي آهي، جنهن جي ذريعي انسانيت جي ترقي، اتحاد، خوشحالي، تهذيبي واڌاري ۽ علمي ڪاوشن لاءِ راهہ هموار ٿي سگهي ٿي. ائين ڪٽي ڇڪجي تہ شاهہ صاحب ملڪن جو هڪبئي تي حملو ڪنهن بہ صورت ۾ جائز ٺهرائڻ لاءِ تيار نہ آهي. ليڪن هتي هڪ ڳالهہ جي وضاحت ضروري ٿو سمجهان تہ جنگ ۽ مسلح جدوجهد ۾ بنيادي فرق آهي.

جنگ ہن ملڪن جي وچ ۾ ٿيندي آهي ۽ مسلح جدوجهد ڦورو ڏاڙيل، غاصب ۽ ظالمن حاڪمن جي خلاف. جنگ غلط ۽ نقصانڪار آزاديءَ لاءِ مسلح جدوجهدصحيح ۽ فائدمند.

شاهہ صاحب جنگ جو مخالف ۽ آزاديءَ لاءِ مسلح جدوجهد جو حامي آهي. جوتہ سندس نظر ۾ جنگ سان ملڪ فتح ۽ ماڻهو غلام ٿيندا آهن ۽ مسلح جدوجهد سان ملڪ پاڻ پرا ۽ ماڻهو آزاد ٿيندا آهن. شاهہ صاحب غلاميءَ جو مخالف ۽ آزاديءَ جو حامي آهي. هو نہ پاڻ غلام ٿيڻ لاءِ تيار آهي ۽ نہ ڪنهن کي غلام بڻائڻ لاءِ آماده. مون کي احساس آهي تہ اڄ جي محفل ۾ آئون توهان جي جذبات کي پڙڪائڻ واري تقرير نہ پيو ڪريان، جنهن جي شايد ڪيترن دوستن کي توقع هئي، پر مون کي افسوس آهي جو اڄ آئون سندن اميد پوري نہ ڪري سگهيو آهيان. ڇو تہ اسان اليڪشني طرز جا ماڻهو نہ آهيون ۽ نہ ئي وري ڪڏهن اوهان کي اسان اهو ڇيو آهي تہ فلاڻي ليڈر تي اعتبار

ڪري، ڪيس ووٽ ڏيڻ سان اوهين راڄ ۾ پاڻ جا مالڪ ٻڌجي ويندو. اسان هميشہ اهو پئي چيو آهي تہ پنهنجي تقديرن جا مالڪ اوهان پاڻ آهيو. پنهنجي عزتن جا راکا اوهان خود آهيو. سنڌ جي سرحدن جا محافظ اوهان سنڌي ئي آهيو.

اسان خطري جي هر موڙ تي اوهان جي مستقبل سان هٿ چراند ڪرڻ وارين خطرناڪ سازشن ۾ ڦاٿين کان اوهان کي خبردار پئي ڪيو آهي. ون يونٽ جي ٺهڻ کان وٺي ڏهڻ تائين جيڪي بہ مصيبتون اوهان تي ڳڙن وانگر وسنديون رهيون، انهيءَ پوري عرصي ۾ اسان جا ساٿي، اوهان جا دوست ۽ اوهان جا ٻچا جيلن ۾ هئا، ٻوليءَ جي فسادن وقت جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي سزائون ڏنيون ويون. اسان جي ساٿين انهن مصيبتن جو مقابلو ڪيو. ليڪن الیڪشن جي وقت ووٽ وڌڻ اوهان وٽ (جيئي سنڌ) وارا نہ پر ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ڄام صادق علي آيا. اڄ ووٽن جو وقت نہ آهي تہ بہ جيئي سنڌ وارا اوهان وٽ آهن. اوهان سان گڏ آهن، ۽ اوهان جي دلين جي آواز جي ترجماني ڪري رهيا آهن. آئون جڏهن ڳالهايان پيو ان وقت اوهان جي مهڪندڙ مهاندن مان محسوس ڪريان ٿو تہ جيڪي ڪجهہ اوهان جي دلين ۾ آهي، سو ئي منهنجي زبان تي آهي. ڪاش! مون وٽ اهڙو ڪو آلو هجي، ان وسيلي آئون اوهان جي دلين جي آواز کي، وقت جي چنگيز صفت غاصبن جي دلين ۾ لاهي سگهان. تاهم آئون ڪوشش ڪري رهيو آهيان، جيئن شاهہ جي پيغام کي گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي فضائن جي ذري ذري ۾ پکيڙيان. سنڌ جو واهڻ واهڻ ان سان واسجي اُٿي. سنڌ، لطيف جي سنڌ، برصغير جي ماڻهن کي چاچا نہ ڏنو؟ سنڌ برصغير کي مهاراجا ڏاهر ۽ ڄام نظام الدين جهڙا حاڪم دودي ۽ دريا خان جهڙا دلير، هوشو شهيد، حضرت پير صاحب صبغت الله شاهہ ۽

هيمون ڪالاٽي جهڙا بهادر ۽ بلوان، شيخ عبدالمجيد سنڌي، شهيد الهه بخش سومري، جي. ايم سيد، چوئٿرام گدواڻي، آچاريا ڪرپلاڻي ۽ حيدربخش جتوئي جهڙا سياستدان، شاهه لطيف ۽ سچل جهڙا شاعر، اديب ۽ فن جو ذخيرو ڪراچي جهڙو شهر ۽ بندرگاهه، دنيا جي بهترين ڪٽڪ ۽ ڪپهه ڏنو پر ان جي عيوض سنڌ کي ڇا مليو؟ بُک، بيروزگاري، غلامي، پنجابين جا حقا، پناهگيرن جا ڪٽڪ، اقتصادي بدحالي، مالي پريشاني، ثقافتي جارحيت، پنهنجن ڪوندرن جو قتل، شاهه جي رسالي جو سڙڻ، ڏارين سامراجي هولي ۽ بناسپي قوميت.

دوستو! شاهه اهڙي سنڌ جي تمنا نه ڪئي هئي. شاهه جي سنڌ ايڏا حاصل نه ٿي آهي. اُٿو همت ڪريو وقت جي رفتار سست قومن جو ساٿ ڪڏهن به نه ڏيندي آهي ۽ نه ئي قانون فطرت جو وهڪرو ڪنهن جو انتظار ڪري سگهي ٿو. اهي لفظ چئي آئون پنهنجي جاءِ ٿو وڃان.

(18 آگسٽ 1974ع تي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾
"يوم لطيف" جي موقعي تي ڪيل تقرير)

✷

سنڌ منهنجو ساهه

(1) مشڪ ۽ عنبر کان سرهو تن جو ساهه
محبت ۾ جڙ ماڪ سي نفرت ۾ آڙاهه
۾ باهه مرڪڙ ۾ موتئي مثل. پڙڪڙ

(2) منهنجي ڌرتي جو گنهگار نه بخشيوويندو
ڪوبه غاصب ڪوبه غدار نه بخشيو ويندو
نه رهزن ڪوئي، روپ رهبر جو وٺي سگهندو
ٽيو آهي پلارن جو وطن. هاڻي بيدار

جناب صدر، نوجوان ساٿيو ۽ هن ڌرتيءَ جا ڏکويل ۽ ڏتڙيل انسانو: جيئي سنڌ.

آئون هن وقت ڪا ڏگهي تقرير ڪرڻ نه ٿو چاهيان ۽ ئي وري ڪڏهن زندگي ۾ مون هيڏي وڏي جلسي کي خطاب ڪيو آهي. بنيادي طرح مان هڪ ليکڪ آهيان. مون وس پڇندي ڪوشش پئي ڪئي آهي، ته سنڌ جي ماڻهن جي لُڙڪن ۽ سُڏڪن کي پنهنجي قلم جي ذريعي احتجاج جو طوفان بنائي، وقت جي حاڪمن اڳيان پيش ڪريان.

اڄ جڏهن حيدرآباد کان آئون اچي رهيو هوس، ان وقت مون سوچيو ته آئون سيٽارجن ۾ چو وڃي رهيو آهيان؟ جيڪڏهن مون کي شاهه جي رسالي جي ضرورت آهي ته اهو حيدرآباد جي ڪتب خانن ۾ موجود آهي، جيڪڏهن مون کي شاهه جي روضي جي زيارت ڪرڻي آهي ته اهو حيدرآباد ضلعي ۾ موجود آهي، جنهن وٽان لنگهندي مون ٻئي هٿ ٻڌي شاهه لطيف کي سلام ڪيو هو. پوءِ مون دل ۾ خيال ڪيو

تہ آئون اڄ سينارجن وڃي رهيو آهيان، جنهن جي پرسان سکر آهي، جتي اروڙ آهي، جتي هيمون ڪالاڻي جي رت جا ڦڙا آهن، جتي شهيد الهہ بخش سومري جو جهنڊو جهوليو هو ۽ جتي خيرپور آهي، جنهن ۾ تنوير عباسي جي فڪر جون چٽنگون، نوجوان نسل جي دلين کي گرمائيندیون رهن ٿيون. جيڪڏهن مون اروڙ جي پرسان، هيمون ڪالاڻيءَ جي رت جي ڦُڙن جي خوشبوءِ ۾ شهيد الهہ بخش جي جهنڊي جي ڇانوَ ۾ تنوير عباسيءَ جي گيتن جي گُونج ۾ ۽ اياز جي شاعريءَ جي اُلن ۾ شاهہ لطيف جو پيغام سنڌ جي نوجوانن تائين پهچايو تہ اها منهنجي وڏي خوش قسمتي ٿيندي.

شاهہ لطيف تي ڳالهائڻ کان اڳ ۾ هڪڙي گذارش ڪندس تہ شاهہ لطيف تي ڳالهائڻ وارا ڇڪي طرح شاهہ جي زندگي، سندس شاعري، فڪر ۽ فلسفي کي مطالعو ڪن ۽ پوءِ سنڌ جي تاريخ کي هڪ سنڌ جي حيثيت سان پڙهن. مون کان اڳ ۾ جن دوستن شاهہ تي ڳالهايو. تن مان گهڻن لطيف سائين کي ارغونن جي دور جو شاعر ڪري ڳٽيو. حالانڪ شاهہ لطيف ارغونن جي دور جو نہ پر ڪلهوڙن جي دور جو شاعر آهي. شاهہ جي وقت ۽ سنڌ تي حملو شاهہ بيگ ارغون نہ پر احمد شاهہ ابدالي ۽ نادر شاهہ درائي ڪيو هو. شاهہ لطيف جي دعا سان غلام شاهہ ڪلهوڙو پيدا ٿيو جنهن سنڌين کي ڏارين جي تسلط کان آزادي ڏياري، ان کي خودمختياري بخشي. شاهہ پنهنجي دعا ذريعي، غلام شاهہ کي وجود ڏنو ۽ پنهنجي شاعري ذريعي سنڌ وطن کي لازوال بنائي، سنڌي قوم کي لازوال بنائي، سنڌي قوم کي سنواري سينگاري ڳاڙهي ڪُنوار وانگر مست ۽ مگن بنايو.

شاهہ لطيف پنهنجي دعا سان "غلام شاهہ" سنڌ جي آزادي جي علمبردار کي خدا کان گهري ورتو ۽ موهن جي دڙي کان وٺي هن دور

تائين جي صوفين، بزرگن، الله لوڪن، فقيرن ۽ ساڌن جي دعائن جو پڙاڏو ۽ رُوپ جي. ايم سيد آهي. شاهه لطيف جي شاعري ۽ فڪر، سنڌ وطن جو احساس ڏياريو ۽ جي. ايم سيد جي ناقابل شڪست فڪر پوري ايشيا ۾ مظلوم قومن کي ظلم جي خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ زبان بخشي. انهيءَ ڪري سنڌ جو قومي ۽ عوامي شاعر نياز همايوني چوندو آهي ته اسان عربن جا گناهه انهي ڪري معاف ڪري ڇڏيا، جو هُنن اسان کي جي. ايم سيد ۽ شاهه لطيف ڏنا. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي سچ ئي سهي پر آئون به ان ۾ ايترو اضافو ڪندس ته شاهه لطيف ۽ جي. ايم سيد جي پيدائش ۾ عربن جو ڪمال گهٽ، پر سنڌ ڏرتيءَ جي متيءَ جو ڪمال وڌيڪ آهي، جنهن لطيف ۽ جي. ايم سيد جي رُوح ۾ رچي هنن کي اڻپنگ انسان بنايو. نه ته عرب اسپين ۾ به ويا هئا، ترڪي ۾ به ويا هئا، وچ اوپر ۾ به ويا هئا، ايران ۽ افغانستان ۾ آيا هئا، ليڪن اتي ڪو به لطيف اُسري نه سگهيو ۽ ڪوبه جي. ايم سيد نسري نه سگهيو. انهيءَ تمهيدي گفتگو کان پوءِ مان شاهه جي فڪر جي روشني ۾ ڪجهه ڳالهائيندس.

پهرين ڳالهه: سنڌ جي ماڻهن کي هي ڳالهه نوٽ ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جي تاريخ جا ٻه روپ آهن. هڪ تاريخ آهي سنڌ ڏرتيءَ جي ۽ ٻي تاريخ آهي سنڌي مسلمانن جي. سنڌ جي تاريخ 15 هزار ورهيه پراڻي آهي ۽ سنڌي مسلمانن جي تاريخ 14 سو ورهيه آڳاٽي آهي. شاهه لطيف سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي تهذيب، سنڌ جي متيءَ، سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي سُڪار جو شاعر هو نه سنڌي مسلمان جو. شاهه اسان کي سنڌ جي تاريخ پڙهڻ، پروڙڻ ۽ ان کي دنيا جي سامهون نروار ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. انهيءَ تاريخ ۾ موهن جو ڏڙو به آهي، موهن جي ڏڙي جون ناچٽيون به آهن، موهن جي ڏڙي جا بُت به آهن، راءِ سهيرس به

آهي. راءِ سهاسي بہ آهي، مهاراجا ڏاهر بہ آهي، جام نظام الدين بہ آهي. دولهہ دريا خان بہ آهي، دودو بہ آهي، هيمون ڪالاڻي بہ آهي، هوشو شيدي آهي، الهہ بخش سومرو بہ آهي، چوٿڙام بہ آهي، ڪنور پڳت بہ آهي، تہ ڪيرت ٻاباڻي بہ آهي ۽ سنڌي مسلمانن جي تاريخ ۾ اهي سڀ شيون ناهن. صرف 13 سئو ورهين جي تاريخ ۾ بند ٿيڻ اسان کي پنهنجي قديم روايتن، قديم تاريخ، قديم تمدن، ۽ قديم قومي هيرن کان دستبردار ٿيڻو پوندو ۽ صرف جُبا ئي جُبا اسان کي نظر ايندا.

آئون واضح طور ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ اسان 27 سالن کان پاڪستاني، 13 سئو ورهين کان مسلمان ۽ 15 هزار سالن کان سنڌي آهيون.

اسان پاڪستاني نہ هئاسين پر سنڌي هئاسين، مسلمان ڪونہ هئاسين تڏهن بہ سنڌي هئاسين. سنڌي هجڻ جو احساس اسان کي قدرت بخشيو آهي، سنڌي هجڻ جو سرٽيفڪيٽ اسان کي سنڌ ڌرتي ڏنو آهي، سنڌي هجڻ جو احساس اسان کي شاهہ لطيف جي شاعري ڏنو آهي ۽ سنڌي هجڻ جو فخر اسان کي جي. ايم سيد جي فڪر عطا ڪيو آهي. جيستائين ڪو ماڻهو اسان کان اهي شيون نہ ٿو ڦري، تيستائين هو اسان کان سنڌي هجڻ جو حق بہ نٿو ڦري سگهي. جيڪي حاڪم اسلام آباد جي سائونڊ پروف ڪمرن ۾ ويهي چون ٿا تہ سنڌي سڏائڻ جرم آهي. انهن کي آئون چوندس تہ سنڌين کان اهو حق کسڻ کان اڳ ۾ توهان خدا جي اختيارات جو قلم ٽوڙي ڇڏيو. جنهن سنڌ جي جاگرافي جو نقشو بنايو آهي، توهان سمنڊ جو سمورو پاڻي سنڌ ڌرتيءَ تي وهائي ڇڏيو. جنهن جي مٽيءَ اسان جي روح کي ايئن ريجهايو آهي، جيئن معصوم ٻار جي مُرڪ ماءُ جي رُوح کي ريجهائي ۽ توهان انهن سنڌي مائرن جي ڇاتين جو کير سُڪائي

چڏيو. جنهن اسان جي وار وار مان سنڌيت جو احساس ائين اُپاريو آهي، جيئن مينهن وسڻ کانپوءِ ڪُنواري ڌرتيءَ مان گاهه جا سلا ڦٽندا آهن. توهان انهن هوائن جا رُخ موڙي چڏيو جن جي ذري ذري ۾ شاهه جي شاعريءَ جو هڪاءُ ۽ جي. ايم سيد جي فڪر جي سرهاڻ پکڙيل آهي، يقينن توهان اهو سڀ ڪجهه ڪري نه ٿا سگهو ته پوءِ اسان کان سنڌي هجن جو حق ڪنهن به طرح ڦري نه ٿا سگهو.

پي ڳالهه: شاهه جي شاعري، سنڌي ماڻهن جي شاعري آهي، ڪنهن هڪ مذهب جي شاعري ناهي. شاهه جي شاعري ۾ اسان کي مسلمان به نظر اچي ٿو ته هندو به نظر اچي ٿو. ڪارو به نظر اچي ٿو ته پورو به نظر اچي ٿو. صوفي به نظر اچي ٿو ته سامي به نظر اچي ٿو ان ۾ جيڪڏهن تسبيح ته "الله هو" جو ضرف آهي ته تنبوري جي تنوار، مرلي جي لهر، مندر جي گهنڊ جو پڙاڏو ۽ مالا جو جاپ به نظر اچي ٿو هن جي شاعري مارُن جي شاعري آهي، جنهن ۾ هندو به آهن ته مسلمان به آهن. وڏا به آهن ته ننڍا به آهن. پر سنڌي ۽ انهن معيارن ۾ پٽڪي ٻڌندڙ مسلمان به آهي ته سوڍو به آهي. پڙو پائيندڙ مسلمان عورت آهي ته هندو عورت به آهي. چوڙيلي مسلمان به آهي ته راجپوت به آهي. شيڪسپيئر چيو هو ته: "اي انگلستان! آئون تنهنجي غدارن سان به محبت ڪريان ٿو." غدار هميشه وڏا ماڻهو ٿيندا آهن. تنهنڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته انهيءَ شاعر وڏن ماڻهن سان محبت جي هام هنئين آهي. ليڪن شاهه لطيف چيو آهي ته:

جيها سي تيها، مارو مون مڃيا،
مُون جيڏيون مليرِ ۾، ڇُونڊين موڪ ميها،
مُنهنجي آهِ اِها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ ڪي.

شاھ ايرن سيرن پنھنجن کي نہ ڇڏيو آھي. مارُن جي ڪٽي، لوئي، اجرڪ، چوڑي، چونري، وٽاڻ ۽ پاڻ کي امر ٻڌائي ڇڏيو اٿس. ھن ڪنھن بہ ڇنيسر، جام فيروز، قاضي قاضن، نائونمل، صوبدار، کھڑي، نام نھاد ڏھيسر، س. م. لاھورتي سان محبت جي ھام ڪانہ ھنئين آھي. شاھ پنھنجي شاعريءَ لاءِ اروڙ مان ماڪ ڦڙا، دريا خان جي رت جا ڦڙا، مارن جي مرڪ، لُلرن، لنبن، لاٽن ۽ ڳنڊيرن جي خوشبو، چوڑي جي چمڪ، اجرڪ جو چٽ، چڑي جي چونگار، ڪنھبي جي ڳاڙھاڻ ڪٽي پنھنجن بيتن کي سينگاري ۽ سنواري، اٽمٽ آيتون ڪري پيش ڪيو آھي. ۽ انھن سان ھن کي ايتري محبت آھي، جيتري 25 سالن جي ماءُ کي پنھنجي ڇھن مھينن جي پھرئين ٻار سان. ۽ انھن شين تي ھو ڪوسو واءُ بہ لڳڻ برداشت نہ ٿو ڪري ۽ غدارن کي ھو ڪنھن بہ صورت ۾ معاف ڪرڻ لاءِ تيار نہ آھي ۽ نہ ئي ھو اھڙن ماڻھن کي پنھنجي پيرن ۾ جاءِ ڏيندو.

ٽين ڳالھ: شاھ پنھنجي شاعريءَ لاءِ ڪوبہ سنڌ کان ٻاھر جو قصو، واقعو ۽ داستان ڪتب نہ آندو آھي. انھيءَ مان معلوم ٿيو تہ ھن کي سنڌ کان ٻاھر جي ڪنھن بہ فڪر، فلسفي ۽ رومان سان ڪابہ دلچسپي ڪانھي ۽ نہ ئي وري ھن انھن کي سنڌ لاءِ مفيد سمجھيو آھي. انھيءَ مان اسان کي سبق ونڊڻ گھرجي تہ ٻاھر جا نظام ۽ نظريا پنھنجا ڪرڻ کان اڳ ۾ جاچيون ۽ پرکيون تہ آيا اھي سنڌ لاءِ مفيد آھن يا نہ؟

شاھ ڏارين جي محلن، ماڙين، سونن ۽ ست رڇين کي ٺڇ سمجھيو آھي. ھن سون تي سيڙ نہ متائڻ جو سبق ڏنو آھي، پرائي ماڙي جي بجاءِ پنھنجي جھوپڙي سان محبت ڪرڻ جي تلقين ڪئي اٿس. سنڌ جي سُڪار لاءِ آڏي اسر، سنجھي شام آھون ۽ الاھون ڪيون اٿس.

چوٽين ڳالهه: شاهه پنهنجا "هيرا" سسئي، مارئي، راڻو مومل، سورٺ، ڏياچ، پيجل، سامي ۽ گاروڙي مقرر ڪيا آهن، جيڪي سڀ هندو آهن. ان مان معلوم ٿيو ته شاهه هندو- مسلم اختلاف جو سخت مخالف هو. هن جي نظر ۾ هندو مسلمان، پنڊت، مولوي، برهمڻ، سيد، سويا، قريشي، اڇوت ۽ شيخ سڀ سنڌي برابر هئا ۽ هڪ ئي قوم جا فرد هئا. هو اقبال جي ٻه قومي نظرئي جو دشمن هو. هو سنڌ جي هندو ۽ مسلمان کي هڪ قوم سمجهندو هو. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته هو انهن هندن کي پنهنجي شاعري جو عنوان نه بنائي ها. اڄ اسان کي چيو ٿو وڃي ته جيڪي مسلمان قوم کي نه ٿا مڃين، سي اسلام ۽ پاڪستان جا غدار آهن. آئون انهن حاڪمن کي چوندس ته، مسلمان قوم کي اقوام متحده ڪونه ٿي مڃي، ان کي غدار قرار ڏئي منجهانئس نڪري اچو. مسلمان قوم کي چين نٿو مڃي، ان سان دوستي ختم ڪريو. مسلمان قوم کي ايران نه ٿو تسليم ڪري، ساڻس ڪيل معاهدا ٽوڙي ڇڏيو. مسلمان قوم کي آمريڪا قبول نه ٿو ڪري، ان کان سڌيل ڪٽڪ گهرائڻ بند ڪريو. مسلمان قوم کي لبيا، مصر، شام، عراق، بنگلاديش ۽ انڊونيشيا ڪونه ٿا مڃين، انهن سان ڪاٽا ڪريو. پر آئون اڳتي وڌي چوندس ته مسلمان قوم کي نبي ڪريم محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم ٻه ڪونه ٿو مڃي، تنهن ڪري سندس اُمت سڏائڻ بند ڪريو. اهو آئون محمد رسول الله جهڙي عظيم هستيءَ تي الزام ڪونه ٿو هڻان، پر مون وٽ ان لاءِ ثبوت آهي. جيڪڏهن آئون غلط هجان ها ته مولانا صاحب (مولانا عزيز الله ٻوهيو) جن وٽا آهن، مون کي ٽوڪي سگهن ٿا. جنهن وقت رسول سائين طائف ۾ تبليغ ڪرڻ ويا ته اتي جي ماڻهن پاڻ سڳورن کي ڏاڍا پٿر ۽ ڪنڊا هنيا. ان وقت پاڻ سڳورن فرمايو ته "اللهم اهد قومي انهم لايعلمون." يعني الله سائين منهنجي قوم کي

ساڃھ ڏي، اها مون کي هن وقت نہ ٿي سمجھي. انھيءَ جملي ۾ حضور جن طائف جي ڪافرن کي پنھنجي قوم قرار ڏنو اٿن. حالانڪ پاڻ سڳورا مسلمان ۽ ڪين تنگ ڪرڻ وارا غير مسلمان ۽ ڪافر ھئا. جيڪڏھن جدا مذھب ھجڻ سان قومون ٿھن ھا تہ پاڻ سڳورا طائف جي ڪافرن کي "منھنجي قوم" نہ چون ھا بلڪ اھو چون ھا تہ، الله تعاليٰ ڪافرن کي ھدايت ڏي. جيڪڏھن محمد رسول الله ۽ ابو جھل ھڪ قوم جا فرد ٿي سگھن ٿا، جيڪڏھن ياسر عرفات ۽ جارج بش ھڪ قوم جا فرد ٿي سگھن ٿا، جيڪڏھن سعد زغلول پاشا ۽ مصر جو پادري ھڪ قوم ٿي سگھن ٿا تہ پوءِ جي. ايم سيد ۽ ڪلياڻ آڏواڻي، تنوير عباسي ۽ ڪيرت ھاباڻي، زينت عبدالله چنا ۽ پوپٽي ھيراننداڻي، نياز ھمايوني ۽ نارائڻ شيام شيخ ايياز ۽ ڪيئل داس فاني، ابراھيم جويو ۽ اتم، ھڪ قوم جا فرد ڇو نہ ٿا ٿي سگھن؟ آئون ٻڌائڻ چاھيان ٿو تہ اھي اسان جي قوم جا نھايت ئي قيمتي ۽ اھم فرد ۽ جزا آھن. اسان انھن جي مجلسن ۽ محفلن کي ڪيئن وساري سگھنداسين؟ اسان انھن جي ڪچھرين، انھن ٽھڪن ۽ لُڙڪن کي ڪيئن وساري ويھنداسين؟ جن جي ڪري سنڌ مختلف گلن جو چمن ھئي، جن جي ڪري سنڌي زبان کي اوج ۽ عروج ھو جن جي ڪري سنڌ ۾ رنگ رتول ۽ ٻھ ٻھ ٻول ھئا. جن جي ڪري سنڌ جا چانڊاٿا ۽ مانڊاٿا آزاد ۽ آباد ھئا. جن جي ڪري آواز سانوڻ جي ڪڪر جيان سنڌ ۾ ايرندو ھو ۽ جيوٽي جا گيت ڏيارو جي ڏيئي وانگيان لاٽون ڪندا ھئا. جيڪڏھن اسان انھن کي ڌار سمجھون معنيٰ اسان سنڌ جي تھذيب کي ورھائي ڇڏيون. سنڌي ٻوليءَ کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيون، ۽ شاھ جي رسالي کي ٻہ ٽڪر ڪري ھڪ ٽڪرو ھتي رکون ۽ ٻيو پارت موڪلي ڇڏيون. جنھن وقت اسان سنڌ جي آزادي ۽ بقا لاءِ جدوجھد ڪريون ٿا،

ان وقت اسان نہ صرف هڪ ڪروڙ سنڌين جي ڳالهه ڪريون ٿا، پر پارت ويل ويهن لکن سنڌين جي بہ ڳالهه ڪريون ٿا. هانگ ڪانگ، سيلون، برما، سنگاپور ۽ دنيا جي ڪنڊڪڙ ۾ پکڙيل سنڌين جي ڳالهه ڪريون ٿا.

جيڪڏهن سنڌ آهي تہ پوءِ اهي سڀ سنڌي بہ آهن، پر جيڪڏهن سنڌ نہ آهي تہ پوءِ ڪوبہ سنڌي باقي رهي نہ ٿو سگهي.

ڪٽا منجهہ قرار هُئا هيڪاندا سَنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيا ڏارون ڏار،
نہ جاڻان ٻيهار ڪير ملندو ڪنهن سان.

-

هو ڀنگا، هو ڀيڻيون، هو مارن جا مڪان،
سي سڀ ساري سومرا، ڦهري لڳم ڪان،
مارو هئا مهمان، ويا اوڻي اُڪري.

پنجين ڳالهه: شاهہ ايران، افغانستان، ترڪي، مصر ۽ ٻين اولهہ جي ملڪن جي ڪنهن بہ شخصيت کي پنهنجي شاعري ۾ جاءِ نہ ڏني آهي "سواءِ رسول الله جي." ان جي مقابلي ۾ هن جيسلمير، گرنار، پوربندر ۽ ٻين اوير جي شهرن جي شخصيتن کي ڳايو ۽ ورجايو آهي.

انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ شاهہ جي نظر ۾ سنڌ جو ثقافتي تعلق ۽ تهذيبي واسطو اوير سان آهي نہ اولهہ سان. سنڌ تي حملا هميشہ اولهہ کان ٿيا آهن. اوير جي مقامي ماڻهن جي طرفان ڪوبہ حملو نہ ٿيو آهي. اولهہ جي لٽيندڙن، ڦريندڙن ۽ غاصبن ۽ ظالمن کي جيڪڏهن شاهہ ساراهي ها تہ سندس شاعري ۽ اقبال جي شاعري ۾ ڪوبہ فرق نہ رهي ها. آئون سدائين چوندو آهيان تہ اقبال جي شاعري پڙهڻ سان مون کي حُقي جي ڏپ ايندي آهي ۽ شاهہ جي شاعري پڙهڻ سان مون کي موهن

جي دڙي جي دانهن ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. مليير جي متيءَ جي مهڪ محسوس ڪندو آهيان ۽ دريا خان جي رت جون ڏياڻيون هرندي ڏسندو آهيان. شاهه انهيءَ شاعري ۾ اوپر کان ڳايو آهي، جو ته سنڌ جي پوري تاريخ 1965ع کان اڳ ۾ سنڌ تي اوپر کان حملو نه ٿيو آهي. اهڙن امن جي پيغمبرن کي شاهه ڪيئن ٿي وساري سگهيو ۽ نه ئي اسان وساري سگهنداسين. اسان کي چيو ٿو وڃي ته اوهان پارت جا ايجنٽ آهيو. آئون پڇڙ چاهيان ٿو ۽ اوهان خود فيصلو ڪريو ته. جيڪڏهن اسان پارت جا ايجنٽ هجون ها ته 1971ع ۾ هندوستاني فوج چور کان واپس چو وڃي ها؟

اسان پارت جي مارواڙي سيٺ جا ايترا ئي مخالف آهيون، جيترا پناهگير، پنجابي سامراج جا. ان باري ۾ ڪابه غلط فهمي نه هجڻ ڪ

ڇهين ڳالهه: اها آهي ته شاهه لطيف اسان کي ٻڌايو آهي ته آزادي سجاڳي پيدا ڪرڻ سان ملندي آهي. جنهن وقت نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪيو هو ان وقت سنڌ جو حاڪم نور محمد ڪلهوڙو اٽڪ پکيءَ وانگر وڃي ريگستان ۾ لِڪو پر شاهه لطيف پنهنجو تنبورو ڪٽي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪاهي پيو ۽ گيڙو ماتمي لباس پهري سنڌ جي هر ماڻهو کي ڏاندڙيو ته:

سُورهيه مَرين سوڀ کي ته دِل جا وَهم وِسار،
هَڻ ڀَالا وڙهه ڀاڪُرين، آڏي ڏَال مَ ڏَار،
مَٽان ٽَيغ ٽَرار مَار ته مَتارو ٽِئين.

۽ سنڌ جي ماڻهن شاهه لطيف جي پيغام کي ورنايو ۽ هو پنهنجون ڪهاڙيون اُييون ڪري، سنڌ جي سرحد تي هالار جي قطار وانگر بيهي رهيا. اڄ کي ماڻهو جيڪي پ پ ۽ سپاف ۾ پاڙي جا

گهوڑا تي، پنهنجي بند ڪمرن جي ميٽنگن ۾ اسان جي خلاف زهر اوڳاڇيندي چون ٿا ته، اسان جيتوڻيڪ حاڪمن سان گڏ آهيون، پر سنڌ جا غدار نه آهيون. آئون انهن کي عرض ڪندس ته ماڻهن جي اکين ۾ ڏوڙ نه وجهو. ماڻهو توهان کي چڱي طرح سڃاڻن ٿا.

اوهان بنگلاديش جي قتل عام تي مجرماڻه خاموشي اختيار ڪئي. جڏهن سنڌ دشمن آئين نهيو ۽ سنڌ جي نوجوانن احتجاج ڪندي، انهيءَ آئين جي خلقيندڙن جي گريبانن مان جهليو. ان وقت اوهان آئين يعني ون يونٽ جي خوشيءَ ۾ جشن ملهائي سنڌ سان غداري نه ڪئي ته ڇا اها سنڌ سان وفاداري هئي؟ جنهن وقت بهاري آيا ان وقت بيگم نصرت پٽو (آئون سندس تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندو آهيان) ڪراچي بندرگاهه تي وڃي انهن جي ڳچين ۾ گلن جا هار وجهي، سندس مرحبا ڪئي ته اوهان نصرت پٽو زندهه باد جا نعرا هنيا. جنهن وقت سنڌي ماڻهن تي گوليون هلائيندڙ ثقافتي اقليت جي هڪ فرد بديع المحسن جا هٿ چُمي سندس ورڪ ڪيو ۽ جنهن وقت سنڌ جي نوجوانن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس جا درندا هٿڪڙيون کڻي اڳتي وڌيا، ان وقت اوهان مغلن جي کدڙن غلامن وانگر سنڌي نوجوان جي گهرن جا در ڏيکاريا. ۽ جنهن وقت سنڌ جو عوام اٿي ۽ کنڊ جي پاڻ لاءِ حيران هو. ان وقت اوهان ٽريڪٽرن، ٽرڪن، سئنيمائن ۽ ڪارن جون پرمٽون ورتيون. اها سنڌ دشمني آهي يا سنڌ دوستي؟ ڪاش! اوهان شاهه جي پيغام تي عمل ڪريو ۽ حاڪمن جي درن تي جهڪڻ بجاءِ سنڌ جي حقن لاءِ لڙندڙ هٿين خالي عاشقن جو ساٿ ڏيو!

جي تو اُلڪو ڪنڊ، تون ڇا وڙهندين، وڃ،
تنهنجي رت ۾ ٿڃ، ناهي منهنجي ماءُ جي.

ستين ڳالھ: جا آخر ۾ ڪرڻ چاهيان ٿو سا شاھ لطيف جي پيغام کان اسان نوجوانن کي واقف ڪرائيندڙ محترم جي. ايم سيد جي متعلق آهي.

پيرزادي صاحب تازو يحيٰ خان کي آزاد ڪرڻ وقت اعلان ڪيو آهي تہ اسان يحيٰ خان کي آزاد ڪري رهيا آهيون. جو تہ مقرر وقت کان پوءِ اسان کنهن کي بہ D.P.R تحت نظربند رکي نہ ٿا سگهون.

آئون پيرزادي کان پڇڻ چاهيان ٿو تہ يحيٰ خان، وزير اعظم جي چوڻ مطابق، اردو اخبارن جي لکڻ موافق، پنجابي پناهگير سياستدانن جي خيال پٺاندر ۽ پاڪستاني فوج جي يقين موجب پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندڙ آهي! اوهان جڏهن پاڪستان جي دشمن يحيٰ خان کي آزاد ڪري سگهو ٿا تہ پوءِ شاھ لطيف جي پيغامبر جي. ايم سيد کي جو قيد رکيو ويندا آهيو؟ جڏهن تہ اوهان سنڌي آهيو ۽ دعويٰ ٿا ڪريو تہ، اوهان سنڌين جي خدمت ڪرڻ ٿا چاهيو.

درحقيقت اوهان کي سيد جو قيد ۾ رهڻ تہ پسند ئي نہ هجي ها، جو تہ جي. ايم سيد مظلوم سنڌ جي ڏکويل انسانن جي دلين جو آواز آهي. جي. ايم سيد سنڌ جي تاريخ جو ترجمان آهي.

سيد، سنڌ جي ماضيءَ جو محافظ حال جو رهبر ۽ روشن مستقبل جي ضمانت آهي. ماڻهو چون ٿا تہ جي. ايم سيد اڄ ڏينهن تائين وڪاڻو ناهي، پر آئون چوندو آهيان تہ دنيا جي ڪارخاني ۾ اڄ ڏينهن تائين اهڙو ڪو سِڪو تيار ئي نہ ٿيو آهي، جيڪو سيد جي پيرن جي پٽي جي قيمت ادا ڪري سگهي. ماڻهو چون ٿا تہ سيد ڪڏهن غافل نہ ٿيو آهي. آئون چوندو آهيان تہ سيد غافلن کي ننڊ مان

اڻارڻ آيو آهي. ماڻهو چون ٿا تہ سيد ڪڏهن جهڪيو ناهي، پر آئون چوندو آهيان تہ هو جُهڪڻ لاءِ نہ پر ظالمن ۽ جابرن کي جُهڪائڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي.

جناح صاحب، سيد کي نظربند ڪري ڪراچي ڏار ڪئي، لياقت علي سيد کي جيل ۾ وجهي پناهگيرن کي آباد ڪيو کهڙي، سيد کي جيل ۾ وجهي ون يونٽ ناهيو ايوب، سيد کي قيد ڪري پنجابي آباد ڪيا. يحيٰ خان سيد کي زنجير وجهي سنڌ جي تحريڪ کي ڏڪ هنيو. پُٽي سيد کي ڪارين ڪوٺين ۾ بند ڪري بهاري گهرايا. ليڪن ڇا اهي سڀ سيد کي جُهڪائي سگهيا؟

لياقت علي گولي‌ءَ جو شڪار ٿي ويو کهڙو تاريخ جي ڦاسي گهاٽ تي ٽنگيو پيو آهي، ايوب خان ڪجهہ وقت گمنام رهي فنا ٿي ويو يحيٰ خان تي لعنت جو وسڪارو آهي ۽ لکڻ جي جاءِ ڪانہ ٿي ليپس. پٽو صاحب بہ هڪ مقرر مستقبل ڏاڻهن تڪڙو وڏي رهيو آهي پر جي. ايم سيد اڄ بہ سنڌ جي سرحد تي همالیہ جيان اڏول بيٺو آهي. اهو وقت پرڀ نہ آهي، جڏهن سيد جي اميدن جو جهنڊو رڻ ڪوٽ جي قلعي تي جهولندو نظر ايندو.

اچو تہ عزم ڪريو تہ شاهہ لطيف جي هن سچي عاشق سائين جي. ايم سيد جيڪو پيغام ڏنو آهي، تنهن کي سنڌ جي ٻاڙي‌ءَ ٻاڙي‌ءَ تي پنهنجي رت سان روشن ڪريون.

جيئي سنڌ، جيئي شاهہ، جيئي سيد

(2 جولاءِ 1974ع تي شاهہ لطيف ڏينهن سيناريا ۾ ڪيل تقرير.)

چوٽين مارچ، جدوجهد جو ڏينهن

جناب صدر! نوجوان ساٿيو جيئي سنڌ!

ڪافي ڪجهه تقريرون ٿيون آهن، جن ۾ جوش هو جذبو هو ولولو هو ۽ پنهنجو پاڻ وطن کي اڀرڻ جي آرزو ۽ تڙپ هئي. جيڪي ڳالهيون ڪرڻ جهڙيون هيون سي سڀ ٿي چڪيون آهن. منهنجي چوڻ لاءِ باقي ڪجهه رهيو ته ڪونهي. تاهم اوهان جي حڪم جي پوئواري ڪندي ڪجهه ڳالهيون پيش ڪندس. منهنجي تقرير ۾ نه آبشارن جو ترنم هوندو نه توبن جي گونج، نه تلوارن جي تيزي، نه وڄ جو چمڪاٽ.

آئون هڪ عملي قسم جو ماڻهو تاريخ جو معمولي شاگرد ۽ هن مادر وطن جو لکن مجبور انسانن وانگر هڪ انسان آهيان. جيڪو روز پنهنجي سوچ جي صليب تي لٽڪندو رهندو آهيان. چوٽين مارچ جي باري ۾ ڪافي ڪجهه چيو ويو آهي. لکيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي، جدا جدا راين جو اظهار ڪيو ويو آهي، ليڪن مون وٽ اهو ڏينهن نه رڳو سنڌي قوم ۽ سنڌ يونيورسٽي جي دلير شاگردن لاءِ پر پوري پاڪستان جي جمهوري حقن کان وانجهيل عوام لاءِ نهايت ئي مقدس ۽ تاريخي ڏينهن آهي. پنهنجي انهيءَ دعويٰ لاءِ آئون اوهان کي انهيءَ ماحول جي ننڍڙي جهلڪ ڏيکاريندس، جنهن ماحول ۾ هي ڏينهن واقعي ٿيو. اهو ماحول نهايت ئي دهشت، ڏهڪاءُ، ظلم ۽ بربريت وارو ماحول هو. انهيءَ وقت آمريت جي اگهاڙي تلوار ملڪ تي ملڪ الموت وانگر مسلط هئي. جنگ آزاديءَ جو عظيم رهنما خان عبدالغفار خان سرحد جي پهاڙن جي طويل خاموشي کان تنگ ٿي افغانستان جي سبزه زارن ۾ سڪون تلاش ڪرڻ هليو ويو هو.

بلوچستان جا بهادر بانڪا بلوچ جيلن ۾ بند هئا. بلوچستان جي پهاڙن ۾ غيور بلوچن جا لاش بنا ڪنهن ڪفن دفن جي پيا هئا. دنيا ۾ پاڪستان جي ماڻهن انهن ڏانهن ڪوبه ڏيان نه ٿي ڏنو. پنجاب، جواهر لال نهرو جي لفظن ۾ هميشه وانگر سياسي قبرستان بنيو پيو هو.

سنڌ جو اڏول رهنما ۽ سنڌ کي ڏارين جي دست برد کان محفوظ رکڻ لاءِ مسلسل 63 سالن تائين جهاد ڪندڙ محترم جي. ايم سيد نظربند هو. سنڌ جو وڏيرو پير ۽ مير پٺن تي ڪرسي ٻڌي اسلام آباد جو طواف ڪري رهيو هو. ون يونٽ جو خونخوار بگهڙ سنڌ جي هر شئي چٽ ڪرڻ کان پوءِ سنڌي زبان جي نڙيءَ ۾ پنهنجا نيش کپايو وينو هو. نياز همايوني، تنوير عباسي، شيخ اياز ۽ شمشير الحيدري جي گيتين جي سينن ۾ خنجر ٽنبيو ويو هو. سونار بنگلاديش جو بنڊو "هيرو" جيل ۾ هو. وانجهين جي هٿن مان ونجهه ڇڏائي حقا ڏنا ويا هئا. ملڪ ۾ آمريت جو بدترين ديو آدم بوءِ آدم بوءِ ڪري رهيو هو. انهيءَ وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي هن ئي لان تان يوسف لغاريءَ جي اڳواڻي هيٺ سنڌي نوجوان هڪ ڪاموري خلاف (جنهن کي آئون مير جعفرجو روحاني پُٽ سمجهندو آهيان) اُٽيا ۽ آمريت جي راکاس سان پنهنجي رُڪ جهڙي ارادي سان ٽڪرايا. اهڙي خاموشيءَ ۽ بيوسيءَ واري ماحول ۾ هنن شاگردن جنهن جرئت، همت ۽ استقلال جو مظاهرو ڪيو تنهن آمريت جي ڪاري رات جي سيني کي چيري صبح جمهوريت کي ويجهو آندو. منجهيل عوام کي لڙڻ جي واٽ ٻڌائي ۽ ظلم جي بوسيده نظام جي قلعي ۾ شگاف وڌا. نتيجي طور هڪ طرف عوام جو سيلاب، جمهوريت جي سج جي ڪرڻن مان پنهنجا جهول پرڻ لاءِ روانو ٿيو ته، ٻئي طرف سنڌي قوم ون يونٽ جي قهري ڪوٽ کي وڏيڪ زور سان ڏڪ هڻڻ لاءِ اٽي ڪڙي ٿي. انهيءَ ڪري

چوٽين مارچ پوري پاڪستان جي عوام جي جمهوري جدوجهد جو ڏينهن آهي. جيڪڏهن پاڪستان ۾ رهندڙ قومن کي ڪجهه احساس هجي ته هو به چوٽين مارچ کي پوري پاڪستان ۾ (نيشنل ڊي) طور ملهائين. جو ته اهو ڏينهن پوري پاڪستان جي جمهوري جدوجهد جو آغاز آهي. آئون اڄوڪي ڏينهن تي سنڌ جي اڻپنگ انسانن کي مادر علمي جي هن عظيم لان تان سلام ٿو ڪريان.

جيئن مون چيو آهي ته هي ڏينهن پاڪستان جي جمهوري جدوجهد ۾ تاريخي ڏينهن آهي. تيئن آئون اوهان کي به عرض ڪندس ته هي ڏينهن ڪنهن خاص پارٽي جو ڏينهن قرار ڏنو ٿو وڃي. جو ته هن ڏينهن جي موقعي تي "جيئي سنڌ محاذ" ڪونه ٺهيو هو. پيپلز پارٽي وڏيرن جي بنگلن ۾ پينگهي ۾ پيل ٻار وانگر آڳر چوسي رهي هئي، پٽو صاحب هوٽلن ۾ ڪمرن جي تلاش لاءِ حيران هو انهيءَ ڪري هي ڏينهن پوري سنڌي قوم جو ڏينهن آهي. هي ڏينهن شاگردن، استادن، وڪيلن، اديبن، شاعرن، واپارين، هارين، ڪڙمين ۽ پورهيتن جو ڏينهن آهي. سنڌ جو ڏينهن آهي. سنڌ جي طويل تاريخ جي تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي. آمريت جي ڪاري رات جي هاڻيءَ جهڙي پڻيءَ تي روشنيءَ جو چهبڪ آهي. قومي زندگي جي بيٽل پاڻي ۾ حرڪت ۽ ولوڙ آهي. قومي زندگي جو ثبوت آهي. بيٽل قافلي جي ڪوچ جو اعلان آهي. غضب ٿيل حقن لاءِ احتجاج آهي ۽ غاصبن لاءِ زبردست للڪار آهي. انهيءَ ڪري پوري سنڌي قوم کي اهو ڏينهن عيد وانگر ملهائڻ گهرجي. البت ايترو ضرور چوندس ته جيڪڏهن محترم جي. ايم سيد جيل جي سنگين ديوارن جي پٽيان ويهي نور نچوئي سنڌ جي حيثيت تي ڪتاب نه لکي ها ۽ اسان جا شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ آتش نوائي جو مظاهرو نه ڪن ها ته. شايد چوٽين مارچ جو ڏينهن به نه

اچي ها. اوهان سيد لاءِ جيڪي جذبا رکو ٿا تن جو مون کي قدر آهي. پر آئون عرض ڪندس ته جيڪڏهن سيد سان عقيدت اٿو ته پوءِ ان جي پيغام کي ڪٽي، واچوڙي وانگر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙي ويو. سيد جي عظمت جو انهيءَ کان وڌيڪ ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو. جو هو ڪليل طرح چوي ته سنڌ جي آزادي جي عيوض آئون قاسي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. محترم نياز همايوني جو شعر آهي، جيڪو هن صاحب جي. ايم سيد جي باري ۾ چيو آهي:

توکي ڏسندي ٿيو ويساهه، جاڻي خدا،
سنڌ جيئندي سدا، سنڌ جيئندي سدا؛
تنهنجو پرتو پيو جنهن به نادار تي،
عشق دولت عطا ڪئي انهيءَ يار کي.

مون توهان کي چوٽين مارچ جي ماحول جي باري ۾ ٻڌايو آهي. هاڻي آئون توهان کي چوٽين مارچ جي پسمنظر جي باري ۾ هڪ ڳالهه ڪرڻ چاهيان ٿو. چوٽين مارچ کي صرف ڪن شاگردن جي ڪاموري سان ٽڪر نه سمجهو پر ان جي پٺيان هڪ ڊگهو تاريخي پسمنظر آهي. انهيءَ ظلم جو داستان آهي، جيڪو پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌين سان ڪيو ويو آهي. پاڪستان ٿيڻ کان اڳ اسان جيڪي خواب ڏٺا هئا، سي پاڪستان قائم ٿيڻ شرط شيشي جي گلاس وانگر چور چور ٿي ويا. اسان جون تمنائون ڪٽهار جي گل وانگر فوجي بوٽن جي هيٺان ڪچلجي ويون. اسان جي خواهشن جي ڪبوترن جي سينن ۾ تير هنيا ويا. زمين اسان جي هئي مالڪ پيا بڻيا. شهر اسان جا واپار ڏارين جو. دفتر اسان جا نوڪريون ٻين لاءِ. درسگاهون اسان جون تعليم اقبال جي. زبان اسان جي گيت ٻين جا. شمع اسان جي محفل اوپرن جي. مٺاڻو اسان جو پر رند ڏاريان. جڏهن سنڌ جي زمين تي ڪٽڪ جا سون ورنا سنگ آن جي بار کان ائين

جُهڪندا هئا. جيئن سيج تي ويٺل ڪُنوار جون پنبڙيون حيا کان جهڪي پون. انهيءَ وقت انهن سنگن لاباري ڪرڻ کان وٺي آن کڙڻ وارا پنجاب چوڏري ۽ پناهگيرن جا دلال هوندا هئا. ان وقت سنڌ جو هاري ائين سمجهندو هو تہ اهو سنگ نہ پر منهنجي سِسي پيئي ڪپجي. جڏهن سنڌ جي ٻنين ۾ چٽن، مٽرن ۽ سرنهن جا گل ڪنهن جي مٽڙي مرڪ وانگر ڪڙندا هئا تہ انهيءَ کي پٽڻ لاءِ پنجابي فوجين جا چاڙتا اڳتي وڌندا هئا.

اسان پاڪستان جي ذريعي محبت گهري هئي، اسان کي نفرت ملي.

اسان پنهنجائپ جي طلب ڪئي هئي، پر اسان کي ڏاريائپ نصيب ٿي.

اسان دوستي جي خواهش ڪئي هئي، اسان کي دشمني ملي.

اسان انصاف گهريو اسان کي ظلم پلئه پيو. اسان علم جي تمنا ڪئي هئي اسان کي جهالت ڏني وئي.

اسان خوشحالي گهري مگر اسان کي بک، بيروزگاري ۽ غربت نصيب ٿي. ۽ جڏهن اسان انهيءَ انڌير جي خلاف احتجاج ڪيو تہ اسان جي مٿان گوليون ۽ لئيون وسائي اسان کي ملڪ دشمن ڪوٺيو ويو.

انهن سيني شين گڏجي 4 مارچ تي احتجاج جي صورت اختيار ڪئي. اڄ چوٽين مارچ ملهائڻ وقت اسان کي سوچڻ گهرجي تہ انهن حالتن ۾ ڪير آيو آهي، يا جيئن جو تيئن باقي آهن؟ آئون يقين سان چوان ٿو تہ حالتن ۾ ڪوبہ ڦيرو ڪونہ آيو آهي. البت هڪ اهڙي ناانصافي اسان سان نئين ٿي آهي، جيڪا جناح کان وٺي يحيٰ خان تائين ڪانہ ٿي هئي، ۽ اها آهي قومن کي ختم ڪرڻ وارو نئون بل، جنهن تحت مسلم قوم کي نہ مجيڻ غداري قرار ڏنو ويو آهي ۽ اسان جي لاءِ پٽي صاحب جي مهرباني سان سنڌي سڏائڻ ڏوهہ ٺهرايو ويو آهي.

دنيا اڄ اهڙي دور ۾ درجي تي پهچي چڪي آهي، جو ڪنهن سياسي ڳالهه کي مذهبي دليلن سان ثابت ڪرڻ انساني تجربن ۽ فڪري ڪاوشن تي ننڍولي ڪرڻ جي برابر آهي. ليڪن چونڪ پاڪستان جا دانشور جڏهن به ڪا ڳالهه ٿا ڪن ته ان کي مذهبي غسل ضرور ڏين ٿا. انهيءَ ڪري آئون صرف ايترو چوندس ته اسلامي حڪومت جو ٻيو خليفو حضرت عمر ته مسلم قوم جو قائل ئي نه هو.

(1) جيئن ته هن هڪ تقرير ۾ چيو هو ته، "نحن قوم اعزنا الله بالاسلام." يعني اسان عرب هڪ مسقل قوم آهيون، جنهن کي اسلام جي ذريعي عزت ملي آهي. (2) هن هڪ خط ۾ سپاهين کي هدايت ڪئي ته ايران ۽ عراق ۾ وڃي اتي جي عورتن سان شادي نه ڪجو. ڇو ته ائين ڪرڻ سان توهان جو خالص عرب نسل، توهان جي خالص عربي قوميت ختم ٿي ويندي. پهرين پاڪستان جي قومي اسيمبلي حضرت عمر جي باري ۾ بل پاس ڪري.

ساٿيو! جڏهن اهڙا انڌيرا ايجان موجود آهن، انهيءَ صورت ۾ اسان جو هن لان تي گڏجڻ ثابت ٿو ڪري ته اسان جي جدوجهد ايجا جاري آهي. جهڙي طرح جنگ هلندي ڪو سولجر مورچو چڏي پڄي ٿو ته ان کي غدار قرار ڏنو وڃي ٿو. اهڙي طرح جيڪڏهن جنگ هلندي ڪوبه ڪارڪن پڄي دشمن جي صف ۾ شامل ٿئي ٿو ته ان کي به معاف ڪري نه ٿو سگهجي.

اسان چور، ڏاڪو ۽ ڏاڙيل ٿي سگهون ٿا، ليڪن قومي غدار هرگز ٿي نه ٿا سگهون.

سنڌڙي منهنجي ماءُ منهنجي جيجل توتان گهور ٿيان،
شل نه ٿيان غدار سندءِ، ٻل ڏاڪو ٿيان يا چور ٿيان.

(4 مارچ 1972ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جامشوري ۾ ڪيل تقرير)

پيار ۽ پلاند...

جناب صدر محترم شاهه صاحب ۽ ساڻيو جيئي سنڌ

ڪافي ڪجهه تقريرون ٿيون آهن ۽ ڪيترائي مقرر وينا آهن، انهن جي موجودگي ۾ مون مناسب نه ٿي سمجهيو ته آئون ڳالهايان ۽ نه ئي اڳواڻ آئون ڪا تياري ڪري آيو هوس. آئون هتي صرف شهيدن جي ورسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو هوس. اوهان جي حڪم تي چند ڳالهيون ٻڌائڻ جي جرئت ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ مون کي احساس آهي ته هن جاءِ تي مون کي هر حال ۾ احساس ذميواري کي هٿان ڇڏڻو نه آهي، ۽ هر لفظ کي انهيءَ ذميواريءَ سان ادا ڪرڻو آهي، جيئن مان ان تي عمل ڪري سگهان. چو ته هي سنڌ جي ٻن نوجوانن جي شهادت جو ميدان آهي. هن جاءِ جي ذري ذري ۾ شهيدن جي رت جا مقدس قڙا اسان جي لاءِ عظيم سرمايو ۽ اسان جي سستي ۽ غفلت لاءِ چهبڪ آهن.

گذريل سال هن ڏرتيءَ تي، جو ڪجهه وهيو واپريو تنهن مان اسان کي سبق پرائڻ گهرجي ته جيئڪي قومون پنهنجي ئي ڏرتيءَ تي پنهنجي بچاءَ ۽ حفاظت کان غافل هونديون آهن، تن جو حشر هيءُ ٿيندو آهي، جو سندن ئي شهرن ۾ انهن جي ٻچڙن کي ڪٽو ويندو آهي. سندن ئي شهرن جون گهٽيون ڪاريهرن کي پاليندیون آهن. سندن ئي آستينن ۾ نانگ لڪل هوندا آهن. پوءِ انهن قومن جي عزت سلامت رهندي آهي نه وري وقار نه لوئي بچندي آهي نه وري لڄ.

اهو حال سنڌين جو ٿي گذريو. هڪ ڪروڙ جي صحيح سالم قوم کي سندس پنهنجي ملڪ ۾ تاريخ جا بدترين ڏينهن ڏسڻا پيا ۽ هو حيران ۽ پريشان ٿي ڪڏهن انهن رهبرن ڏانهن ڏسندي رهي، جيئڪي

ڏارين جي اشاري ۾ حڪم سان پنهنجي ماءُ جي سينڊ ڪوڙڻ کان به کيئن کيپائيندا آهن. يا انهن کوڙن ڪامريڊن ڏانهن واجهائيندي رهي، جن پهريائين ته بچاءُ ڪميٽيون ٺاهيون ۽ پوءِ امن سپائون ٺاهي، ڊي سي سان گڏ فوٽو ڇپرائي، چندي جي پئسن سان هوٽلن ۾ جاوا ڪري، مائوزي تنگ جي ڳاڙهي ڪتاب مان پوئتي هٽڻ جون حڪمت عمليون ٻڌائڻ ۾ مصروف ٿي ويا.

جناب صدر! اڄ مون کان اڳ ۾ ڪيترن دوستن تقريرون ڪيون آهن ۽ هر تقرير ۾ پلاند ونڊ جو ذڪر موجود هو. پلاند ونڊ ته تمام چڱي ڳالهه آهي، پر سوچڻ جي صرف هي ڳالهه آهي ته پلاند کهڙي شئي جو؟ اسان کي هن ڳالهه تي ويچار ڪرڻ گهرجي ته شهيد عبدالقادر هالييوتو ۽ شهيد بشير احمد تنيو کهڙي جرم ۾ شهيد ڪيا ويا؟ هنن جو گناهه صرف اهو هو ته هو سنڌ جو اولاد ۽ سنڌي زبان سان پيار ڪندڙ هئا.

ٽنڊي جام ۾ ڪاساين صرف ٻن ڪونڊرن کي نه ڪٽو آهي، پر پوري سنڌي قوم، مادر وطن سنڌ ۽ سنڌي زبان تي قاتلانه حملو ڪيو آهي.

اوهان کي جيڪڏهن پلاند ونڊو آهي ته پوري سنڌي قوم ۽ سنڌي زبان جو پلاند ونڊو آهي. اوهان کي ستاويهن سالن ۾ ٽيندڙ ظلمن جو بدلو ونڊو پوندو. اوهان کي سنڌي ماڻهن کان ڦريل روزگار جو بدلو ونڊو پوندو. اوهان کي انهن مائرن جي ڪوڙهن جو پلاند ونڊو پوندو جيڪي هن انڌيرنگري ۾ آسمان مان ڪريل ستارن جي چٽنگن وانگر اونداهين ۾ پنهنجي لالن کي تلاش ڪري رهيا آهن. اوهان کي انهن نو ورنين جي ٽٽل آسن ۽ اميدن جو انتقام ونڊو آهي، جيڪي پنهنجي اکڙن ۾ ڪنهن عبدالقادر ڪنهن بشير احمد ۽ ڪنهن

عبدالرزاق جي راهن ۾ پنبڻين جا سڀيج وڇايو ويئيون آهن ۽ کين خبر آهي ته هاڻي سندن ٽيندڙ ڪانڊ ڪڏهن موٽي نه سگهندا. اوهان کي ڪراچي جي ڪٽجڻ ۽ ون يونٽ جي قيام جو بدلو ونڊو پوندو. اوهان جي روايتن ۾ هي ڳالهه موجود آهي ته پيار ۽ پلاند پراڻا نه ٽيندا آهن. اوهان کي اها ڳالهه ذهن ۾ ويهاري جيڪڏهن تمام پلاند ونڊا آهن ۽ جيڪڏهن غاصبن کان وياج سميت موڙي وصول ڪرڻي آهي ته پوءِ تنظيم، منصوبي ۽ عملي قدم ڏانهن ڏيان ڏيو. باقي خالي ڳالهين مان ڪا شئي ورڻي نه آهي. مون کان اڳ ۾ جنهن دوست تقرير ڪئي تنهن پنهنجي تقرير ۾ چيو ته پوليس شاگردن کي ڳولڻ لاءِ سندن هاسٽلن تي چاپا هنيا آهن، اهو ٻڌي آئون سنڌ جي تاريخ جي ورقن ۾ گم ٿي ويس. مون محسوس ڪيو ته گذريل سال جڏهن فسادين سنڌين کي مارڻ سان گڏ سندن گهرن کي باهيون ڏنيون هيون، تڏهن اهو ائين هو جهڙو پورچوگيزن ڏٺي تي حملو ڪيو هجي، ۽ هن ساڻي جي ڳالهه ٻڌي مون کي يقين ٽيو ويو ته سنڌ ڏهين صديءَ هجريءَ ۾ موٽي وئي آهي، جنهن ۾ ارغون سپاهي محب وطن سنڌين کي ڳولڻ لاءِ گهرن ۽ گهٽين ۾ شڪاري ڪتن وانگر نوس نوس ڪندا وتندا هئا ۽ هر گهيڙ ۽ گهٽ تي قاسين جا ٽياس ٽنگيل هوندا هئا، جن جي چهرن تي موت کان پوءِ به ڏارين، غاصبن، دلالن ۽ ديوث حاڪمن خلاف ڏڪار ۽ نفرت پريل هوندي هئي. پر انهيءَ دور ۾ سنڌي رات ڏينهن، سانجهي صبح، منحوس ارغونن جي تخت ۽ تاج کي ٺوڪرن سان اڏائڻ، انهن جي ڪچين کي کهاڙين سان ڪپڻ، انهن جي جگرن جيرن کي پنهنجن نيزن جي اٽين سان ڦاڙڻ ۽ انهن جي آسائش جي خيمن کي باهه ڏيڻ لاءِ سالن جا سال گوريلا جنگين ۾ مصروف رهيا ۽ شاهه بيگ ۽ شاهه حسن کي هڪ رات به آرام سان سمهڻ نه ڏنائون.

پر اڄ شاھ بيگ جو روحاني اولاد سنڌ تي نوس نوس ڪندو وتي ۽ آئون انهن سنڌين کي ڪٿي ڳوليان. جيڪي هنن نون ارغونن جي پٽيان ڪهاڙيون ڪٽن ۽ اونداهين ۾ امڙن وانگر روشني پيدا ڪن. پر آئون مايوس نہ آهيان. حالتون هميشہ هڪ جهڙيون نہ ٿيون رهن. صرف اسان ۾ سچائي ۽ ثابت قدمي هجي. ڪنهن بہ صورت ۾ حالتن سان سمجهوتو نہ ڪريو. حالتن جي اڳيان گوڏا کوڙڻ بزدلن جو ڪم ۽ شيوو آهي. اوهان بزدل ۽ گيدي نہ ٿجو. گيدين جي قبرن تي ڪُتا پيشاب ڪندا آهن. ۽ بهادرن جي قبرن کي ڏسي ڏاڍن جا ڏيل ڏري ويندا آهن.

بزدل جرنيل آزاد فوج کي قيد ڪرائيندو آهي ۽ بهادر رهنما ڦاسيءَ جي ڦندي تان قوم جي آزاديءَ جو پروانو وٺي ايندو آهي. اوهان اڄ هتي شهيدن جي تصويرن جي روبرو واعدو ڪريو تہ ان وقت تائين پنهنجي سينن ۾ زخم محسوس ڪندئو جيستائين سنڌي قوم سان ٿيل سيني ناانصافين جو خاتمو نہ ٿا ڪريو. پر جيئن تہ مون اڳ ۾ چيو آهي تہ انهيءَ لاءِ اوهان کي صحيح انقلابي تنظيم ۽ مڪمل منصوبہ بندي ڪرڻي آهي. تنظيم کان اڳ ۾ آئون چند ڳالهين جي وضاحت ضروري ٿو سمجهان. جيڪي مون کان اڳ ۾ هر مقرر رٽيل نموني پئي ڏهرايون آهن.

(1) ڪنهن دوست چيو آهي تہ نعرن مان ڪجهہ ورٽو ناهي. انهيءَ دوست کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ نعرا قومن جي زندگيءَ جا اهڃاڻ آهن. جنهن قوم وٽ پنهنجو قومي نعرو ۽ جهنڊو نہ آهي. تنهن کي قوم چوائڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي. سنڌ جا دشمن چاهين ٿا تہ اوهان کان سڀ ڪجهہ ڦرڻ ڪانپوءِ اوهان جو قومي نعرو بہ ڦري ان جي جاءِ تي لاهور ڪراچي ۽ پيڪنگ جي ٽڪسالن ۾ گهڙيل نعرا اوهان

جي وات ۾ وجهي ڇڏين. نعرو جنگ جي تياريءَ لاءِ سڏ آهي، انهيءَ کري اوهان سنڌ جي ڳ گهر، هر گهٽي، هر شهر ۽ هر واهڻ ۽ هر وستي ۾ پنهنجي قومي نعري ٻڌي ايترو تہ زور سان ورجايو جو اهو آواز ڪنهن هڪ فرد، گروهہ ۽ پارٽي جو نہ پر پوري هڪ ڪروڙ سنڌي قوم جو آواز بنجي وڃي ۽ انهيءَ نعري جي للڪار ۽ موهن جي دڙي جي دانهن بنجي اڳتي قدم وڌايو ۽ ساري سنڌ ۾ مليير جي مٽيءَ جي مهڪ ۽ ٻڌائيءَ جي تنبوري جي تنوار وانگر پکڙجي ٻئو قومي نعري جي اهميت گهٽائيندڙ اهو وساري ڇڏيو آهي تہ هڪ نعري جو آواز قومن ۾ پنهنجائپ جي پروڙ ۽ احساس پيدا ڪري ٿو.

(2) عام طرح ٽيبل ٽاڪر قسم جي دانشورن اهو باور ٻڌي ڪرايو آهي، تہ جلسن جلوسن مان ڪوبہ فائدو ڪونهي، تنهن ڪري انهن ڳالهين کان پرهيز لازمي آهي. انهيءَ لاءِ عرض آهي تہ جلسن جي ذريعي قومي ڪارڪنن کي پنهنجي طاقت، قوت ۽ تعداد جو اندازو ٿئي ٿو. هنن ۾ سرجوشيءَ سان اڳتي وڌڻ جو جذبو اپري ٿو. ڇڙ وڇڙ ٽيل ماڻهن ۾ اجتماعيت جو احساس ۽ شعور بيدار ٿئي ٿو. هٽلر لکيو آهي تہ: "جلسا ضروري آهن، اهو شخص جيڪو تحريڪ ۾ شامل ٽيڻ لاءِ ڪشش محسوس ڪري ٿو. پر اڪيلو هئڻ ڪري تحريڪ کان ٿهنڊو رهي ٿو. سو جلسي ۾ پنهنجي پاڻ کي هڪ وڏي ڪٽنب جو فرد محسوس ڪرڻ سان گڏ پنهنجي اندر ۾ زبردست طاقت ۽ قوت محسوس ڪري ٿو ۽ هو جلسي جو اثر قبول ڪري ٿو. جلسي ۾ گڏ ٽيل هزارها ماڻهن جون خواهشون، امنگون ۽ طاقت جلسي ۾ شامل هر ماڻهو پاڻ ۾ محسوس ڪري ٿو. اهو ماڻهو جنهن کي اڳ ۾ شڪ ۽ شبها هوندا آهن ۽ هو تحريڪ ۾ شامل ٽيڻ کان ڪيڀائيندو رهندو آهي، سو جلسي ۾ شامل ٽيڻ کان پوءِ پنهنجي اندر پکو يقين ۽ اعتماد

محسوس ڪندو آهي. ڇو ته هاڻي هو هڪ وڏي ڪٽنب جو فرد آهي." انهن سببن ڪري گهٽ ۾ گهٽ آئون تحريڪن لاءِ جلسا ضروري سمجهان ٿو.

(3) عام طرح پروپيگنڊا ڪئي وئي آهي ته سياسي ڪم اهو ئي فائدي وارو آهي، جيڪو پهراڙين ۾ ڪيو ويجي. باقي شهرن ۾ ڪم ڪرڻ سان ڪوبه فائدو ڪونهي. آئون پهراڙين جي اهميت کان انڪار ڪونه ٿو ڪريان. ليڪن شهرن کي به نظرانداز ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان. منهنجي خيال ۾ ڪنهن تحريڪ جي پروگرام کي ڪامياب بنائڻ لاءِ شهري ڪم به وڏي اهميت رکي ٿو. ڇو ته ڪنهن به حڪومت کي مفلوج بنائڻ لاءِ شهري ايجي ٽيشن سڀ کان وڏو حربو آهي. شهرن کي توهان بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو ته انهيءَ صورت ۾ ايجي ٽيشن، مطالبن، جلسن جلوسن، پوسٽرن ۽ اخبارن جي حد تائين توهان بي اثر ٿي پوندئو. شهر ۾ نڪتل هڪ جلوس، عام راءِ کي ايترو متاثر ڪري ٿو جيترو سالن جا سال پهراڙي ۾ ڪم ڪرڻ. انهيءَ ڪانسواءِ شهر ڪنهن قوم جي فتح ۽ شڪست جو نشان ۽ علامتون آهن، جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي اڌ پهراڙيءَ تي دشمن قبضو ڪري ونئي، ليڪن انهيءَ ملڪ جو مرڪزي شهر سندس قبضي مان ٻاهر هجي، ته پوءِ انهيءَ ملڪ کي شڪست ڪاڏل ملڪ نه چئي سگهبو. پر جيڪڏهن مرڪزي شهر دشمن جي قبضي ۾ اچي وڃن ته پوءِ اهو ملڪ پنهنجي شڪست تسليم ڪري ونندو آهي، انهيءَ لاءِ آئون مثال ڏيندس.

(1) پهرين جنگ عظيم ۾ جرمني ان وقت تائين شڪست تسليم نه ڪئي، جيستائين اتحادي فوجون برلن ۽ ميونخ ۾ داخل نه ٿيون. ليڪن جيئن ئي اتحادي فوجون انهن شهرن ۾ داخل ٿيون ته هٽلر پڄي ويو يا مارجي ويو. جرمني شڪست تسليم ڪئي ۽ رهيل نازي دستن هٿيار ڦٽا ڪيا.

(2) بنگلاديش جي آزاديءَ جي جنگ ۾ سابق مشرقي پاڪستان کي انهيءَ وقت تائين بنگلاديش نه ٿي سمجهيو ويو. جيستائين جنرل اروڙا جي اڳواڻي هيٺ هندستاني فوج ڍاڪا ۾ داخل نه ٿي هئي.

ڍاڪا جي فتح ٿيڻ شرط پاڪستان شڪست تسليم ڪئي ۽ سونار بنگلا آزاد ٿي ويو. انهن ٻنهي مثالن مان توهان شهرن جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهو ٿا.

(3) پاڻ ۾ قومي ٻڌي پيدا ڪريو. انهيءَ سادي سودي سوال تي به ڪافي غلط فهميون پيدا ڪيون ويون آهن. قومي ٻڌي صرف ڪنهن هڪ طبقي جي اتحاد جو نالو نه آهي. پوءِ اهو طبقو ڪٽي پوري قوم جو اسي سيڪڙو ڇو نه هجي. قومي ٻڌي مان مراد آهي سيني طبقن ۽ انهن جي نمائندگي ڪندڙ ذهنن جو اتفاق ۽ اتحاد. قومي ٻڌي لاءِ هر ماڻهو هاري، زميندار، شاگرد، استاد، اديب، شاعر، وڪيل، دانشور، مولوي، پنڊت، سپاهي، واپاري، هندو، مسلم سڀ هڪ نصب العين لاءِ سوچين ۽ ان جي حصول لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. اهڙي تحريڪ ۾ اختلافي نعرا جيترو گهٽ اوترو وڌيڪ فائدو. خاص ڪري طبقاتي ڇيڙ ڇاڙ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ملڪن لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿي آهي. انهيءَ کان پاسو ڪرڻ لازمي آهي. هي ڳالهه طئي ٿيل آهي ته جيڪي ملڪ هڪ ئي وقت ڪنهن ٻاهرين طاقت جا غلام هجن ۽ اندروني طرح جاگيرداري ۽ سرمائيداري ۾ به جڪڙيل هجن ـ جيئن سنڌ آهي.

"حقيقت ۾ ٻاهرين غلامي ئي اندروني جاگيرداري، اقتصادي بدحالي ۽ سرمائيداري کي جنم ڏيندي آهي." اهڙي حالت ۾ انهن ملڪن لاءِ بهترين رستو هي آهي ته هو پهرين ٻاهرين غلاميءَ کي ختم ڪن ۽ پوءِ جاگيرداري کي. اهڙي صورت ۾ هو آزاد متحد صورت ۾ ٿين ٿا. ۽ جاگيرداري به ختم ٿيو وڃي، جيئن الجزائر ۽ بنگلاديش. ليڪن

جن ملڪن هڪ ئي وقت ٻاهرين طاقت ۽ اندروني جاگيردارن سان لڙائي شروع ڪئي، سي پنهنجو اتحاد وڃائي وينا. جيئن چين، ويٽنام ۽ ڪوريا. آخري هٿيار هي آهي جيڪو ڏيڍ فوٽ دانشور ۽ ڪامريڊ پنهنجن سونهري فريمن واريون عينڪون ٽيڪ ڪندي استعمال ڪن ٿا تہ ڪوبہ وڏو ماڻهو قومي تحريڪ جي اڳواڻي نہ ڪري. هي صورت ۾ اها تحريڪ رجعت پسند ٿي پوندي. آئون ڪونہ ٿو چوان تہ قيادت هروپيرو ڪنهن وڏي ماڻهو جي هٿ ۾ هجي. پر سوال طبقاتي نہ آهي. سوال محب وطن ۽ غدار جو آهي. جيڪڏهن هڪ زميندار محبت وطن، وفادار مخلص آهي تہ پوءِ ڪيس ڇو نہ قيادت ڏني وڃي. ڪمبوڊيا ۾ وڙهندڙ فوج جي اڳواڻي پرنس سهانوڪ جيڪو شهزادو آهي، ڪري تہ اها جنگ انقلابي آهي ۽ جيئي سنڌ جي اڳواڻي جيڪڏن جي. ايم سيد ڪري تہ اها ت پسنديا اهو ڪٿي جو انصاف آهي؟ خود لينن، امير حبيب ا جي قيادت ۾ انگريزن خلاف پٺاڻن جي مسلح جدوجهد ڪي شاندار ۽ انقلابي سڏيو آهي، تہ پوءِ هي پاڪيٽ سائيز ڳاڙهي ڪتاب جا حافظ سڳورا هٿ ڏوئي ڇو جيئي سنڌ وارن جي پٺيان پيا آهن؟ ظاهر ڳالهہ آهي تہ حڪمرانن جا آلہ ڪار ۽ ڏارين جي ڪاز کي مضبوط ڪندڙ ئي سگهن ٿا.

آخر ۾ آئون ايترو عرض ڪندس تہ پنهنجي تاريخ، زبان ۽ ڪلچر کي چگي طرح پڙهو ڇو تہ جنهن قومي ڪارڪن کي انهن شين جي پوري ڄاڻ نہ آهي، سو سٺو ورڪر ٿي نہ ٿو سگهي. سٺي ورڪر لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي تحريڪ جي تاريخي پسمنظر، سببن ۽ بين تحريڪن جي تاريخ ۽ ماحول کان واقفيت حاصل ڪري اهي لفظ چئي آئون پنهنجي جاءِ ونندس. جيئي سنڌ.

(10 جولاءِ 1973ع تي ٽنڈي جام ۾ شهيدن جي ورسي جي موقعي تي ڪيل تقرير)

✷

'فريڊم مارچ' قافلي کي خطاب

ڪنڌا مُون پيرن ۾ توڙي لک لڳن،
آگر آگوڻي نہ مڙي، ڇپون پير ڇڻن،
ويندي ڏَانهہ ٻرين، جُتي جاتِ نہ پائڻيان!
(شاهہ)

دوستو ساٿيو سنڌ جا وارثو!

پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جا باشعور دوستو!

عالمي ضمير جا نمائندؤ!

جيئي سنڌو ديش - جيئي سائين جي.ايم.سيد!

اوهان سڀني اڄ سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ جي تاريخي پريس ڪلب جي سامهون، سنڌ جي انهن نوجوانن ۽ 'فريڊم مارچ' جي پانڌيئڙن جي استقبال ۽ آجيان لاءِ اچي گڏ ٿيا آهيو جيڪي رهبر اعظم سائين جي.ايم.سيد جا فڪري فرزند ۽ ڏيئرون آهن. هنن نوجوانن سنڌ جي آزاديءَ جا سپنا اکين ۾ سمائي، سکر جي تاريخي ساڌ ٻيلي کان وٺي 'مشرق جي راڻي' ڪراچيءَ تائين پيرين پيادو پنڌ ڪيو آهي ۽ پٿرون ٽيل پيرن سان 'هڪ مقصد' کڻي اچي هتي پهتا آهن. هي نوجوان، سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز چواڻي:

ڳاڙهو ڳيرو سنڌ جا، تُون ئي منهنجو خوابُ،
تون ئي آنهہ جوابُ، صدين جي سوال جو!

هي همت ۽ حوصلي جا مجسما ۽ قرباني جا پتلا نوجوان، ڪن اعليٰ آدرشن، نيڪ خواهشن ۽ خواب آلوده نگاهن جهڙيءَ خوبصورت سنڌ جي ڪن 'اهم مسئلن' کي پنهنجي جدوجهد جو بنياد بنائي، سنڌ جي رهواسين، پنهنجي ايندڙ نسلن ۽ سموري عالمِ

انسانيت کي، سنڌ جو سچ، سُونهن، نيڪي ۽ خير، آزاديءَ ۽ امن وارو اهو خوبصورت رنگ ۽ روپ ڏيکارڻ لاءِ، پنهنجا پير پٽون ڪري، روڊن ۽ رستن کي پنهنجي ريٽي رَت سان رڱي، مشرق جي راڻي ڪراچيءَ واري شهر ۾ اوهان سان گڏ ٻيٺا آهن. هنن هي هيڏو سارو سفر 'فريڊم مارچ' (Freedom March) جي نالي ۾ ڪيو آهي. 'فريڊم' (Freedom) لاءِ مارچ. انسانيت جي تاريخ ۾ برصغير جي رُوح جي پارکو مهاتما گانڌيءَ ۽ چين جي عظيم اڳواڻ مائوزي تنگ ۽ ڪيو هو. 'فريڊم مارچ'، سنڌ جي سپوت ۽ اسان جي ساڻي سرائي قربان کهاوڙ- لاڙڪاڻي کان سنڌ جي قومي ڪعبي سن تائين ۽ سنڌ جي ارڏي پُٽ بشير خان قريشيءَ ۽ سکر کان ڪراچيءَ تائين ڪيو هو. اُن مارچ جو نالو ڪٽي ڪهڙو ۽ هجي، پر اُهو مارچ 'وندر جي وات' ۽ آزاديءَ جي حُسناڪ ديويءَ ڏانهن ئي همت ۽ حوصلي جو مارچ هو!

اوهان هتي گڏ ٿيندڙ دوستن ۽ سنڌ واسين کي اهو سوچڻ گهرجي ته آخر هي 'فريڊم مارچ' آهي ڇا، جنهن لاءِ مائوزي تنگ هزارين ماڻهو قربان ڪرايا هئا، مهاتما گانڌيءَ هڪڙي ڏينهن ۾ 30 هزار جان نثار گرفتار ڪرايا هئا؟ شهيد قربان کهاوڙ ۽ شهيد بشير خان قريشيءَ، جوش ۽ جذبي سان اکين جا اوجاڳا ۽ پيرن جا ڦلوڪٽا برداشت ڪيا هئا؟ ياد رکو! اُها 'فريڊم' (Freedom)، جڏهن ڪنهن قوم لاءِ انڊلڻ جو روپ اختيار ڪندي آهي، تڏهن سُڪل کيت سرسبز ۽ شاداب ٿي پوندا آهن، سهاڳڻين جا چهرا ڦهه ڦهه ٻرڻ لڳندا آهن ۽ ڏرتيءَ مان مروي (نازبوءِ) جي خوشبوءِ اچڻ لڳندي آهي. اُن انگريزي لفظ 'فريڊم' (Freedom) جو ترجمو آهي "آزادي"! اسان جي هنن نوجوانن ۽ 'آزاديءَ جو اهو سپنو جاڳندڙ اکين سان ڏسي، هيڏو سارو پيادل سفر ڪيو آهي. جيڏو سفر سڪندراعظم جو شاهي لشڪر ۽

اُباوڑي کان سيوهڙ تائين نہ ڪري سگهيو هو جو تہ هن کي وک وک تي سنڌ جي آزادي پسند عوام سان مقابلو ڪرڻو پئي پيو پر هنن خوبصورت مٽن ۽ ستارن وانگر جرڪندڙ سنڌي نوجوانن کي ساڻ ٻيلي کان ڪراچي پريس ڪلب تائين وک وک تي سوين هزارين سنڌين اکين تي ويهاريو هو ياڪرن ۾ پري ڳلن تي چُميون ڏئي ۽ اجرڪون اوڍائي سندن آجيان ڪئي هئي.

ياد رکو! جڏهن ڪنهن قوم جون ننڍاکڙيون اکيون جاڳنديون آهن، تہ اُن قوم جي رڳن ۾ روهيڙي جي گُلن جهڙو رَتُ رقص ڪرڻ لڳندو آهي. اُن قوم جي فردن جي ذهنن ۾ پنهنجي قوم ۽ وطن جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ حوصلا ۽ بلنديون پيدا ٿينديون آهن ۽ سندن دلين ۾ آزاديءَ لاءِ نوان امنگ ۽ جذبا جنم ونڌندا آهن- ۽ پوءِ اُهي قومون موهن جي دڙي جهڙا عظيم شهر ۽ حيدرآباد ۽ رُوپا ماڙيءَ جهڙا تخت گاهہ تعمير ڪنديون آهن.

پر اڄ جي دور ۾ اسان جنهن ٻاٽ اونداهيءَ ۾ رڌڪا ۽ ٽاپا کائي رهيا آهيون، اُن جو ڪارڻ صرف 'سنڌ جي غلامي' آهي. اسان جي هيءَ سنڌ، جيڪا اڄ ٻٽن ۾ مال چاريندڙ ڏنار جي سينڌ يا آزاد بانسريءَ جي فضا ۾ بلند ٿيندڙ آواز کي گهٽيو ۽ هوساتيو ويئي آهي، جيڪا سنڌ، هر طرح جي قدرتي خزانن- تيل، گئس، ڪوئلي ۽ ٻي معدني دولت سان مالامال آهي، اُن جا ماڻهو ٽرپارڪر، اڇڙي ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ بک ۽ اُڃ وگهي، زندگيءَ کان رُسي، موت جي وادي ۽ ڏانهن ڌڪجي رهيا آهن. اُهي ماڻهو جن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن جي آڏو پنڻ لاءِ هٿ نہ ڊگهيريو هو سي اڄ 'رليف فنڊ' ۽ 'انڪم سپورٽ پروگرام' جي خيرات، ڏارين حاڪمن ۽ سندس دلالن جي اُڇلايل ڪٽڪ جي هوريءَ ۽ گيهہ جي ڏٻي حاصل ڪرڻ لاءِ، هڪ ٻئي کي

ڏکا ڏيندي ائين ڊوڙي رهيا آهن. جيئن فرينچن جي قبضي وقت الجزائر ديس جا معصوم ٻارڙا، فرينچ عورتن جي اُڇلايل ڊبل روٽين جي ٽُڪرن لاءِ پاڻ ۾ وڙهندا هئا. اُها سنڌ، جنهن جي سامونڊي بندر ڪوسٽل ايريا، معدني دولت، زرخيز زمين ۽ ڪاري سونَ (ڪوئلي) جون نعمتون ڏسي، سامراجي دُنيا جون اکيون کيريون ٿي ويون آهن. اُن جي محبت وند ۽ قومي وسيلن کان محروم ماڻهن تي موجوده 'رياستِ پاڪستان' طرفان ڪيئي مصيبتون نازل ڪيون ويون آهن. پاڪستان ٺهڻ کان گهٽو اڳ، اردوءَ جي مشهور شاعر، انور صابريءَ هڪڙو شعر چيو هو:

پاکستان میں کیا کیا نہ ہوگا،
سرِ بازار مخانے ہونگے،
بندوقوں کے سائے تلے،
مذہب کے دیوانے ہونگے!

اها ئي ڳالهه، سنڌ جي مس يحا، سنڌو ديش جي آزاديءَ جي علمبردار سائين جي.ايم.سيد، اڄ کان 62 سال اڳ، 1952ع ۾، ويانا ۾ ٿيل 'عالمي امن ڪانفرنس' ۾، پاڪستاني وفد جي اڳواڻ جي حيثيت ۾، بصيرت افروز تقرير ڪندي، ساڳين خطرن کان دنيا جي ملڪن کي آگاهه ڪيو هو ته:

"موجوده پاڪستاني قيادت ـ مسلم ليگ جي اندر ۽ باهر اهڙا گروهه پيدا ڪيا آهن، جيڪي صاحب اقتدار ماڻهن تي اهڙيون پاليسيون اختيار ڪرڻ لاءِ زور ڀري رهيا آهن، جن جو لازمي نتيجو هڪ بنيادپرست رياست (Theocratic State) ۽ پارت سان جنگ جي صورت ۾ نڪرندو..... ان ڳالهه جو گهٽو امڪان آهي ته رجعت پرست، ۽ نيم مذهبي گروهه، اُن صورتحال کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال

ڪن..... اهي نام نهاد مذهبي گروهہ پنهنجن (جهادي) مطالبن ذريعي صاحب اقتدار همراهن کي ڊيڄاري ۽ جهڪائي وجهن ۽ کين پنهنجي مقصدن موجب هلائڻ لاءِ مجبور ڪري وجهن."

انهيءَ موقعي تي، مستقبل تي نظر رکندڙ جي.ايم.سيد عالمي قوتن ۽ امن ڪانفرنس ۾ شريڪ عيوضين کي مخاطب ٿي چيو هو تہ:

"مذهب جي نالي ۾ گڏ ٿيندڙ 'اوندهہ جي طاقتن' خلاف مهاڏو اٽڪائڻ ۾ اسان جي مدد ڪريو."

انور صابريءَ جي خدشن ۽ سائين جي.ايم.سيد جي بصيرت افروز ڳالهين مان 'پاڪستاني حڪمرانن' سبق حاصل نہ ڪيو. ٻئي طرف اُنهن **'مذهبي ديوانن'** هن سڄي خطي کي **'دهشتگرديءَ جو ڳڙهہ'** بنائي ڇڏيو آهي. هي دهشتگرد جيڪي مذهب جي سچي روح ۽ صحيح مفهوم کان واقف ئي نہ آهن، تن اسڪول پڙهندڙ معصوم ٻارڙن ۽ ٻارڙين، ڪپهہ جي ڦُٽيءَ جهڙين سفيد ڏاڙهين وارن بزرگن، مسجدن ۽ مندرن، ٻُڌمت جي آثارن ۽ امام بارگاهن، مختلف عقيدا رکندڙ مسلمانن ۽ گلابي بدن وارين نارين تي خودڪش حملن ۽ بمن جا وسڪارا ڪري ڇڏيا آهن. امن ۽ علم جا مرڪز تہ ڇڏيو پر هنن دهشتگردن کان تہ صوفي بزرگن جون درگاهون ۽ اسان جا قبرستان بہ سلامت نہ آهن.

سندّ تاريخ جي هر دور ۾ امن ۽ انسانيت، محبت ۽ رواداريءَ جي سرزمين رهي آهي، اُتي قبرستانن مان انسانن جا لاش ڪڍي، انهن جي تذليل ڪئي ٿي وڃي، جنهن جو تازو مثال پنگرئي جي 'حاجي فقير قبرستان' مان 'پوري پيل' جو لاش ڪڍي، ان جي سرعام تذليل ۽ بيحرمتي ڪرڻ آهي. حالانڪ رهبر انسانيت محمد رسول اللهؐ جو واضح ارشاد آهي تہ: **"جنگ ۾ وڙهندڙ ۽ مارجي ويندڙ غير مسلم جي**

لاش جي بہ بي حرمتي نہ ڪريو ۽ اُن جي شڪل نہ بگاڙيو." پر هي دهشتگرد، جيڪي قبرستانن مان لاشا ڪڍي بيحرمت ڪن ٿا ۽ غير مذهبن جي مندرن ۽ ڪليسائن تي حملا ڪن ٿا، سي نہ اسلام جي سچي تعلميات کان آگاهہ آهن ۽ نہ ئي سنڌ جي روحاني روايتن کان واقف آهن، بلڪ آئون چوندس تہ اُنهن جا دشمن آهن. سنڌ جي عظيم شهيد شاهہ عنايت جي 'گنج شهيدان' ۽ درگاهہ جي قبرستان ۾ ڪيترائي غير مسلم مدفون آهن. سرمست صوفي شاعر سچل سرمست جي روضي جي احاطي ۾ نماڻي فقير (رُکي ٻائي) ۽ هري ٻائيءَ جون قبرون موجود آهن، ٻيو تہ ڇڏيو ٽنڊي بهاول جي شهيدن جي قبرستان ۾ 'حملي ڪولهيءَ' جي قبر قرآني آيتن سان آراستہ موجود آهي!

ياد رکو! دهشتگرد بهادر نہ، پر بزدل هوندا آهن. اُهي خوفزده ۽ دل جا - ـمزور ماڻهو پنهنجي بزدلي لڪائڻ لاءِ، هٿيارن ذريعي معصوم ۽ بي ڏوهي ماڻهن کي قتل ڪري، دهشتگردي ۽ خوف جو ماحول پيدا ڪندا آهن. ياد رکو! خوف ۽ ظلم جي آڌار تي ڪابہ رياست پنهنجو وجود برقرار رکي نہ ٿي سگهي.

هيءَ اسان جي بدقسمتي آهي، جو اسان هڪ اهڙي رياست سان سلهاڙيا ويا آهيون، جيڪا بهادرن ۽ حريت پسندن کي تہ قتل ڪندي آهي، پر بزدل دهشتگردن آڏو گوڏا کوڙي ساڻن 'مذاڪرات' ڪندي آهي. اُن ڪري اسين اهڙي 'پاڪستاني رياست' ۽ اُن جي حڪمرانن کان سموري انسانيت ۽ انسان ذات لاءِ پناهہ گهرون ٿا!

هنن نوجوانن جي پيادل 'فريڊم مارچ' جو هڪ مقصد پنجابي حڪمرانن طرفان روز روز نڪرندڙ ڪارن قانونن: جهڙوڪ 'تحفظ

پاڪستان آرڊيننس' (Pakistan Protection Ordianance) وغيره جي خلاف احتجاج ڪرڻ ۾ آهي، جنهن قانون موجب رينجرز کي اهي اختيار ملي ويا آهن تہ اهي ڪنهن ۾ ماڻهوءَ کي ٽن مهينن لاءِ عدالت ۾ پيش ڪرڻ کان سواءِ، پنهنجي تحويل ۾ رکي سگهن ٿا ۽ گولي هلائي موقعي تي ماري سگهن ٿا. جيئن 'ماورائي عدالت قتل' ٿيندو آهي. تيئن هي پاڪستاني حڪمران، سنڌي عوام کي 'ماورائي عدالت' ٽن ٽن مهينن جي 'حوالتي سزا' ڏيڻ جو فيصلو ڪري چڪا آهن. هن قانون موجب ڪنهن ۾ شخص کي صفائيءَ جو موقعو ڏيڻ کان سواءِ ٽن مهينن تائين رينجرز جي حوالات ۾ ڏيڻ يا موقعي تي گولي هڻڻ جو مقصد اهو آهي تہ ڪنهن ۾ عدالتي فيصلي کان سواءِ ڪنهن ۾ بيڏوهي شخص کي مجرم قرار ڏئي سگهجي ٿو. اهو قدم غير مهذب ۽ اهو قانون غير اخلاقي ۽ صرف ۽ صرف وحشي هلاکو ۽ چنگيز خان جي روايت جي پيروي ڪرڻ برابر آهي. مهذب دنيا ۾ سول سوسائٽيءَ کي اهڙي وحشياڻي ۽ غير اخلاقي قانون جي مذمت ڪرڻ گهرجي. اسان کي حيرت ان ڳالهہ تي آهي تہ **جواهر لعل نهروءَ جو جمهوريت پسند ملڪ** ۾ هن 'ڪاري قانون' تي خاموش آهي، جڏهن تہ پنڊت جيءَ جو چوڻ هو تہ: **"هندستان جي ڪنهن ۾ ماڻهوءَ کي 'حفاظتي نظربنديءَ' ۾ نہ رکو چو تہ هن ملڪ جا هي ئي ماڻهو آهن، جن انگريز سامراج سان وڙهي آزادي ورتي آهي، انهن کي 'غير مهذب' قانونن هيٺ حراست ۾ رکڻ غلط آهي."** پر هن وحشي قانون جو اطلاق صرف ۽ صرف سنڌي ۽ بلوچ حريت پسندن تي ٿيندو جيڪي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ حصو ونڊي رهيا آهن، جن کي اڄي ئي گولين جو ڪاڄ بنايو پيو وڃي. هي ڪارو قانون، رياست جي وحشي ڪارواين کي تحفظ ڏيڻ جو قانون آهي. رينجرز جي هن قانون کان اڳ ئي اسان آزادي

پسند. سندن ٽارچر سيلن جون عقوبتون پوڳيندا رهون ٿا. اسان جا ڪيترائي ڪونڊر اهڙين ڪارواين ۾ ڪارن قانونن هيٺ قتل ڪيا ويا آهن. جيئري ساڙي شهيد ڪيا ويا آهن ۾ اهو سلسلو ٽوڙيءَ جي شهيدن کان شروع ٿيو هو ۾ سرائي قربان کهاوڙ روپلي چولياٽي ۾ نورالله تنيي جي زنده ساڙڻ وارن واقعن کان پوءِ به ايجا بند نه ٿيو آهي. جيڪڏهن هي ڪارو قانون نافذ ٿيو ته ايجا به الائي اسان جا ڪيترا ڪونڊر هن وحشي رياست جي جبر ۾ استبداد جو شڪار ٿيندا رهندا.

اسان جا هي بهادر نوجوان. جن جا پير ڦلوڪٽن سان پريل رتورت آهن. هي لنبو سفر ڪري هتي اچي پهتا آهن. سي اهڙن ڪارن قانونن هيٺ زندگي بسر ڪرڻ بدران موت جي اکين ۾ اکيون وجهي جيئڻ گهرن ٿا.

چا هيءَ حيرت جهڙي ڳالهه نه آهي ته پنجاب ۾ امن امان جي صورتحال سنڌ کان به وڌيڪ خراب آهي. جتي مظفرگڙهه ۾ تازو هڪ شاگرديائيءَ سان اجتماعي زنا (Collective Rape) وارو واقعو سرزد ٿيو آهي ۾ پنجاب ۾ روز ٻا ٿيندڙ اهڙن واقعن جي هڪ سيريز موجود آهي. اتي امن امان جي بحاليءَ ۾ عزت جي تحفظ لاءِ رينجرز کي اهي اختيار نه ڏنا ويا آهن. رينجرز ته لڪ جي سرحدن جي نگهبانيءَ لاءِ مقرر هوندي آهي. پر اوهان سڀ آگاهه آهيو ته سرحدن تي سمگلنگ ۾ هر قسم جا جرائم جاري آهن. پر اُتي رينجرز جو ڪردار ۾ اختيارَ خاموش آهن! هيءَ رينجرز رڳو سنڌي ۾ اردو ڳالهائيندڙ عوام کي چيڀاٽڻ لاءِ. اهڙن ڪارن قانونن سان مسلح ٿي. ڪراچيءَ ۾ حيدرآباد ۾ آئي آهي!

وڏي ڳالهه ته انهيءَ رينجرز جي موجودگيءَ ۾ هي سنڌ جي عشق ۾ محبت سان سرشار فريڊم مارچ جا پانڌيئڙا نوجوان. سنڌ جي روڊن کي پنهنجي پيرن جي رت سان ائين رنگيندا هتي پهتا آهن.

جيئن ڪنهن ڪنواري جي هٿن ۾ پيرن تي سهاڳ رات جو مينديءَ جا گل ناهيا ويندا آهن. اُن جي باوجود اسان جا رودِ اسان لاءِ محفوظ نہ آهن. هن 'فريڊم مارچ' جي پرامن نوجوانن تي **پهريون حملو ٿيڙهيءَ** (ضلعي خيرپور ميرس) ۾ رينجرز طرفان ڪيو ويو هو ۽ **ٻيو حملو دولهه** دريا خان پل (ڏٺي) ويجهو 'پناڻ ڳوٺ' وٽ **پناڻن** طرفان ڪيو ويو. ظلم جي انتها اها آهي تہ انهن حملي آور دهشتگردن کي تہ شخصي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ اسان جي بهادر ڪارڪنن جي مٿن تي لڳل ڏڪن مان ريٽو رت ايڏا سِمي رهيو آهي. اُن ڪري آئون چوان ٿو تہ دهشتگردي هر صورت ۾ مذمت لائق عمل آهي ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ٿي ڪري سگهجي. پر آئون پنهنجو نقطہ نظر واضح ڪندي هنن نوجوانن سان مخاطب آهيان تہ. **"دهشتگرديءَ جو جواب دهشتگردي نہ آهي، پر عزم، همت، حوصلي ۽ آزاديءَ جي عشق ۽ جذبي سان سرشار ٿي، مهاتما گانڌيءَ وانگر اڳتي وڌڻ آهي. اوهان وڌندا رهو، فتح اوهان جي آهي."** ياد رکو! فتحون ٻن قسمن جون ٿيندیون آهن: **هڪڙي جسماني فتح**، جنهن ۾ دشمن سان سامهون ٿي سندس ڪنڌ ڪپجي ۽ ٻي **ذهني ۽ روحاني فتح** ٿيندي آهي، جيڪا ازل ۽ ابد جو سورج هوندي آهي. اُن کي ڪابہ تيز آندي يا سونامي جهڪو ۽ جهيٽو ڪري نہ سگهندي آهي.

سنڌ تي جيڪي مصيبتون نازل آهن، تن مان اهم مسئلو **'ڏارين جي آبادڪاري'** پڻ آهي، جيڪا سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي وڏي سازش آهي. مون کي حيرت ان ڳالهہ تي آهي تہ ڪنڌڪوٽ ۾ هڪڙي 'پناڻ وستي' موجود آهي، جنهن جي چڱن مڙسن علي الاعلان چيو آهي تہ. **"اسان وٽ ڊبل ڪارڊ هڪڙا ڪوئٽا ۽ پشاور جا ۽ ٻيا لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد جا ٿهيل آهن ۽ سنڌ جي**

انهن ضلعن جا مقامي سردار اسان جي مدد ڪن ٿا." آئون پڇڙ گهران ٿو ته ڇا اهڙا مقامي سردار سنڌي ٿي سگهن ٿا؟ ڇا اُهي سنڌي ماڻهن جا خير خواهه ٿي سگهن ٿا؟ اهي پنهنجن ماڻهن جي روحاني ڪمزورين ۽ ذهني پسماندگي کي ته نه ٿا ڏسن. پر باهرين ماڻهن جي نازڪ صنف جا رڳو رنگ ۽ جسم ڏسن ٿا ۽ ان تي سنڌي قوم ۽ سنڌ وطن کي وڪڙڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا! ڪين ياد رکڻ گهرجي ته ذهني، روحاني ۽ فڪري طرح بلند ماڻهو مينهن وساڻن جهڙن جسمن آڏو جهڪي نه ٿو سگهي. انهن ماڻهن آڏو ڪردار ۽ عمل جو حسن ئي سپ ڪجهه هوندو آهي. اسان جي نظر ۾ تر جي گائڪا مائي پاڪي، جنهن جو رنگ چاڪري مٽان وسندڙ ڪڪر جهڙو سانورو ۽ ڪارو هو اُها روحاني، ذهني ۽ فڪري طرح سنڌ ۾ ابد تائين زنده رهندي. مائي جيوٽيءَ جو رنگ ۽ روپ به مينهن وساڻن جهڙو نه هو پر پنهنجي آواز ۽ آلاپ ۾ هوءَ سنڌ جي ڪوئل هئي، اها اسان جي روحاني عظمت جو نشان آهي. اُن ڪري سنڌ جو هي نوجوان نسل، جن جي ذهنن ۽ دلين ۾ سُرت ۽ ساڃاهه جا گلاب ڦٽا آهن، سو انهن ڏارين جي دلال سردارن ۽ قومي غدارن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪندو!

اهڙي طرح سپر هاءِ وي، گڏاپ ۽ ذوالفقار آباد ۾ ڏارين جي آبادڪاريءَ جا جيڪي منصوبا رٿيا پيا وڃن ۽ 'بحريه ٽائون' جي نالي جيڪي 'جديد شهر' جوڙايا پيا وڃن، اهي 'ڏارين کي آباد ڪرڻ' جا منصوبا آهن، جن لاءِ سنڌ جي هزارين لکين ايڪڙ زرخيز زمين سيڙائي وئي آهي. اسان انهن منصوبن تي عمل ڪرائيندڙ مقامي دلالن، وزيرن ۽ حڪومت کي سنڌ جو غدار سمجهي، سندن خلاف جدوجهد جو اعلان ڪريون ٿا. ۽ هڪ به ڏارئي کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ نه ڏيندا سون. اها ڪٽان جي شرافت آهي ۽ اهو ڪٽان جو انصاف آهي

تہ قبائلي علائقن ۾ خيبر پختونخوا ۾ مذهبي دهشتگردن جي حملن جي شڪار ماٹھن کي سنڌ ۾ آٹي آباد ڪيو پيو وڃي؟ 'پنجابي طالبانن' جي سرزمين تي تہ شريف برادران، دهشتگرديءَ جي متاثر ماٹھن کي آباد ڪرڻ لاءِ تيار بہ نہ آھن. پر سنڌ کو عالمي يتيم خانو آھي ڇا، جو جيڪو بہ 'شيطان' جتان بہ تڙجي نڪري، سو سنڌ ۾ اچي آباد ٹئي؟ هي فريبدم مارچ، ان وڏندڙ ڏارين آبادڪاريءَ جي خلاف آھي، پوءِ اها پاڪستان، اسلام ۽ انساني همدرديءَ جي ڪھڙي بہ خوبصورت غلاف ۾ چونہ ويڙھجي اچي! هڪ پيري اسان جي دوست ۽ قومپرست سياستدان قاسم پٹر سنڌ جي هڪ تپيدار کي شرمائيندي چيو هو تہ، "اوهان سنڌ جون ديهون ۽ زمينون ڏارين کي ڏئي ڇڏيون آھن" ۔ تہ ان کي تپيدار نڙ نٹ وراڻيو هو تہ، "اسان تہ ديهون ڏنيون آھن، پر سنڌ جي سياستدانن کي ڇا ڇڪجي، جن سموري سنڌ وڪٹي ڇڏي آھي ۽ اوهان وري انهن کي چونڊي اسيمبلين ۾ پھچائيندا رهو ٹا!"

بهرحال، اسان اهڙن قبضي گيريءَ جي منصوبن ۽ ڏارين جي آبادڪاريءَ جي رٹائن جي مذمت ڪريون ٹا، جن جو اعتراف حڪومتي ڏريون ڪنديون رهيون آھن تہ سنڌ ۾ هيتري تعداد ۾ غير سنڌي آباد آھن، ۽ پرنٹ ۽ اليڪٹرانڪ ميڊيا پڻ اهڙا انگ اکر وقت بہ وقت ڏيندي رهي آھي.

بهادر ساٹيو! جيئي سنڌ قومي محاذ، توهان جي موجودگيءَ ۾ اعلان ٹو ڪري تہ 'روحاني فتح' تہ اسان حاصل ڪري چڪا آھيون، پر طبعي ۽ جسماني فتح اسان تڏهن حاصل ڪنداسون، جڏهن سمورن ڏارين کي سنڌ نيڪالي ڏني ويندي. اسان ڏارين کي نيڪالي ڏئي، سندن جاءِ تي اُنهن سنڌين ۽ سنڌ جي وارثن کي آباد ڪنداسين.

ڄيڪي ڪن سازشن ۾ مجبورين هيٺ پنهنجو پيارو وطن سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ٿيا آهن.

ساٿيو! سنڌ جي قدرتي وسيلن، معدنيات، تيل، گئس ۾ ڪوئلي جا انگ اکر پيش ڪرڻ کان سواءِ اهو اعلان ٿو ڪريان ته اهي سڀ سنڌين جي ملڪيت آهن ۽ جڏهن هنن نوجوانن ۽ سنڌ جي آزاديءَ واري هلچل جي بهادر ڪارڪنن، سر تي ڪفن ٻڌي، ڪڇ پوڙهن ۽ پنگورين کي ڪُرسيءَ تان لاهي، سندن مسندن کي پنهنجي هٿ ۾ ڪيو ته اهي سمورا قدرتي ۽ پيداواري وسيلا سنڌين جا هوندا ۽ سنڌ ۾ مستقل آباد ماڻهن لاءِ وقف هوندا. سنڌ جي ڪوئلي ۽ ٻين وسيلن جي انگن اکرن کان پوري دنيا آگاهه آهي، پر اها حيرت انگيز ڳالهه آهي ته لکين ميٽرڪ ٽن ڪوئلو ٿر جي سرزمين مان نڪتو آهي، پر اسان جا ٿري هارڙا ۽ ستروند عورتون، حڪومت سنڌ ۽ پنجاب سامراج جي وزيراعظم ڏانهن التجائي نظرن سان ڏسنديون رهن ٿيون ته ڪڏهن تا ڪڪ جا چار داڻا کين نصيب ٿين. اها ڪهڙي نه ڏک جي ڳالهه آهي ته معدني ۽ قدرتي وسيلا سنڌ جي ٽن ضلعن- بدين، ٿرپارڪر ۽ سانگهڙ- ۾ وڌيڪ آهن، پر اُتي حالت اها آهي ته ماڻهو بک وگهي مرندا رهن ٿا. سانگهڙ مان منهنجي مراد رڳو اُهي ڇڪ نه آهي، جيڪي آزادي پسند حرن جي قتل جي صلي ۾ پنجابي سامراجي فوجين کي ڏنا ويا آهن، پر منهنجي سانگهڙ مان مراد اهو اڇڙو ٿر به آهي، جتي انگريز سامراج خلاف سورهيه بادشاهه صبغت الله شاهه پاڳاري جي اڳواڻيءَ ۾ رهبريءَ ۾ وڙهندڙ سورهيه شخص شيخيي راڄڙ رائيفل سان جهاز ڪيرايا هئا، اُن شيخيي راڄڙ جو پُٽ اڄ به دربدر آهي، پر نه هندستان سرڪار ۾ نه پاڪستان سرڪار اُن حريت پسند جي فرزند جي سار لهڻ لاءِ تيار آهي!

هيءَ بہ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ آهي تہ هي 'فريڊم مارچ جا پانڌيئڙا'، اڄ ڪراچيءَ ۾ اُن تاريخ تي پهتا آهن، جنهن تاريخ 20 مارچ 1943ع تي انگيز سامراج سورهيہ بادشاهہ کي 'سنڌ جي آزاديءَ جي ويڑهہ وڙهڻ جي الزام ۾ ڦاسي ڏئي شهيد ڪيو هو. اسان اڄوڪي هن موقعي تي سورهيہ بادشاهہ جي روح کي سلام پيش ڪندي، 'وطن يا ڪفن' جو نعرو هڻندي، وچن ٿا ڪريون تہ گوري سامراج جي دلال، ڪاري سامراج کان سندس ڏرتي سنڌ ضرور آزاد ڪرائينداسون. اسان هن موقعي تي سنڌ حڪومت کي چتاءُ ڏيون ٿا تہ آزاديءَ جي پاسدارن خلاف انگريز سامراج پاران سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاس ڪرايل غير قانوني 'حر ايڪٽ' ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري!

باشعور دوستو! اڄ ٽر ۾ ڏڪار واري صورتحال ۾ جيڪا امداد ورهائي پئي وڃي، ان جي حالت اها آهي تہ سڳورو سيد قائم علي شاهہ هر ڏڪاريل ڪٽنب کي 50 ڪلو ڪڻڪ ڏئي رهيو آهي، جيڪا 10 ياتين واري خاندان جي هڪ هفتي جي بہ خوراڪ نہ آهي. پئي طرف جڏهن پاڪستان جو وزيراعظم ٽرپارڪر جي هيڊڪوارٽر منيءَ جي اسپتال اندر معائنو پيو ڪري تہ اسپتال جي دروازي تي ڊاڪٽرن جا ڏڪا ڪائيندي، هڪ سٽيءَ جي گل جهڙي نياڻي، خدا جي پُ ڪيزہ وجود وانگر هوا ٿي اُڏامي وڃي ٿي ۽ ان تي ڪنهن بہ حڪمران جي نظر نہ ٿي پوي، ڪيڏي نہ شرم جهڙي ڳالهہ آهي!

دوستو! هي 'فريڊم مارچ' جي جدوجهد، انهن نوجوان پوليس وارن جي قربانين کي بہ خراج پيش ڪرڻ لاءِ آهي، جيڪي مذهبي دهشتگردن جي حملن ۾ پنهنجون جانيون وڃائي ويٺا آهن ۽ جن جون مائرون، پينرون ۽ ونيون دادرسيءَ لاءِ ٻاڪاري رهيون آهن. هيءُ مذهبي دهشتگردي مذمت جوڳو عمل آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ مذهب ماڻهوءَ

کي مڪمل انسان بنائڻ لاءِ ايندا آهن. هتي مون کي اڳوٽي عراقي صدر صدام حسين جا لفظ ياد ٿا اچن، جنهن لکيو آهي تہ: **"مذهب صرف پنهنجن پوئلڳن جو تحفظ ڪرڻ لاءِ نہ، پر ان کي نہ مڃيندڙن جو به تحفظ ڪرڻ لاءِ آيو آهي. ان کي جبر ذريعي نافذ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. نظريا سڀ مقدس آهن، پر جيڪو نظريو انسان ذات لاءِ هاڃيڪار ٿئي ٿو سو مردود آهي. اسان کي ڪوشش ڪري مذهب کي انتهاپسنديءِ مارڻ جو ذريعو نہ بنائڻ گهرجي."**

بهرحال، دوستو ساٿيو! مون توهان جو ڪافي وقت ورتو آهي. آخر ۾ آئون فريڊم مارچ ڪندڙ جيئي سنڌ قومي محاذ جي جان نثار نوجوانن کي سلام پيش ڪريان ٿو ۽ کين چوان ٿو:

لاٽ ٻرندي رهي، ساٽ هلندو رهي،
نوجوان ساٿيو سنڌ جا وارثو!
(گدائي)

(20 مارچ 2014ع. پريس ڪلب ڪراچي)

انٹرویو

جيئي سنڌ محاذ جي چيئرپرسن
عبدالواحد آريسر جو انٽرويو

سوال: پاڪستان ۾ جيڪا موجوده اقتدار جي چڪتاڻ هلي رهي آهي ۽ وزير اعظم جي خلاف جيڪا عدم اعتماد جي تحريڪ پيش ڪئي پئي وڃي، جيڪڏهن اها تحريڪ ڪامياب ٿئي ٿي تہ ان جا پاڪستان ۽ سنڌ جي سياست تي ڪهڙا اثر پوندا!؟

جواب: عرض هي آهي تہ پاڪستان ۾ هن وقت جيڪا صورتحال پيدا ٿي آهي، يعني وزير اعظم صاحب جي خلاف جيڪا عدم اعتماد جي رٽ پيش ٿي رهي آهي، حقيقت ۾ ان جو انتظار ڪافي وقت کان هو ۽ اها آڪاڻو ٿيڻ ڪپندي هئي، جو تہ جيڪي ڏريون هن وقت اسيمبليءَ ۾ موجود آهن، انهن ۾ ابتدا کان وٺي ئي ڪيترن قسمن جا تضاد موجود هئا، مثال طور پيپلز پارٽيءَ کي وٺو هن پارٽيءَ ڪجهہ ليڊرن کي ڇڏي، باقي جيڪو ان ۾ ورڪر لڏو آهي يا عام ماڻهن جي هن پارٽيءَ کي جيڪا حمايت حاصل آهي، ان بنياد تي اسان هن پارٽيءَ کي بنهہ ترقي پسند تہ نہ پر ڪجهہ لبرل قسم جي پارٽي سڏي سگهون ٿا، ۽ ان جي پيٽ ۾ جيڪي بہ قوتون اسيمبليءَ اندر اپري آيون آهن، اهي انتہ ئي رجعت پسند، فاشسٽ ۽ قومن جون قاتل قسم جون پارٽيون يا ڏريون آهن. انهن ۾ ڪجهہ ماڻهو اهڙا ٿي سگهن ٿا جيڪي ان حد تائين رجعت پسند ڪٽي نہ هجن، بهرحال اهي ڏريون ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين سامراجين جون دلال ۽ ايجنٽ آهن، ۽ گذريل يارنهن سالا مارشل لائي دور ۾ پ پ پ جون جيڪي مخالف قوتون اپري اسيمبيلن ۾ آيون، تن جي ورڪر لڏي (جيڪڏهن انهن وٽ ڪو ورڪر آهي تہ) يا سندن حمايتي ماڻهن (جيڪي ساڻن گڏ آهن)، آمريت ۽ سامراج جي خلاف ڪنهن بہ قسم جي جدوجهد نہ ڪئي

آهي. ان ڪري پيپلز پارٽي ۽ انهن ڏرين ۾ هڪڙو ته اهو بنيادي تضاد موجود هو باقي سماجي، معاشي يا ٻئي ڪنهن قسم جو منجهن ڪو وڏو تضاد ڪونہ هو. ٻيو هنن ۾ موجود انسان جي فطرت يا انسان جي نفسيات کي بہ اسان نظرانداز نہ ٿا ڪري سگهون. ته پيپلز پارٽيءَ جي خلاف جيڪي قوتون ايري آيون، تن ۾ هڪٻئي سان هڪڙي قسم جي ڪنايت يا ذاتي دشمني موجود هئي. مثال طور هڪڙا اهي ماڻهو هئا، جيڪي ضياءَ جا ساٿي هئا، ضياءَ سان گڏ رهيا، ۽ ٻيا ماڻهو اهي هئا، جن جو واسطو پيپلز پارٽيءَ سان هو ۽ اها ڳالهہ اسان کي ميڙي پوندي تہ ان يارنهن سالا دور ۾ پيپلز پارٽي ضياءَ جي عتاب هيٺ رهي ۽ ڪنهن حد تائين ان جا ميمبر ضياءَ سان وڙهندا رهيا. ان ڪري ٻنهي ڏرين ۾ ذاتي دشمني ۽ ضديت وارا عنصر موجود هئا. خاص ڪري سنڌ مان جيڪي قوتون انهيءَ رجعت پسند لڏي سان مٽي وڃي مليون آهن، جهڙوڪ غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ پير پاڳاري جهڙا ماڻهو جيڪي ضياءَ جا ساٿي يا سهڪاري هئا ۽ ان جي بنهہ ويجهو رهيا هئا، تن سان بہ پيپلز پارٽيءَ وارن کي دشمني هئي. تنهن ڪانسواءِ ٽين ڳالهہ اها بہ هئي تہ هنن پيپلز پارٽيءَ جي موروثي قيادت کي هميشہ سنڌ ۾ چئلينج ڪيو آهي تہ جيئن پيپلز پارٽي تي سندن گرفت ٽي سگهي يا ان کي پنهنجي طرف ونڻي وڃن. چوٿين ڳالهہ پرڏيهي پاليسيءَ تي سندن اختلاف هو. مثال طور افغانستان جو مسئلو آهي. جيتوڻيڪ پيپلز پارٽي افغانستان جي مسئلي کي فوجي دٻاءَ يا آمريڪي پريشر جي ڪري جيئن جو تيئن رکڻ چاهي ٿي ٿي، پر پيپلز پارٽيءَ جي خود اندروني خواهش، اها آهي تہ اهو مسئلو سياسي طريقي سان حل ٿئي. جنهن جو آڻون توهان کي اهو مثال ڏيندس تہ، تازو جڏهن بينظير صاحبہ بنگلاديش جي دوري تي وئي هئي تہ ان وقت هن هڪ واضح

ڳالهه ڪئي هئي، جيڪا بي بي سي تان به نشر ٿي هئي ته افغان باغي ڪنهن به صورت ۾ نجيب کي شڪست ڏئي نه ٿا سگهن، ان ڪري سندن پلو ان ڳالهه ۾ آهي ته اهي ان سان ٽيبل تي ويهي ڳالهيون ڪن. ان معاملي تي آءِ جي آءِ ۽ سندن اتحادين جي موقف ۽ پيپلز پارٽيءَ جي موقف ۾ پرڏيهي پاليسيءَ جي حوالي سان فرق آهي. پر وڏي ۾ وڏو فرق منجهن اهو آهي ته پيپلز پارٽي، پنهنجن مخالفن (آءِ جي آءِ) وارن جي پيٽ ۾ هندستان سان بيحد ويجها ناتا رکڻ چاهي ٿي، جڏهن ته هنن جي سڃيءَ سياست جو دارومدار هندستان دشمنيءَ تي ٻڌل آهي. اهي مختلف تضاد، پنهي ڌرين ۾ موجود هئا. ان ڪري آءِ جي آءِ وارا نه پيا چاهين ته پيپلز پارٽيءَ کي حڪومت ملي. پر اتي ڪجهه پيا مسئلا هئا. فوج جو پنهنجي وقار جو مسئلو هو ۽ فوج جي دباءَ جي ڪري ئي ڪن شرطن تي پيپلز پارٽيءَ کي حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو. مثال طور ضياءَ جا جيڪي جاءِ نشين هئا، انهن جو چيو پئي ته اسين اقتدار ۾ اچي ضياءَ جي قاتلن جو ڪورٽ مارشل ڪنداسون، مٿن ڪيس هلائينداسون ۽ انهن واضح اشارا به ڪيا هئا ته ضياءَ جا قاتل ڪير آهن. ان جي پيٽ ۾ پيپلز پارٽيءَ اهڙي ڪابه ڳالهه نه ڪئي، بلڪ انهن کي تحفظ جو يقين ڏياريو. نتيجي طور هنن پيپلز پارٽي کي فوج جي دباءَ جي ڪري حڪومت ڪرڻ ڏني. آمريڪا به پيپلز پارٽيءَ جي سپورٽ ڪئي. ان معاملي ۾ آئون هڪڙي ڳالهه ڪندس، پوءِ ٿي سگهي ٿو ته اسان جا ڪي دوست ان سان اختلاف رکن، اها هيءَ ته آمريڪا پنهنجي زير اثر ملڪن ۾ رجعت پرست ۽ تاريڪيءَ جي قوتن جون ساٿي حڪومتون، يعني ساڃي ڌر جون حڪومتون ته رکڻ چاهي ٿو پر بلڪل بنياد پرست (Fundamentalist) حڪومتون رکڻ نه ٿو چاهي. مثال طور خميني ٽائيپ يا ان قسم جون ڇتيون مذهبي

حڪومتون، آمريڪا لاءِ وڏيڪ هاڃيڪار آهن. اهوئي سبب آهي جو آمريڪا آءِ جي آءِ جي ملن جي پيٽ ۾ پيپلز پارٽيءَ کي حڪومت ڏيڻ جي حمايت ڪئي، ڇو ته ان سمجهيو پئي ته اها هڪ لبرل قسم جي پارٽي آهي، جنهن سان Deal ڪرڻ سولو هو بنسبت هڪ مذهبي يا Fundamentalist (بنياد پرست) ٽولي يا جماعت سان. ان ڪري ان سموري دٻاءَ جي ڪري اهي پيپلز پارٽيءَ کي حڪومت ڏيڻ تي مجبور ٿيا. ٻيون جيڪي قوتون هيون، تن جو مقصد هو ته ڪنهن به صورت ۾ پيپلز پارٽيءَ کي ڌاهجي ۽ ان جي جاءِ تي اقتدار ۾ اچجي. هنن کي به آمريڪا (Balance of Power) (توازن) ۾ رکيو (وڌائيندو) آيو تاتيندو آيو ته جيئن ڪنهن به وقت پيپلز پارٽيءَ جي سربراهه يا پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت آمريڪا جي اثر کان ٻاهر نه وڃي. ان ڪري آمريڪا هنن کي به تاتيندو آيو ۽ اڄ هيءَ صورتحال پيدا ٿي آهي، جنهن بابت مون چيو ته اها ته اڳ ۾ پيدا ٿيڻ ڪپندي هئي، پر شايد اڳ ۾ هي (آءِ جي آءِ وارا) مطلوبہ تعداد ۾ ماڻهو هٿ نه ڪري سگهيا يا خريد و فروخت جي بازار ايڏي گرم نه هئي يا صدر صاحب جي به شايد خواهش هئي ته ايڏا پلي قصو هلي. ان ڪري هي جيڪي ڪجهه ٿئي پيو ۽ جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ختم ٿئي ٿي ۽ ان جي جاءِ تي آءِ جي آءِ حڪومت اچي ٿي ته ان لاءِ به واضح طور سمجهڻ گهرجي ته اها به مستحڪم حڪومت ڪانہ هوندي. اها به گهٽو وقت هلي نه سگهندي ۽ ان جي خلاف به اهڙي ساڃي عدم اعتماد جي رٽ پيش ٿي سگهي ٿي. ٻي جيڪا ڳالهه مون کي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته آءِ جي آءِ جي حڪومت جيڪڏهن آئي ته افغانستان جو مسئلو جنهن سطح تي هاڻي بيٺو آهي، ان سطح کان اڳتي وڌندو ۽ شايد وري نه افغانستان ۾ تخريبڪاري وڏي پر شايد پاڪستان ۾ به اها ٿئي، ڇو ته ان جو

ردعمل ضرور ٿيندو. ٽين ڳالهه مون کي اها نظر اچي ٿي ته آءِ جي آءِ وارن يا ٻين اهو اندازو لڳائي ورتو آهي ته هندستان ۾ راجيو گانڌيءَ جي نه پر آمريڪا نواز حڪومت اچڻ واري آهي. يعني جنتا دل ۽ ان قسم جون ٻيون پارٽيون حڪومت ۾ اچي رهيون آهن، جن سان هنن کي معاملا ڪرڻ يا نٻاهه ڪرڻ يا هڪڙي آڻا جا نوڪر ٻڌجڻ، هنن لاءِ وڌيڪ آسان ٿيندو. ان جي ڪري به شايد هنن اها عدم اعتماد جي رٽ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بهرحال آئيندي جيڪڏهن اها رٽ ڪامياب ٿئي ٿي ته ملڪ (ملڪ مان منهنجي مراد هيءُ جيڪو خطو آهي، جنهن ۾ اسان رهون ٿا) ڏاڍي افراتفري پيدا ٿيندي ۽ توهان ايئن سمجهو ته پوءِ هيءُ سمورو خطو سريلنڪا کان وٺي افغانستان تائين آمريڪا جو آماجگاهه ٻڌجي ويندو ۽ ان کي ڪوبه لغام ڏيڻ وارو ڪونه هوندو. ان صورت ۾ سنڌ جي ماڻهن کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پوندا. جيتوڻيڪ سنڌ جي ماڻهن لاءِ هن وقت به ڪا امن ۽ سلامتيءَ واري ڳالهه ڪانه آهي، پر سنڌ جي ماڻهن کي هن وقت صرف هڪڙي نفسياتي تحفظ وارو احساس آهي ته اسان جا پنهنجا ماڻهو حڪومت ويٺا ڪن. آءِ جي آءِ جي حڪومت اچڻ سان سنڌين ۾ اهو جيڪو ٿورو گهڻو نفسياتي تحفظ جو احساس آهي، اهو به ختم ٿي ويندو ۽ ممڪن آهي ته اهي احساس شڪست خوردگيءَ ۾ مبتلا ٿي وڃن ۽ ڪنهن جدوجهد ۾ به حصو وٺي نه سگهن. بهرحال، آئون ان صورت ۾ آئيندي جي صورتحال کي ان نموني ڏسان ٿو.

سوال: ايم ڪيو ايم ۽ آءِ جي آءِ جو اتحاد، سنڌ جي ورهاڱي جو سبب ٿي سگهي ٿو چا؟

جواب: ان سلسلي ۾ آئون هڪڙو عرض ڪري چڏيان ته، ايم ڪيو ايم جي قيادت اڄ تائين دعوائون ڪندي رهي آهي ته اسين سنڌ جي

ورهاڱي جي خلاف آهيون ۽ تازو صدر صاحب ۽ ڪراچيءَ ۾ اچي اعلان ڪري ويو آهي تہ اسين سنڌ جي ورهاڱي يا ڪنهن نئين صوبي ناهڻ جي خلاف آهيون ۽ اهڙيءَ ڪوشش جي آخري وقت تائين مزاحمت ڪئي ويندي. پر هنن (ايم ڪيو ايم ۽ آءِ جي آءِ) جيڪو معاهدو ڪيو آهي، ان ۾ منهنجي خيال موجب سنڌ جو ورهاڱو اولين شئي نہ آهي. ان معاهدي ۾ اولين شئي اها آهي تہ هڪ تہ سنڌ جا هي شهر ڪراچي ۽ حيدرآباد، سنڌي ماڻهن کان خالي ڪرائين ۽ بهارين ۽ ٻين ڌارين جي لوڏ آڻي اتي آباد ڪن. هڪ ڳالهہ آئون واضح ڪري چڏيان تہ آئون جنهن طريقي سان صورتحال کي هتي ڏسان ٿو ٿي سگهي ٿو تہ اڳتي اوهان ۽ اهڙو سوال ڪريو تہ هتي ڪراچيءَ ۾ جيڪا بنيادي ڳالهہ آهي، سا اها تہ هتي پناهگير ۽ پنجابي سرمائيدار جو ٽڪراءُ ۽ تضاد موجود آهي. هن وقت ڪراچي ۾ پوزيشن وڃي اها بيٺي آهي تہ مهاجر جي وس ۾ ڏري گهٽ وڃي ريڑهي بچي آهي، هي جيڪي بازارون ۽ ڪارخانا آهن، تن تي "چنيوٽي برادري" ۽ "دهلي والا" قابض آهن. دهليءَ وارا ۽ پنجابي آهن، جيڪي اتي آڳاٽو وڃي آباد ٿيا هئا ۽ وري موٽي آيا آهن. انهن جا ڪراچيءَ جي مارڪيٽ تي قبضا ٿي ويا آهن، ماڻي جيڪڏهن مهاجر قيادت يا ايم ڪيو ايم جي چوڻ تي پنجابي ڪراچي کي الڳ ٿو ڪري تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ هو سموري جو سمورو هي صنعتي شهر ۽ سڄو بندرگاهہ، سنڌين، پنجابين ۽ پٺاڻن کان ڪٽي، هن پناهگير داداگيرن جي حوالي ڪري چڏي ٿو ۽ اها صورتحال پنجاب جو سرمائيدار ڪنهن ۽ صورت ۾ قبول نہ ڪندو ان ڪري ان ڳالهہ جو مون کي امڪان گهٽ نظر ٿو اچي تہ هي ڪراچيءَ جي/سنڌ جي ورهاڱي تي عمل ڪرڻ جي

ڪوشش ڪن. پر بهاري ضرور آڻيندا. هنن کي وڏو تحفظ مهيا ڪيو ويندو سندن ٻيا شرط بہ مڃيا ويندا تہ جيئن علائقا سنڌين کان خالي ٿين. آئون في الحال صورتحال کي ان نقط نظر کان ڏسان ٿو.

سوال: پاڪستان ۾ پنجاب جي بالادستيءَ ۽ ٻين قومن کي غلام رکڻ ۾ هيءَ نئون معاهدو ڪيتريقدر ڪامياب ويندو؟

جواب: اها تہ ظاهر ڳالهہ آهي. پر هيءَ معاهدو پنهنجي جاءِ تي برقرار بہ رهندو ۽ الائي ڪيترا ڏينهن هلندو ۽ ان مان ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا؟ سو تہ ايڏا اسان کي ان ڳالهہ ۾ بہ شڪ آهي تہ ڪو وزير اعظم صاحب وڃي بہ پئي ۽ جيڪڏهن نہ ٿي وڃي تہ پوءِ ايم ڪيو ايم جو هتي ڇا ٿيندو. جڏهن تہ سنڌ ۾ بہ ان جي مخالف پارٽيءَ جي حڪومت هوندي ۽ جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ وارن ۾ ڏري بہ ٿوم ۽ همت هوندي تہ اهي ڪين ڏيڪارينداتہ پيپلزپارٽيءَ سان معاهدو ٽوڙڻ ۾ اهي ڪيتريقدر نقصان ۾ ويا آهن!

پر جيسين تائين قومن کي غلام رکڻ جو تعلق آهي تہ سموري پناهگير ۽ پنجابيءَ جو جياپو هن پاڪستان جي سڄي بينڪيت واري سرشتي تي آهي. يعني ننڍين قومن جا ملڪ سندن بينڪون هجن. ڇو تہ پناهگير جيسين تائين پنجابيءَ جو آلہ ڪار نہ ٿو ٻڌجي. ان وقت تائين سندن کي بہ مفاد پورا ٿي نہ ٿا سگهن. هاڻي پناهگير بہ هڪڙي شيءِ سوچي ورتي آهي تہ هن جو پاڪستان تي حاڪميت ڪرڻ يا حڪومت ڪرڻ وارو تصور ختم ٿي چڪو آهي. هن وقت ايم ڪيو ايم 100 (سئو سيڪڙو). مهاجرن/پناهگيرن/اردو ڳالهائيندڙن جا ووٽ مليا آهن. ان جي باوجود اهي قومي اسيمبلي ۾ 14 ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ 27 سيٽون کڻي سگهيا آهن. ظاهر آهي تہ 26 سيٽن جي آڏار تي اهي نہ سنڌ ۾ حڪومت ڪري سگهن ٿا ۽ نہ 14 سيٽن جي

آڏار تي مرڪز ۾ حڪومت ڪري سگھن ٿا. اهو دور لڏي ويو جڏهن لياقت علي وزير اعظم ٿيندو هو آءٌ آءٌ چندريگر ۽ ٻيا وزير اعظم ٿيندا هئا. ان ڪري هاڻي مهاجر قيادت کي لازمي طرح پنجاب جو آلہ ڪار بڻجڻو پوندو ۽ ان لحاظ کان هنن (ايم ڪيو ايم ۽ آءٌ جي آءٌ) وچ ۾ جيڪو اتحاد الحاق ٿيو آهي، اهو ننڍين قومن لاءِ ڏاڍو نقصانڪار ۽ هاڃيڪار ٿيندو.

سوال: مهاجر ۽ پنجابي سرمائيدار جي وچ ۾ جيڪي ٽڪراءُ مارشل لا جي دور ۾ پيدا ٿيا، هيءُ معاهدو انهن تضادن تي ڪهڙا اثر وجهندو؟

جواب:جيسين تائين تضادن/ٽڪرائن جو تعلق هوندو آهي تہ اهي "ڪاغذي معاهدن" ذريعي حل ٿي نہ سگھندا آهن. ظاهر ڳالهہ آهي تہ اهي تضاد ۽ مسئلا هڪڙا معاشي قسم جا آهن، هڪٻئي جي ڀرلٹ ۽ هڪٻئي جي بالادستيءَ جا تضاد آهن، اهي ڪنهن معاهدي ڪرڻ سان ختم ڪونہ ٿي سگھندا. جيسين تائين اسان جي سامهون اها صورتحال واضح نہ ٿي ٿئي تہ ان معاهدي ذريعي ڪراچيءَ ۾ پناهگير سرمائيدار کي ڪيتري رعايت ڏني ٿي وڃي ۽ پنجابي سرمائيدار کي ڪهڙي ۽ ڪيتري رعايت ڏني ٿي وڃي. جيستائين اهي شيئر (Share) نہ ٿا ڪن پاڻ ۾، جيسين تائين اهي پاڻ ۾ حصا نہ ٿا ورهائي ڪٽن، تيستائين اهي تضاد موجود رهندا.

هڪڙي ڳالهہ توهان چئي سگھو ٿا تہ سڄي دنيا جا سرمائيدار متحد ٿي ويندا آهن، گڏ ٿي ويندا آهن ۽ سڄيءَ دنيا جا غريب ۽ پورهيت ماڻهو ڏ ٿي ويندا آهن، اها ڳالهہ نظرياتي طرح پنهنجي جاءِ تي ڪٽي صحيح آهي پر جڏهن قومي سرمائيدار ۽ غير قومي سرمائيدار جو سوال پيدا ٿيندو آهي تہ انهن جي وچ ۾ وڏا ٽڪراءُ پيدا ٿيندا آهن. توهان ڏسندؤ تہ دنيا ۾ قومي آزاديءَ جون گھٽيون جنگيون، گھٽو ڪري

سرمائيدار جي انهيءَ مارڪيٽ جي مسئلي تان شروع ٿيون آهن. خود پاڪستان ۾ هندستان جو ورهاڱو ڪو اسلام جي نالي تي ڪونہ ٿيو هو پر اهو يو پي، سي پي، بهار، اوڙيسا ۽ مهاراشٽر جي اردو ڳالهائيندڙ سرمائيدار/مسلم سرمائيدار جو هندستان جي ٽاٽا ۽ برلا سرمائيدار سان تضاد هو ۽ هن جڏهن ڏٺو تہ متحده هندستان ۾ جيڪڏهن هڪڙي (گڏيل) حڪومت اچي وئي تہ مسلمان سرمائيدار لاءِ پير ڪوڙي ويهڻ، ڪاروبار ڪرڻ ۽ پنهنجي صنعت کي فروغ ڏيڻ ممڪن ئي ڪونہ ٿيندو. ساڳئي طريقي وري سنڌ، بلوچستان ۽ پختونخواه علائقن جي جاگيردارن ڏٺو تہ جيڪڏهن هتي هندو سرمائيدار وينو رهيو ۽ اسان جون زمينون ان وٽ گروي ئي رهيون ۽ گڏيل هندستان قائم ٿي رهي تہ پوءِ اسان جي ڪاب حيثيت هتي نہ رهندي ۽ اسان تي ساڳيو هندو قابض رهندو. هنن علائقن جي جاگيردار جي اها ذهنيت هئي تہ پاڪستان ٿئي تہ مسلمانن جي اسٽيٽ (State) ۾ اسين پنهنجون زمينون واپس ونون ۽ ملڪ تي نہ صرف سياسي طرح پر معاشي طرح بہ حڪومت ڪريون، پر گڏيل هندستان ۾ ڇا هو تہ هتي جو سرمائيدار ۽ جاگيردار سياسي طرح تہ اقتدار تي وينو هوندو هو پر معاشي طرح اهو هندو سرمائيدار جو محڪوم هو ۽ اهو ئي سبب هو جنهن ڪري هندستان ۽ پاڪستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ بہ ملڪ نهي ويا. ساڳيءَ طرح دنيا ۾ تمام گهڻين جاين تي ائين ٿيو آهي. تہ هتي (سنڌ ۾) بہ سرمائيدار ڳنجوڙ ڪري سگهن ٿا، پر مسئلو هي آهي تہ اردو ڳالهائيندڙ سرمائيدار ۽ پنجابي سرمائيدار الڳ الڳ قومي ڪلچر سان تعلق رکن ٿا، اهي ڪنهن هڪ قوم سان تعلق ڪونہ ٿا رکن، ويندي هتي جيڪو مشرقي پنجاب کان پنجابي آيو آهي، ان جا مفاد بہ جمڙوڪر مغربي پنجاب جي سرمائيدار سان ٽڪرائجن ٿا، ڇو تہ هن جو هاٿي مغربي پنجاب سان واسطو ئي نہ رهيو آهي. البتہ اڄ جي دور ۾ سامراجي

ملڪن ڪجھ نوان فارمولا ايجاد ڪيا آھن ۽ اھي بن عالمي جنگين جي تجربن مان ھنن حاصل ڪيا آھن. ۽ عالمي جنگيون ان ڪري لڳيون. جو سامراجي ملڪن جي سوچ اھا ھئي تہ ريئي جو روپيو اسان جو ٻئي جو ٻئسو ۽ نہ ھجي. جرمني اھو پيو چاھي. روس جو راز پھرين عالمي جنگ ۾ اھو پيو چاھي. برطانيا. فرانس ۽ اٽلي ۽ اھو ئي پيا چاھين. ھي عالمي جنگ ۾ جرمني. فرانس. اٽلي. جاپان يا آمريڪا جو اھو ئي نقطہ نظر ھو تہ روپئي جو روپيو اسان جو ٻئي کي ھڪ ٽيڊي پائي ۽ نہ ملي. پر ٻنھي جنگين جي تجربن ھنن کي اھا ڳالھہ سيکاري آھہ ۽ تہ نہ جيڪڏھن انھيءَ ضد تي رھياسون تہ ھن دنيا کي اسين شايد ڪمائڻ جي لائق ئي نہ ڇڏيون. ان ڪري انھن جو ٻاڻ ۾ ناھہ ٽيو آھي تہ ڪنھن علائقن ۾ جيڪڏھن آمريڪا جا اٽ آنا مفاد آھن تہ برطانيا کي چار آنا. جاپان کي ۽ آنا ۽ فرانس کي ۽ ۽ آنا ڏئي ڇڏيو. ان طريقي سان ھڪڙي سھڪاري پاليسي ھلائجي ۽ چوريءَ جو مال ھڪ جيترو ڪٽي نہ ۽ ورھائجي. پر ڪنھن حد تائين ان جي ورھاست ٿئي. تہ اھو ساڳيو فارمولا. پناھگير ۽ پنجابي سرمائيدار ۽ ھتي (سنڌ ۾) ڪتب آٿي سگھن ٿا. پر مصيبت ھي آھي تہ پنجاب ۾ جيڪو آبادي جو تناسب وڌي ٿو وڌندو رھي ٿو ۽ وڌيل آھي. ان ڪري ھتي سنڌ ۾ رڳو سرمائيدار ڪونہ ٿو اچي. پر ان سان گڏ پنجاب مان لئبر (Labour) ۽ ۽ بي تحاشا ٿو اچي. نتيجي طور ڪارخانن ۽ مزدوريءَ ۾ لئبر ۽ پنجابي ئي پرتي ٿئي ٿو. آئون سمجھان ٿو تہ برصغير ۾ شايد ئي قومون. جيترين قومپرست يا قومپرستيءَ جي نظرئي ۾ پنھنجيءَ شدت کي پھتل ھيون. يعني پنجابي. مرھٽا ۽ بنگالي. اوتري شايد ئي ھي ڪا قوم پھتل ھجي. تہ ھي پنجابي. ڪنھن ۽ صورت ۾ اھو نہ چاھيندا تہ ھتي لئبر مھاجرن يا سنڌين جو ھجي ۽ ھو سرمائيداري يا حڪومت وينا ڪن. ان ڪري اھي پنھنجي ليبر ۽ آٿين ٿا ۽ ان لئبر جو اثر ھتي جي

مزدور، پناهگير ۽ سنڌي مزدور تي پوي ٿو ۽ ظاهر ڳالهه آهي ته انهن (مقامي) مزدورن جو عوامي دباءُ، ڪراچيءَ جي سرمائيدار کي به مجبور ڪري ٿو ته هو انهن جو ساٿ ڏئي. توهان کي ياد هوندو ته جنهن وقت ايم ڪيو ايم جي قيادت ايجا ايري پئي ته ان وقت ڪراچيءَ جي سرمائيدارن ان طرف ڪوبه ڌيان ڪونه ٿي ڏنو پر سڀ جماعت اسلامي ۽ بين مذهبي جماعتن جي پٺيان هئا. پر هن اليڪشن کان پوءِ اها صورت ٿي ته ڪهڙي سرمائيدار 62 سوزوڪيون ايم ڪيو ايم کي ڏنيون ۽ ٻئي سرمائيدار ست لک روپيا کين چندي طور ڏنا ته اها ساڳي صورتحال وري آئيندي هلي پيدا ٿي سگهي ٿي، ان ڪري اهي سڀ فارمولا آزمائين ٻه ڪٽي، پر معروضي حالتن جي لحاظ کان انهن جو ڳنجوڙ مون کي دائمي نظر ڪونه ٿو اچي.

سوال: ان مان هڪڙو ٻيو سوال ٿو ايري ته ايم ڪيو ايم جي جيڪا ليڊر شپ شهرن ۾ ايري آهي، ان جو جيڪو منفي نتيجو نڪتو آهي، سو اهو آهي ته سنڌ سڄي هنن جي مارڪيٽ يا بازار ۽ ڪاروبار هئي، پر هاڻي سنڌي ماڻهو ڪراچي ۽ حيدرآباد ڏي منهن ڪرڻ بدران خريداري لاءِ سکر وڃن ٿا ۽ اتي پنجابي سرمائيدار جو مال وڪرو ٿئي ٿو ۽ هتي ڪراچي، حيدرآباد ۾ هنن جون بازارون سڄيون ٿي وڃن ٿيون، هاڻي ڪاٽياواڙي سرمائيدار، جيڪو هنن کي چندو ڏيندو هو، اڳتي وڌي هنن ۾ ضم ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هو، ان لاءِ هڪ مجبوري ٿي پئي آهي ته پنهنجي واپاري مندبيءَ کي بچائڻ لاءِ اندرون سنڌ ڪوٽيون کولي، ان سلسلي ۾ اهو ڪاٽياواڙيءَ سرمائيدار موري، دادو، لاڙڪاڻي، خيرپور وغيره جي سروي ڪري آيو آهي ۽ اتي ڪوٽيون ۽ دڪان کولڻ لاءِ سوچي رهيو آهي. ان صورت ۾ روشني وجهو ته ڇا اهو ايم ڪيو ايم کي چندا ڏيندڙ ڪاٽياواڙي سرمائيدار، هنن سان گڏجي هلي سگهندو؟

جواب: ان باري ۾ منهنجو اهو عرض آهي ته ايم ڪيو ايم جي داداگيري ۽ دهشتگردي هن وقت پنهنجي عروج تي پهچي چڪي

آهي. ۽ هاڻي ان جو زوال شروع ٿيو آهي. مون ته اڳي اها ڳالهه به ڪئي هئي ته نه رڳو سنڌ جو واپاري سکر جو رخ ٿو ڪري. پر اسان کي ٻيو جيڪو نقصان پهتو آهي. اُهو اِهو ته هنن (ايم ڪيو ايم) وارن جي داداگيريءَ جي ڪري اسان جو واپار ملتان. فيصل آباد ۽ لاهور تائين وڃي ٿو اڳي ته اهو سنڌ وارو پئسو سنڌ ۾ ئي رهندو هو پر هاڻي اهو ساڳيو پنجاب وڃي ٿو ۽ اسان جي مارڪيٽ جهڙوڪر پنجاب/لاهور بڻجي چڪا آهن ته ان ڪري. ڪراچيءَ جي ڪائياواڙيءَ گجراتي سرمائيدار يا جيڪو مهاراشٽر کان سرمائيدار آيو آهي. ان لاءِ وڏو مسئلو پيدا ٿي ٻيو آهي. هاڻي ڪافي مهاجر ۾ تبديلي اچي رهي آهي. اوهان ڏسو ته الطاف حسين مهاجرن ۾ جيڪا ڳالهه عام ڪرڻ ٻڌي چاهي. اهو يو پيءَ جو شائونسٽ ڪلچر مٿن مسلط ڪرڻ هو اهو ڪلچر جيڪو فقط هزار سالن جي تاريخ تي مشتمل آهي. جيڪو مغلن مسلمانن جي اچڻ سان هندستان ۾ رائج ٿيو هو ان جي کا وڏي تاريخ نه آهي. ان ڪلچر هتي مسلط ڪرڻ ٻڌي چاهيو هنن داداگيريءَ ۽ دهشتگرديءَ ذريعي ماڻهن کي مرعوب ڪرڻ ۽ ان مان پنهنجا فائدا وٺڻ ٻڌي چاهيا. جيئن هزار سالن تائين اهي هندستان ۾ ڪندا رهيا ۽ جڏهن اتي سياسي شعور جي ابتدا ٿي ته هي اتان ڀڳا ۽ "پاڄ" هنن جو تاريخي حصو رهي آهي. ڪڏهن ترڪستان مان ڀڳا. ڪڏهن هرات مان. ڪڏهن ايران مان ۽ ڪڏهن وچ ايشيا مان ڀڳا ۽ ايئن ڇڏندا رهيا آهن. هنن (الطاف حسين ۽ ساٿين) هتي سنڌ تي يو پيءَ جو ڪلچر (چوڙيدار پاجامو. بيند ماسترن واري واسڪوٽي ۽ دهليءَ جي ڪڙن واري ٽوپي) مڙهڻ ٻڌي چاهيو پر توهان ڪراچيءَ جي شهر ۾ ڏسندؤ ته توهان کي ڪيترا نوجوان مرد ۽ عورتون اهڙيون نظر اينديون. جن کي اهو لباس پاتل هجي! يعني گهٽ ۾ گهٽ ان حد تائين ته هتي جو ماڻهو

ان (ڪلچر واري تسلط) کي رد ڪري چڪو آهي، هن وقت ٻه پوزيشن اها آهي ته آهستي آهستي اهو عام مهاجر يا ڪائياواڙي هنن جي گرفت کان نڪري ويندو. ڇو ته هنن ۾ سواءِ هجرت جي ٻي ڪا مشترڪ ڳالهه آهي ئي ڪونہ. ان ڪري هنن جي هڪڙي قوم بنجڻ جو ته سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. رهي ڳالهه اها ته اردو زبان کي اشتراڪ جو ذريعو سڏين ٿا، پر منهنجي نظر ۾ رڳو زبان ڪنهن قوم جي تشڪيل ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري ئي نہ ٿي سگهي، توهين ڏسندا ته آمريڪا ۽ انگلينڊ جي ساڳي زبان انگريزي آهي، پر اهي ٻئي هڪ قوم ٿي نہ سگهيا آهن يا عرب رياستن/ملڪن جي زبان عربي آهي، پر اهي هڪ قوم نہ آهن، يا خود برصغير کي ڏسنداسون ته هندي زبان برصغير جي تمام گهڻن علائقن ۾ راجستان تائين ڳالهائي وڃي ٿي، پر راجستاني، يوپيءَ وارن جو حصو بنجي نہ سگهيا آهن، ان ڪري هنن (مهاجرن) ۾ صرف زبان ۽ هجرت وارو اشتراڪ آهي. ظاهر ڳالهه آهي ته جنگ ۾ ڀڄڻ، ڀڄي ميدان خالي ڪرڻ کو اهڙو لازوال جذبو نہ آهي. جنهن تي ماڻهو فخر ڪري سگهي ته جيئن اسين ٻئي ڀڄي آيا آهيون، ان ڪري اسين هڪڙي قوم ٿي سگهون ٿا. ان ڪري اهو صحيح نہ آهي ته هي ڪي هڪڙي قوم بنجي ويندا. منهنجو پنهنجو خيال اهو آهي ته هيءَ ايم ڪيو ايم جو زوال آهي، پر آئيندي هلي هي جيڪو سرمائيدار آهي، اهو شايد سنڌي قوم سان اشتراڪ ڪرڻ يا سنڌي قوم جو حصو بنجڻ ۾ مجموعي طرح کو ڪردار ادا ڪري نہ سگهي. ان جي پيٽ ۾ ڪچي، ڪائياواڙي ۽ ان قسم جو ٻيو عام ماڻهو وڌيڪ ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ يو پي، سي پي، بهار ۽ اوڙيسا وارو ماڻهو پنجابين جو آلہ ڪار بڻجڻ وڌيڪ پسند ڪندو. ڪائياواڙي ان ڪري پنجابين جو آلہ ڪار نہ ٿيندو جو اهو يو پي ۽

سي پي وارن جي نسبت ۾ وڌيڪ سرمائيدار آهي ۽ اهو پنجابين جو آڙ ڪار بڻجڻ بدران سنڌين سان وڌيڪ اشتراڪ ڪندو ان لاءِ وڌيڪ محنت جي ضرورت آهي. وڌي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. وڌيڪ تاريخي حالتون پاڻهي فيصلو ڪنديون ۽ انهن کي سنڌ جو حصو بڻائڻ ۾ مدد ڪنديون.

سوال: ايم ڪيو ايم، پ پ پ معاهدو ٽوڙڻ ۽ پنجابي مهاجر اتحاد جوڙائڻ ۾ ڪهڙين قوتن رول ادا ڪيو آهي؟ خصوصاً بي اين اي ۽ عوامي نيشنل پارٽيءَ جي رول جي به وضاحت ڪندا.

جواب: انهيءَ معاملي ۾ آئون اهو عرض ڪندس ته پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم وارو معاهدو ٽوڙائڻ يا ايم ڪيو ايم جي آءِ جي آءِ سان وڃي ملڻ ۾ ڪجهه اندروني حالتن جو به دخل آهي ۽ ڪجهه باهرين حالتن جو. اندروني حالتن مان توهان ايئن سمجهو ته پيپلز پارٽيءَ جيڪو ايم ڪيو ايم سان معاهدو ڪيو هو ان ۾ بهارين جي واپسيءَ جو مسئلو به هو ڪجهه نوڪرين جا مسئلا، ڊوميسائيل وغيره جا. انهن تي پيپلز پارٽي باقاعدي عمل نه ڪري سگهي. ۽ خاص ڪري هنن جا جيڪي قاتل، قتل ڪيسن ۾ گهربل ماڻهو هئا. تن کي پ پ پ ان حد تائين نه ڇڏي سگهي. جنهن جي ايم ڪيو ايم وارا گهر ڪري رهيا هئا. بهارين جي باري ۾ ته توهان کي خبر آهي ته بينظير صاحبه تازو بنگلاديش وئي هئي ۽ کو معاهدو نه ڪري سگهي. انهيءَ جو سبب اهو نه آهي ته ڪو پ پ ان معاهدي ۾ مخلص نه هئي. پر ان ۾ سنڌ جي قومپرست ۽ ترقي پسند قوتن جي دباءَ جو وڏو دخل هو ۽ ان دباءَ آڏو پيپلز پارٽي مجبور ٿئي. ڇو ته پيپلز پارٽيءَ واضح سمجهيو ٿي ته سندس ڪاميابيءَ جو Base (بنياد) صرف سنڌ آهي ۽ ان عوام جي بي پناهه نفرت جي طوفان کان ڊڄي (بهارين آڻڻ واري) معاهدي تي عمل نه ڪيو. نتيجي طور ان ڳالهه کي پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم کي هڪ ٻئي کان پري ڌڪڻ جي

ڪوشش ڪئي. هي ڳالهه اها هئي ته پ پ پ ۽ هنن (ايم ڪيو ايم وارن) جا مزاج پاڻ ۾ نه پئي مليا. پيپلز پارٽيءَ جي سياست ڪجهه ٻئي قسم جي آهي ۽ هنن جي ڪجهه ڏينهن پئي چاهيو ۽ هي سڀ ڪجهه پاڻ وٽ رکڻ پيا گهرن. اهو به اختلاف جو هڪ سبب هو ان ڪانسواءِ پيپلز پارٽيءَ جي صفن ۾ سنڌ اندر خاص ڪري هڪڙا سطحي قسم جا قومپرست، جن ۾ شعور جي ۽ نظرياتي گهرائي ته نه آهي ۽ نه ئي وري منجهن وطن ۽ وطن جي ڇاون ۽ مٽيءَ سان ڪو فطري لڳاءُ آهي، جيڪي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيا آهن، تن به اهو برداشت نه پئي ڪيو ته هي (ايم ڪيو ايم وارا) ان طريقي سان مٿن حاڪميت ڪن يا هو پاڻ کي سندن آڏو بيوس سمجهن.

ان ڪانسواءِ جيئن مون اڳ ۾ بيان ڪيو ته افغانستان وارو مسئلو اهم آهي، ان کي آمريڪا يا آءِ جي آءِ وارا جنهن حد تائين کٽي وڃڻ چاهين پيا، تنهن حد تائين پيپلز پارٽيءَ نه پئي چاهيو. اهو هڪ وڏو سبب هو ان ڳالهه لاءِ ته پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت کي ڌاهجي ۽ ان جي جاءِ تي آءِ جي آءِ کي آڻجي. جيسين تائين جناب ولي خان ۽ جناب بگٽيءَ جو تعلق آهي ته اهي افغانستان جي معاملي ۾ پاڻ پيپلزپارٽيءَ کان اڳتي وڌيل آهن. هندستان سان دوستيءَ جي معاملي ۾ ته آهي، پيپلزپارٽيءَ کان گهڻو اڳتي وڌيل آهن. سوويت يونين سان لاڳاپن رکڻ جي معاملي ۾ به بظاهر هو اڄ تائين جيڪي دعوائون ڪندا آيا آهن. تن موجب پيپلز پارٽيءَ کان اڳتي وڌيل آهن، پر اتي (عدم اعتماد جي رٽ وقت) ولي خان، اڪبر بگٽيءَ يا بلوچ ليڊرن جا اهي زخم آهن، جيڪي پُٽي جي دور ۾ هنن جي جن ۾ارن، اولادن، مائرن ۽ پينرن جي جسمن ۽ دلين تي لڳايا ويا هئا. ان ڪري هنن جي "جاگيردارانه انا" (Feudal Ego) نه پئي چاهي ته ڪو پُٽي جي ڏيءُ

مٿن حڪومت ڪري ٿي ڪجھ مضبوط ٿي اڳتي اچي ٿي وري ساڻن ساڳيو حشر ڪري ان ڪري هنن بہ "متحدہ اپوزيشن" جوڙڻ، جتوئيءَ کي اڳتي آڻڻ، مولانا فضل الرحمان کي رام ڪرڻ، نصرالله خان جمڙي "لبرل ڊيموڪريٽ" ماڻھوءَ کي پاڻ سان ملائڻ ۾ اھم ڪردار ادا ڪيو آھي، پر ان ڳالھ ٻڌيان نہ هنن جا پرڏيھي مفاد ڪارفارما آھن ٿي نہ وري کي ملڪي نظام بابت سندن اختلاف موجود آھن، يعني تہ پيپلز پارٽي سوشلزم کي ڇڏي چڪي آھي ٿي ھي ڪو اھو نظام نافذ ڪرڻ چاھين ٿا. ايئن بہ نہ آھي، ھتي صرف ٿي صرف سندن "فيوڊل ايگو" اھم ڪردار ادا ڪيو آھي ٿي ھو نہ ٿا چاھين تہ پُٽي جي ڏيءُ مٿن راج ڪري ان سلسلي ۾ ھو ڪنھن بہ حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آھن. توھان کي ياد ھوندو تہ ولي خان جيل مان نڪتو ھو تہ ھن پھريون پھريون اھو نعرو ھنيو ھو تہ "احتساب پھرين ٿي انتخاب پوءِ!" بھرحال ھن وقت عدم اعتماد واري صورتحال جوڙڻ ۾ ھنن وڏو ڪردار ادا ڪيو آھي ٿي جيڪڏھن اھي (آءِ جي آءِ وارا) ڪامياب ٿين ٿا تہ اھا ڳالھ خود بلوچن ٿي پنھنجن لاءِ نقصانڪار آھي. پر جيسين تائين مون کي بلوچ دوستن وٽان خبر پئي آھي تہ ولي خان، دلي طرح اھو نہ ٿو چاھي، پر ولي خان، بيگم وليءَ جي آڏو مجبور آھي. دنيا ۾ عورتن سياسي طرح تمام اھم ڪردار ادا ڪيا آھن، خاص ڪري فلپائين ۾ مسز مارڪوس جو مثال اسان جي سامھون آھي، جيڪا ھاڻي موٽي پئي اچي يا ھڪ ٻيو مثال مون تازو "پاڪستان جي فاتح" ماڻڪ شا جو انٽرويو پڙھيو آھي، جيڪو ھن ڪان حسنين ھيڪل ورتو ھو ٿي الاھرام (مصر جي اخبار) ۾ ڇپيو ھو. ان ۾ ھن چيو آھي تہ: "آئون جنگ جي ڏينھن ۾ وزير اعظم جي ماتحت تہ ھئس، پر مون تي ھڪ ٻي عورت بہ حڪمراني پئي ڪئي، جنھن جي حڪمن تي بہ مون کي ھلڻو پيو ٿي،

اها هئي منهنجي زال!" بهرحال عورتون به تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آيون آهن. ممڪن آهي ته بيگم وليءَ، ولي خان کي ايترو مجبور ڪيو هجي، جو هو افغانستان جي هڪ عوامي حڪومت يا قومي جمهوري انقلاب واري حڪومت جي مخالف آءٌ جي آءٌ سان ملڻ لاءِ تيار ٿي ويو هجي. آئون ته ائين چوندو آهيان ته "خان بادشاهه، خان عبدالغفار خان جي وفات ڪرڻ بعد دنيا يا برصغير کي ڪٿي ڪيترو به نقصان پهتو هجي، پر وڏي ۾ وڏو نقصان اهو پهتو آهي ته ولي خان جي مٽي تان اهو هٿ هٽي ويو آهي، جيڪو ڪيس پنجاب جي جهوليءَ ۾ ڪرڻ کان روڪيندو هو." بهرحال بي اين اي ۽ ولي خان (ANP) اهو سٽوڪر نه ڪيو آهي ۽ آئيندي هلي سخت نقصان ڏسندا. مون کي ته آءٌ جي آءٌ جي حڪومت اچڻ سان هڪڙو خوفناڪ منظر نظر پيو اچي، ڇو ته اهي گلبدين حڪمت يار واري جلاوطن حڪومت جي حمايت ڪندا ۽ افغانستان ۾ هن خطي جون حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويندیون. ڪهڙا عجيب ماڻهو هنن جلاوطن حڪومت ۾ ڪنيا آهن! مون سان تازو ڪجهه وقت اڳ هتي هنن جو وزير خزانه (صبغت الله مجددیءَ جو پٽ يا پائٽيو آهي) مليو ۽ سياست تي ڳالهه ٻولهه ڪيائين. اسلامي نظام حڪومت بابت ڳالهائيندي چيائين ته اسلام ۾ برابري آهي وغيره وغيره. ٻوءِ اقبال جو شعر پڙهيائين ته:

ایک ہی صف میں کھڑے ہوگئے محمود و ایاز۔
نہ کوئی بندہ رہا۔ نہ کوئی بندہ نواز!

مون کيس چيو ته اهو شعر ته ٺيڪ آهي، پر ان تي اقبال جي هڪ شيدائيءَ لکيو آهي ته، اقبال کي اهو معلوم هئڻ گهرجي ته مسلمان مسجد جي صف ۾ برابر بيهڻ نه ٿو چاهي پر دستر خوانيءَ تي برابري چاهي ٿو جيڪا اسلام نه ٿو ڏئي. اسلام ۾ جي توهان چئو ٿا ته

زڪوات وارو نظام آهي. پر اتي اهو به چئو ٿا ته ڪنهن ماڻهوءَ کي ايتري به زڪوات نه ڏيو جو اهو "صاحب نصاب" ٿي وڃي. يعني پاڻ زڪوات ڏيڻ جهڙو ٿي وڃي. ان حالت ۾ توهان "برابريءَ وارو تصور" ڪيئن ٿا پيش ڪري سگهو. ان ڪانسواءِ مون ڪيس چيو ته. "توهان چئو ٿا ته اسان جمهوريت پسند آهيون ۽ جمهوريت آڻڻ چاهيون ٿا. ته ڇا ڪاميابيءَ جي صورت ۾ توهان P.D.P.A (پيپلز ڊيموڪريٽڪ پارٽي آف افغانستان) کي اهو حق ڏيندا ته اها اتي سياست ڪري؟" ڇيائين "بلڪل ڏينداسون." ان تي مون ڪيس چيو ته. "پوءِ هينئر گڏجي سياست چو نه ٿا ڪريو. جڏهن آئيندي هلي ان کي اهو حق ڏيڻ ٿا چاهيو ته اها جمهوريت ۾ پلي اليڪشن کٽي اچي. ته هينئر ان کي اهو حق چو ٿا ڏيو؟" انهن ڳالهين جو وٽس ڪوبه جواب ڪونه هو. اهو هو هنن جو وزير خزانا ته ان قسم جي ماڻهن جي حڪومت هتي (افغانستان ۾) آڻائڻ جا (آءِ جي آءِ وارا) خواهشمند آهن. ان صورت ۾ ڪابل کان وٺي لاهور تائين P.P.I (پي پي آءِ) جي حڪومت هوندي. ۽ اهڙي "پنجابي پختون شائونسٽ" حڪومت مان نه صرف سنڌ کي ڪنهن نادر شاهه جي حملي جو خطرو رهندو. پر دهليءَ جو لال قلعو به شايد محفوظ رهي سگهي! ان ڪري آءِ جي آءِ جي حڪومت اچڻ ڏاڍي خطرناڪ ٿيندي ۽ ان جا اڳتي هلي ڏاڍا اگرا نتيجا نڪرندا.

سوال: سنڌي عوام مڪمل طور آءِ جي آءِ کي رد ڪري چڪيو آهي. جڏهن ته "N.P." مرڪز ۾ آءِ جي آءِ جو ساٿ ڏئي رهيو آهي ۽ جيئن ته پا جي صاحب جي سڄي سياست جا بنياد سنڌ ۾ آهن. اهڙي حالت ۾ پليجي جي سياسي حيثيت متاثر ٿيڻ جا ڪيترا امڪان آهن ۽ مستقبل ۾ پليجي صاحب جي سياست ڪهڙا رخ وٺندي؟

جواب:آئون سمجهان ٿو تہ پليجو صاحب ويچارو هاڻي ان لائق نہ رهيو آهي، تہ سياسي ورڪر ان تي ويهي ڳالهائين ۽ نہ ڪو هن جا ڪڍهن سنڌ ۾ سياسي بنياد هئا. آڳاٽو مون کان ڪنهن اخبار واري انٽرويوءَ ۾ پڇيو تہ هو تہ، "پليجي، جي ايم سيد ۽ بينظير جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟" مون کيس جواب ڏنو هو تہ، "پليجو هڪڙي ضلعي جو ليڊر آهي، جي. ايم سيد سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جو ليڊر آهي، پر سنڌي عوام جي ليڊر بينظير آهي." سو پليجي جا جيڪڍهن ڪي سياسي بنياد هئا تہ اهي ڪنهن ضلعي ۾ ہڏڻ ۾ آيا ٿي، پر (اليڪشن ۾ هارائڻ کان پوءِ) خبر پئي آهي تہ اهي بہ نہ آهن. دانهون ڪندو ٿو وتي تہ بينظير صاحبہ مون سان ظلم ڪري ڇڏيو مون کي "اتي جي پوريءَ" کان شڪست ڏياري ڇڏيائين، مون سان ڳالهائي نہ ٿي. هو (پليجو) هاڻي ماليخوليا جو مريض ٿي چڪو آهي، جيئن هڪڙو ديوانو ۽ بيوقوف ماڻهو رڙيون ڪندو آهي، تيئن سنڌ ۾ هن وقت دانهون ۽ چيخون ڪري رهيو آهي، ظاهر آهي تہ سنڌ ۾ هن جا نہ بنياد اڳي هئا، نہ هاڻي آهن. پليجي کي آئون چڱي طرح سڃاڻان. منهنجو دوست رهيو آهي ۽ آهي بہ سهي. هن کي وڏ ۾ وڏ ضرورت جنهن شيءِ جي هوندي آهي، سا آهي "شهرت." اها هن کي آءِ جي آءِ جي پليٽ فارم تان ملي (يا A.N.P جي پليٽ فارم تان). ڪابل جا دورا پيو ڪري، افغانستان ۽ دهليءَ وڃي پيو. فلپائين وڃي پيو. بئنڪاڪ، هانگ ڪانگ ۽ جاپان وڃي پيو. وڃي پيو ۽ اچي پيو. پاڻ بہ وڃي پيو ۽ ٻين ماڻهن کي بہ گڏ ونڻي وڃي پيو. جاپان ۽ ٻين ملڪن ڏانهن وفد پيو موڪلي ۽ سمجهي ٿو تہ هو ٻاهرين طرح پنهنجي سياسي پوزيشن مستحڪم ڪري، پوءِ هتي ڪنهن انقلاب لاءِ ڪوشش ڪندو. انقلابي تہ هي ڪڍهن رهيو ئي نہ آهي. پر آئون اوهان تي واضح

ڪريان تہ اسان جي بہ ڪافي ماڻهن ۾ اهو رجحان هوندو آهي، تہ باهرين دنيا ۾ وڃي اثر قائم ڪجي، اتي ڪي سفارتي ناتا وغيره قائم ڪجن. اها ڳالهہ بہ ڪنهن حد تائين صحيح آهي. ڪئبرال چيو آهي تہ: اهو انقلاب بدنصيب آهي، جنهن کي باهرين دنيا ۾ دوست نہ آهن." پر گانڌي جيءَ چيو آهي تہ "اهو انقلاب ان کان بہ بدترين ۽ بدقسمت آهي، جنهن کي پنهنجي ملڪ ۾ بہ دوست نہ هجن. پنهنجي عوام جي پنيرائي نہ هجي." تہ اسين باهرين دنيا ۾ رڳو گشت ڪندا وتون ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ڪجهہ ئي نہ ڪريون. تہ ايئن انقلاب حاصل ڪونہ ٿيندا. تہ پليجو صاحب گهٽ ۾ گهٽ اڄ ان جاءِ تي وڃي بيٺو آهي تہ سنڌ مان پنهنجا اثر سپ ختم ڪري چڪو آهي، هاڻي ڪتابڙن ذريعي تڳي رهيو آهي. ڪتابڙا لکي ٿو ۽ اهي بہ هٿوهٽ، ورن ۾ وڃهي سندس ورڪر ماڻهن تائين پهچائين ٿا. باقي هي جيڪڏهن سمجهي ٿو تہ سنڌ اندر ڪا سياست ڪريان يا سنڌ جو عوام ڪو سندس پٺيان لڳندو ان حيثيت ۾ پليجو ختم ٿي چڪو آهي، ڪا شيءِ نہ بچيو آهي.

سوال: اتي ٿوري وضاحت ڪندا تہ پليجي صاحب جو جيڪو ڪارڪن لڏو آهي، اهو ڏاڍو منظم انداز ۾ پروپئگنڊا ڪندو وتي ٿو، جيڪڏهن مستقبل ۾ پليجو صاحب ،آءِ جي آءِ جو ساٿاري ٿي ٿو پوي تہ ان (ورڪر لڏي) تي ڪهڙا اثر پوندا؟

جواب: اڇڪلهہ اهو عام چيو وڃي ٿو تہ مختلف پارٽين مان ڪارڪن نڪتا آهن، پر آئون سمجهان ٿو تہ جيترو بهترين ڪيڊر (CADRE) پليجي جي پارٽيءَ مان نڪتو آهي، اوترو شايد ئي ڪنهن بي پارٽيءَ کي ڇڏي نڪتو هجي. هن وقت بہ اهو سلسلو جاري آهي ۽ آئيندي بہ جاري رهندو. سندس ڪافي ڪارڪن ڪيترن هنڌن تان استعيفائون ڏئي ويا آهن. پليجي صاحب جا جيڪي سُنا ۽ تربيت

يافته ڪارڪن آهن، تن کي في الحال ته هو "مسميريزم" پيو ڪري اهي تقريرون، اهي ٻاهران دورا، ڪجهه لالچون ۽ لوڀ! پر بهرحال جيڪو وٽس سنجيده ڪارڪن آهي، جيڪو سندڙ جي قومي سياست ڪرڻ چاهي ٿو سندڙ جي آزاديءَ ۾ يقين رکي ٿو اهو گهٽو وقت هن سان گڏ هلي نه سگهندو. پوءِ وري اهو اسان ٻين ڏرين تي ڇڏيل آهي ته انهن ڪارڪنن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهون ٿا، يا انهن کي ڪنهن منظم جدوجهد ۾ شامل ڪري سگهون ٿا يا نه!

سوال: ايم ڪيو ايم- پ پ پ معاهدي ٽٽڻ واري عمل کي آمريڪا ۽ مغربي دنيا جي ڪيتري حمايت حاصل آهي؟

جواب: آئون ان سوال جو جواب اڳين سوالن جي ضمن ۾ ڏئي آيو آهيان. خاص ڪري افغانستان جي مسئلي جي حوالي سان، ته آمريڪا هڪ ته ان معاهدي کي ان لاءِ توڙايو آهي، جو اها پيپلز پارٽي کي هڪڙيءَ حد ۾ رکڻ چاهي ٿي ۽ ان حد کان پيپلز پارٽيءَ کي وڌڻ نه ٿي ڏيڻ چاهي ۽ ٻيو اها ان ۾ به راضي آهي ته يا ته پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ڏهي يا ان تي ايڏو پريشر وڌو وڃي، جو اها افغانستان واري جنگ کي ان حد تائين کڻي وڃي، جنهن حد تائين آمريڪا ڏسڻ چاهي ٿو ان ڪري ان معاهدي توڙڻ ۾ ايم ڪيو ايم کي آمريڪا جي مڪمل پٺيراڻي حاصل آهي. اڃوڪي اخبار ۾ هڪڙي خبر ڇپي آهي ته، آمريڪي سفير ۽ آمريڪي ڪائونسل جنرل جو نواز شريف سان رابطو مسلسل قائم آهي. تنهن ڪانسواءِ توهان پڙهيو هوندو ته ڪيئي دفعا آمريڪي سفير ۽ ٻيا عملدار الطاف سان ملندا ۽ عزيز آباد جو طواف ڪندا رهيا آهن. ان مان ثابت آهي ته آمريڪا جي ايم ڪيو ايم کي مڪمل پٺيراڻي حاصل آهي. نواز شريف آمريڪا ۾ وڃڻو هو ۽ اتي سندس استقبال لاءِ وڏيون تياريون ٿي رهيون هيون، اهي جهڙوڪ هڪ متبادل ماڻهوءَ جي استقبال لاءِ تياريون هيون. اهڙيءَ

طرح آءِ جي آءِ هنن کي آمريڪا جي مڪمل پنيرائي حاصل آهي. تنهن کانسواءِ آمريڪا هن علائقي ۾ گهٽو ڪجهه ڪرڻ چاهي ٿو جيڪو ڪردار پيپلز پارٽي 11 مهينن جي عرصي ۾ ورڪرن جي پريشر سبب هن علائقي ۾ شايد ادا نه ڪري سگهي آهي، يعني آمريڪا کي اڏا قائم ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ، ٽيمن کي گهرائڻ، سنڌ جي سروي ڪرڻ وغيره جا مسئلا، اهي ڳالهيون آءِ جي آءِ سندس مڪمل پوري ڪري سگهي ٿي ۽ آمريڪا جي جهوليءَ ۾ سڀ ڪجهه وجهڻ لاءِ تيار ٿي سگهي ٿي.

تنهن کانسواءِ پنجاب، اسرائيل وانگر آمريڪا جو سالن جو آزمايل آهي، اهو مختلف سامراجن، مغل سامراج، برطانوي سامراج ۽ آمريڪي سامراج جو آزمايل آهي، پنجاب مان آمريڪا کي ڪنهن بيوفائي ۽ سرڪشيءَ جي اميد نه آهي. اهو ڏاڍو فرمانبردار آهي. ان ڪري آمريڪا جي هنن کي مڪمل سپورٽ ۽ مدد حاصل آهي.

سوال: پيپلز پارٽي پنهنجي هڪ سالا دور اقتدار ۾ ڪيتري حد تائين سنڌ جي مسئلن کي حل ڪري سگهي آهي؟ ۽ موجوده حالتن ۾ پيش نظر جيڪڏهن نئين سر چونڊون ٿين تہ جا پ پ سنڌ ۾ پنهنجي پراڻي حيثيت برقرار رکي سگهندي؟

جواب: ان سلسلي ۾ آئون عرض ڪندس، اسان جڏهن تازو سائين جي. ايم سيد سان گڏ سنڌ جي دوري تي ويا هئاسين، تہ ان وقت مون جيڪب آباد ۾ تقرير ڪئي هئي، ۽ ان ۾ پيپلزپارٽيءَ جي 11 مهينن جي ڪارڪردگيءَ تي روشني وڌي ۽ اهو تجزيو ڪيو هو تہ اها سنڌ جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مڪمل طرح ناڪام وئي آهي. مسئلا حل ڪرڻ تہ ڪهيو پر اها سنڌ جي ماڻهن کي امن بہ ڏئي نہ سگهي آهي. سنڌ جي ماڻهن کي جان جي سلامتي ڏئي نہ سگهي آهي، سنڌ جي ماڻهوءَ کي ڏاڙيل کان بچائڻ جو ذريعو نہ بنجي سگهي آهي، ۽ سنڌ جي ماڻهوءَ

کي ڪا شيءِ ڏئي نہ سگھي آهي، سواءِ ان جي تہ ڪجھ سئو نوڪريون ماڻھن کي ڏنيون ويون ھجن، اهي تہ هر دور ۾ ملنديون رهنديون آهن ۽ وري ڦريبيون رهنديون آهن. اهڙيءَ طرح هيءَ حڪومت سنڌ جي مسئلن جي حل جي سلسلي ۾ مڪمل ناڪام وئي آهي، پر ان جي ييٽ ۾ مون اهو بہ چيو هو تہ پيپلز پارٽي سنڌ جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي، پر ان جي متبادل جيڪا قوت اسان جي سامهون (آءِ جي آءِ جي صورت ۾) اچي رهي آهي، اهي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قتل عام ڪرائڻ جا مجرم آهن، اهي لاکات، طيب ٿهيم ۽ احمد برهماڻي ڳوٺن جا قاتل آهن، تہ پيپلز پارٽي سنڌ جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي، پر جيڪڏهن نئين سر چونڊون ٿين ٿيون تہ ان سلسلي ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا لفظ ڏهرائيندس، تاوڙ آئون هندستان جي دوري تي ويو هئس، اتي مون مشهور اسڪالر ۽ اديب "ڪيرت ٻاٻاڻيءَ" کان پڇيو تہ "راجيو گانڌيءَ جي ڪٽڻ جا ڪيترا امڪان آهن؟" تہ ڪيرت وراڻيو تہ "راجيو جي ڪٽڻ جا امڪان تمام گھٽ آهن، پر اپوزيشن يعني مخالف ڌرين جي بدنظمي ۽ انتشار راجيو جي ڪٽڻ جي امڪانن کي وڌيڪ روشن ڪري ٿو." تہ پيپلز پارٽي، سنڌ ۾ اڳين حيثيت تہ بهرحال قائم رکي نہ سگھندي، پر اسان جا سياستدان، جيڪي روايتي سياست ڪن ٿا، اهي اهڙي طرف وڃي رهيا آهن، جو پيپلز پارٽيءَ جي ڪٽڻ جا وسيع امڪان آهن. مثال طور سنڌ جي سياستدانن جو آءِ جي آءِ سان ناهہ ۽ بينظير خلاف عدم اعتماد جي رٽ جي حمايت ڪرڻ واريون ڳالهيون وري پيپلز پارٽيءَ کي مقبول بنائيندين ۽ پيپلز پارٽي وري مظلوم بنجي ايري ايندي. ان کانسواءِ ٻيا جيڪي اسان قومپرست ۽ ترقي پسند آهيون، تن جي صفن ۾ ڪيتريقدر اتحاد آهي، ان کي بہ ڏسڻو آهي، اسين جيڪڏهن واقعي

اليڪشن لڑڻ ۾ سنجيده آهيون. ته ان لاءِ ڪيتري تياري ۽ ڪهڙي منصوبي بندي ڪئي اٿئون. اسان وٽ ته ايئن رهيو آهي ته اسان جي ترقي پسند ۽ قومپرستن، سياسي ميدان هميشه پيپلزپارٽيءَ ۽ مسلم ليگ لاءِ خالي ڇڏيو آهي. اليڪشنون ٽيندیون آهن. ظاهر ڳالهه آهي ته عوام جي اعتماد جو اهو به هڪ ذريعو آهن. اليڪشن واري موقعي تي اسين لاتعلق ٿي ويهي رهندا آهيون ته "اسان جو اليڪشن سان واسطو ئي ڪونهي." سو هن وقت اسين سڀ قوتون جنهن انتشار واري ڪيفيت ۾ آهيون، سا ڳالهه پيپلز پارٽيءَ کي فائدو رسائيندي. پيپلز پارٽيءَ سئو سيڪڙو سيٽون کٽي نه سگهندي. منهنجو پنهنجو رايو آهي ته پيپلز پارٽي کٽيندي ضرور، پر اڳين سطح تائين نه. ۽ سو به اسان جي انتشار جي ڪري. ۽ روايتي سياستدانن جي بيوقوفين جي ڪري.

سوال: ڇا جيئي سنڌ، آءِ جي آءِ جي پيٽ ۾ هن صورتحال ۾ پيپلزپارٽيءَ جي حمايت ڪندي؟

جواب: اسان نه اڳي ڪڏهن آءِ جي آءِ جي حمايت ڪئي. نه هاڻي ڪنداسون. ۽ پيپلز پارٽيءَ کي ته اسان بار بار حمايت جو يقين ڏياريو آهي. پر شرط اهو آهي ته سنڌ جي عوام کي پيپلز پارٽي ڇا ٿي ڏئي؟ ظاهر ڳالهه آهي ته اسان جي پنهنجي ذاتي ڪا حيثيت ڪانهي. اسان سياست ڪريون ٿا. جدوجهد ڪريون ٿا. سڀ ڳالهيون سنڌي قوم لاءِ. سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪريون ٿا. انهن ماڻهن کي پيپلز پارٽي ڇا ٿي ڏئي؟ اڄ اسان جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي اجلاس ۾ فيصلو ڪري اخبارن کي هڪ نهراءُ موڪليو آهي ته پيپلز پارٽيءَ کي هاڻي سڄو زور سنڌ جي سياست تي ڏيڻ گهرجي. داداگيرن ۽ دهشتگردن کي سزا ڏيڻ گهرجي ۽ ان لاءِ کين کٽي "گولڊن ٽيمپل" جهڙو آپريشن ڪرڻو پوي ته به ان کان نه هٻڪن ۽ سائين جي. ايم سيد ۽ سنڌ جي قومپرست نوجوانن

کي آزاد ڪن. سنڌ جا ترقي پسند ۽ محب وطن نوجوان سندن ساڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. ان ۾ اسين بہ آهيون. پر شرط اهو آهي تہ پيپلز پارٽي سنڌ جي ماڻهن کي چا ٿي ڏئي؟ باقي کوکلي فضا ۾ بيٺل پيپلز پارٽي ۽ کوکلي هوا ۾ بيٺل آءِ جي آءِ. (آءِ جي آءِ مان تہ اسان کي کا اميد ئي ڪانہ آهي). البت پيپلز پارٽي ۾ ڪجهہ سطحي قومپرست ويٺا آهن. تنهن ڪري اسان سمجهون ٿا تہ ٿورو گهڻو اهي جيڪڏهن سنڌين جي خدمت ڪن تہ اسين سندن ساڻ سنڌ جي حد تائين ڏينداسون. ظاهر ڳالهہ آهي تہ مرڪز ۾ اسان وٽ کو ووٽ ئي ڪونہ آهي. جو اسين هنن کي ووٽ ڏئي مدد ڪري سگهون. بهرحال. جيڪڏهن هو سنڌي قوم لاءِ ڪجهہ ڪن ٿا تہ سنڌ جي حد تائين اسان عوامي جدوجهد ذريعي سندن ساڻ ڏينداسون.

سوال: موجوده حالتن ۾ سنڌ قومي اتحاد (S.N.A) جو رول چا هئڻ گهرجي؟ جڏهن تہ S.N.A کي سنڌ جي متبادل قيادت چيو وڃي ٿو؟

جواب: S.N.A کي موجوده صورتحال ۾ اقتدار واري ڏڙابنديءَ کان الڳ رهي. ماڻهن کي ايندڙ اليڪشن لاءِ منظم ڪرڻ گهرجي ۽ کين واضح ڪن تہ اهي ايندڙ اليڪشن ۾ پنهنجو ووٽ غلط طريقي سان استعمال نہ ڪن. ڇو تہ جيڪي مسئلا S.N.A کنيا آهن. اهي تيستائين حل ڪرائي نہ ٿا سگهجن. جيستائين اهو اسيمبليءَ ۾ موثر آواز پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿو وڃي. ان ڪري في الحال S.N.A کي ان طرف توجهہ ڏيڻ گهرجي. S.N.A هڪ تہ عوامي جدوجهد هلائي پئي. سياسي قيدين جي آواز لاءِ. ڪالاباغ ڊيم ۽ فوجي ڇانوٽين خلاف. بهارين ۽ بين ڌارين جي آمد جي خلاف اها جدوجهد بہ جاري رهي. پر ان سان گڏ اسان جي ليڊرن کي رڃابندي ۽ منصوبي بندي بہ ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ايندڙ ميدان اسان جي هٿن مان نہ نڪري وڃي.

سوال: پاڪستان ۾ موجود مظلوم قومن اندر آزاديءَ جي تحريڪ ڪيتري سگهاري آهي؟ ڇا اها تضاد جي حل ۾ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي؟

جواب: پاڪستان ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪ، جيڪا مظلوم قومن اندر هلي رهي آهي، اها مون کي هن وقت تہ صرف ہن جڳهين تي نظر اچي ٿي. هڪ بلوچستان ۽ ٻيو سنڌ ۾، ٿيون ڪنهن حد تائين اها گلگت ۽ قراقرم واري علاقي ۾ نظر اچي ٿي، قومي آزاديءَ جي تحريڪ، بلوچستان جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ نظرياتي طرح سگهاري آهي. آئون نٿو سمجهان تہ برصغير ۾ نظرياتي ڪم ڪنهن قوم ۾ قومپرستيءَ يا قومي آزادي واري هلچل ۾ ايترو ٿيو هجي، جيترو سنڌ ۾ ٿيو آهي، پر اها (آزادي جي تحريڪ) نظرياتي حد تائين جيتري سگهاري آهي، ٻئي طرف عملي جدوجهد واري پاسي اوتري ڪمزور آهي. ٻنهي جدوجهدن ۾ توازن نہ آهي. ان جي ڪري اها ڪو فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪري سگهي، يعني جنهن کي "جدوجهد" چئجي، ان لاءِ جيتوڻيڪ آئون ڪو لفظ استعمال نہ ٿو ڪريان، پر "جدوجهد" جيڪا ٿيندي آهي، ان جون جيڪي مختلف شڪليون ۽ صورتون ٿيندیون آهن، ان ڏس ۾ اڃا ڪوتون آهن، اهي ٻئي تحريڪون ۽ تنظيمون ڪامياب ذهين ترين هوندیون آهن، جيڪي پنهنجي جدوجهد جي شڪل ۽ صورت معروضي حالتن موجب تبديل ڪرڻ تي قادر هوندیون آهن، تہ منهنجو چوڻ آهي تہ سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ نظرياتي ۽ جدوجهد وارين سطحن جو اڃا توازن رکي نہ سگهي آهي، يا توازن پيدا نہ ڪري سگهي آهي.

باقي رهي اها ڳالهہ تہ قومي آزادي حاصل ٿيڻ سان تضاد حل ٿي ويندا، ائين نہ آهي. هڪڙو تضاد حل ٿيندو تہ ان جي ڪُک مان وري ٻيو تضاد جنم وٺندو. مثال طور اسين مٿاڇري طور اهو فرض

ڪريون ٿا تہ قومي آزادي بلوچن توڙي سنڌين کي حاصل ٿي ويچي ٿي، تہ ان صورت ۾ ظالم ۽ مظلوم جو تضاد بہ حل ٿي ويندو. ڇا ان صورت ۾ پھراڙيءَ ۽ شھر جو تضاد بہ حل ٿي ويندو يا نہ؟ ويندي ان حد تائين جو جتي سوشلسٽ سماج آھن، جن انقلابن کي ستر سال گذري چڪا آھن، سي بہ ايڏا پھراڙي ۽ شھر جو تضاد حل نہ ڪري سگھيا آھن، ان صورت ۾ پھراڙيون جمڙوڪر شھرن لاءِ ماركيٽ ھوندیون آھن. پھراڙيون خام مال پيدا ڪري ڏينديون آھن ۽ شھر وري اھو تيار ڪري وڪڻندا آھن، تنھنڪري اھي تضادن جي بنيان تضاد پيدا ٿيندا رھندا آھن. آخر ۾ ھلي اھڙي قسم جا بہ تضاد پيدا ٿيندا آھن. ان ڪري اسين، "قومي آزاديءَ" کي ھڪڙي وڏي تضاد جو حل سمجھون ٿا، يعني اھو تضاد، جيڪو ظالم قوم ۽ مظلوم قوم جي وچ ۾ آھي. ان کانپوءِ بہ بيا تضاد رھندا، ٿي سگھي ٿو تہ جدوجھد ھلندي اسين ڪافي تضادن کي حل ڪري سگھون، پر ائين ڪونہ ٿا چئون تہ اسان جي جدوجھد ڪنھن مرحلي تي پھچندي تہ سڀ تضاد حل ٿي ويندا.

سوال: ڇيو ويچي ٿو تہ جيئي سنڌ تحريڪ اندر ساڃي قومپرست ڏر، لبرل قومپرست ڏر ۽ سوشلسٽ قومپرست ڏر موجود آھي، جيڪي پنھنجي پنھنجي رخ ۾ سياست ڪري رھيون آھن، ان صورت ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي شڪل پارٽيءَ کان وڌيڪ ھڪ متحده محاذ واري ٿي جڙي، ان بابت اوھان جي ڇا راءِ آھي؟

جواب: جيئي سنڌ تحريڪ کي اسان ڪڏھن پارٽي سمجھيو ئي ڪونھي، اسان ڪوشش ڪريون پيا تہ جيئي سنڌ محاذ کي ھڪ پارٽي جي صورت ڏيون ۽ اھا ئي سڃي تحريڪ جي اڳواڻي ۽ رھنمائي ڪري ھن وقت ظاھر ڀالھ آھي تہ قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي بنيادي طرح اسان ان سطح تائين نہ بيھاري سگھيا آھيون، جنھن سطح تي ويٽنام جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ بيٺي ھئي، يا جنھن سطح تي الجزائر جي قومي

آزادیءَ جي تحريڪ پهتي هئي. هن وقت توهان وڌ ۾ وڌ ائين سمجهو ته "انڊين نيشنل ڪانگريس" جي حد تائين به اسان ان کي نه آڻي سگهيا آهيون. ۽ نه ئي عوامي ليگ جي سطح تائين پهچائي سگهيا آهيون. ان ڪري اسان جي قومي تحريڪ ۾ هر قسم جا ماڻهو شامل آهن. ساڃي ڏر جا به آهن. لبرل قسم جا به آهن. ڪاپي ڏر جا به آهن. اوهان کي معلوم هوندو ته لبرل قسم جا ماڻهو به اڪثر ڪري ساڃيءَ ڏر کان وڌيڪ ڪاپي ڏر کي ويجها هوندا آهن. جيئن نهرو جو مثال ڏئي سگهجي ٿو يا بن بالله جو مثال آهي. ان ڪري اهي ساڃي ڏر کان وڌيڪ ڪاپي ڏر کي ويجها هوندا آهن. ان ڪري جيڪڏهن ساڃي ڏر ڪا جيئي سنڌ اندر آهي ۽ اها آهي به، پر اها انتهائي ڪمزور آهي ۽ ڏينهون ڏينهن اها پنهنجو اثر ۽ دائره اختيار وڃائيندي وڃي پئي ۽ اها ان تي حاوي نه ٿي ٿي سگهي. منهنجو پنهنجو خيال اهو آهي.

سوال: موجوده جيڪو "پاڪستان جي جهنبي" وارو سوال اٿيو آهي، ڪن دوستن جو چوڻ آهي ته، ان ۾ جيئي سنڌ تحريڪ خلاف حڪمران ڏر ۽ جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ويڙهل ساڃي ڏر جي وڏيرن جي اها سازش هئي ته "جيئن ته جي. ايم سيد ۽ ورڪر لازم ملزم آهن." ان ڪري جي. ايم سيد ۽ ورڪرن کي جيل ۾ وجهرائي، ميدان وڏيرن جي حوالي ڪرائجي، ڪن ڏرين جو خيال آهي ته ان سازش ۾ حڪمران خود ملوث آهن، ان بابت اوهان جو چا چوڻ آهي؟

جواب: بنيادي طرح مون به اها ڳالهه ڪئي آهي ته سائين جي. ايم سيد به ديري غازي خان مان واپس موٽندي اها ڳالهه ڪئي آهي ۽ مون ته سائين جي. ايم سيد ۽ هزارين ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ اها ڳالهه ڪئي آهي ته اسان هڪ باوقار قوم آهيون ۽ قومن جي وقار جا جيڪي نشان آهن، تن جو احترام ڪرڻ ڄاڻون ٿا ۽ انهن مان به اها توقع رکون ٿا ته اهي به اسان جي قومي وقار جون جيڪي علامتون آهن، تن جو احترام ڪن. جهنبو ته فاتح قومون به مفتوح قومن جو ڪونه ساڻيندیون آهن.

ان کري جهنڊي ساڙڻ واري مذموم حرڪت جيئي سنڌ تحريڪ جي ڪارڪنن نہ ڪئي آهي ۽ نہ ئي اسان ان جي پٺيرائي ڪئي آهي. اها ڳالهہ ٿي سگهي ٿي تہ حڪمران ڏرين. آءِ جي آءِ جي ماڻهن ۽ خود سرڪاري ايجنسين جي ماڻهن. ڪن جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي برغلائي اها حرڪت ڪئي هجي. ڇو تہ مون کي خبر آهي تہ جيئي سنڌ جي ڪن نادان ورڪرن هڪ اڌ دفعو اڳ اهڙي حرڪت ڪئي ڪئي هئي تہ سائين جي. ايم سيد ان کي ننديو هو. هيءُ واقعو صرف ان لاءِ ڪرايو ويو تہ جيئن سائين جي. ايم سيد دورو نہ ڪري سگهي. اوهان کي خبر هوندي تہ پهرئين ڏينهن جڏهن سکر وارو استقبال ٿي ويو تہ اخبارن ۾ تمام ننڍڙي خبر آئي هئي تہ "پاڪستان کا پرچم اتارا گيا" پر جيئن جيئن سائين جي. ايم سيد اڳتي وڌندو رهيو ۽ ماڻهن جو هڪڙو طوفان اٽندو ويو. تيئن تيئن جهنڊي واري مسئلي کي زور ونرايو ويو. پوءِ اهو معاملو اسيمبلين ۾ پهتو سينيٽ پهتو. توهان کي اها بہ خبر هوندي تہ هتي ڪيترا پيرا پاڪستاني جهنڊا ساڙيا ۽ لاٿا ويا آهن. خود پيپلز پارٽيءَ ۽ ايم ڪيو ايم وارن ساڙيا ۽ لاٿا آهن. آمريڪا جا جهنڊا سڙندا رهيا آهن. آمريڪا جي تہ ڪورٽ بہ فيصلو ڏئي چڏيو تہ جهنڊو سڙڻ ڪو مسئلو نہ آهي. ماڻهو پنهنجو احتجاج ان طريقي بہ ڪري سگهن ٿا. ان ڪري هيءُ (جهنڊي سڙڻ يا لاهڻ واري) مڪمل سازش هئي تہ جيئن جي. ايم سيد کي عوام کان ڪٽجي. جيڪا پاڪستاني سياستدانن جي چاليهن سالن کان رهي آهي تہ جي. ايم سيد کي سنڌ جي ماڻهن سان ملڻ نہ ڏنو وڃي ۽ پٺيان ميدان سمورو ٻن ڏرين مسلم ليگ لاءِ يا پيپلزپارٽيءَ لاءِ خالي هجي. اسين ان حرڪت جي مذمت ڪريون ٿا ۽ ان جا ذميوار نہ آهيون.

سوال: توهان جي نظر ۾ نيشنلزم (قوميرستي) ۽ انٽرنيشنلزم (بين الاقواميت) هڪ ٻئي جا اتحادي آهن يا هڪٻئي جي ٽڪراءَ ۾ آهن؟

جواب: آئون ائين سمجهان ٿو تہ. صحيح معنيٰ ۾ انٽرنيشنلزم ان وقت

تائين قائم ئي ٿي نہ ٿو سگھي، جيسين تائين نيشنلزم يا نيشنلسٽ قوتون طاقتور نہ ٿيون ٿين، پاڻپريون نہ ٿيون ٿين. ان ڪري محڪوم قومن ۾ جيڪو نيشنلزم هوندو آهي، اهو اصل ۾ انٽرنيشنلزم جو لازمي حصو هوندو آهي. پر اڇڪلهہ سامراج جي چال اها آهي تہ جيڪي محڪوم قومون آهن، تن ۾ نيشنلزم کي ڏهايو ويڄي، ۽ جيڪي سوشلسٽ قوم جا ملڪ آهن، انهن ۾ وري نيشنلزم کي اپاريو ويڄي، تہ جيئن اتي جيڪو صحيح معنيٰ ۾ پائيچاري يا انساني برابريءَ وارو هڪڙو لازوال جذبو پروان چڙهي رهيو آهي، ان کي ڏهائجي ۽ ڪچلجي. ان ڪري محڪوم قومن ۾ نيشنلزم هڪ تہ انٽرنيشنلزم جو لازمي حصو آهي ۽ ٻيو تہ انهن ۾ ڪوبہ تضاد ۽ ٽڪراءُ ڪونهي ۽ جيڪي ماڻهو ان قسم جون ڳالهيون ڪن ٿا، اهي حقيقت ۾ نيشنلزم توڙي انٽرنيشنلزم جا دشمن آهن.

فرض ڪريو تہ هڪڙي محڪوم قوم آهي، جنهن تي ظلم ۽ جبر ٿئي ٿو ان کي جيڪڏهن چيو ويڄي تہ اها عالمي برادريءَ جو حصو آهي. تہ اها قوم ڪهڙي طرح عالمي برادريءَ جو حصو ٿي سگھندي، جڏهن تہ ان کي اهي سڀ حق حاصل نہ آهن، جيڪي عالمي برادريءَ کي حاصل آهن. منهنجو ياءُ منهنجي سيني تي بندوق تاڪيو ٻيئو هجي، منهنجن ٻچن کي کهي رهيو هجي، منهنجيءَ ماءُ ۽ ڀينرن جي سينڊ ۾ مٽيءَ جا ٻڪ وجهندو هجي، اهو کهڙيءَ طرح اسان جو حصو ٿي سگھي ٿو اهو اسان جو حصو ٿي نہ سگھندو. ان ڪري ئي تہ لينن صحيح "انٽرنيشنلزم" پيدا ڪرڻ لاءِ اهو نعرو ڏنو هو تہ "دنيا جون مظلوم قومون ۽ مزدور گڏ ٿيو." ان ڪري تہ جيسين تائين مظلوم قومون آزادي حاصل نہ ٿيون ڪن ۽ جيسين تائين مزدور پنهنجي ملڪي سرمائيدار کان آزادي حاصل نہ ٿا ڪن، تيسين تائين اهي ٻئي گڏجي ڪونہ سگھندا، انهن جي گڏجڻ جو ذريعو اهو آهي تہ

ٻئي آزاد ٿين. هو (مزدور) سرمائيدار جي ظلم کان آزاد ٿئي ۽ هوءَ (قوم) ٻيءَ جابر قوم جي ظلم کان آزاد ٿئي. ان مسئلي تي بيشمار لٽريچر اڄي چڪو آهي. توهان (خاڪيءَ) بہ لکيو آهي ۽ ٻين بہ لکيو آهي. تہ اها ڪا اهڙي اختلاف جوڳي ڳالهہ ڪانهي. اسان وٽ سنڌ ۾ خواہ مخواہ جيڪڏهن اهو مونجهارو پيدا ڪيو ويو وڃي تہ اها هڪ غلط قسم جي پروپيگنڊا آهي تہ جيئن نيشنلزم کي ڏبائي سگهجي.

سوال: سوويت يونين اندر جيڪو قومي تضاد نظر اچي ٿو، ان جي بيهڪ ڪيئن آهي؟ ڇا اوهان ان جي حمايت ڪريون ٿا؟

جواب: سوويت يونين ۾ گهٽ ۾ گهٽ هن وقت مون کي قومي تضاد نظر ڪونہ ٿو اچي. جيئن مون اڳ اوهان کي ٻڌايو تہ سامراجين جي سازش اها آهي تہ سوشلسٽ ملڪن ۾ قومي قسم جا تضاد ايجاد. سوويت يونين ۾ قومي تضاد نہ پر نسلي تضاد ايجاد ويو وڃي. مثلاً: آرمينيا يا جارجيا وغيره ۾ جيڪو تضاد پيدا ڪيو ويو وڃي. اهو نسلي تضاد آهي. نسلي نفرت کي هوا ڏني ٻئي وڃي. اهو قومي تضاد نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ مثال طور آرمينيا جا هڪڙا ماڻهو آزربائيجان ۾ يا جارجيا ۾ الائي ڪيتري عرصي کان اچي آباد ٿيا آهن ۽ ان قوم جو حصو بنجي ويا آهن. اڄ انهن لاءِ اهو چوڻ تہ جيئن اهي آرمينيا جا رهاڪو آهن، ان ڪري انهن کي واپس ڪيو وڃي. آبادي منتقل ڪئي وڃي. قومي تضاد ان طريقي جو نہ ٿيندو آهي. ان ڪري اها هڪڙي سامراجي سازش آهي. ان سازش ذريعي اتي نسلي تضاد پيدا ڪيا ٻيا وڃن ۽ انهن وسيلي اهو تاثر ڏنو ويو وڃي تہ هيءُ دنيا جو جيڪو ترقي پسند نظام (ڪميونسٽ نظام) آهي، اهو ٻيو تہ ڪهيو پر نسلي تضاد بہ حل ڪري نہ ٿو سگهي ۽ ٻيا معاشي ۽ ٻئي قسم جا تضاد تہ پري جي ڳالهہ آهن. اها هڪ قسم جي غلط پروپيگنڊا ڪري ماڻهن کي ايجاريو

ويو آهي. پر سوويت يونين جي قومن کي جيڪي حق (آئيني طرح) مليل آهن، انهن جي عملي اظهار جو وڌيڪ موقعو ڏنو ويندو تہ ان کي اسان سمجهنداسون تہ اهو هڪ صحيح عوامي جمهوريت يا بين الاقوامي جمهوريت جو اظهار آهي.

سوال: سنڌ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي لازمي طور سامراج دشمن ٿيڻ گهرجي ۽ جي ٿيڻ گهرجي تہ چو؟

جواب: آئون توهان کي عرض ڪريان تہ دنيا جي قومي آزاديءَ جي هر تحريڪ بنيادي طرح سامراج دشمن هوندي آهي. ان جي بنياد ۾ ان جي مزاج ۾ سامراج دشمني پريل هوندي آهي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ قومي آزاديءَ جي جدوجهد ڪنهن غاصب ۽ غالب قوم جي خلاف ئي جدوجهد هوندي آهي. ان غاصب ۽ غالب قوم جا ساٿاري بہ سامراج ۽ مها سامراج جا ذيلي سامراجي ادارا هوندا آهن. ان ڪري بنيادي طرح هر قومي آزاديءَ جي تحريڪ سامراج دشمن هوندي آهي. پر پوءِ آخري مرحلن ۾ سامراج انهن تي چاپا ۽ شيخون (راتاها) هڻندو آهي. پنهنجا هٿرادو ماڻهو پيدا ڪري ان سموريءَ تحريڪ کي پنهنجي طرف موڙيندو آهي.

ان لحاظ کان جيئي سنڌ تحريڪ يا سنڌ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ بنيادي طرح سامراج دشمن آهي ۽ اهو ڪردار ادا ڪري ٿي پئي. البت هن وقت کان ئي سامراجي قوتن اها ڪوشش شروع ڪئي آهي تہ ان تي راتاهو هڻجي ۽ ڪجهہ پنهنجا چاڙتا ان ۾ چڏي، ان کي پنهنجي وس ۾ ڪجي، ڪجهہ رعايتون ڏئي، ان تحريڪ جي واڳ پاڻ ڏي موڙجي. اهڙي قسم جا ماڻهو اهي ئي آهن، جيڪي ان آزاديءَ جي تحريڪ کي رعايتن ۽ مطالبن تائين محدود رکڻ چاهين ٿا ۽ چون ٿا تہ نيڪ آهي 1972ع جي آئين ۾ فلاڻي ترميم ڪري چڏيو اسين راضي آهيون، يا "قومي آزاديءَ" جي تحريڪ کي "صوبائي خودمختياريءَ" جي مطالبن ۾ تبديل ڪرڻ گهرن ٿا ۽ اها ڳالهہ توهان کي ذهن ۾ هٿڻ گهرجي تہ "قومي آزاديءَ جي

تحريڪ" بنيادي طرح هڪڙو "سياسي مسئلو" آهي، "عالمي مسئلي" جو هڪڙو حصو آهي ۽ "صوبائي خودمختياري" هڪڙو "انتظامي مسئلو" آهي. انتظامي مسئلو هن طرح آهي ته هڪڙو ضلعو آهي، ان کي مختلف تعلقن ۾ ورهائي، اوهان تعلقن جي مختيارڪارن کي ڪي به اختيار ڏئي ڇڏيو ته اوهان کي هي اختيار آهن، پر قومي آزادي مڪمل طرح ڪنهن قوم جي سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي آزاديءَ کانسواءِ ناممڪن آهي. ڪنهن قوم جو سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي اختيار پنهنجي هٿ ۾ ونڊ، سامراج لاءِ موت جي برابر هوندو آهي، ان ڪري قومي آزاديءَ جي تحريڪ لازمي طرح سامراج دشمن هوندي آهي.

سوال: افغان انقلاب جي مستقبل بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ افغانستان ۾ ٿيندڙ ڪي به سياسي تبديليون هن خطي تي ڪهڙا اثر ڇڏي سگهن ٿيون؟

جواب: آئون سمجهان ٿو ته ان سوال جو جواب آئون گهٽي ياڻي اڳي ڏئي چڪو آهيان. پر هڪ ڳالهه ٻڌايان ته جڏهن افغانستان مان سوويت فوجون واپس ڀئي ويون ته مون کي ڏاڍي پريشاني ٿي هئي ته اتي ملان قابض ٿي ويندا، پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ته معلوم ٿيو ته افغان انقلاب ايترو ڪمزور نه هو جيترو اسان سمجهيو ٿي ۽ ان انقلاب ۾ ايتري سگهه هئي ۽ آهي ته اهو پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي ٿو. البت خانه جنگيءَ جي صورت ۾ شايد ملڪي تعمير ۽ ترقي ۽ عوام جي ڀلائيءَ وارا ڪم ايڏيءَ تيزيءَ سان ٿي نه سگهن، جيڪي هڪ سوشلسٽ سماج جي خصوصيت هوندا آهن، پر خدانخواسته جيڪڏهن هيءُ انقلاب ناڪام ٿو وڃي ته اهو سموري دنيا ۾ به ڳالهيون پيدا ڪري سگهي ٿو. هڪ: سوشلسٽ ڪئمپ جي دوستيءَ تان ماڻهن جو وبساهه کڄي ويندو ۽ ٻيو: مارڪسزم کي Reverse gear (روورس گيئر) لڳڻ جو وهم پيدا ٿي سگهي ٿو جنهن جا سموريءَ دنيا جي

ترقي پسند قوتن تي منفي اثر پئجي سگھن ٿا. ان کانسواءِ ملن جي اچڻ سان سموري برصغير جو امن سدائين خطري ۾ رهي سگھي ٿو.

ان ڪري سموريءَ دنيا جي ترقي پسند قوتن جو فرض آهي تہ اهي افغان انقلاب کي مستحڪم بڻائڻ لاءِ پنهنجي وس ۾ وت آهر ڪوشش ڪن. هونئن تاريخ جي اڳتي وڌندڙ قوتن ۾ اسان کي ويساهہ آهي تہ اهي اڳتي ئي وڌنديون رهنديون. ترقي ڪنديون رهنديون ۽ نہ پوئتي ظلمت ڏانهن ويندیون.

(ماهوار 'ساجاهہ' جي ٽورن سان)
(27 آڪٽوبر 1989ع)

جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين
عبدالواحد آريسر جو انٽرويو

سوال: توهان جي طرفان "يڪجهتي ڪانفرنس" ڪوٺائي وئي هئي، سا ڇو ختم ڪئي وئي؟

جواب: اسان اهو پروگرام ختم نه ڪيو آهي، پر ملتوي ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ جي ملتوي ڪرڻ جا به ٻه سبب هئا. پهريون پروگرام پريس ڪلب حيدرآباد ۾ رکيو ويو هو. موسم گرم هئي، پريس ڪلب ۾ ائرڪنڈيشن وغيره جو ڪو انتظام ٿيل ڪونه هو. پي ڪنهن جاءِ تي فوري طور بندوبست ڪرڻ به مشڪل هو. ٻيو جن ماڻهن کي ڪانفرنس جي دعوت ڏني وئي هئي، انهن مان ڪافي ماڻهن جو اصرار هو ته ڪانفرنس حيدرآباد جي بجاءِ ڪراچي ۾ ٿيڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ اسان جي دوستن پڻ جائزو ونڊايو ته ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ڪجي ته بهتر آهي، چو ته اهڙيءَ طرح ملڪي ۽ عالمي ميڊيا ۾ جاءِ ملي سگهندي. ان ڪري ممڪن آهي ته هاڻي اها ڪانفرنس جولاءِ ۾ ڪراچي ۾ ڪئي ويجي.

سوال: توهان آرميءَ جي طرفان ڪورٽ مارشل ٿيا هيو، اسان کي ٻڌائيندا ته اهو ڇا هو؟

جواب: آئون ان وقت ٽارچر سيل ۾ هوس. مون کي خبر نه هئي ته ٻاهر ڇا پيو وهي واپري. اسان کي انين ڏهين ڏهاڙي چوندا هئا ته ڏاڙهي وغيره ناهي ۽ ڪپڙا بدلائي ونو ۽ پوءِ سڄو ڏينهن ويهاري شام جو بند ڪري ڇڏيندا هئا. اکيون ٻڌل هونديون هيون. اسان کي ٻاهر جي ڪابه خبر نه هوندي هئي. جڏهن ٻاهر نڪتاسون ته خبر پئي ته هنن اسان کي ڪورٽ مارشل پئي ڪيو. ڪورٽ مارشل هڪ فوجي طريقيڪار آهي. جنهن تحت فوجي آفيسرن ۽ سولجرن کي سندن غلطين جي خلاف ڪورٽ ناهي

سزائون ڏنيون ويندیون آهن. اسان ماڻهن لاءِ سندن خيال هو ته اهي دشمن ملڪ جا ايجنٽ ۽ غدار آهن، پر ان لاءِ وٽن ڪي ثبوت ڪونہ هئا. جو اهي ڪورٽون ناهي اسان کي سزائون ڏئي سگهن ها ۽ نہ هو اسان کان ڪو اهڙو اقرار ڪرائي سگهيا، تنهن کانسواءِ سنڌ ڪورٽ جي چيف جسٽس، سنڌي اخبارن ۽ اسان جي دوستن ڪوششون ۽ جدوجهد بہ ڪئي، جنهنڪري آئون ڪورٽ مارشل ٿيڻ کان بچي ويس ۽ آخرڪار هنن مجبور ٿي مون کي آزاد ڪيو.

سوال: توهان تي هڪڙو الزام آهي ته توهان جي پارٽي جيئن ته سنڌ جي قومي آزاديءَ جي هڪ نمائنده پارٽي آهي، پر توهان قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي قيادت نہ ڪري سگهيا آهيو، ائين ڇو آهي؟

جواب: ان حوالي سان ڪوبہ ماڻهو پنهنجي باري ۾ ڪو سٺو تبصرو يا رايو ڏئي نٿو سگهي، جيتوڻيڪ اسان قومي آزاديءَ ۾ ويساهہ رکندڙ جيئي سنڌ محاذ کي ئي سمجهون ٿا، پر اهو سوال بنيادي طور سموري قومي تحريڪ جو آهي، مون کان وڌيڪ اهل ڏهين ۽ پئسي وارا ماڻهو پيا آهن. ڪنهن ماڻهوءَ جي اهل ۽ نااهل هجڻ جو فيصلو ان بنياد تي نٿو ڪري سگهجي تہ هو ڪيتري ڪاميابي حاصل ڪري سگهيو آهي يا نہ ڪري سگهيو آهي.

اسان جو معاشرو ايجا تائين جاگيردار قدرن جو حامل آهي. اسان جي عوام جي ذهن ۾ ليڊر شپ جو تصور بہ جاگيردارانہ آهي، جنهن لاءِ وڏو قد ڪاٺ هجي، چوطرف ميڊيا ۾ پروپيگنڊہ ٿيندي هجي، جذباتي قسم جون ڳالهيون ڪندو ۽ نعرا هٽندو هجي.

ماڻهوءَ جي عمر جو هڪڙو دور اهڙو بہ هوندو آهي، جنهن ۾ جذبا جوان هوندا آهن، محنت ڪرڻ جي سگهہ هوندي آهي، اسان پنهنجو اهو دور هن ڏرتي ۽ ماڻهن لاءِ خرچ ڪري ڇڏيو آهي، هن وقت

جسم ۾ اها سگهه به ڪانهي ۽ بيمارين به آهن، ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته آئون گهربل نتيجا ڏئي نه سگهيو هجان ۽ گهربل طريقي واري قيادت به نه ڪري سگهيو هجان. جيئي سنڌ محاذ ۾ هڪڙو جمهوري عمل آهي. هيءَ سنڌ جي هڪ اهڙي پارٽي آهي، جيڪا هر ٻئي سال جمهوري عمل مان گذري ٿي، جنهن جا سڀ عهديدار اليڪشن جي ذريعي آندا وڃن ٿا. آئون پنهنجين اهڙين ڪمزورين کي محسوس ڪندي اڳي ئي چيئرمين شپ کان الڳ ٿي ويو هوس، منهنجي جاءِ تي نوجوان قيادت کي آندو ويو هو. هن پيري مون کي منهنجي غير حاضري ۾ چيئرمين چونڊو ويو هو. هاڻي وري اسان جون اليڪشن ٿيڻ واريون آهن، جتي گڏجي فيصلو ڪنداسين ته هاڻي ڪهڙي قيادت کي اڳتي اچڻ ڪجي.

سوال: هونئن توهان چا ٿا سمجهو ته مجموعي قومي تحريڪ ۾ هڪ مضبوط قسم جي قيادت جي کوٽ ڪانهي؟

جواب: آئون سمجهان ٿو ته، قومي تحريڪ ۾ بنيادي کوٽ وسيلن جي آهي ته نزاڪت به اچي ويندي آهي، جيڪڏهن وسيلا ٿي پون ته قيادت جو پورائو ٿي سگهي ٿو.

هڪ قائد يا ليڊر ۾ جيڪي صلاحيتون هجڻ ڪپن، انهن مان هڪ ته ان ۾ سياسي مسئلن کي سمجهڻ جي صلاحيت هجي، جنهن فيلڊ ۾ هو جدوجهد ڪرڻ چاهي ٿو ان جو ڪيس مڪمل علم هجي، ٻيو جنهن ڳالهه کي هو صحيح سمجهي، ان تي مضبوطيءَ سان بيهي سگهي، ٽيون ان ڳالهه کي عوام تائين پهچائڻ لاءِ اظهار جي صلاحيت هجي ۽ مناسب فيصلا ڪري انهن مطابق جدوجهد ڪري سگهي. هي سڀ ڳالهيون سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ موجود آهن، پر انهن تي عمل نه ٿيڻ جو سبب وسيلن جي کوٽ آهي. قومي تحريڪ جي ڪارڪنن مان هر دور ۾ ريا مارشلائن جي دور ۾ ايوب خان کان وٺي اڄ تائين جيترا

ڪرپٽ ٽيا ۽ وڪاڙا آهن. ايترائي بهادريءَ ۽ ثابت قدميءَ سان ڏاڍ ۽ ازيتون سهندي، پنهنجي موقف تي سچائي سان بيٺا ٻه رهيا آهن.

اسان جي قومي تحريڪ اڃا ان منزل تي ٻه ڪانه پهتي آهي، جنهن منزل تي 1930ع ۾ ڪانگريس جي تحريڪ پهتل هئي. ان جي باوجود اسان جي نوجوانن ۽ ڪارڪنن جون عمريون ڏهه ڏهه سال جيلن ۾ گذري ويون آهن. جڏهن ته ٻئي پاسي وڪامڙ لاءِ وسيع ميدان ٻه موجود آهي. توهان ڏٺو هوندو ته ڪالهه جا بافتو پائيندڙ ماڻهو اڄ بوسڪيون پيا پائين. ڪالهوڪا بسن ۾ سفر ڪندڙ ماڻهو اڄ پيجارو ۾ سواريون پيا ڪن. ڪالهوڪا ڪڪائُن گهرن ۾ رهندڙ اڄ محلن جهڙن بنگلن ۾ رهن ٿا. اهي سڀ شيون ملڻ لاءِ موجود آهن. رڳو وڪري جو مال ٽيڙ جي دير آهي. مون کي حيرت تڏهن ٽيندي آهي، جڏهن آرميءَ جا ماڻهو ۽ حڪومت سياسي ڪارڪنن کي غير ملڪي ايجنٽ چوندا آهن. جڏهن ته هتي خود ايجنٽ ٽيڙ جا بهترين ۽ بي شمار موقعا آهن. جنهن ۾ نڪو خوف نڪو خطرو آهي. ڪين پناهه ٻه ملي سگهي ٿي ته دولت ٻه ملي سگهي ٿي. جنهن کي ايجنٽ ٽيڙو هوندو سو اهي سڀ ڳالهيون ڇڏي غير ملڪي ايجنٽ ڇو ٽيندو. هنن سڀني ڳالهين جي باوجود، جيڪي قومي ڪارڪن مضبوط ارادي سان بيٺا آهن. اهي ئي هن ڌرتيءَ جو تاريخي مغز آهن ۽ اهي ئي سنڌ جي حاصلات آهن.

سوال: توهان اڃڪلهه برسات اخبار ۾ ڪالم لکندا آهيو. ان ڪالم ۾ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون کندا رهندا آهيو. پر قومي تحريڪ جي هڪ قائد جي حيثيت ۾ ڪارڪنن ۽ عوام کي ڪا خاص سياسي يا قومي لائين نه ڏيندا آهيو. اهو توهان شعوري طور ائين کندا آهيو يا اخبار جي پاليسي اهڙي آهي؟

جواب: چاهي ته پهريون مون اخبار وارن جي چوڻ تي هفتيوار ڪالم لکڻ شروع ڪيا هئا. ان کانسواءِ اڃڪلهه منهنجون معاشي حالتون ٻه ڪجهه اهڙيون آهن، جو مون چاهيو پئي ته ڪو پارٽ ٽائيم هجي، جنهن مان روزگار حاصل ڪجي.

مون کي اخبار جي ايڊيٽر چيو تہ توهان کي لکڻ گهرجي. پر ان لاءِ اخبار جي پاليسيءَ کي ڏسڻو پوندو. اخبارن جو جياپو گهڻو ڪري سرڪاري اشتهارن تي آهي. ان ڪري هِين سڀني ڳالهين تي لکي سگهجي ٿو. پر پارٽي لائين تي نڪو لکي سگهجي ۽ مون ان تي عمل ڪيو آهي. ان هوندي بہ ڪٽي موقعو ملندو آهي تہ لکي بہ ويندو آهيان.

برسات هڪ ڪمرشل اخبار آهي. اها ڪنهن بہ پارٽيءَ جي ترجمان ناهي. باقي حڪمران ڌر جون ساراهون سيني اخبارن وٽ ٿين ٿيون. اسان گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي انهيءَ آلودگيءَ کان بچايو آهي ۽ پارٽي لائين کان ڇڏي آهي.

سوال: سنڌ ۾ جيڪا بہ ميڊيا آهي، اها وفاق پرستن جي قبضي ۾ آهي ۽ وفاق پرست سياسي قوتن جي پٽيرائي ڪندڙ آهي، توهان قومي تحريڪ جي هڪ نمائنده پارٽي جي حيثيت ۾ ان پاسي ڌانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو آهي، ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

جواب: توهان اهو تمام سٺو سوال ڪيو آهي. اهو سوال خود اسان جي پارٽي جي ايجنڈا تي آهي. ان تي اسان ڪافي غور ويچار ڪيو آهي. اسان جو خيال آهي تہ سال ڏيڍ جي اندر وفاق پرست پريس جي پيٽ ۾ سنڌ کي هڪ اهڙي اخبار ڏيون. جيڪا اهڙو ئي ڪردار ادا ڪري. جيڪو ورهاڱي کان اڳ "الوحيد اخبار" ادا ڪيو هو يا جيڪو 15_1914ع ۾ "الهلال" ۽ "ڪامريڊ" اخبار ڪيو هو. اسان اها ڳالهہ شدت سان محسوس ڪئي آهي تہ قومي تحريڪ جي سيني ڪمزورين مان هڪ وڏي ۾ وڏي ڪمزوري اخبار جي آهي. جو تہ هڪ پاسي جڏهن قومي ڪارڪن پنج سال محنت ڪري هڪڙي شئي ناهين ٿا ۽ ورڪر تيار ڪن ٿا تہ ٻئي پاسي حڪمران ٻاهران ڪو ماڻهو گهرائي ميڊيا جي زور تي هڪڙي ڏينهن ۾ هيرو بنائي ڇڏين ٿا.

موجوده دور ميڊيا جو آهي، سوويت يونين کي آمريڪا جي جيٽ جهازن، ميزائلن ۽ ائٽمي بمن کوڻ ڌاڙو پر مغرب جي طاقتور ميڊيا ان کي هٽي ڌاهي وڌو جيئن اياز ڪنهن هنڌ چيو آهي ته، "جيڪا ديوار سانُ ڍڪي جي ٽڪر سان نه ڀڃي، تنهن کي بلبل جي چهنب ڌاهي وڌو."

في الحال اها ئي وڏي غنيمت آهي ته ڪجهه رسالا نڪرن پيا، جيئن اوهان کيڏو پيا ۽ اهڙا پيا به نڪرن پيا. اهي به تمام سٺا آهن، پر اڃوڪي تاريخ، صدين جو سفر سيڪنڊن ۾ ڪري ٿي، انهيءَ ڪري سنڌ کي تمام تڪڙي ميڊيا جي ضرورت آهي.

سوال: ڇا توهان جي خيال ۾ ته جيئن قوم پرست پارٽيون ڪم ڪري رهيون آهن، اهڙيءَ نوعيت جي سياست کندي عوامي شڪل اختيار ڪري ويندیون، جي ها ته ڪيئن ۽ جي نه ته ڪيئن؟

جواب: تجربو سڀ کان وڏو استاد آهي، سنڌ جون قوم پرست پارٽيون، جنهن نموني سياست ڪن پيون، ان طريقي سان هلندي، کين تقريبن ويهه پنجويهه سال ٿي ويا آهن، ان ۾ رڳو جيئي سنڌ جو مسئلو ناهي، ان ۾ عوامي تحريڪ به آهي ۽ ڪي ٻيون به ٿي سگهن ٿيون، ويندي سنڌ هاري ڪميٽيءَ به انهيءَ روايتي طريقي تي هلندي تمام ڏڳهو سفر ڪيو آهي، پر اسان ان سان گهربل نتيجا حاصل ڪري نه سگهيا آهيون، ان ڪري ضروري آهي ته انهن روايتي طريقن ۾ تبديلي آڻجي.

آئون سمجهان ٿو ته موجوده دور ۾ اندر گرائونڊ ۽ ٻين اهڙين ڳالهين کي ختم ڪرڻو پوندو ۽ اوپن سياست ڪرڻي پوندي ۽ اها ماٺهن جي مسئلن جي حوالي سان ڪرڻي پوندي. اڄ تائين قوم پرست پارٽيون، اليڪشن جي ميدان کي وفاق پرست پارٽين لاءِ خالي ڇڏيندیون آيون آهن، پر هاڻي آئون سمجهان ٿو ته ان کي ڇڏڻ نه ڏهرجي. اليڪشن ۾ ان ڪري حصو نه وٺجي ته سنڌ جي وزارت اعليٰ جي ڪرسي حاصل ڪجي، پر اليڪشن ۾ ان لاءِ حصو وٺجي ته انهيءَ

پليٽ فارم کي جھڙيءَ طرح انڊين نيشنل ڪانگريس پنھنجي قومي وقار جي حاصلات لاءِ استعمال ڪيو ھو تھڙيءَ طرح اسان کي به انھيءَ پليٽ فارم کي قومي آزاديءَ جي وقار لاءِ استعمال ڪرڻ گھرجي.

سوال: ڪالاباغ ڊيم لاءِ چيو وڃي ٿو ته اھو اشو سنڌي ۽ سرائڪي تضاد کي ڪڙي ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آھي، توھان ان کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: آئون خوشفھميں ۾ رھڻ وارو ماڻھو ڪونہ آھيان، آئون سمجھان نو ته سرائڪي مسئلو اڃا ايترو ايريو ئي ڪونہ آھي، جيترو اسان ان کي وڌائي پيش ڪيو آھي. سرائڪين کي سرائڪي قوم جو تصور ڏيڻ لاءِ اڃا ڪافي وقت کپي.

ڪالاباغ بنيادي طور پنجاب جي فائدي ۾ آھي، ان ڪري سرائڪين کي اھو احساس ھئڻ کپي ۽ يقينن آھي ب، ته جيڪڏھن ڪالاباغ ڊيم سندن ئي علاقي ۾ ٺھي ٿو ته سرائڪي علاقو وڌيڪ پنجاب جي ڪالوني ٿي ويندو ۽ اتي وڌيڪ ٻاھريان ماڻھو آباد ڪيا ويندا، سرائڪي اڳ ئي دانھون ٻيا ڪن ته ڪين اقليت ۾ بدلايو پيو وڃي ۽ پنجابين جي والار ٿيندي پئي وڃي. ڪالاباغ ڊيم جي ٺھڻ سان ڏيڍ ڪروڙ زمين آباد ٿيندي ۽ اھو ڏيڍ ڪروڙ زمين جو پاڻي سنڌ جي اوڏانھن ھليو ويندو جڏھن ته سنڌ جي زمين ۾ ڪروڙ ڏھ لک آباديءَ جي لائق آھي، انھيءَ مان ڏيڍ ڪروڙ غير آباد ٿي ويندي.

اڳ پنجاب جي ماڻھن جي روزگار جو ذريعو آرمي ھوندي ھئي، پنجاب جا ماڻھو ٻين علاقن ۽ ملڪن ۾ روزگار جي سانگي ويندا ھئا، ھاڻي انھن ملڪن ۾ سندن پت وائکي ٿي پئي آھي. دنيا جي بدليل حالتن ۾ آمريڪا وغيره جي ڊپاءَ جي ڪري پاڪستان جي آرميءَ جي سائيز گھٽجندي رھندي، ان ڪري بيروزگاريءَ جي اھڙي طوفان کي منھن ڏيڻ لاءِ پنجاب اھڙي قسم جا منصوبا ٺاھي رھيو آھي، ته جيئن سرائڪي

علائقي ۾ پنجاب جي واڌو آبادي‌ءَ کي منتقل ڪيو ويڃي، ان ڪري اهو سرائڪين لاءِ به هاڃيڪار آهي ۽ اسان لاءِ به هاڃيڪار آهي.

پاڪستان ۾ قوميتن جو مسئلو هجي، خودمختياري‌ءَ جو مسئلو هجي، آزادي‌ءَ جو مسئلو هجي، ڪن منصوبن کي رد ڪرڻ جو هجي، امن جو هجي يا ائٽم جو هجي، ان سڄي جي ڪُنجي پنجاب وٽ آهي ۽ پنجاب جيئن ٿو انهن مسئلن کي حل ڪرڻ نٿو چاهي، ان ڪري اڌارا وزيراعظم ويهاريندو آهي، سنڌ مان، ڪڏهن بلوچستان مان ٿو ڪڏهن سرائڪستان مان ڪٽندا آهن ۽ پوءِ انهن جي هٿان اهڙا ڪم ڪرائيندا آهن، جڏهن به پ پ جي حڪومت ايندي آهي ٿو ڪالاباغ ڊيم جي مسئلي کي اڌاريو ويندو آهي، پر جڏهن هڪ پنجابي وزير اعظم هو ٿو ان تي ڪو زور ڪونه هو هو بچڑو ڪم ڏيڍ کان ڪرائڻ گهرندا آهن، هيڏانهن وري هنن جي حالت اها آهي، جو کين ڪرسين تي ويهاري سپ ڪجهه ڪٽي ويڃو. اسان جي جاگيردار طبقي جو اقتدار جي بدلي ۾ سنڌ فروشي‌ءَ جو تاريخي ڪردار رهيو آهي. سنڌ جي بمبئي‌ءَ سان لاڳاپي کان وٺي اڄ تائين جيڪي به هاڃا پهتا آهن، اها سڄي مصيبت سنڌي عوام کان ووٽ حاصل ڪرڻ کان پوءِ نازل ڪئي وئي آهي، اهڙي‌ءَ طرح اسان جو ووٽ، اسان جي ئي تباهي، بربادي‌ءَ ۽ غلامي‌ءَ جو سبب بڻجندو رهيو آهي.

سوال: اڃڪلهه هڪڙو رجحان پيدا ڪيو پيو وڃي ٿه اديبن، دانشورن، وڪيلن ۽ شاگردن ۽ سماج جي ٻئي باشعور طبقي کي سياست نه ڪرڻ گهرجي، توهان جي خيال ۾ ان جي پٺيان ڪهڙا عوامل ڪم ڪري رهيا آهن؟

جواب: مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته جيڪي پيداوار جا وسيلا آهن، اديب ۽ دانشور انهن ۾ ته حصي وٺڻ لاءِ تيار آهن، پر ان جي حاصلات واري جدوجهد ۾ حصي وٺڻ لاءِ تيار ناهن، جيڪڏهن ملڪ

جا سڀ وسيلا. سماج جي سڀني پرتن لاءِ آهن ته انهن جي حاصلات جي جدوجهد ۾ به سماج جي سڀني پرتن کي حصو ونڊ گهرجي. اها هڪ غلط ۽ غليظ قسم جي پروپيگنڊه آهي، جيڪا کي شعوري طور ڪن ٿا ۽ ڪي لاشعوري طور وهڪري ۾ وهي وڃن ٿا، ته عوام ۽ قوم جو باشعور طبقو سياست ۾ حصو نه ونڊي ۽ سياسي ميدان وفاق پرست وڏيرن جي پارٽين لاءِ خالي ڇڏي ڏجي، ته جيئن اهي چاهين، تيئن قوم ۽ عوام سان غداريون ڪندا رهن. اهي ئي بدمعاش قسم جا ماڻهو جيڪي چارلس نيپيئر کان وٺي، جنرل عبدالوحيد جهڙن حاڪمن ۽ فاتحن جا بوٽ چٽائو ٿي رهيا آهن. اهي ووٽ کي اقتدار جي حاصلات جو ذريعو سمجهندا آهن ۽ پاڻ کي موروثي طور سياست ۽ اليڪشن ۾ حصي ونڊ جا حقدار سمجهندا آهن. اديبن ۽ شاعرن کي سياست کان پري رکڻ جو مٿو زهر ڏنو پيو وڃي ۽ وڏيرن لاءِ ميدان خالي ڪرايو پيو وڃي.

اسان جو چوڻ آهي ته جيڪو اديب سچو ۽ ساڃهوند آهي ۽ جيڪو مادر وطن جو حقيقي حلالي ٻار آهي. اهو جي سياسي جدوجهد هلندي گهر ۾ رهي ٿو ته ان لاءِ حليم باغيءَ جو شعر ڪافي آهي، جنهن جو مفهوم ڪجهه هن ريت آهي ته، "متان ڪو سياڻي وات ويندڙ وات ڦاٽو چئي ته، هيءَ شاعر جي بڻي آهي، انهيءَ تي ٽڪ هڻو جو هي جنگ هلندي گهر ۾ وينو هو."

اهڙا رجحان پيدا ڪيا پيا وڃن ته جيئن جنگ هلندي ۽ عوام جي ڪسجندي اديب غير جانبدار ٿيو وينو هجي. اندرا گانڌيءَ کان ڪنهن صحافيءَ سوال ڪيو ته، "توهان بنگال جي آزاديءَ جي حمايت ڇو ٿا ڪريو؟ توهان ته غير جانبدار آهيو؟" اندرا جواب ڏنو ته، "حقيقي غير جانبدار صرف مردو ئي ٿيندو آهي." جيئرو جاڳندو ماڻهو اهڙو

غير جانبدار ٿي نٿو سگهي، جو سندس سامهون ماڻهو ڪُسجندو رهي ۽ هو مات کيو ڏسندو رهي، سڄي قوم جي پيئنگ ٿي وڃي، ملڪ تباهه ٿي وڃي، ملڪ جا وسيلا لٽجي وڃن ۽ غلاميءَ جا ڳٽ ڳچيءَ ۾ اچي پون، پر اديب چوندا رهن ته اسان جو سياست ۾ نه وڃي.

دراصل هنن ماڻهن وٽ سياست جو تصور وڏيرکي سياست جو آهي. سائين جي. ايم سيد هڪ دفعي چيو هو ته، **"اڳي جيڪو ڪم پيغمبر ڪندا هئا، اهو هاڻي سياسي پارٽين جي ورڪرن کي ڪرڻ گهرجي."** جيڪڏهن سياست عوام جي لاءِ ڪجي ٿي ته اهو پيغمبرانه پيشو آهي، جيڪو ماڻهن کي انساني دوستيءَ جي سکيا ۽ تربيت ڏئي ٿو ۽ باشعور شهري بنائي ٿو. حقن جي سڃاڻپ ڏي ٿو ۽ ماڻهن سان لاڳاپا قائم ڪرڻ جي تعليم ڏي ٿو. اهو خراب نه پر هڪ سٺو عمل آهي. ادب جي قلمي ڪاوش جو مقصد به اهو ئي آهي ته بهترين انسان تخليق ٿئي، محبت ڪندڙ ماڻهو پيدا ٿئي، ڪينو، بغض ۽ نفرت کان پاڪ معاشرو هجي، اوچ نيچ نه هجي، انهيءَ عمل ۾ حصو وٺڻ جي تلقين ڪرڻ وارا اديب موقعي پرست آهن، جن لاءِ جيڪڏهن ڪڙي کان ڪڙو لفظ ڪتب آڻجي ته شعوري يا لاشعوري طرح اهي صدين کان ٻيٽل جاگيرداري نظام جا ايجنٽ آهن.

سوال: هڪڙو رايو آهي ته، سنڌ جي سياست ۽ صحافت ۾ ايجنسين جي مخالفت وڌي ۽ ئي آهي، توهان ان لاءِ ڇا چوندا؟

جواب: آئون توهان جي انهيءَ سوال سان بلڪل متفق آهيان، ايجنسيون ته پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون ۽ هو پنهنجا ايجنٽ پيدا ڪنديون، ننڍي کنڊ ۾ ائين ٿيو آهي، پر مون کي حيرت انهن سياستدن ۽ صحافين تي آهي، جيڪي قوم ۽ عوام جي ترجماني ڪرڻ جي باوجود مارڪيٽ جو مال ٿي پيا آهن.

ڪجھ وقت اڳ مون هڪ نامياري اديب جو انٽرويو پڙهيو ڪانئس ڪنهن سوال ڪيو هو تہ عهدي تان ڇو هٽايو ويو تہ هن جواب ڏنو تہ مون کي ان جي پرواھ ڪانهي، منهنجا اصل واڳ ڏٽين سان ايڏا وڏا تعلقات آهن، جو جيڪڏهن چاهيان ها تہ وڏي ۾ وڏو عهدو وٺي سگهان ها پر مون ائين نہ ڪيو جڏهن مون اهو پڙهيو تہ مون کي عجب لڳو تہ هي اسان جا هيڏا باشعور ۽ عزتدار ماڻهو تن جو حوصلو ايترو وڏي ويو آهي. جو ايجنسين سان پنهنجن لاڳاپن جو اظهار ڪلم ڪلا ۽ فخر سان ڪن ٿا. اڳي ان ڳالھ کي ايڏو معيوب سمجهيو ويندو هو جو ڪنهن ماڻهوءَ کان جيڪڏهن اهڙي ڳالھ ٿي ہ ويندي هئي، هو پنهنجي ڏوھ کي ائين لڪائيندو هو جيئن ڪُنواري ڇوڪريءَ پنهنجي پهرئين گناھ کي لڪائيندي آهي، منهنجي خيال ۾ اسان لاءِ ٻيو تہ ڪجھ ڪري نٿا سگهون، پر گهٽ ۾ گهٽ اخلاقي لحاظ کان هڪ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو جيئن اهڙا ماڻهو فخر سان اهڙو اظهار ڪرڻ کان باز اچن ۽ انهن کان جيڪڏهن اهڙو ڪو ڪڏو ڪم ٿي ہ ويڃي، تہ اهي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجيءَ ملامت هيٺ هجن. ڪڏهن ڪڏهن رڳو هڪ عورت جو طعنو ہ ڪنهن کي ايترو مجبور ڪندو آهي، جو هو ميدان جنگ ۾ ڪتجي مري ويندو آهي، ان ڪري اسان کي وڪامنڊ مال کي روڪڻ لاءِ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو جيئن وڪامڻ کان اڳ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽورو سوچين تہ ماڻهو ڇا چوندا. اصل ۾ دنيا ڇڪ هنن تن لفظن تي بيٺل آهي تہ سماج ۽ ماڻهو ڇا چوندا. پاڙي اوڙي وارا ڇا چوندا ۽ دوست يار ڇا چوندا تہ هيءُ ڏسٽو وائسٽو ماڻهو ائين ڇو ٿيو آهي.

سوال: جام ساقي تازو پ پ ۾ شامل ٿيو آهي، هڪ ڪميونسٽ ڪامريڊ هڪ جاگيردار طبقي جي پارٽي ۾ شامل ٿيو آهي، ٻين لفظن ۾ هاري ڪميٽيءَ جو اڳواڻ، هاريِ طبقي جي فطري دشمن طبقي جي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو آهي، ان لاءِ توهان جا تاثرات ڇا آهن؟

جواب: سوويت يونين جي ڍهڻ کانپوءِ ڄام ساقيءَ سمجهيو آهي ته هاڻي طبقاتي سرشتو ئي خم ٿي ويو آهي ۽ سماج ۾ ڪي به طبقا ڪونہ رهيا آهن. ۽ مارڪس جي سڃي فلاسافي غلط هئي. ان ڪري جمهوريت جي بقا لاءِ جاگيردارن جي جهوليءَ ۾ وڃي پناهہ ورتي آهي. ڄام ساقيءَ جي نظر ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سٺ ستر سالن جي عرصي تائين، ماڻهن، مردن، عورتن، ٻارن، ٻڍن جي جدوجهد ڪري هن جيڪو هڪڙو عظيم ۽ عاليشان ڪلچر تخليق ڪيو ويو هو جيڪو انسان دوستي ۽ ماڻهپي جي قدرن تي ٻڌل هو سو جڙ ته ختم ٿي ويو آهي. مون کي ڄام ساقيءَ لاءِ اڳي به ڪا گهٽي خوشفهمي ڪانہ هئي. آئون تڏهن به چوندو هوس ته هيءَ (ڄام) هڪ اهڙو ڪُلي آهي. جنهن کي ٽن مٽن جي ڳوڙ ڪُلهي تي کڻائي ڇڏيو ته ڪٽيو ويندو پر ان لاءِ اهو نہ سوچيندو ته. ان ۾ لاش پيل آهي يا هيروئن پيل آهي. اها ساڳي صورتحال هن سان اڄ به لاڳو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙن ڪامريڊن جي پڇاڙي ڏاڍي خراب ٿيندي آهي. ڄام ساقي سنڌي وڏيرن مان جيڪا جمهوريت جي توقع رکي آهي. سا هن غلط رکي آهي. ڇو ته وڏيرو ۽ جاگيردار پيداوار ئي آمريت جي آهي. دنيا ۾ ۽ خاص ڪري يورپ ۾ جمهوريت جي اڳيان وڏ ۾ وڏ رڪاوٽون جاگيردارن وڏيون هيون. ڄام جو اهو فيصلو بلڪل غلط آهي. ان کان سٺو هو ته بزرگن جي قبرن تي پڙ چاڙهيندو وتي ها. هاڻي جاگيردارن جي لاش تي جيڪو پڙ چاڙهيو اٿس. ان مان سندس ڪا پڇاڙي ڇگي ڪانہ ٿيندي. رسول ڪريم مسلمانن کي هڪڙي دعا سيکاري آهي. جنهن ۾ چيو آهي ته: "اي الله اسان جي پڇاڙي ڇگي ٿئي." اڳياڙيءَ ۾ ته ماڻهو خبر ناهي. ڇا ڇا ڪندو آهي. پر پڇاڙي ڇگي ٿئي. پر هتي اسان جا دوست پنهنجي پڇاڙي ٿا ويجائين.

سوال: توهان جي خيال ۾ سنڌ ۾ مهاجر مسئلي جو مستقل حل ڪهڙو آهي؟

جواب: مون وٽ هن وقت مهاجر مسئلي لاءِ ڪو خاص فارمولو ڪونہ آهي، اصولي طور آئون ان ڳالهہ جو قائل آهيان تہ سنڌي ۽ مهاجر دانشورن ۽ سياستدانن کي گڏجي ويهي ڪو حل ڳولڻ گهرجي، جنهن ۾ اهو يقين ڪرڻ گهرجي تہ نہ مهاجر ان پوزيشن ۾ آهن، جو اهي هتي فارغ ٿي رهي سگهن، ۽ نہ سنڌي ايڏا ڪنور آهن جو اهي ايڏي وڏي لکن جو تعداد (مهاجرن) کي سمنڊ ۾ لوڙهي ڇڏيندا. هو هتي اسان وٽ هڪ تاريخي حادثي ۾ اچي ويا آهن، انهيءَ جو ڪو نہ ڪو حل ڳولڻو پوندو. آئون ان ڳالهہ جو مخالف آهيان تہ سنڌ ۾ ڪنهن ڌر يا گروهہ کي اهڙي حيثيت ڏني وڃي تہ "هيءُ منهنجو ۽ هيءُ تنهنجو آهي"، يا هيترا حق توکي ۽ هيترا حق مون کي آهن. اهو فارمولو اڳتي هلي جيئن هندستان ۾ الڳ چونڊن جي فارمولي وانگر ورهاڱي جو ڪارڻ بڻيو هو تيئن، سنڌ جي ورهاڱي جو بہ سبب ٿي سگهي ٿو.

بدقسمتيءَ سان هي جو ڪجهہ ٿي ويو آهي، يا ڪرايو پيو وڃي، ان جو باني مباني پيپلز پارٽي آهي، جنهن 1972ع ۾ پوليءَ وارن فسادن کان پوءِ سنڌ کي بہ لساني صوبو قرار ڏنو ۽ اهو بہ قبوليو هو تہ جي وڏو وزير سنڌي تہ گورنر مهاجر هوندو جنهن جو هاٿي ايم ڪيو ايم مطالبو ڪري رهي آهي، اهو فلسفو صحيح ناهي، ان مان سنڌ کي نقصان پهچندو. جي وسيلا مشترڪ آهن تہ حق بہ مشترڪ آهن، اهليت ۽ صلاحيت جي آڌار تي سيني کي انصاف جي ذريعي ملڻ گهرجي، بشرطيڪ سنڌ جو سياسي اختيار سنڌ وٽ هجي، هن وقت صورتحال اها آهي، جو اسان پاڻ ۾ پيا وڙهون، جيئن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ وڙهندیون هيون، جڏهن تہ سياسي اختيار انگريزن وٽ هوندا هئا، جيڪي کين ويڙهائيندا هئا. اڄ بہ مهاجر ۽ سنڌي

سياستدانن کي ويڑهايو پيو وڃي. پر اصل سياسي اختيار ٻنهي وٽ ڪونہ آهي. سنڌ جي وسيلن جي ورڇ جو نوڪرين ڏيڻ جو ماڻهن کي خوشحال ۽ آباد ڪرڻ جو ۽ سنڌ لاءِ هڪ اهڙي بهتر پلاننگ ڪرڻ جو اختيار ٻنهي مان ڪنهن وٽ بہ ڪونہ آهي. سنڌ جي معدني دولت هجي. بندرگاهہ جي آمدني هجي يا واپار جا ذريعا هجن. انهن مڙني تي مرڪز جو ڪنٽرول آهي. اسان کي ڪيترو ٿا ڏين. اهو ائين آهي. جيئن فينن لکيو آهي تہ "الجزائر ۾ فرينچ عورتون گهرن کان ٻاهر. جيڪي اوپاريل ڊبل روٽيءَ جا ٽڪرا اڇلائيندڙ هيون. انهن تي الجزائري ٻار پاڻ ۾ وڙهي پوندا هئا." هتي اسان کي بہ ڊبل روٽيءَ جا ٽڪرا اڇلائي انهن تي ويڑهايو پيو وڃي. جنهن لاءِ هٿرادو طريقي سان نوان نوان گروپ پيدا ڪيا ويا آهن.

چون ٿا تہ الطاف دهشتگرد آهي. ڇا آفاق دهشتگرد ناهي. جن کي ٽٽنکن تي چاڙهي ڪراچيءَ جي شهر ۾ آندو ويو آهي ۽ هر جڳهہ تي کين تحفظ ڏنو پيو وڃي. اهو ئي تہ اصل دهشتگرديءَ ۽ بليڪ ٽائيگر جو باني مباني ۽ ڪمانڊر هو. لڳي ائين ٿو تہ هن مسئلي کي نہ رڳو زندهہ رکيو پيو وڃي. پر تازو توانو ڪيو پيو وڃي. تہ جيئن ٻئي ڏريون سنڌ جي سياسي اختيارن جي حاصلات لاءِ ڪو گڏيل معاهدو ڪري جدوجهد نہ ڪن.

جويو صاحب هڪ قابل احترام شخص آهي. سنڌ جي علمي. ادبي ۽ فڪري محاذ تان اهو واحد ماڻهو جنهن توهان ۽ اسان جي جمڙ کان اڳ ۾ "سيو سنڌ. سيو دي ڪانٽينيٽ" ڪتاب لکيو هو. انهيءَ ماڻهو جي هٿ ۾ اڄ بہ اهو ڪتاب آهي. اهو ماڻهو سنڌي۔ مهاجر ايڪي لاءِ فڪري ۽ ڪلچرل محاذ تان ڪوششون ڪري پيو سياسي مسئلا سياستدان نبيريندا پر سنڌ جي ڪلچر ۾ اها سگهہ آهي. جو

اردو ڳالهائيندڙ ان ۾ ضم ٿي سگهي ٿو ۽ ٿي رهيو آهي. چو ته هڪ دفعي الطاف مهاجرن کي اپيل ڪئي هئي: "اهي تنگ پاجامون ۽ واسڪوٽي پائين." پر سواءِ سندس سينٽرل ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي ٻئي ڪنهن مهاجر چوڪريءَ ان جي موٽ نه ڏني. اهي سڀ اڄ به سنڌي لباس پائين ٿا. سلوار قميص پائين. اجرڪون پائين ٿا ۽ ٽوپيون به پائين ٿا. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اسان ثقافتي مورچي تان پيش قدمي ڪنداسون ۽ اها خلوص دل سان ڪنداسون ته ضرور ڪامياب ويندا سون. پر ان سلسلي ۾ وڏي ذميواري وري به سنڌين تي عائد ٿئي ٿي. چو ته اسان هن ڌرتيءَ جا ڌڻي وارث آهيون.

هڪ دفعي حضرت علي وٽ به عورتون آيون. جيڪي هڪڙي ٻار جون دعويدار هيون. حضرت عليءَ فيصلو ڪيو ته. هڪڙو وڏو ڪات کڻي اچو ته. ٻار کي به حصا ڪري. هڪڙو هڪڙيءَ کي ۽ ٻيو ٻيءَ عورت کي ڏجي. ان تي ٻار جي سڳيءَ ماءُ چيو ته. ٻار کي به اڌ نه ڪريو. اهو ٻار ٻي مائيءَ کي ڏئي ڇڏيو. چو جو منهنجو ٻچو زندهه ته هوندو.

سنڌ اسان جي ماءُ آهي. اسان کي اهڙو رويو اختيار نه ڪرڻ گهرجي. جو مخالف ڌر کي اهو موقعو ملي وڃي. جو اها اسان جي عملن جي ڪري ورهاڱي جي ڳالهه ڪري.

بدقسمتيءَ سان اسان وٽ اڃا تائين انهيءَ مسئلي تي سنجيدگيءَ سان غور نه ڪيو ويو آهي. بلڪ ڪي ماڻهو سنڌ جهڙي مقدس ديس کي پنهنجي سستي شهرت لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. جيئن "اعلان جنگ" هو يا اسان هيئن ڪري ڇڏيندا سون. هونئن ڪري ڇڏيندا سون. مهاجرن کي مليا ميٽ ڪري ڇڏيندا سون. اهڙيون ڳالهيون. ماڻهن جا سطحي ۽ سفلي جذبا ته اپاري سگهن ٿيون. پر ان سان سنڌ جي خدمت ٿي نٿي سگهي.

لبنان ۾ ڪيترائي سال مذهبي بنياد تي عيسائي مسلمان وڙهندا رهيا آهن. اهي تباهه ٿي ويا. لبنان جي خوبصورتي ختم ٿي وئي. پر لبنان ورهائجي نه سگهيو. جو ته اتي جي ماڻهن طئي ڪري ڇڏيو ته اهي پنهنجي ڌرتيءَ کي ورهائڻ نه ڏيندا. وڙهي وڙهي اڳي پوءِ ٽيبل تي ويهڻو پوندو. توهان کي ياد هوندو ته ون يونٽ ٽٽڻ وقت ڪي ماڻهو اهڙا به هئا. جن چيو ته ڪراچيءَ اسان کي نه ڪپي. جيڪڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ سان ڳنڍيو ويو ته سنڌي عذاب ۾ اچي ويندا. هن وقت اهو ساڳيو ڪردار پ پ جا وڏيرا ادا ڪري رهيا آهن.

مون کي حيرت آهي ته اسان. جن ماڻهن کي حڪمران ڪري موڪليون ٿا. سي ئي اسان جي وجود جا ويري ٿين ٿا. اهي ايڏا ته بزدل ۽ ڪائر ٿي پون ٿا. جو سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ کي ڪراچي کان ٻاهر ڪٽي وڃن ٿا. ڪڏهن چون ٿا ته سيڪريٽريٽ ملير ۾ ٺاهجي. ڪڏهن چون ٿا ته ٽاٽي بولا خان ۾ ٺاهجي. پنهنجو گاديءَ جو هنڌ ۽ پنهنجو شهر چڏي ڊيگال وانگر فرانس جي جلاوطن حڪومت برطانيا ۾ ٺاهجي. ايا ته جنگ لڳي ڪانه آهي. ايا ته طوفان آيو ڪونه آهي. ايجان ته سيلاب اٽليو ئي ڪونه آهي. اسان اڳ ۾ ئي پنهنجا ڪپڙا لاهڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. اهڙيءَ طرح سياسي هيرا ڦيريون ته ٿي سگهن ٿيون. ماڻهن جي جذبات سان کيڏي وقتي طرح داد حاصل ڪري سگهجي ٿو پر ڪنهن ملڪ ۽ قوم کي استحڪام ۽ دوام بخشڻ واريون اهي ڳالهيون ڪونه آهن.

ٻئي طرف مهاجرن کي به هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ کپي. ته هنن ويهن تي ننهن جا زور لاتا آهن. ته قومي اسيمبليءَ جون چوڏنهن ۽ سنڌ اسيمبليءَ جون وڌ ۾ وڌ 28 سيٽون کنيون اٿن. انهن چوڏهن سيٽن جي آڏار تي نه پاڪستان جو وزير اعظم ٿي ٿو سگهجي ۽ نه 28 سيٽن جي آڏار تي

سنڌ جو وزير اعليٰ ٿي ٿو سگھجي. ڪين زميني صداقتن ۽ سچائين کي تسليم ڪرڻ گھرجي. ته هن ڌرتيءَ تي هڪڙي اهڙي قوم موجود آهي، جيڪا صدين جي رهاڪو آهي، جيڪا جيتوڻيڪ شهرن ۾ ڪانه آهي، پر ممڪن آهي ته اها پنهنجا ۽ چار ماڻهو اتي ۽ اماڻي سگھي ٿي. سنڌين کي رهڻ جي لاءِ ته ننگرپارڪر ۽ آهي ۽ هو جيڪب آباد جي جھولن ۽ گرمين ۾ ۽ رهي سگھن ٿا. پر هي جي شهرن ۾ وينا آهن، جن جو پاڻي کان سواءِ گذارو ڪونه آهي ۽ جن کي برف جي ڳڙي نٿي ملي ته طوفان برپا ڪري ٿا ڇڏين، اهي اهڙيون ڳالهيون ڪٿان برداشت ڪندا. ڪين هن ڌرتيءَ سان معقول رويا اختيار ڪرڻ ڪپن. هنن جڏهن ۽ غير معقول رويا اختيار ڪيا آهن، ته ڪين اها زمين چڏڻي پئي آهي. هندستان جو مثال سامهون آهي، جيڪڏهن ايجان ۽ تاريخي سچائين مان سبق حاصل نه ڪندا ته اها سندن بدقسمتي آهي.

سوال: توهان "اعلان جنگ" جي ڳالھ ڪئي ته، ان حوالي سان قادر مگسيءَ جي موجوده سياست بابت ڇا خيال آهي، ڇاڪاڻ ته هن پنهنجو سياسي قد ڪاٺ، جيئي سنڌ تحريڪ، جي. ايم سيد ۽ سنڌوديش جي پليٽ فارم تان ناهيو هو، پر هاڻي هن جيئي سنڌ ڪان علحدگي اختيار ڇو ڪئي آهي ۽ سنڌوديش ۽ جي. ايم سيد جي خلاف ڇو ڳالهائي رهيو آهي؟

جواب: قادر مگسيءَ جو جيئي سنڌ ڪان الڳ ٿيڻ جو بنيادي ڪارڻ ليڈر شپ جي خواهش آهي ۽ اها هڪ وڏي بيماري آهي، سردار ديوان سنگھ هڪ واقعو لکيو آهي ته "هڪڙو ماڻهو هو جنهن سياسي بنيادن تي تمام هڪ وڏو ڏوهه ڪيو هو جنهن ۾ ڪيس سزا ٻڌائي وئي، هن چيو ته مون کي ڦاسي ڏيلي ملي، ڇو ته منهنجي لاش تي گھٽ ۾ گھٽ جلوس ته وڏو نڪرندو."

قادر مگسيءَ ۾ اها شئي هئي ۽ آهي، ويندي هاڻي ته خبرون پون پيون ۽ سندس پراڻا دوست ٻڌائين پيا ته جڏهن هو "جيئي سنڌ

استوڊنٽس فيڊريشن" ايل ايم سي جو ايجا ميمبر مس ٽيو هو ته. ان وقت لال خان چانڊئي کي چيو هئائين ته عبدالواحد ۽ ٻين کي چئو ته هو مون کي جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن جو جنرل سيڪريٽري بنائين. اهڙيءَ طرح جڏهن هن جيئي سنڌ محاذ جي ميمبر شپ لاءِ درخواست ڏني هئي، تنهن ۾ به لکيو هئائين ته. "آئون هر طرح جيئي سنڌ محاذ جي قيادت ڪرڻ جو اهل آهيان. ان ڪري مون کي جيئي سنڌ محاذ جو ميمبر ڪري. ان جي قيادت ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي."

اصل ۾ هن جي اها ئي خواهش هئي. جنهن هن کي جيئي سنڌ کان ڌار ٽيڙ تي مجبور ڪيو آهي. جيئي سنڌ کان ڌار ٽيڙ کان پوءِ هن وقت هو مڪمل طور تي ايجنسين جي ماٺهوءَ طور ڪم ڪري رهيو آهي.

هتي سنڌ ۾ سياست جون ٻه راهون آهن. هڪ وفاق پرست سياست جي آهي ۽ ٻي وطن دوست ۽ قوم پرست سياست جي آهي. وفاقي سياست جي نمائندگي پ پ ڪري ٿي. جيڪا قتدار جي حاصلات جي به سياست آهي. ته اليڪشن جي سياست به آهي ۽ ان ۾ هاٿي "سنڌي سنڌيءَ" جي پيوند ڪاري به ڪئي وئي آهي. ٻي قومي سياست آهي. جنهن جو سرواڻ. سرچشمو ۽ فائونڊر جي. ايم سيد آهي. جيڪو جي. ايم سيد ۽ ان جي قومي پروگرام جو انڪار ڪري ٿو ظاهر آهي ته اهو سنڌ جي قومي سياست جو انڪار ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته هتي يا ته جناح جي پاڪستان جي وفاقي سياست ٿي سگهي ٿي يا جي. ايم سيد جي سنڌو ديش جي قومي سياست ٿي سگهي ٿي.

قادر مگسي چوي ٿو ته جي. ايم سيد جاگيردارن جو نمائندو ۽ قومي غدار آهي. مان چوان ٿو ته هو پاڻ ڪنهن جو نمائندو آهي. آئون ته اهو چوندس ته. هو ڏاڙيلن جو نمائندو آهي ۽ اها سنڌ جي ۽ سنڌي قوم جي بدقسمتي آهي. جو سنڌ جي قومي تحريڪ اندر هڪڙو اهڙو

ماڻهو گهڙي آيو آهي، جنهن "آفتاب اخبار" کي لکيل پنهنجي خط ۾ هڪ ڏاڙيل جانو آرائين کي، جناب جان محمد آرائين ۽ حسن چانڊئي کي جناب حسن علي چانڊيو صاحب سڏيندي، جيئي سنڌ محاذ جا ميمبر ڄاڻايو هو جيڪي ماڻهو اشتهاري ڏوهاري ۽ انتهائي وحشي ۽ خونخوار قسم جا ڏاڙيل آهن، انهن کي هڪ عدم تشدد جي پيروڪار تنظيم جا ميمبر سڏڻ خود قومي تحريڪ سان مذاق آهي.

توهان رحيم هگورو بڏو هوندو. هو هڪ مشهور ڏاڙيل هو ۽ حُر تحريڪ جي پيداوار هو پر ڏوهاري ٿي پيو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن پير صاحب پاڳاري جي گدي بحال ٿي، تہ هن سيني حُرن لاءِ معافيءَ جو اعلان ڪرايو پر رحيم هگوري لاءِ نہ ڪرايو هو. ڇو تہ هو ڏاڙيل بڻجي چڪو هو حُرن جي جماعت، جيڪا سرڪاري رڪارڊ ۾ گهٽي وقت تائين هڪ ڪرمنل جماعت هئي، پر پوءِ به هڪ ڏاڙيل کي پنهنجيءَ جماعت جو ماڻهو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي، پر قادر مگسي، جانو آرائين، حسن چانڊئي ۽ شمن جتوئي کي هڪ امن پسند ۽ عدم تشدد جي پيروڪار پارٽي جيئي سنڌ محاذ جا ميمبر تسليم ڪرائڻ لاءِ چئي رهيو هو. اها ڳالهہ جيئن تہ رڪارڊ تي آهي، ان ڪري اسان ان ڳالهہ جي چوڻ ۾ حق بجانب آهيون، تہ هو ڏاڙيلن جو نمائندو آهي ۽ هن وقت هن جي پارٽيءَ ۾ مڪمل طرح سان اهوئي ڪلچر آهي.

ٺيڪ آهي، ڪالهہ مون بس ۾ سفر پئي ڪيو ۽ اڄ مون وٽ هڪ سوزوڪي جيپ آهي، ان لاءِ سيني کي خبر آهي تہ اها ڪيئن آئي آهي، ماڻهن کان روپيو روپيو پُني ورتي وئي آهي، پر اڄ پوزيشن اها آهي جو ان لاءِ پيٽرول جو پئسو ڪونہ آهي، ان ڪري آئون وري به بسن ۾ ئي سفر پيو ڪريان، پر اسان هن ماڻهوءَ کان پڇڻ ٿا گهرون تہ هو ٺٽي جي هڪ تاريڪ گهٽيءَ ۾ پٽرن جي ٺهيل گهر مان مسلم

سوسائٽيءَ جي شاندار محل نما بنگلي ۾ ڪيئن پهچي ويو آهي ۽ هي لينڊ ڪروزر ۽ پيجارو گاڏيون ڪٽان آنديون ويون آهن ۽ بوسڪيءَ جون قميصون، راڊو واچون ۽ سونا لاڪيٽ ۽ ويهن پنجويهن هزارن جا چشما. اهي سڀ مال ۽ ملڪيتون ڪٽان آيون آهن؟ قومي تحريڪ سان واڳيل سچا ۽ ايماندار ڪارڪن اڄ به جيلن جي ڪال ڪوٺڙين ۾ رت جون ٽيون ڪري رهيا آهن. انهن جي پورهيي ۽ محنتن تي هيئن ڏاڙي هڻڻ جو حق هنن کي ڪنهن ڏنو آهي.

سنڌي ماڻهو هونئن ته مهمانوازيءَ لاءِ هزارين روپيا خرچ ڪري ڇڏيندا آهن. پر پارٽيءَ جي چندي لاءِ ڏهه روپيا به ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه آهن. اهي ايترا فراخدل ۽ سخي ٿي ويا آهن. جو قادر مگسيءَ کي ذوالفقار علي ڀٽي کان به مٿي "سونا تاج" پارائين پيا. ظاهر آهي ته اهو سڄو پئسو غيرقانوني طريقي سان اڇي ٿو يا طاقتور ايجنسين جي طرفان ملي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو هو اڄ ڪنهن سان به سچو ناهي، نه سنڌ سان سچو آهي، نه سنڌي عوام سان سچو آهي ۽ نه انهن جي مسئلن سان سچو آهي.

اسان وٽ سنڌ سان سچائي جي ڪسوٽي اها آهي ته سيد سان اختلاف ته رکي سگهجي ٿو پر ان جي سنڌ دوستيءَ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. رسول بخش پليجي جا جي. ايم سيد سان اختلاف آهن. پر هو جڏهن به لطيف تي ڳالهائيندو آهي ته، چوندو آهي ته اسان کي لطيف جي عظمت ۽ وڏائي گربخشاٽيءَ ۽ جي. ايم سيد ٻڌائي آهي. مون سراج صاحب جو تازو انٽرويو پڙهيو آهي، ان ۾ هن چيو آهي ته، "ان ڳالهه کان انڪار ڪري ئي نٿو سگهجي ته، اسان دانشورن ۽ ماڻهن ۾ سنڌ جي باشعور محبت پيدا ڪرڻ جو ڪريڊٽ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ڏانهن وڃي ٿو ته اهو صرف جي ايم سيد ئي آهي."

حيرت آهي تہ قادر مگسي، بک هڙتال تي ويٺو تہ پاڪستان جي ريڊيئي نيٽ ورڪ خبر بہ ڪانہ ڏني، پر جڏهن قادر مگسي چئي ٽو تہ جي. ايم سيد جاگيردارن جو نمائندو آهي تہ اها خبر پاڪستان ٽيليويزن تي اچي وڃي ٿي، ان مان قادرمگسيءَ کي سمجهڻ گهرجي تہ مٿئين سرڪار ڪهڙي ڳالهہ مان خوش ٿئي ٿي ۽ ڪهڙيءَ مان نٿي ٿئي. جي. ايم سيد هن عمر ۾ جُهور پوڙهو ۽ معذور ماڻهو آهي، پر جيئن اقبال چيو آهي تہ: ''کھٹکتا ہوں دل یزداں میں کانٹے کی طرح'' اهو ماڻهو هن عمر ۾ بہ اسلام آباد جي يزدانن جي دلين ۾ ڪنڊي وانگر چپي رهيو آهي. ان جي خلاف سنڌس ئي صفن مان نڪتل ڪو ماڻهو ڳالهائي، جنهن کي ڳالهائڻ بہ نٿو اچي، جنهن کي بہ اکر لکڻ بہ نٿا اچن، سو جڏهن سنڌ جي عظيم انسان جي. ايم سيد جي خلاف ڳالهائي ٿو تہ ان کي پاڪستان ٽيليويزن تي پيش ڪيو وڃي ٿو.

چوي ٿو تہ سنڌو ديش سنڌي قوم جي قد کان مٿي آهي، مان چوان ٿو تہ قومن جا قد آزادين کان مٿي هوندا آهن. سنڌي هڪڙي قوم آهي، سنڌ هڪڙو ملڪ آهي، جنهن کي هڪڙي ڌرتي آهي، جيڪڏهن آزادي حاصل ڪرڻ ان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، تہ پوءِ اها قوم ئي نہ آهي. قومن جا قد آزادين کان گهٽو مٿاهان هوندا آهن. قومون ٺهيل نہ بہ هونديون آهن، پر آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ٺهي ويندیون آهن. ڪڏهن ڪڏهن قومون آزاديءَ جي جدوجهد کان اڳ ٺهيل هونديون آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن آزاديءَ جي جدوجهد دوران ٺهنديون آهن. سائين جي. ايم سيد چيو آهي تہ: "سنڌي اصولي لحاظ کان قوم آهي، پر عملي لحاظ کان اڃان قوم نہ ٿي آهي، ڇو تہ عملي طور قوم قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ٺهندي آهي." قومي آزاديءَ جي جدوجهد قوم اندر قبيلائي نفرتن کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي، مذهبي پيديائون ختم

ڪري ڇڏيندي آهي. قومون آزاديون حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجا حقيقي قومي قد ڏيکاري سگهنديون آهن. هي ماڻهو تہ اهي آهن:

یہ ناداں گر گئے سجدے میں. جب وقت قیام آیا۔

جڏهن سڄيءَ دنيا ۾ آزاديءَ جون هوائون گهلي رهيون آهن. اهڙيون نندڙيون نندڙيون قومون بہ آزاد ٿي رهيون آهن. جن آزاديءَ جو ڪڏهن خواب بہ ڪونہ ڏٺو هو. ٻئي پاسي هي ماڻهو آهن. جيڪي سنڌ جي قومي آزاديءَ تان هٿ کڻي ويٺا آهن ۽ چئن سالن کان پوءِ وفاق پرست سياست ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جي ايوان اقتدار ۾ پهچي ويندا.

چون ٿا تہ اسان کي آرميءَ چيو آهي تہ. توهان کي اقتدار ڏيندا سون. اهڙا ماڻهو موجود آهن. جن جو چوڻ آهي تہ اسان کي قادر مگسيءَ چيو آهي تہ. مون کي ايجنسين چيو آهي تہ توکي اقتدار ڏيندا سون. ٺيڪ آهي. هو چئن سالن کان پوءِ ڪراچي جي تغلق هائوس ۾ اچي ويهندو. پر پوءِ هن ۾ ۽ جام صادق علي. مظفر حسين شاهہ ۽ عبدالله شاهہ ۾ ڪهڙو فرق ٿيندو. اهڙا وزير اعليٰ ڪپن ها تہ پوءِ ٻيا ئي کوڙ ويٺا آهن. هن جي ضرورت ڪهڙي آهي. جيئن مون چيو آهي تہ. هي ماڻهو نہ پنهنجي پارٽي سان سچو آهي. نہ پنهنجي نظريي ۽ پروگرام سان سچو آهي ۽ نہ سنڌ ۽ سنڌي قوم سان سچو آهي. هي صرف پنهنجيءَ ذات سان سچو آهي. ان ڪري ٿوٽل ئي بوگس قسم جو ماڻهو آهي.

(ماهوار 'ساجاهہ' جي ٽورن سان)

جيئي سنڌ قومي محاذ جي چيئرمين
عبدالواحد آريسر کان انٽرويو

سوال: توهان حڪومت ۾ ايم ڪيو ايم وچ ۾ موجوده ٽيندڙ ڳالهين کي ڪيئن ٿا ڏسو، ڇا اهي سنڌ، سنڌي قوم ۽ عوام جي مفادن ۾ ڪهڙو رخ اختيار ڪنديون ۽ جي اهي ڳالهيون سنڌي ماڻهن جي حق ۾ ٿيون وڃن ته ان جي خلاف توهان جو ردعمل ڇا هوندو؟

جواب: آئون ضروري ٿو سمجهان ته، سڀ کان پهرين ٻنهي پارٽين، پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جي جوڙجڪ، نفسيات ۽ لاڙن تي ڳالهايان، پ پ کان پاڻ سڀ واقف آهيون، ته اها ڪڏهن ٻهي ۽ ڪيئن ٻهي هئي. ڪنهن جي چوڻ ۽ آشيرواد تي ٻهي هئي. ان حوالي سان ڏسنداسون ته ان جو شروع کان وٺي نقطه نظر ۽ مطمع نظر اقتدار جو حصول رهيو آهي. انهيءَ تي ڪنهن وڏيءَ دليل بازيءَ جي ضرورت به ڪانه آهي. پ پ پ هن وقت تائين اقتدار ڪيئن حاصل ڪيو آهي ۽ ڪيئن حاصل ڪندي رهي ٿي. چوڻ هي آهي ته پ پ وٽ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي بقا ۽ مفاد ڪڏهن به اهم مسئلا نه رهيا آهن.

پ پ بظاهر ته وفاق ۽ متحده پاڪستان جي ڳالهه ته ڪري ٿي، پر ان ۾ ان جو بنيادي مقصد اقتدار جي حاصلات آهي. ان ڪري اقتدار جي حاصلات لاءِ ان کي پاڪستان کي به قربان ڪرڻو پيو يا سنڌ کي به قربان ڪرڻو پيو ته هوءَ ائين ڪندي دير به نه ڪندي ساڳيءَ ريت اسان جيڪڏهن ايم ڪيو ايم کي ڏسنداسون، ته ان جي ليڊرن ۽ ڪارڪنن کي به اها خبر آهي ۽ کين اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائي وئي آهي ته، جيڪڏهن سمورا اردو ڳالهائيندڙ ايم ڪيو ايم کي ووٽ ڪن به ته ان جا وڌ ۾ وڌ قوميءَ ۾ 14 ۽ صوبائي ۾ 28 ميمبرن جي آڌار تي سنڌ ۾ حڪومت ناهي ٿا سگهن، تنهنڪري هن جماعت

جي شروع کان وٺي هڪڙي پريشر گروپ واري سياست رهي آهي ۽ فوري نتيجا حاصل ڪرڻ واري نفسيات رهي آهي. جنهن لاءِ هنن هٿيارن جو سهارو ورتو آهي، چو ته اڄوڪي دنيا ۾ يا ڪجهه وقت اڳ دنيا ۾ پريشر وجهڻ مرعوب ڪرڻ يا ڊيڄارڻ جو طريقيڪار هٿيار ئي رهيا آهن. ان ڪري اها هٿيارن جي زور تي ڏهڪاءُ پيدا ڪندڙ فارمولي تي ئي عمل ڪندي رهي آهي.

اهڙيءَ طرح پ پ آهي، جنهن وٽ به سنڌ ۽ سنڌي عوام جو ڪو مفاد ڪونه آهي. ان ڪري هن وقت هي جيڪي هنن ٻنهي جي وچ ۾ ڀڳالهيون ٿين پيون، ان ۾ هي ٻئي هڪ ٻئي سان ڏي وٺ جي بنياد تي ڪا سودي بازي ئي ڪندیون. مثال طور ايم ڪيو ايم ڪي ٻه چار اهم وزارتون ڏنيون ويندیون، جيئن ڄام صادق جي دور ۾ ڏنيون ويون هيون ۽ ان جي بدلي ۾ پ پ مالڪن کان پنهنجي اقتدار کي ڪجهه وقت ڊگهي ڪرڻ جي مهلت ونندي ۽ ٻئي طرف پ پ جيئن ته اسٽريٽ احتجاج کان لهرائي ٿي، جنهن جي هو ايم ڪيو ايم وارن کان ضمانت ونندي.

اسان کي ڊپ آهي ته هي اقتدار جي لالچ ۾ اچي، سنڌ جي حوالي سان ڪو هاڃيڪار معاهدو نه ڪري وجهن. جيئن ڄام صادق جي دور ۾ سنڌ جا سمورا شهري وسيلا هن ننڍڙي دهشتگرد گروپ وٽ يرغمال بٽيل هئا. انهن يرغمال ٿيل وسيلن ۾ پوري اردو آبادي به شريڪ نه هئي ۽ نه ان مان اها فيضياب ٿي سگهي ٿي. ان ڪري اسان هر موقعي ۽ پليٽ فارم تان واضح ڪيون ٿا ته. حڪمرانن ۽ ايم ڪيو ايم جي وچ ۾ ٿيندڙ ڪوبه معاهدو سنڌ لاءِ هاڃيڪار هوندو. جنهن جي اسان سخت مزاحمت ڪنداسون. جڏهن ته اهو اسان جو واضح طور موقف آهي ته 1954ع کان اڳ آيل آبادي ڪي اسان سنڌي عوام جو

حصو ٿا سمجھون. جنھن مطابق اسان ايم ڪيو ايم ۽ ٻين ڌرين جي اڳيان ڇيو آھي تہ. انھن کي اھو طئي ڪرڻو پوندو تہ جيڪڏھن ڪين مستقل طور سنڌ ۾ رھڻو آھي، تہ پوءِ ڪين ھتي جي ماڻھن، ھتي جي اديبن، دانشورن ۽ سياستدانن سان گڏجي ڳالھين کي طئي ڪرڻو پوندو. ان کان پوءِ سنڌ جي سيني وسيلن ۾ سنڌ جا سمورا ماڻھو برامن نموني برابر جا پائيوار ھوندا. باقي جيڪي ڳالھيون حڪومت سان ٽين پيون، پوءِ ڪٽي اھي وقتي طور ڪامياب ٻ وجن، اھي ڏي وٺ جي بنياد تي ھونديون، جن ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جو ڪوبہ راضپو شامل نہ ھوندو.

سوال: تازي صورتحال اھا پيدا ٿي آھي تہ ڪراچيءَ اندر سنڌي ڳوٺن تي حملا ٿي رھيا آھن، توھان جي خيال ۾ انھيءَ جي پٺيان ڪھڑا عوامل شامل آھن ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ، انھيءَ سلسلي ۾ پنھنجي ڪھڑي پاليسي جوڙيندو؟

جواب: ھن وقت ڪراچيءَ اندر سنڌي ڳوٺن تي جيڪي حملا ڪيا پيا وجن، اھا ايم ڪيو ايم جي حڪومت ۽ ٻين مخالف ڌرن جي وچ ۾ جيڪا خلاف ويڑھ ھلندڙ ھئي ۽ شھرن جي اندر جيڪا انڌاڌنڌ دھشتگردي ھلندڙ ھئي، بي گناھ ماڻھن کي ماريو پئي ويو. لاشن کي ھورين ۾ بند ڪري اڇلايو پئي ويو يا انھن کي مسخ ۽ ٽڪر ٽڪر ڪيو پئي ويو. انھيءَ سموري جھيڙي ۾ ڪي ڳجھا ھٿ شامل آھن، لساني جھيڙي جو رخ ڏيڻ گھرن ٿا. ان ۾ ٻيا تہ ڳجھا ھٿ شامل آھن ئي، پر حڪمران ڌر جا ڪجھ ماڻھو ٻ شامل آھن. مون کي اجا ڪالھ ئي خبر پئي آھي تہ پيپلز پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ ھڪڙي ٻھراڙيءَ جي وڏيري، ايم ڪيو ايم وارن کي گولين جا 8000 ھزار رائونڊ ونيِ ڏنا آھن. ان مان لڳي ٿو تہ حڪمران ڌر جا ڪجھ ماڻھو اھڙا ٻ آھن، جيڪي ھن جھيڙي کي وڌائڻ گھرن ٿا، جيئن سنڌي ماڻھو ڪراچيءَ جي اندروني علائقن مان

نڪري ٻاهرين علائقن ۾ اچي ويهن ته جيئن ووٽ بئنڪ وڌي. يا سنڌي ماڻهو ڪراچي خالي ڪري اچن ته جيئن اڳتي هلي ڪراچيءَ کي ڪنهن صوبي وغيره جي صورت ونڊائجي. جنهن ۾ اڪيلي ايم ڪيو ايم جي طاقت هجي ۽ ان جي خلاف ٻيو ڪو آواز اٿارڻ وارو نه هجي.

اسان جيئي سنڌ قومي محاذ وارن هن کان اڳ ۾ ئي نشاندهي ڪئي هئي ته ڪراچيءَ جي اندر هلندڙ جهيڙي کي اڳتي هلي لساني جهيڙي جو روپ ڏنو ويندو ان ڪري اسان پنهنجن ڪارڪنن کي. جيڪي ڪراچيءَ جي سيني ضلعن ۾ اڄ به وڏي تعداد ۾ موجود آهن. چيو آهي ته اهي ڪراچي جي سنڌي ڳوٺن ۾ دفاعي ڪميٽيون قائم ڪن. ۽ وس ڪندي لساني جهيڙي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ان سان گڏوگڏ سنڌي ماڻهن جو تحفظ ۽ بچاءُ ڪن ۽ کين پنهنجي تحفظ جو احساس ڏيارڻ لاءِ متحد ۽ منظم ڪن. اسان اهو ڪم ڪراچي جي اندر شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان تي اسان جا ڪارڪن عمل ڪري رهيا آهن. مون کي افسوس رڳو اهو آهي ته ڪالهه صديق ڳوٺ جي ماڻهن جي طرفان جيڪو احتجاج ڪري. روڊ بلاڪ ڪيو ويو آهي. ان کي اسان جي سيني اخبارن وڏي هيڊنگ سان هلايو آهي. اهو سڄو انتظام جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪارڪنن ڪيو هو پر ڪنهن به اخبار جيئي سنڌ قومي محاذ جو نالو ڪونه لکيو آهي. ساڳيءَ طرح يو اين اي ۽ اسان جي گورننگ باڊيءَ جي گڏجاڻيءَ کان پوءِ ٻنهيءَ جو لڳ ڀڳ ساڳيو اخباري موقف جاري ڪيو ويو آهي پر برسات اخبار يو اين جي خبر کي سپ کان وڏي هيڊنگ لڳائي آهي ۽ اسان جي موقف کي تمام هيٺين ڪالمن ۾ هڪ سنهڙي عام خبر ڪري هلايو آهي. اهو انهيءَ ڪري جو اخبارن تي حڪمران ڏر جو

قبضو آهي ۽ حڪمران ڏر سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ موقف کي اخبارون سپ کان وڌيڪ اهميت ڏين ٿيون. پر قومي تحريڪ کي انظرانداز ڪندیون رهن ٿيون. ان ڪري ڏٺو وڃي تہ جيڪي سياسي ڏريون رڳو زباني لفاظيءَ تي زور ڏين ٿيون ۽ سنڌي مهاجر جهيڙي کي وڏائڻ چاهين ٿيون ۽ هڪ رات ۾ هزارين لکين لاش ڪيرائڻ جي دعوا ڪن ٿيون ۽ رضاڪار فورس قائم ڪرڻ جا اعلان ڪندیون رهن ٿيون. انهن جو ڪوبہ ماڻهو اڄ تائين ڪراچيءَ جي سنڌي ماڻهن جي واهر لاءِ نہ پهتو آهي. جيڪڏهن ڪن چڙواڳ گروپن جا ڪي ماڻهو پهتا بہ آهن تہ انهن سنڌي ۽ مهاجرن جي خالي ٿيل گهرن مان چوريون ڪيون آهن ۽ ريڊيا، ٽي وي، وي سي آر ۽ فرج کڻي ويا آهن. انهن چورين ۽ لٽ ڦر ۾ سنڌ جي تنظيمن جا جوڏا ۽ مڙس ماڻهو بہ شامل آهن. ويندي عورتن سان نازيبا حرڪتون بہ ڪيون ويون آهن. پر جيئي سنڌ قومي محاذ انهن سيني ڳالهين تي نظر رکي آهي ۽ اهڙين ڪارروائين تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. اسان جي ڪوشش آهي تہ اهو جهيڙو وڌي لساني رنگ اختيار نہ ڪري. ان سان گڏوگڏ اسان پنهنجي ڪارڪنن کي ايجان ڪالهہ ئي اپيل ڪئي آهي تہ جيڪي بہ پرامن ۽ بي هٿيار اردو ڳالهائيندڙ ماڻهو آهن ۽ جيڪي سنڌ جي بهراڙين ۾ رهن ٿا، انهن سان ڪنهن بہ قسم جي ارهہ زوراڪي يا ڏاڍائي نہ ٿيڻ ڏيو.

سوال: توهان تازو لاهور ۾ "انساني حقن" جي تنظيم جي طرفان ڪوٺايل سيمينار ۾ شريڪ ٿيا هئا، توهان سنڌ جي هڪ آزادي پسند پارٽيءَ جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ پهريون ڀيرو پنجاب جي پڙهيل ڳڙهيل ۽ دانشورن جي وچ ۾ پنهنجو موقف پيش ڪيو هو، اتي موجوده ماڻهن جو سنڌ، سنڌي قوم ۽ ايم ڪيو ايم ۽ مهاجرن بابت موقف ڪهڙو هو؟ توهان اتي سنڌ جي موقف کي ڪيئن پيش ڪيو؟

جواب: هڪ ڳالهه ڄاڻڻ ڪپي ته هيءَ ڪانفرنس ايڇ آر سي پي پاران ڪوٺائي وئي هئي، جنهن ۾ اهو غور ڪرڻو هو ته ڪراچيءَ ۾ امن ڪيئن بحال ٿئي؟ ۽ ڪراچيءَ جي مسئلي کي ڪيئن حل ڪجي. اهو ڪوبين الاقوامي قسم جو فورم ڪونه هو. جنهن تي مختلف ماڻهن کي دعوت ڏنل هجي ته اهي اتي پنهنجو پارٽي موقف اچي پيش ڪن. پر هتي هن جو موضوع به محدود هو ان جا ٻڌندڙ به محدود هئا ۽ ان جي ايجنڈا به محدود هئي. ان ڪري مون ۽ منهنجي رفيقن ۽ دوستن سڀ کان پهرين اهو مسئلو رکيو ته ڪراچيءَ جو مسئلو سنڌ جي مسئلي کان جدا مسئلو ناهي. جيڪڏهن ڪراچيءَ جي مسئلي کي سنڌ کان الڳ ڪري پيش ڪيو ويندو يا ان کي ڪنهن الڳ صوبي وغيره جي صورت ۾ ڏنو ويندو ته. اسان ان جي پرپور نموني مزاحمت ڪنداسون. ۽ سنڌ جو عوام اهڙيءَ ڪنهن به ڳالهه کي برداشت نه ڪندو.

اسان ٻيو چيو ته ڳالهيون حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم جي وچ ۾ ٿين پيون، جڏهن ته هن مسئلي ۾ صرف پ پ ئي ڏر ناهي، پر دهشتگردن جي خلاف سڄي سنڌ ۽ سڄي سنڌي قوم آهي. ان ڪري دهشتگردن کي معاف ڪرڻ يا رعايتون ڏيڻ نه ڪپن. مون چيو ته جڏهن دهشتگرد بندوق کڻي ٿو ته، اهو پنهنجن سڀني حقن تان رضاڪارانه طور دستبردار ٿي وڃي ٿو. تنهنڪري ان جا ڪي به انساني حق ڪونه ٿا ٿين. ان کان سواءِ مون اهو به چيو ته، ڪراچيءَ جو مسئلو هجي يا ملڪ جا ٻيا به جيڪي مسئلا آهن، انهن جو اصل جوابدار ۽ ذميوار پنجاب آهي ۽ اهو "گن پاور" وارو ڪلچر به پنجاب ئي رائج ڪيو آهي. جڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪيو ويو هو ته ان جي پويان بظاهر لياقت علي خان نظر ٿو اچي، پر اصل ۾ ان جي پويان پنجابي بيورو ڪريسيءَ جا مفاد شامل هئا. سر فيروز خان نون ۽ چوڌري محمد

علي‌ءَ جو ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ ۾ وڏي ۾ وڏو هٿ هو. ان کان پوءِ ون يونٽ ۾ پنجابين پنهنجن مفادن لاءِ ٺهرايو ۽ انهيءَ سڄي عرصي ۾ ڪراچيءَ جي اردو آبادي‌ءَ کي پنهنجو دلال ۽ پٺو ڪري هلايو ويو. ڪين سنڌ ۽ سنڌين جي قومي جدوجهد کان الڳ رکيو ويو. اهو سڀ ڪجهه پنجاب پنهنجي بي پناهه وسيلن ۽ گن پاور جي آڌار تي ڪيو. پر پنجاب کي اهو احساس ان وقت تائين ڪونه ٿيو جيسين اهي سنڌي ماڻهن کي ڦري لٽي رهيا هئا ۽ هاڻي ڪراچيءَ جي دهشتگرديءَ جي ڪري جڏهن پنجاب ڏانهن سپلاءِ بند ٿيڻ لڳي آهي، ۽ ان کي مال جي رسد ختم ٿي آهي تہ ان کي احساس ٿيو آهي تہ ڪراچيءَ ۾ بندوقون پيون هلن، مون چيو تہ ڇا پنجاب صرف بندوق جي گوليءَ جي آواز تي ئي جاڳي سگهي ٿو؟ تہ ڇا پوءِ سنڌ جا ماڻهو به اهو ئي رستو اختيار ڪن؟

مون ڊاڪٽر مبشر حسن جي جواب ۾ اهو چيو تہ هي جيڪو چيو پيو وڃي تہ سنڌ جي ورهاست، ان ڪري ممڪن ڪانہ آهي، جو سنڌ اسيمبليءَ جي 2 ياڳي 3 اڪثريت ان جي حق ۾ ڪانهي، مون انهيءَ موقف جي سخت لفظن ۾ تردید ڪندي چيو تہ، ون يونٽ جي مخالفت ۾ صرف چئن سنڌي ميمبرن ووٽ استعمال ڪيو هو پر باقي سڀني وڏيرن ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڪيو هو پر پوءِ به سنڌي عوام ان فيصلي کي قبول نہ ڪيو هو ۽ انهن جي خلاف جدوجهد ڪري، پاڪستان جي قانون ساز ادارن کي شڪست ڏئي، نہ رڳو ون يونٽ ٽوڙائي سنڌ جي جاگرافيائي صورتحال کي بيهر بحال ڪرايو پر ڪراچيءَ کي به ورائي حاصل ڪيو تنهن کانسواءِ مون اهو واضح ڪيو تہ سنڌ جو مسئلو قومي خوداختياري ۽ آزادي جو مسئلو آهي. ان ڪري اسان ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي وچ مان پنجاب کي نڪرڻ

گھرجي ته اسان ڪراچيءَ جي مسئلي کي به منهن ڏئي وينداسون، ڇو ته پوءِ اردو ڳالهائيندڙن سان اسان پاڻ ڳالهائيندا سون.

سوال: هن ڪانفرنس ۾ جتي توهان سنڌي دانشور ۽ سياسي اڳواڻ به ويا هئا، اتي ان ۾ پنجابي، بلوچ، سرائڪي ۽ پشتون دانشور به آيا هوندا، انهن سڀني جو سنڌ، سنڌي قوم، ايم ڪيو ايم ۽ دهشتگردي جي بابت ڪهڙو موقف هو؟

جواب: هن ڪانفرنس ۾ جيڪي ڳالهيون رکيون ويون هيون، انهن ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جا مسئلا ته هئا. پر سڀ سيڪڙو اها ڳالهه نه هئي. جيڪا ڳالهه سنڌي قوم چاهي ٿي. پر ايم ڪيو ايم جي دهشتگردي جي ڪري سنڌي ماڻهن سان هڪ قسم جي همدردي نظر اچي رهي هئي. ان جي پيٺ ۾ ايم ڪيو ايم ۽ ان جي دهشتگردي جي مذمت ٿي رهي هئي ۽ اها ڳالهه خاص ڪري پنجابي دانشورن ۾ وڌيڪ هئي، جن ۾ اسان ڏانو ته هنن جا پنهنجا مفاد به هئا. جيڪا ڳالهه مون پنهنجي تقرير ۾ به ڪئي هئي ته ڪين اها ڳالهه ان ڪري نظر اچي ٿي، جو اڄ توهان کي ڪراچيءَ کان ڳجرانوالا لاءِ ترڪ 3000 هزارن ۾ ملندي هئي، جيڪا هاڻ 6000 هزارن ۾ به ڪانه ٿي ملي. تنهن ڪري ڪين احساس ٿيو آهي، نه ته هنن ايم آر ڊي جي دور ۾ سنڌ لاءِ ڇا ڪيو هو؟ 1988ع ۾ سنڌي ماڻهن جي قتل عام تي ڇا ڪيو هو؟ ون يونٽ پيري ڇا ڪيو هئائون؟ ان وقت ڪين کوبه احساس ڪونه ٿيو هو. پر هاڻي ڪين ان ڪري احساس ٿيو آهي، جو ڪين مالي طرح نقصان ٿيڻ لڳو آهي. جنهن ڪري منجهن سنڌين لاءِ نرم گوشو پيدا ٿيو آهي. هن ڪانفرنس ۾ پنجابين کانسواءِ بلوچ ۽ ڪراچي جا اردو دانشور ۽ صحافي به هئا. خاص ڪري صحيح الدين ۽ مظهر عباس جو موقف انتهائي شاندار هو. پوءِ اهو سندن موقف سنڌ جي مسئلن ڏانهن هو يا سنڌ جي وحدت يا سنڌ جي خود اختياري ڏانهن هو پر بهتر هو يا هتي سنڌ ۾ ٻين صوبن

جي فورسن جي باري ۾ هو. انهن سيني بابت سندن موقف اسان جي موقف سان ملندڙ جلندڙ هو. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان جا ڪي دوست ڪن وقتي مصلحتن جو شڪار ٿي، اسان جي قومي موقف تي پير کوڙي نٿي بيٺا. ڇو جو کين ڪي خطرا نظر ٿي آيا. تنهن ڪري ڏکهيءَ نظر جي بجاءِ وقتي مصلحت بازيءَ جو شڪار ٿي ويا هئا.

سوال: توهان جون يو اين اي وارن سان ڳالهيون هلندڙ آهن. ڇا توهان ۽ يو اين اي جي وچ ۾ ڪنهن اتحاد يا انضمام جا موقعا موجود آهن؟ جي اهن ته ڇا توهان ٻ بلوچستان ۽ سرحد جي قوم پرستن وانگر پاڪستان جي قومي ڌارا واري پارلياماني سياست ۾ پرو اسٽيٽ سياست ڪرڻ ڏانهن وڃڻ چاهيو ٿا؟

جواب: هن وقت تائين اسان جون ڳالهيون جناب ممتاز علي پُٹي صاحب سان ٿيون آهن. ان ۾ هن صاحب اسان سان اها ڳالهه ضرور رکي آهي ته، اسان کي يو اين اي ۾ شامل ٿيڻ کپي ۽ اسان کي آزاديءَ لاءِ پارلياماني رستو اختيار ڪرڻ کپي، منهنجي خيال ۾ ته ڪليءَ طرح انهيءَ ڳالهه کي رد ٻ نٿو ڪري سگهي، جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته پارلياماني رستو رڳو پرو اسٽيٽ ٿو ٿئي. تاريخي لحاظ کان آئون گهٽ ۾ گهٽ ان کي صحيح ڪونه ٿو سمجهان. اهو ماڻهن جي نيتن، ارادن ۽ عمل تي ڇڏيل آهي، ڇاڪاڻ ته انڊين نيشنل ڪانگريس 1935ع کان 1947ع تائين برطانيا سرڪار کين جيڪي پارلياماني سياست جا موقعا ڏنا هئا، انهن موقعن مان انهن پرپور نموني فائدو ورتو هو ۽ هُو مسلسل اليڪشن ۾ حصو وٺندا رهيا هئا، پر اهو پرو اسٽيٽ نه هو پر رياست مخالف هو ۽ سامراج مخالف هو.

اسان ممتاز پُٹي صاحب سان پهرئين ڏينهن ٻ ۽ هاڻي ٻ اها ڳالهه رکي ۽ آئينده ٻ رکنداسون ته يو اين اي جي پروگرام جا ٻ پاسا آهن، هڪ پرو اسٽيٽ آهي، جيڪو هن جو ڪنفيڊرل نظام جو پروگرام

آهي. جنهن ۾ مرڪز کي هيترا يا هيترا ڪاتا ڏنا ويا آهن. اسان ان پروگرام کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسون ۽ ان جو ٻيو پروگرام سنڌ جي مسئلن جو آهي. جيئن ڪالاباغ ڊيم ۽ پاڻيءَ جو مسئلو آهي. ٻاهرين فورس ۽ امن امان جو مسئلو آهي. ناٽي جي ورهاست وغيره جو مسئلو آهي. اسان کين چيو ته جيڪڏهن توهان اهڙن مسئلن تي جدوجهد ڪندا ته اسان توهان سان شريڪ ٿيندا سون. پر اسان توهان جي پرو اسٽيٽ پروگرام ۾ شامل نه ٿيندا سون.

سوال: هن حوالي سان جيئن توهان ڳالهه ڪئي ته، يو اين اي وٽ پرو اسٽيٽ ڪنفيڊرل سياسي پروگرام آهي ۽ اهڙيءَ طرح توهان هندستان جي انڊين نيشنل ڪانگريس جو به حوالو ڏنو. دراصل ڳالهه هيءَ آهي ته سنڌ جي قومي تحريڪ کي نظرياتي حوالي سان ڏٺو ٿو وڃي. هندستان تي انگريزن پنهنجي سامراجي طاقت جي زور تي قبضو ڪيو هو، جنهن جو کين تاريخي لحاظ کان کو به حق ڪونه هو ۽ نه وري هندستان وارن انگريزن سان گڏجي رهڻ جو ڪو معاهدو ڪيو هو، جيئن پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ قومن 1940ع جو گڏيل معاهدو ڪيو، جيڪو 1971ع ۾ بنگلاديش جي پاڪستان کان آزاد ٿيڻ جي ڪري معاهدي ۾ شامل هڪ فرقي جي الڳ ٿيڻ کان پوءِ اهو معاهدو پاڻمرادو ختم ٿي ويو، پر سائين جي. ايم سيد سنڌوديش پروگرام جيئن ته 17 ڊسمبر 1971ع تي بنگلاديش جي آزاد ٿيڻ کانپوءِ 17 جنوري 1972ع تي، پنهنجي سالگرهه جي موقعي تي ڏنو هو ۽ باقي بچيل پاڪستان جو نئون معاهدو هڪ سال پوءِ 1973ع جي آئين جي شڪل ۾ وجود ۾ آيو هو. اهڙيءَ طرح سنڌوديش جو پروگرام 1940ع جي نهراءَ جي خاتمي ۽ 1973ع واري آئين جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾ پيش ڪيل آهي. ان ڪري قومي تحريڪ جي پليٽ فارم تان پاڪستان جي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ سان توهان جي سنڌوديش جي تحريڪ پاڪستان جي نئين آئين واري معاهدي کي تسليم ڪندي ۽ پوءِ سياسي اخلاقيات جي لحاظ کان پاڪستان جي مخالفت ملڪ جي آئين سان غداري جي مترادف هوندي. ان ڪري اليڪشن ۾ حصو وٺڻ

وارو پروگرام، جهڙي طرح آئين ساز اسيمبلين ۾ حصو وٺڻ پرو اسٽيٽ آهي، تهڙيءَ طرح ٽانون ساز اسيمبليءَ ۾ حصو وٺڻ پرو اسٽيٽ آهي، توهان ان جي وضاحت ڪيئن ڪندا؟

جواب: آئون اهڙا اعتراض گهٽ ۾ گهٽ توهان جهڙي ماڻهوءَ کان ٻڌڻ نٿو چاهيان ٿ. 1973ع جي آئين تحت اسيمبليءَ ۾ ويڄي قسم ڪٽيو ٿ اهو ان کي تسليم ڪرڻ جي برابر هوندو يا اسان ڪنهن معاهدي تحت شريڪ ٿيا هئاسون. جيڪو هاڻ نه رهيو آهي وغيره. ۽ هندستان تلوار جي زور تي فتح ٿيو هو منهنجو خيال آهي ته هندستان تلوار جي زور تي گهٽ ۾ معاهدن جي ذريعي وڌيڪ فتح ٿيو هو. توهان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو پورو دور پڙهندا ٿ توهان کي خبر پوندي ٿ ڪجهه علائقا ڇڏي باقي هندستان تي انگريز عملي طرح معاهدن جي ذريعي دخل انداز ٿي ويو هو ۽ پوءِ فوجون به اتي رکيون ويون هيون. رڳو پچاڙيءَ جو اقتدار اعليٰ جي علامتن کي هنن هٽائي ڇڏيو هو ڪڏهن ڪا ڪٽي مختصر جنگ لڳي هئي. جيئن ميائٽيءَ جي جنگ ٽوڙ ٽي ڪلاڪ مس هلي هئي. اهڙيءَ طرح هندستان جي ٻين علائقن ۾ به ائين ئي ٿيو هو. آئون ٿ اهو عرض ڪندس ٿ غلامي ڪهڙي به هجي، بهرحال اها غلامي آهي. انهيءَ غلاميءَ کي ختم ڪرڻ جا مختلف طريقا آهن، جيڪڏهن اسان ٻين سيني طريقن کي ڪلي طور مسترد ڪري رڳو ڪنهن هڪڙي طريقي تي ڳنڍ ڏئي بيهنداسون ٿ اهو هاجيڪار ٿيندو ان جو مطلب اهو به ڪونهي ٿ آئون پاڪستان جي موجوده پارليماني طريقي کي صحيح ٿو سمجهان. آئون انهيءَ کي ٽوڙ ئي غلط ٿو سمجهان، چو ٿ ان جو اسان وٽ هڪ مثال آهي. باقي آئون رڳو هڪ سبجيڪٽ واري طريقي سان اها ڳالهه ٿو ڪريان، جنهن لاءِ آئون توهان کي هڪڙو مثال به ڏيندس. اُهو اِهو ٿ هندستان جي آزاديءَ کان اڳ 1946ع ۾ هڪ عبوري وزارت ٺهي هئي، انهيءَ

وزارت ڪئبينيٽ جو جواهر لال نهرو وزير اعظم ٿيو هو. حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته نهروءَ کي ان ۾ جارج ڇهين جي وفاداريءَ جو قسم کڻڻو هو جو ته برطانيا ايجا هندستان جي اقتدار تي قابض هئي. اهو ماڻهو (نهرو) جيڪو جارج ڇهين جي ماءُ جي حڪومت ۾ چوڏهن سال جيل ۾ رهي آيو هو ۽ سندس قسم کڻڻ وقت انگريزن جي جيل جي، ان جي بوٽ تان اجان مٽي به نه لٿي هئي. ان ڪري نهروءَ اهو قسم نامو اڇلائي ڇڏيو ۽ چيو ته جن ماڻهن جي خلاف آئون سدائين وڙهندو رهيو آهيان، انهن جي وفاداريءَ جو قسم ڪيئن ٿو کڻي سگهان. پر انڊين نيشنل ڪانگريس ڪيس چيو ته. تنهنجو اهو ئي وفاداريءَ وارو قسم نامون توکي هندستان جي آزاديءَ جي بهشت ۾ داخل ڪري رهيو آهي ۽ پوءِ هن اهو قسم نامو ڪنيو ۽ هندستان جو وزير اعظم ٿيو. ان ڪري مسئلو اهو نه آهي ته هيئن ڪرڻ سان شيون هيئن ٿي پونديون ۽ هونئن ڪرڻ سان شيون هونئن ٿي پونديون، اسان کي معروضي حالتن ۾ ڏسڻو آهي ته. هن پارليامينٽ ۾ چونڊجي ويندڙ ماڻهو ۽ پاڪستان ۾ انتخابي طريقي مطابق اسان آزاديءَ ڏانهن وڌي به سگهنداسون يا نه. يا پاڻ وڌيڪ غلاميءَ جي سنگهرن ۾ جڪڙجي ويندا سون. ان ڪري ئي اسان جو چوڻ آهي ته چونڊن جو موجوده طريقيڪار جيئن ته وڌيڪ نقصانڪار آهي. ان ڪري اسان ان کي قبول نه ٿا ڪريون ۽ نه ان ۾ حصو وٺنداسون. پر جيڪڏهن اهو طريقو ٽوٽل ئي غلط آهي ۽ هر دور ۾ غلط آهي ته ائين ڪونه آهي.

سوال: هن حوالي سان ڇا جيئي سنڌ قومي محاذ جا يو اين اي ۾ شامل ٿيڻ جا امڪان آهن؟

جواب: انهيءَ جو ته مان اڳ ئي جواب ڏئي چڪو آهيان ته يو اين اي ۾ جيستائين پرو اسٽيٽ ڪنفيڊرل پروگرام موجود آهي، تيستائين ان ۾ شامل ٿيڻ جو ڪوبه امڪان ڪونه آهي.

سوال: توهان جي طرفان جيئي سنڌ تحريڪ جي مختلف گروپن ۽ پارٽين کي گڏائي هڪ گڏيل پارٽي "جيئي سنڌ قومي محاذ" جوڙي وئي آهي، توهان جو ان بابت ڪهڙو تاثر آهي ته سنڌي ماڻهن ۽ قومي ڪارڪنن جي طرفان ان کي اها موٽ ملي آهي، جنهن جي توهان کي توقع هئي، جي ها ته ڪيئن ۽ جي نه ته ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟

جواب: "جيئي سنڌ قومي محاذ" جي ٺهڻ کان پوءِ اسان سڀ گورننگ باڊيءَ جا ميمبر گڏجي سنڌ جي تنظيمي دوري تي نڪتا هئاسون. جتان اسان ڏهين جولاءِ تي واپس موٽي آيا آهيون. ۽ اڄ تائين اسان مان ڪنهن کي به گهر وڃڻ نصيب نه ٿيو آهي. اسان جيئن ئي دوري تان واپس آيا سون ته مٿان لاهور ۾ انساني حقن جي سيمينار ۾ وڃڻ ٿيو. جتان موٽي اچي اسان ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پارٽيءَ جي ميٽنگ ڪئي. اسان اهو سنڌ جو دورو ان لاءِ ڪيو هو ته. هڪ ته اسان جيئن ته ماضيءَ ۾ مختلف ڌرين ۾ ورهايل هئاسون. ان ڪري اسان کي ڏسڻو هو ته ڪارڪنن جو هڪجهڙي ڏانهن رويو ڪهڙو آهي؟ ٻيو ته ان جي باري ۾ اسان کي عوام جي طرفان موٽ ڪهڙي ملي آهي؟ اسان ڏٺو ته ٻئي ڳالهيون بي انداز ۽ شاندار طريقي سان اُتساهيندڙ هيون. اسان ڪارڪنن جو پاڻ ۾ رويو ڏٺو ته جهڙوڪر ورهين جا وڇڙيل محبوب مليا هجن. ڪا رنجش. ڪا شڪايت ڪانه هئي. اسان جيڪو به ماڻهو جنهن به عهدي لاءِ رکيو تي. پوءِ اهو سابق محاذ جو هو يا تحريڪ جو پر جيڪڏهن اهو باصلاحيت هو ته سيني ڪارڪنن بنا ڪنهن چون چران جي ان کي تسليم ٿي ڪيو ۽ قبول ٿي ڪيو.

جيستائين عوام جو تعلق آهي ته اسان ڪارنر گڏجاڻين جو پروگرام نه رکيو هو. پر ان جي باوجود ڪارڪنن جتي به اسان جي احڪامن جي خلاف ورزي ڪندي. اهڙو پروگرام رکيو هو ته. انهن

ڪارنر گڏجاڻين هڪدم جلسي عام جي صورت اختيار ڪري ٿي ورتي. اسان کي جيڪي به ڪارڪنن کان رپورٽون مليون يا ماڻهو مليا، انهن جو چوڻ اهو ئي هو ته توهان جيڪو ڪم ڪيو آهي، خدا ڪري ته ان کي اڳتي هلائي سگهون. جيڪا هڪ مثبت ڳالهه هئي، اسان جو هن کان اڳيون مرحلو عوامي رابطي جو هوندو ان لاءِ اسان کهڙو طريقو اختيار ڪنداسون. ان لاءِ اڳواٽ ڪجهه نٽو چئي سگهجي، چو ته اسان کي هن دوري ۾ هڪ اڌ تجربو ٿيو آهي. هيءَ رياست ۽ ان جا حڪمران اسان کي جلسا ڪرڻ ڪونه ڏيندا. نوشهروفيروز ۾ اسان جي ڪارڪنن جي طرفان هڪ ڪارنر گڏجاڻيءَ جو پروگرام ڪيو ويو هو جنهن کي اتان جي پنجابي ڊي سيءَ درهم برهم ڪري ڇڏيو ۽ اتي موجود ڪناتون، ڪرسيون ۽ ٻيو سامان کڻائي ويو ۽ ان کانسواءِ ويهارو ڪن اسان جي ڪارڪنن کي گرفتار به ڪيو ويو ۽ ڪارنر گڏجاڻيءَ واري جاءِ تي پوليس بيهاري ڇڏي. اهڙيءَ طرح نوشهروفيروز جي حدن ۾ اسان کي رڳو پارٽي ميٽنگ به ڪرڻ ڪانه ڏني وئي، جيڪا پوءِ ٻئي ضلعي ۾ وڃي ڪئي سون. هڪ پاسي سرڪار جو اسان بابت اهو رويو آهي ته ٻئي پاسي عوام جو رجحان آهي.

هن سلسلي ۾ اسان پنهنجي حڪمت عملي ٺاهي آهي، چو ته اسان کان ڪٽي ڪٽي ماڻهن سوال ڪيا آهن ته اسان اليڪشن کان الڳ رهي عوام کي ڪيئن متحرڪ ۽ سرگرم ڪري سگهنداسون؟ مون انهن ماڻهن کي سمجهايو ته انڊين نيشنل ڪانگريس 1885ع ۾ ٺهي هئي، پر ان 1935ع تائين اليڪشن ۾ حصو نه ورتو هو ۽ پوءِ جڏهن ان جي 1935ع تائين عوامي طاقت ايترو وڌي آئي، جو اهي هڪ ئي سڏ تي سڄي هندستان جي نظام کي درهم برهم ڪري سگهندا هئا. ان لاءِ

اسان مختلف سياسي طريقا اختيار ڪنداسون. اسان جي انهيءَ سياسي جدوجهد جون ڪي هيٺئين ۽ ڪي وچولي درجي ۽ ڪي اعليٰ قسم جون شڪليون هونديون. اسان اهي سڀ اختيار ڪنداسون ۽ پوءِ عوام کي سياسي جدوجهد ۾ لاهينداسون.

سوال: جيئن ته هاڻي ايم ڪيو ايم ڪليءَ طرح سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪري رهي آهي، ان حوالي سان توهان سنڌ جي مستقبل بابت ڪهڙا ويچار رکو ٿا ۽ ان لاءِ توهان ڪهڙي سياسي حڪمت عملي جوڙي آهي.

جواب: جيئن مون اڳ ۾ چيو آهي ته، انساني حقن جي سيمينار ۾ به اسان اها ڳالهه واضح طور رکي ته اسان کي سنڌ جي تقسيم ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي. قبول ته ٿهيو پر اسان ان جو رڳو تصور به نٿا ڪري سگهون. جيڪڏهن اها شيءِ جبري طرح ڪئي به ڪئي ته ان جي ذميواري حڪومت ۽ هن ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ تي هوندي. اسان شايد پنهنجي ڌرتي واپس ورائڻ لاءِ جدوجهد جو اهڙو ڪو طريقو اختيار ڪيون، جنهن جو هنن ماڻهن تصور به نه ڪيو هجي. اسان ان سلسلي ۾ سنجيده آهيون. ۽ سمورا ويچا وسارينداسون. سموريءَ سنڌ کي سڌ ڏينداسون. پوءِ اسان پارٽي انا ۽ پارٽي وفاداربن کان مٿاهان ٿي سنڌ جي وفاداريءَ جو حق ادا ڪنداسون

اسان هن کان اڳ چئي چڪا آهيون ته، اسان 1954ع تائين سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ آبادييءَ کي سنڌي قوم جو حصو ٿا سمجهون. باقي دهشتگردن کي اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه آهيون. هو جيڪو رستو اختيار ڪندا. شايد پوءِ سنڌي قوم به اهو ئي طريقو اختيار ڪري. پر سنڌ جي ورهاست ڪڏهن به قبول نه ڪنداسون.

سوال: ڪراچيءَ ۾ دهشتگردييءَ کي هاڻي جيڪو سنڌي ڳوٺن ڏانهن موڙيو پيو وڃي، ان لاءِ سنڌي ماڻهن جي تحفظ جي لحاظ کان جيئي سنڌ قومي محاذ ڪهڙو ڪردار ادا ڪندي؟ يا ان لاءِ هن ڪهڙي ڪوشش ورتي آهي؟

جواب: اسان ان لاءِ ڪراچيءَ جي اندر دفاعي ڪميٽيون جوڙيون آهن. جن جي ذريعي جيئي سنڌ قومي محاذ جا ڪارڪن هر جاءِ تي ڪراچيءَ جي ماڻهن جي مدد ڪري رهيا آهن. ٽيون ڏينهن صديق ڳوٺ وارن جيڪو ڏرٽو هنيو هيو يا روڊ بلاڪ ڪيو هو. اهو سڄو نظام اسان جي قومي محاذ جي ڪارڪنن ڪيو هو. اسان ان صورتحال کان غافل قطعي ڪونہ آهيون. ڪراچيءَ جي سيني ضلعن ۾ اسان جا وڏي تعداد ۾ ڪارڪن موجود آهن. انهن کي اسان سنڌي ماڻهن جي تحفظ لاءِ سڀ طريقا اختيار ڪرڻ لاءِ چيو آهي. پر انهيءَ جهيڙي کي انهيءَ حد تائين وڃڻ نہ ڏبو جو اهو لساني رنگ اختيار ڪري وڃي. جيئن ڪراچي بيروت بنجي وڃي ۽ وچان کا گرين پٽي نڪري اچي تہ هن پاسي ڪرسچن آهن ۽ هن پاسي مسلمان آهن. ان قسم جي ڳالهہ نہ ٿيڻ ڏينداسون. پر سنڌي ماڻهن جي تحفظ لاءِ اسان جا جيترا وسيلا آهن ۽ طاقت هوندي اهي سڀ ڪتب آڻيندا سون.

سوال: هن وقت جيڪا مهاجر صوبي جي حوالي سان ڳالهہ ڪئي پئي وڃي، جيڪڏهن ايم ڪيو ايم مهاجر صوبي تي ڳنڍ ڏي، پنهنجيءَ دهشتگرديءَ کي جاري ٿي رکي تہ يوءِ ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ سنڌ جي بقا ۽ آزاديءَ لاءِ خانہ جنگيءَ مان گذرڻ لازمي ٿي پوندو، ان لاءِ جيئي سنڌ قومي محاذ جو نقطہ نظر ۽ حڪمت عملي ڪهڙي هوندي؟

جواب: آئون هڪ ڳالهہ ڪري چڏيان تہ مفروضن تي حڪمت عمليون نہ جوڙيون آهن. ڪي مفروضا قائم ڪري ۽ انهن تي اسان پنهنجون سڄيون توانايون صرف ڪريون. ائين ڪونہ ٿيندو. باقي دور رس سياسي نقطہ نظر هوندو تہ في الحال جيڪي حالتون موجود آهن. انهن کي پنهنجي حق ۾ ڪيئن موڙيون. جڏهن تہ اسان وٽ پارٽي ڪارڪن بي انداز موجود آهن. تہ پوءِ اسان انهن کي وسيع ڪنداسون

پر جيڪڏهن اهي حالتون اسان جي حق ۾ تبديل نڪيون ٿين بلڪ اسان جي خلاف ٿيون وڃن. ته پوءِ اسان ان وقت جي معروضي حالتن کي ڏسي ڪابہ حڪمت عملي جوڙي سگهون ٿا. باقي في الحال مفروضن جي پويان لڳي اهڙي ڪا ڳالهہ ڪرڻ آئون مناسب نٿو سمجهان.

سوال: هن دهشتگردي‌ءَ لاءِ هڪ تاثر اهو ٻہ آهي ته، جيئن ته هتي باهرين سيڙپڪارن جا انٽريسٽ آهن، ان ڪري آمريڪا جي مداخلت ٻہ آهي، ايڏا ڪالهہ اخبارن ۾ هڪ خبر ڇپي آهي ته ڪراچيءَ کي ٻن جدا جدا رياستن ۾ ورهائڻ لاءِ سوچيو پيو وڃي، ساڳيءَ طرح هندستان جي مداخلت جي ٻہ ڳالهہ ڪئي پئي وڃي، توهان ڇا ٿا سمجهو ته هن معاملي ۾ انهن مڙني باهرين قوتن جو ڪيترو عمل دخل ٿي سگهي ٿو يا توهان ان کي ڪيئن ڏسو ٿا، ۽ جي واقعي ائين آهي ٻہ، ته پوءِ جيئي سنڌ قومي محاذ جي انهن باهرين قوتن ڏانهن ڪهڙي پاليسي هوندي؟

جواب: آئون سمجهان ٿو ته ڪراچيءَ جي موجوده بدامنيءَ ۾ باهريون قوتون ٻہ ملوث آهن ۽ اندروني عنصر ٻہ ملوث آهن. ڊرگ مافيا ٻہ ملوث آهي، ان کانسواءِ هن دهشتگردي‌ءَ ۾ ڪرمنل ۽ ڏوهاري ماڻهو ٻہ ملوث آهن. اهڙيءَ طرح هتي جو مقامي سرمائيدار ٻہ ملوث آهي. جيتريقدر باهرين قوتن جي ملوث هجڻ جو تعلق آهي ته ان ۾ خليج جون رياستون، ايران ۽ ٻيون مذهبي قوتون ٻہ ملوث آهن.

مون کي ٻڌايو ويو آهي ته هتي خاص ڪري اهڙا قالين تيار ڪري موڪليا پيا وڃن. جن تي ٽن خليفن جا نالا اڪريل آهن. ته جيئن هلڻ وقت ماڻهن جا انهن تي پير اچن ته جيئن مختلف مذهبي فرقن جي ماڻهن جي وچ ۾ چڪتاڻ پيدا ٿئي ۽ جهيڙا ٿين. جيتريقدر پاررت جو تعلق آهي ته ان جو چوڻ آهي ته پاڪستان ڪشمير ۾ مداخلت ٿو ڪري ۽ يقينن هو ڪري ٻہ ٿو جيڪا ڳالهہ لاهور ۾ ٿيل سيمينار ۾ ٻہ قبول ڪئي وئي هئي، ته

ان ۾ مداخلت ٿي رهي آهي ۽ اها آرميءَ جي معرفت ٿي رهي آهي، جنهن لاءِ آرمي حڪمرانن کي پاليسي ناهي ڏيندي آهي ته هِن يا هُن طريقي سان مداخلت ڪئي وڃي. ان جي موٽ ۾ يقينن پارٽ مداخلت ڪندو هوندو. جيتوٽيڪ اسان رياستي ذريعن جي معلومات کان محروم آهيون، پر منطقي طرح اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي.

اهڙيءَ طرح مقامي سرمائيدار به بدامني پکيڙڻ چاهيندو ته جيئن ٻاهرين سيڙپڪاري نه ٿئي؛ توهان کي معلوم هجڻ گهرجي ته ٻاهرين سيڙپڪاري وڏ ۾ وڏ توانائي جي شعبي ۾ ٿي رهي آهي، جيڪڏهن هتي توانائي جي شعبي ۾ ٻاهرين قوتن ۽ خاص ڪري آمريڪا جي بالادستي قائم ٿي وڃي ٿي، ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته توهان جي ملڪ ۽ علاقي تي قبضو ٻاهرين قوتن جو هوندو ۽ پوءِ توهان هنن جي اشارن تي هلندڙ ڪٺ پتليون هوندا. اهو ئي سبب آهي جو اڄوڪي دور ۾ وڏ ۾ جنگ توانائي جي وسيلن تي هلي رهي آهي.

سائين جي. ايم سيد جي فڪر جي حوالي سان پاڙيسري ملڪن، خاص ڪري هندستان، افغانستان ۽ ايران وغيره سان اسان جي ويجهڙائپ آهي. اسان کين نظرياتي طرح پنهنجي ويجهو ۽ سمجهندا سون، پر جيڪڏهن پارٽ گانڊي جيءَ جي تعليم کي ڇڏي، رڳو رياستي مفادن جي خاطر سنڌ جي وحدت لاءِ هاڃيڪار ٿي پئي ٿو ته اسان ان جي خلاف ۽ اهڙو ئي موقف اختيار ڪنداسون، جهڙو اسان جو ٻين جي خلاف هوندو. ڇو ته اسان کي اندروني ۽ بيروني دوستن کان سنڌ وڌيڪ پياري آهي ۽ ان جا مفاد وڌيڪ عزيز آهن.

سوال: توهان ڪجهه وقت اڳ هڪ ڪتاب "منيءَ هاٽا ماڻهو" ترجمو ڪيو هو، جنهن مان لڳو ته توهان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ گوريلا ويڙهه جا حامي آهيو، توهان پنهنجي انهيءَ موقف تي اڄ به قائم آهيو يا هاڻي ان کي غلط ٿا سمجهو؟

جواب: جڏهن مون اهو ڪتاب ترجمو ڪيو هو تنهن وقت ۾ آئون گانڌي ۽ جي. ايم سيد کان متاثر هوس. مان اڳ ۾ ۽ هاڻ ۾ چوان ٿو ته عدم تشدد گانڌيءَ جو عقيدو هو پر جواهر لال نهرو ابو الڪلام آزاد ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس وٽ پاليسي هئي، تيئن سائين جي. ايم سيد وٽ ۾ عدم تشدد عقيدو نه پر پاليسي هئي، چو ته جنهن ماڻهوءَ جو عدم تشدد عقيدو هوندو آهي، اهو گوشت نه کائيندو آهي پر سائين جي. ايم سيد ۽ اسان سڀ گوشت کائون ٿا. تنهن ڪري عدم تشدد اسان جي پاليسي آهي ۽ پاليسي مستقل نه هوندي آهي. هڪڙو دور هو ۽ اهو گوريلا جنگين ۽ هٿياربند جدوجهد جو دور سڏبو هو. ان وقت اسان کي آفريڪا جي جهنگن ۾ هلندڙ گوليءَ جو آواز دل ڪش گيت کان وڌيڪ وٽندو هو يا ويٽنام جي ٻيلن ۾ راڪٽ لانچر جو ٽڪاءُ محبوب جي ٿهڪ کان ۾ وڌيڪ سنو لڳندو هو. مان ان کان متاثر ٿي نه رڳو اهو ڪتاب ترجمو ڪيو هو پر هٿياربند جدوجهد تي "قومي تحريڪ ۽ ان ۾ رڪاوٽون" جي نالي سان هڪ ڪتاب ۾ لکيو هو.

آئون نٽو سمجهان ته ڪو ٻيءُ ٻنهنجي اولاد جو ٻيءُ سڏائڻ کان انڪار ڪندو ته هيءُ منهنجو اولاد ڪونه آهي. اهي ڪتاب مون لکيا ۽ ترجمو ڪيا هئا ۽ آئون اڄ ۾ انهن سان پيار ڪريان ٿو باقي عدم تشدد اسان جي پاليسي آهي ۽ پاليسي رهندي.

سوال: هاڻي هڪ سوال سائين جي. ايم سيد ۽ ان جي فڪر بابت آهي. سائين جي. ايم سيد جي وفات کان پوءِ هڪڙن ماڻهن جو سائين جي. ايم سيد جي لکڻين بابت خيال آهي ته، اهي عام سياست تي لکيل ڪتاب آهن ۽ ٻين ماڻهن جو نقطه نظر آهي ته سائين جي. ايم سيد سنڌ جي فڪر کي باقاعده ترتيب ڏئي، سنڌي قوم جي اڳيان پيش ڪيو آهي. توهان جي نظر ۾ سائين جي. ايم سيد سنڌ جي سنڌ ۽ عالم انسانيت لاءِ ڏنل فڪر جي آفاقي حيثيت ڇا آهي؟

جواب: عربيءَ جو هڪ شعر آهي تہ: "اي دوستو! اهي جيڪي توهان کي نشان نظر اچن ٿا، سي منهنجي محبوب جي گهرن جا آهن. ڪجهہ ترسو تہ ان کي ياد ڪري ونون." سو سائين جي. ايم سيد جو جڏهن بہ ڪو ذڪر نڪرندو آهي تہ، مون تي بہ اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي.

آئون سائين جي. ايم سيد کي رڳو هڪ سياسي ليڊر نٿو مڃان. سائين جي. ايم سيد 1958ع کان پوءِ سياست کانہ ڪئي آهي، پر سياست پڙهائي آهي ۽ سياست جو مڪتب کولي، ان جي تربيت ۽ تعليم ڏني آهي. ان معنيٰ ۾ سائين جي. ايم سيد هڪ سياسي مفڪر آهي.

جيڪڏهن منهنجي ڳالهہ کي غلط رنگ ۾ نہ ورتو وڃي تہ آئون ائين چوندس تہ لطيف سنڌي قوم جي تخليق ڪئي آهي ۽ ان جو بچ چٽيو آهي ۽ سائين جي. ايم سيد ان کي تاتي نپائي وڏو ڪري، دنيا جي اڳيان هڪ قوم جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي، ان ۾ زندگيءَ جو اهو ڪهڙو پهلو آهي، جنهن تي سائين جي. ايم سيد نہ لکيو آهي؟ موسيقي، مصوري، رقص، راڳ، شاعري، ڪلچر، بولي، تاريخ، ادب، افسانہ، مطلب تہ سائين زندگيءَ جي هر شعبي تي لکيو آهي. هڪ قوم جي تعمير ۽ تشڪيل لاءِ جيڪي ڳالهيون ضروري آهن، سائين انهن سڀني تي لکيو آهي ۽ ڏاڍو سائنسي انداز ۾ لکيو آهي. سائين جي. ايم سيد جي سائنسي اپروچ اها هئي، جو هڪ هنڌ لکيو آهي تہ، سنڌ ۾ برسات گهٽ ٿي پوي، اسان آزاد سنڌ ۾ برسات جي گهٽ پوڻ جو تدارڪ ڪنداسون. سائين لکيو آهي تہ، فلاڻي قسم جو وڻ پوکڻ سان برساتون جام پونديون آهن ۽ اسان سنڌ جي آزاديءَ کان پوءِ جڏهن پنهنجن وسيلن جا پاڻ مالڪ ٿينداسون تہ مصنوعي طريقي سان برساتون وسائينداسون. ان کان اڳ ان وڻ کي ٽر ۽ ڪوهستان جي علاقن ۾ وڏي تعداد ۾ پوکائينداسون. اهو هوائن جي داب کي روڪيندو، جنهن ڪري برساتون پونديون.

اهڙي طرح سائين لباس تي لکيو آهي تہ عام طرح چيو وڃي ٿو تہ قومي لباس ڪهڙو آهي؟ اسان جي هڪ ليڊر صاحب سائين جي. ايم سيد کان پڇيو تہ، "آزاد سنڌو ديش جي قومي لباس ۾ پٽڪو هوندو يا نہ؟" تنهن تي سائين چيو تہ، "لباس موسمن ۽ حالتن آهر بدلبا ۽ پائبا آهن." لباس جامد نہ هوندو آهي، پٽڪو هڪ هاري لاءِ تہ ٺيڪ آهي، پر هڪ مزدور لاءِ زندگيءَ جو جنجال ٿي پوندو. تنهن ڪري ڪنهن هڪ شيءِ کي مقرر ۽ متعين ڪري ڇڏجي تہ هي قومي لباس آهي، ائين نہ آهي. هڪ قوم جي جياپي لاءِ هڪ قوم جي قوم ٽيڙ لاءِ جن جن ڳالهين جي ضرورت آهي، سائين انهن سيني ڳالهين تي لکيو آهي.

هڪ دور ۾ سائين جي. ايم سيد مختلف ڪميٽيون جوڙيون هيون، جن ۾ هڪ ڪميٽيءَ سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ لاءِ هئي، جيڪا اسان جي تاريخي هيروز کي نمايان ڪندي، پي ڪميٽي سنڌجي قومي شاعريءَ تي هئي تہ سنڌ جي بهترين قومي شاعريءَ کي گڏ ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان کي باقائده سلسليوار شايع ڪيو وڃي. ٽين ڪميٽي سنڌ جي ڪلچر تي هئي، تہ سنڌي ڪلچر جا مفيد جزا ۽ پاسا جيڪي هر دور ۾ ڪم اچي سگهن ٿا، انهن کي اجاگر ۽ نمايان ڪيو وڃي. فنون لطيفہ جي ڪميٽي هئي. اهڙيءَ طرح آئون سمجهان ٿو تہ سائين جي. ايم سيد کي سنڌي قوم جي هڪ ابي واري حيثيت آهي، سياسي معنيٰ ۾ نہ، تہ آزادي وٺي ڏي تہ پوءِ باباءِ قوم ٿي ويو پر آئون سنڌي قوم کي تاتڙ ۽ نپائڙ واري معنيٰ ۾ سائين کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ابي جي ڳالهہ ٿو ڪريان.

ان کانسواءِ دنيا کي تصوف جي ذريعي امن عالم جو پيغام ڏنو آهي. تصوف جا ٻہ قسم آهن: آئون هتي اها وضاحت ڪري ڇڏيان تہ

تصوف جي پيدائش جا سبب بادشاهن جو جبر هو. بادشاهتن جي عوام دشمني هئي. اسلام جو سادگيءَ جو دور ختم ٿيو تہ ان جي جاءِ خلافت ۽ ملوڪيت ورتي، جن سمورن مالي وسيلن کي پنهنجي خاندان، پنهنجن زالن ۽ پنهنجي اولاد لاءِ وقف ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجيءَ ذات تي خرچ ڪرڻ لڳا هئا. ان ڪري صاحب دل ۽ درد دل ماڻهن جي دلين ۾ انهيءَ نظام جي خلاف نفرت پيدا ٿي پئي. انهن انساني پائيچاري ۽ برابريءَ جو تصور ڏنو. هن دوران صوفين جا ٻہ گروہ پيدا ٿيا. هڪڙن انهيءَ نفرت جو حل فراريت ۾ تلاش ڪيو. تہ هلي خانقائون وسايو ۽ چرن ۾ رهو، اندر اجاريو، دنيا کي ترڪ ڪريو. هنن بادشاهن جي شڪل ئي ڏسڻ نٿي گهري، ان ڪري جهنگ منهن ڪري هليا ويا. صوفين جي انهيءَ گروهہ ۾ ملامتي ٻہ هئا، قلندر ٻہ هئا، مٿا پرون ڪوڙائي هلندڙ مست الست ٻہ هئا. پر ٻيا صوفي اهي هئا، جن وحدت الوجود وارو انسان دوستيءَ جو نظريو اختيار ڪيو. پر ان لاءِ هنن بهادرانہ جدوجهد ڪئي ۽ ظلم ۽ جبر ۽ ڏاڍ جي خلاف ماڻهن کي سجاڳ ڪيو ۽ انهن جي اڳواڻي ڪئي. اها تحريڪ دنيا جي هر خطي ۾ هلي آهي، ويندي ليبيا، الجزائر ۽ ٻين ملڪن ۾ غير ملڪي سامراج ۽ بادشاهن جي خلاف. جيڪي ڦهريون ڦهريون تحريڪون هليون هيون، انهن جي اڳواڻي فقيرن ۽ درويشن ڪئي هئي.

الجزائر ۾ درويشن فقيرن، دم جون مشڪون ڪيون هيون، هو پنجن پنجن ڪلاڪن تائين ساهہ نہ ڪٽنداهئا، نبض بيهي ويندي هئي. فرينچ قابض سمجهندا هئا تہ هي مري ويا آهن ۽ هو ڪين چڏي هليا ويندا هئا ۽ هو وري اٿي پنهنجي جدوجهد ۾ شريڪ ٿي ويندا هئا. اسان وٽ بلاولي تحريڪ انهيءَ جو حصو هئي، سڄي ايشيا ۾ شاندار تحريڪون، تصور جي ذريعي پکڙيون آهن، مهدوي تحريڪ ٻہ

مساوات جو سبق ڏنو آهي، پر اهي فرقي پرست هئا. پنهنجي فرقي اندر ئي مساوات ڪندا هئا. ٻاهرين ماڻهن کي ان ۾ داخل نه ڪندا هئا. پر جيئن مخدوم بلاول وارن ڪيو هو. ان جو ٻهريون سبق امن عالم ۽ عالمي ڀائيچارو آهي. انهيءَ تحريڪ جو اثر اسان جي تاريخ جي بهترين بادشاهه جام نظام الدين تي به هو. هو روز صبح جو پنهنجي گهوڙن جي ڪڙهه ۾ ويندو هو ۽ گهوڙن جي پٽيءَ تي هٿ هڻي چوندو هو ته، "خدا اهو ڏينهن نه آڻي، جو آئون توهان جي پُٽيءَ تي چڙهي، ڪنهن انسان جو خون وهايان يا پاڙيسري ملڪ تي حملو ڪريان." جام نظام الدين سنڌ تي ايترو ئي عرصو حڪومت ڪئي هئي، جيترو اڪبر هندستان تي حڪومت ڪئي هئي. توهان جيڪڏهن اڪبر جي حڪومت جي دور کي ڏسندا، جنهن کي هندستان جو شهنشاهه اعظم ۽ مغل اعظم چيو وڃي ٿو ۽ جنهن کان اسان جي سنڌ جا ڪيترائي دانشور متاثر به آهن ته انهيءَ ماڻهن جي منڊين جا مينار به ٺهرايا هئا. اڪبر جي دربار جي مورخ عبدالقادر بدايونيءَ لکيو آهي ته، اڪبر گجرات جي فتح وقت پنهنجي ڏاڏي چنگيز خان جي سنت تي عمل ڪندي، ماڻهن جا سِر ڪپائي، انهن جا منارا ٺهرايا هئا. پر جام نظام الدين جي وقت ۾ توهان کي ڪابه خونريزي نظر نه ايندي، اهو ته ايتريقدر اهل دل ماڻهو هو. جو پنهنجي پيٽ جو سڳ مسجد ۾ ويڙل هڪ ڪتابي کي ڏئي چڏيو ته تون مون کي چگو ٿو لڳين.

مطلب ته اسان جي سنڌ جي بادشاهن جو تصوف به اهو هو ۽ سائين جي. ايم سيد به انهيءَ تصوف جو ئي علمبردار هو. انهيءَ تصوف جي فڪري بنيادن تي ئي هن امن عالمن، اتحاد انساني ۽ ترقيءَ بني آدم جو عالمي پيغام ڏنو آهي، منهنجي راءِ آهي ته سائين

جي. ايم سيد پوري برصغير جي انتهائي قداور شخصيت هو. آئون اهو به چوندس ته گانڌيءَ کان پوءِ جيکڏهن برصغير ۾ فکري ۽ علمي طرح کا وڏي ۾ وڏي شخصيت آهي ته اها جي. ايم سيد جي آهي.

ظاهر آهي ته اسان سندس پوئلڳ ان لائق کونه آهيون، جو سندس جُتيءَ ۾ پير وجهڻ ته ڇهيو پر رڳو مٿي به رکون، پر پوءِ به اسان کوشش کنداسون ته اسان پاڻ کي رڳو مقامي ليڊر شپ ۽ مقامي جهڳڙن تائين الجهائي نه رکون، پر سائين جي پيغام کي اڳتي وڌايون ۽ ان لاءِ اسان "جيئي سنڌ قومي محاذ" جي طرفان هڪ ڪلچرل شعبو به قائم کنداسون، جنهن ۾ ڊراما، موسيقي، رقص، راڳ رنگ، شاعري، ادب وغيره جي واڌاري لاءِ کوشش کنداسون. بهرحال هن ننڍڙي نشست ۾ سائين جي. ايم سيد جي گهڻ پهلوءِ وسيع تر شخصيت تي سير حاصل بحث نٿو ڪري سگهجي. پر پوءِ به فارسيءَ جو هڪ شعر آهي ته "مري وياسون، مٿيءَ ۾ ملي وياسون، اسان جي بٿيءَ جي خوشبوءِ توهان کي ٻڌائيندي ته هتي به ڪو مٽيادار ماڻهو پوريل آهي."

سوال: توهان جو سائين جي. ايم سيد سان 1967ع ۽ 68ع کان اڄ تائين ٽيهارو ڪن سالن تي مشتمل سفر آهي، ڇا توهان وٽ ان سڄي سفر کي سائين جي. ايم سيد جي يادگيرين طور لکڻ جو ڪو پروگرام آهي؟

جواب: توهان ڏٺو هوندو ته سائين جي. ايم سيد جي پوئين بيماريءَ کان وٺي سندن لاڏاڻي تائين، ڪافي ماڻهن سائين تي مضمون ۽ آرٽيڪل لکيا، پر آئون ان وچ ۾ سائين تي ڪجهه به لکي نه سگهيو آهيان. سبب اهو آهي ته آئون ان لاءِ پنهنجي ذهن کي ايان يڪجاءِ ۽ هڪ منو ڪري نه سگهيو آهيان، ان ڪري لکي نٿو سگهان. بهرحال منهنجي ذهن ۾ هڪ خاڪو موجود آهي ۽ جي مون لکيو ته اهو هڪ انوکي قسم جو ڪتاب ٿيندو. رڳو مون کي توفيق ملي ۽ وقت ملي ۽ توانائي ۽ تازگي اچي ته آئون اهو ڪتاب لکندس، يادگيريون ته آئون يقيناً لکندس.

سوال: سائين جي، ايم سيد جي وڇوڙي کان پوءِ ڪن دوستن ۽ قومي ڪارڪنن ۽ عوام جو تاثر اهو آهي ته سائين جي، ايم سيد جي مشن کي اڳتي وڌائيندڙ جيئي سنڌ قومي محاذ جي قيادت اوهان جي حوالي آهي، توهان کي سائين جو جاءِ نشين ته نه چئجي ۽ نه توهان سڏايو ٿا. پر قومي تحريڪ جي نمائنده حيثيت ۾ توهان سائين جي. ايم سيد جي پيغام کي ڪٽي هلڻ جي باري ۾، پاڻ کي ڇا ٿا محسوس ڪريو يا ان جي توهان جي ڪلهن تي جيڪا ذميواري آئي آهي، ان لاءِ توهان وٽ پنهنجو احساس ڇا آهي ۽ انهيءَ حوالي سان توهان پاڻ کي ڪهڙي حيثيت ۾ ڏسو ٿا؟

جواب: حقيقت هيءَ آهي ته سائين جي مشن کي ڪٽي هلڻ لاءِ، هو اسان کي سيني ڳالهين ۾ مالا مال ڪري ويو آهي. نظرياتي طرح، فڪري طرح، علمي طرح، ڪلچرلي طرح، پر پوءِ به اسان ۾ سائين واري هڪڙي ڳالهه ايجان پيدا ٿي نه سگهي آهي ۽ اها "بي خوفي" آهي.

توهان يقين ڪريو ته، مون هيءَ جيڪا عارضي طرح جيئي سنڌ قومي محاذ جي ڪنوينر شپ سنيالي آهي، اليڪشن ٿيندي، قومي تحريڪ جو ليڊر ڪير ٿو ٿئي، پر آئون پاڻ کي ڏاڍو دباءَ هيٺ ٿو سمجهان ۽ ان لاءِ پاڻ کي ذهني طرح تيار پيو ڪريان. چو ته پاڻ ۾ سائين واري اها ڳالهه پيدا ڪرڻ ضروري آهي، مشن جنهن وقت به اسان ۾ قومي خدمت ڪرڻ جي باري ۾ ٿورو به ڊپ پيدا ٿيو ته پوءِ اسان "تحت السرا" ۾ هليا ويندا سون. باقي لاشعوري خوف ٿيندو آهي. مثال طور: پاڻ هن جاءِ ۾ وينا آهيون ۽ اسان جي مٿان ڪا شيءِ ڪري ٿي ته اسان يڪدم ٽپ ڏئي پري ٿيندا سون، پر اسان کي شعوري طرح پاڻ کي ان لائق بنائڻو آهي ته اسان کي هي يا هو قدم کڻڻو آهي، پوءِ جيڪي ٿئي سو ٿيڻ ڏجي، پر اسان کي ڪم ڪرڻو ضرور آهي.

سوال: سائين جي. ايم سيد جي وفات کان پوءِ جيئي سنڌ تحريڪ جا سڀ گروپ پاڻ ۾ ملیا آهن، پر پوءِ به ڪجھ دوست اختلاف ڪري ويهي رهيا. توهان جي نظر ۾ ته انهن دوستن ائين ڇو ڪيو؟

جواب: ان تي ڪونہ ڳالهائبو اسان ان لاءِ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.

سوال: آخري سوال آهي ته سوويت يونين جي خاتمي کانپوءِ ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته سوشلزم ۽ ڪميونزم ختم ٿي ويو آهي، پر ٻين جو موقف آهي ته ائين ڪونہ آهي. توهان جو ان بابت ڇا خيال آهي ته اڄڪلهه دنيا ۾ مارڪسزم جو ڪو ڪردار آهي يا رهندو؟

جواب: نظريو ۽ شيون پيدا ڪندو آهي. نظريو پنهنجي آڏار تي هڪ ته پنهنجو هڪڙو ڪلچر پيدا ڪندو آهي، ۽ ٻيو رياست به پيدا ڪندو آهي. ان ڪري مارڪسزم جي داس ڪيپٽل جي لکجڻ کان وٺي سوويت يونين جي ٽٽڻ تائين، هن سموري دنيا جي اندر هڪڙو ڪلچر پيدا ڪيو آهي ۽ اهو ڪلچر انهن ملڪن ۾ به رائج آهي، جن ڪميونزم کان توبهہ تائب ٿي وڃي، سرمائيداري نظام ۾ پناهہ ورتي آهي. ان لاءِ اوهان کي هڪڙو مثال ٿو ڏيان ته. جڏهن مشرقي ۽ مغربي جرمني ملي هڪ ٿي ويا ته مشرقي جرمنيءَ جو هڪڙو مزدور ماڻهو گڏيل جرمنيءَ جي ڪنهن اسپتال ۾ وڃي داخل ٿيو هو جڏهن صحتياب ٿي اسپتال کان ٻاهر نڪتو ته، دخل تي ڪيس هٿ ۾ هڪ پرچي ڏني وئي، هن پڇيو ته هي ڇا آهي؟ ته ڪيس ڇيو ويو ته اهو تنهنجي علاج جو بل آهي، جيڪو توکي ادا ڪرڻو آهي. هن حيران ٿي ڇيو ته اهو ته رياست کي ادا ڪرڻو آهي! مان ڇو ڏيان؟ توهان جي جمهوريت اها آهي؟ توهان جي آزادي اها آهي ته توهان ماڻهن کان علاج جا به پئسا وٺو؟ اهي شيون ته ان نظام ۾ به اسان کي ميسر هيون، جنهن نظام کان اسان پڇي آيا آهيون؟ ۽ هاڻي هتي اچي اسان انهن شين کان به دستبردار ٿيا آهيون؟ مطلب ته اهو جيڪو ڪلچر جڙيو آهي يا غريب ۽ امير جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي، طبقاتي نظام آهي،

اها سوچ انسان مان ڪٿي ختم ٿي آهي؟ تنهن ڪانسواءِ سوشلزم ۽ مارڪسزم آفريڪا ۽ ايشيا لاءِ اڄان بهارن جو ڳاڙهو ڳپ آهي؟ انهن تہ اڄان ان جو مزو چکيو به ناهي؟

سوويت يونين پنهنجي بيورو ڪريسي جي نااهلين ۽ بيروني سازشن جي ڪري ۽ انهن جي ميڊيا جي گوڙ ۽ شور جي ذريعي ڏٺو آهي. پر اڄ به بنگال ۾ لينن جي جمڙ ۽ مرڙ وارن ڏينهن تي ماڻهو ڏاڍو ۽ هٿوڙو ڪٽي جلوس ڪڍن ٿا. اڄان تازو نيپال ۾ ڪميونسٽن ڪٽيو آهي. ان ڪري اها ڳالهہ ئي اجائي آهي تہ ڪو ڪميونزم ختم ٿي ويو آهي. ماڻهن ۾ هي جيڪا طبقاتي نظام جي خلاف سوچ آهي ۽ نفرت آهي، اهو سڀ ان ڪلچر جي پيداوار آهي. منهنجي اها پيشن گوئي آهي تہ سوويت يونين ۾ سوشلزم وري ايندو ان کي ويهہ پنجويهہ سال لڳي سگهن ٿا. جيڪڏهن اتان جا ڪميونسٽ ۽ قوم پرست پاڙ ۾ گڏجن ٿا تہ اهو عرصو اڄان گهٽجي به سگهجي ٿو. ٻيو تہ سوويت يونين جي خاتمي ڪانپوءِ اتي جي ماڻهن کي ڇا مليو آهي؟ معاشي ۽ معاشرتي بدحالي ۽ بربادي ملي آهي؟

آئون توهان کي انهيءَ نظام جو هڪ عجيب واقعو ٻڌايان ٿو تہ. منهنجي هڪ دوست جو شارجا جي هڪ نائٽ ڪلب ۾ وڃڻ ٿيو. اتي هڪ خوبصورت روسي رقاصا رقص ڪندي ڀالر ڏيندڙ هڪ عرب شيخ جي پيرن تي اڇي پنهنجو مٿو ٽيڪيو اتي منهنجي دوست جي پرسان هڪ ماڻهو وينو هو جنهن چيو تہ "گورباڇوف توتي لعنت هجي، تون ئي آهين جنهن هن روسي حسينہ کي هن بدتميز عرب جي پيرن ۾ جُهڪايو آهي، جو هُوءَ ڀالرن جي عيوض هن کي سجدو ڪري رهي آهي." چوڻ جو مطلب آهي تہ سوويت يونين کي گورباڇوف ۽ يلسن جي آزاد منڊيءَ جي معيشت اهو ڪجهہ ڏنو آهي، جو اتي جون خوبصورت چوڪريون اڄ يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جي شيخن جي

بسترن جون زينتون بڌجي ويون آهن. ان ڪري هاڻي اتي جا ماڻهو هن نظام کان بيزار ٿي پيا آهن، هنن جي انهيءَ آزاد منڊيءَ جون بدعنوانيون اڃان وڌيڪ وائکيون ٿيندیون. اڄ تائين هنن جي ڪابه منصوبابندي نه ٿي آهي. ماڻهن کي روزگار جا موقعا ڪونه آهن.

مان توهان کي هڪ ٻي حيرت انگيز ڳالهه ٻڌايان، جيڪا مون اڃان ڪالهه ٿيون ڏينهن پڙهي آهي ته آمريڪا ۾ هڪڙو ارب پتي آهي، جنهن سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ چيو ته اتي ڪيترا سائنسدان بيروزگار آهن ۽ پتو پيو ته هزارن جي تعداد ۾ سائنسدان بيروزگار ٿي ويا آهن، جن سيني کي ان ارب پتيءَ هڪ سال لاءِ خيرات طور پگهار ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي، جيڪو نظام پنهنجي ملڪ جي بهترين ۽ اعليٰ صلاحيت وارن سائنسدانن کي پنڻ تي مجبور ڪري ٿو اهو نظام گهڻو وقت هلي نٿو سگهي ۽ نه ماڻهو اهڙي نظام کي گهڻو وقت برداشت ڪري سگهندا. هڪ روسي سائنسدان هڪ ارب پتيءَ آمريڪيءَ جي خيرات تي پلجي، جنهن ملڪ سڀ کان پهرين انسان کي خلا ۾ موڪليو آسمان جي بلندين تائين پهچايو اهو پني ڪائي. اها آزاد منڊيءَ جي ڪرم فرمائي آهي، جنهن کي ماڻهو گهڻو وقت برداشت ڪري ڪونه سگهندا، اهو ناممڪن آهي.

(ماهوار 'ساجاهه' جي ٿورن سان)

✷

جيئي سنڌ قومي محاذ جي چيئرمئن
عبدالواحد آريسر کان ذوالفقار علي پٽي جي
شخصيت ۽ سياست تي تفصيلي انٽرويو

سوال: ذوالفقار علي پٽو سنڌ نہ پر عالمي پائي جو سياستدان هو، انهيءَ باري ۾ اوهان جو چا خيال آهي.

جواب: مسئلو اهو آهي تہ عالمي پائي جو سياستدان چئجي چاکي ٿو يعني سڄي دنيا جي جاڻ رکڻ، اڄ جي دور ۾ اها کا مشکل ناهي، عالمي پائي جو سياستدان ان کي چئجي، جنهن جي ميتا عالمي سطح تي هجي مثال طور: اسان وٽ ننڍي کنڊ ۾ صرف گانڌي ئي هڪڙو ماڻهو هو جيکو عالمي پائي جو سياستدان هو ۽ انهيءَ جي کماليت اها آهي تہ جڏهن شهيد ٿيو تہ ان وقت هو کنهن بہ سرکاري عهدي تي نہ هو. زندگي پر B.D جو ميمبر کونہ رهيو. اقوام متحده جو جهنڊو هميشہ وڏن حڪمرانن جي مرڻ تي هيٺ جهکندوآهي، پر هي پوءِ بہ حڪمران نہ هو حڪمران نهرو هو يا پٽيل هو يا ٻيا هڪ ۽ هي جڏهن شهيد ٿيو تہ اقوام متحده جو جهنڊو بہ هيٺ لاٿو ويو جنهن کي اردو ۾ 'سرنگون' چوندا آهن ۽ اڄ جيکا بين القوامي عدالت انصاف آهي، انهيءَ جي دروازي تي صرف هڪڙي ماڻهو جو مجسمو آهي، اهو آهي مهاتما گانڌي جو ٻيو کنهن جو بہ ناهي، ڪينيڊي، ابراهم لنکن، بارٽن لوٿر ڪنگ وغيره تہ آئون پٽي صاحب کي عالمي پائي جو تہ نٿيو پر پاڪستاني سطح جو بہ سياستدان کونہ ٿو سمجهان، جو هي ٻئي حصا گڏ هلائي نہ سگهيو "مشرقي ۽ مغربي پاڪستان." اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي ها، جنهن سان ٻئي حصا گڏ هلي سگهن ها سا بہ هن ۾ نہ هئي. ان ڪري آئون هن کي عالمي پائي جو سياستدان نٿو سمجهان.

يا هڪڙو اهڙو مدبر هجي جنهن جو فڪر ايترو وسيع هجي جو عالمي سياستدان بہ چون تہ فلاڻي هيئن چيو آهي ۽ توهان کي حيرت ٿيندي تہ مون هڪڙو ڪتاب پڙهيو آهي، آمريڪا جي صدر رچرڊ نڪسن جو "دي ليڊرس" جنهن ۾ دنيا جي ليڊرن جو ذڪر آهي. ان ۾ اندرا گانڌي جو بہ ذڪر آهي، جواهر لال نهرو جو بہ، سوئيڪارنو جو بہ، چوئن لا جو بہ آهي، شاهہ فيصل جو بہ آهي، پر پاڪستان جي سياستدان ڪنهن جو بہ ڪونهي، رڳو ايوب خان جو نالو اٿس تہ آئون ان سان مليو هئس- بطور ليڊر جي حيثيت سان، پاڪستان مان ڪنهن جو بہ نالو ناهي، ان ڪري آئون هن کي عالمي پائي جو سياستدان نٿو سمجهان. باقي رهيو سوال تہ عالمي ڄاڻ يا معلومات، اها تہ هر ڪنهن کي هوندي آهي، جيڪو ٿورو گهٽو لکندو پڙهندو آهي يا مثال طور سائين جي. ايم سيد جو هڪڙو ڪتاب آهي "جديد عالمي سياست" توهان جيڪڏهن پڙهندؤ تہ توهان کي ايئن محسوس ٿيندو تہ اڄ جي حالتن مطابق آهي ۽ ان ۾ جيڪو نقشو سائين اسان جي سياست جو چٽيو آهي، تہ اڄ پاڪستان جي سياست ان وانگر آهي. معلومات تہ هر ڪنهن کي هوندي آهي ۽ حيرت جي ڳالهہ آهي تہ پُٽي صاحب جون ٽي خواهشون هيون، جيڪي پوريون نہ ٿيون، هڪڙي تہ "نيوز ويڪ ٽائٽل" تي منهنجي تصوير اچي. نيوز ويڪ آمريڪا جو سڀ کان وڏو رسالو آهي، جيڪو ڪروڙن جي تعداد ۾ ڇپبو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ هلندو آهي. ان تي تمام وڏن مدبر سياستدانن جون تصويرون ڇپيون آهن ٽائيٽل تي، پُٽي جي خواهش هئي تہ هن جي بہ تصوير نيوز ويڪ جي ٽائيٽل تي ڇپجي سابہ ڇپجي نہ سگهي. ٻي اها خواهش هئي تہ آئون سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪنهن بہ جلسي کي خطاب ڪريان، سنڌ يونيورسٽي سائين جي. ايم سيد جو ڳڙهہ سمجهيو ويندو هو. ان ڪري هن جي خواهش هئي تہ آئون هتي بہ تقرير ڪريان ۽

اعلان بہ ڪيائين تہ آئون سنڌ يونيورسٽي ويندس ۽ ان وقت شاگرد يونين جي پريزيڊينٽ چيو تہ، تون جيڪڏهن هتي ايندين تہ تنهنجون ٽنگون ٽوڙي ڇڏينداسين ۽ اتي بہ نہ وڃي سگهيو. ٽين خواهش هئي تہ ڪراچي هاءِ ڪورٽ بار کي خطاب ڪريان. ڪراچي هاءِ ڪورٽ بار تي پناهگيرن جو قبضو هو ۽ انهن کڏهن بہ دعوت نہ ڏني ۽ اها بہ خواهش پوري ٿي نہ سگهي. هڪڙو مبالغو آهي تہ هنن جا ننڊڙا ورڪر آهن جن کي پٽو ازم متعارف ڪرايو ويو آهي. آئون توهان کي مزيدار ڳالهہ ٻڌايان تہ، هڪڙو دفعو ڊرڪنگ پارٽي هئي، ڪاوش وارن جي طرفان، ان ۾ مرتضيٰ پٽو ڪونہ هو باقي ممتاز پٽو قادر مگسي، جام ساقي، خليق ۽ آئون بہ هئس تہ، اتي اخبار جي مالڪ ممتاز پٽي کان سوال ڪيو تہ "پٽو ازم" ڇا آهي؟ ممتاز چيو تہ، مارڪس ازم ٿي سگهي ٿو گانڌي ازم ٿي سگهي ٿو آئون تہ لينن ازم کي نٿو مڃان، پٽو ازم نہ، پٽو تہ ايڏو مفڪر نہ هو جنهن نئون نظريو پيش ڪيو هجي، پٽي جي ڪماليت تہ اها هئي ڏاڍو محنتي ماڻهو هو حساب جو هن جا ڏاڍا مضبوط هٿ ۽ ڏينهن جو هو 8 ڪلاڪ محنت ڪندو هو رات جا بہ مشڪل سان 4 ڪلاڪ سمهندو هو ۽ صبح جو اٺندو هو تہ چاڪ ۽ چوبند هوندو هو. رات جو ان کي ماني کائڻ جي فرصت بہ 12 ڪلاڪن کان پوءِ ملندي هئي ۽ هو محنتي هو محنت جو ڦل ان کي مليو تنهن جہ ڪري عالمي سياستدان ان کي چوڻ درست ڪونهي.

ال: پٽي صاحب سان اوهان جون ڪيتريون ۽ ڪٿي ملاقاتون ٿيون، انهن ملاقاتن ۾ اوهان پٽي صاحب کي ڪيئن محسوس ڪيو؟

جواب: پٽي صاحب سان منهنجون سرسري ملاقاتون ڪافي رهيون آهن، پر تفصيلي ملاقات هڪڙي آهي، جيڪا پهرين اپريل 1977ع تي آئون جيل ۾ هئس، مون کي گهرايو ويو اها بہ ڪلاڪ ڪن هلي، ان ۾ مون محسوس ڪيو تہ پٽو صاحب هڪڙي وقت شبنم هو تہ ٻئي وقت

شعلو هو يعني ته ماڪ جي ڦڙي وانگر نرم هو ته باهه جي شعلي وانگر ساڙيندو به هو روئي به پوندو هو ته غضبناڪ ڏمڪيون به ڏيندو هو ۽ بنيادي طرح تمام گهٽو پڙهيل ماڻهو هو پر هن مشرقي شاعري يا مشرقي ادب يا مشرقي هستري کان وڌيڪ هن کي ڄاڻ هئي، سا مغربي هئي ۽ انتهائي اعليٰ تعليم يافته هو ان جي باوجود لاڙڪاڻي جي جاگيردار جي هن ۾ خاصيت موجود هئي. جاگيردار جي خاصيت خصوصيت اها هوندي آهي ته ٻئي کي ڏمڪائي پنهنجو بغض يا رنجش آهي سا ڪڍهن به نه ڪنهن موقعي ملڻ وقت ضرور انتقام جي صورت ۾ پيش اچي، اهڙا تمام گهٽا مثال آهن، جي هن جي وزارت خارجا جي دور جا هئا. هن وقت ۾ ڪن آفيسرن يا ٻين ماڻهن ڏوري به ڳالهه ڪئي هوندي، ان وقت هن درگذر ڪيو پر جڏهن هو پرائيم منسٽر ٿيو ته انهن ماڻهن کي ان ڳالهه جو احساس ڏيارينده هو. آئون ان معاملي ۾ توهان کي به مثال ڏينڊس. هڪڙو الطاف گوهر لکيو آهي ته. آئون ڪراچي ۾ ڪو آفيسر هئس، هٿيارن جا لائسنس ڏيڻ منهنجي وس هئا ته، پُٽو صاحب هڪڙي ماڻهو جي معرفت مون وٽ آيو ۽ مون کي چيو ته، مون کي فلاڻا فلاڻا هٿيارن جا لائسنس ڏي، ته مون چيو ته اڳي توهان وٽ گهٽا هٿيار آهن؟ ته هن چيو ته ٻارنهن هٿيار آهن، ته مون چيو ته وڌيڪ توهان کي ضرورت ئي ناهي، چيائين ته نه، آئون سر شاهنواز پُٽي جو پُٽ آهيان، سڄا هٿيار رکڻ اسان جي شان وٽان آهي ۽ مون هٿيار ڏيڻ کان انڪار ڪيو اتفاق سان هو اڳتي هلي وزير خارجا ٿي ويو ۽ آئون خارجا امور جو سيڪريٽري ۽ مون کي ياد ڏياريائين ته مسٽر گوهر توکي ياد آهي ته، هڪڙي وقت تو مون کي لائسنس ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو اڄ تون منهنجي ماتحت آهين، توسان ڇا ڪرڻ گهرجي؟ چيو مانس ته آئون به ان ماڻهو جو ماڻهو آهيان، جنهن جو تون وزير خارجا آهين، توهان مون کي ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهو ته يعني

آئون ايوب خان جو دادلو آهيان. ٻيو واقعو آهي سردار شوڪت حيات جو ان لکيو آهي تہ هڪ دفعو پُٹي صاحب چيو تہ. آئون توهان سان ملڻ ٿو اچان. ايجان اقتدار ۾ نہ هو تہ مون چيو پليز اچ. ان وقت ۾ منهنجي ڊرائنگ روم ۾ سنڌ جا ٻہ وڏا مهاجر سياستدان وينا هئا. جن سان پٹو صاحب ڪونہ ٹهندو هو تہ مون وراندي ۾ ڪرسيون رکرايون ۽ پٹي صاحب سان اتي ڳالهہ مهاڙ ڪيم. چانهہ پاڻي جيڪو ٹيندو آهي. سو ڪيوسين ۽ پوءِ هي هليو ويو ۽ جڏهن وزير اعظم ٹيو تہ مون کي گهرائي چيائين تہ. سردار صاحب توکي ياد آهي تو مون کي ڊرائنگ روم ۾ نہ پر وراندي ۾ ويهاريو هو هاڻي ٻڌاءِ. چيو مانس تہ سائين آئون برطانيا ۾ فوجي ميجر رهيو آهيان. اتي مون ٻہ جنرلن سان گذاريو آهي ۽ مان انهن مان ناهيان. جن کي توهان ماضي ياد ڏياري جهڪائي سگهو ۽ پوءِ جلد ئي مون کي جيل ۾ وڌائين. بهرحال هن پنهنجي جاگيرداڻہ سوچ تبديل نہ ڪئي. هن ۾ وڏي شيءِ جيڪا هئي. هو بي انتها محنتي هو ۽ اها محنت ٻہ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ان کي مستحڪم بنائڻ لاءِ هئي. بيشڪ اها شيءِ هئي تہ هن سنڌ ۽ پنجاب جي گونگن ماڻهن کي زبان ڏني. هن جي تقرير مولانا آزاد وانگر يا جواهر لال نهرو وانگر يا سردر نواب يار جنگ وانگر نہ هوندي هئي. پر هن جي ٹيٹ عوامي تقرير هوندي هئي ۽ اهڙي تقرير پنجاب ۽ سنڌ جي ماڻهن پهريون دفعو ٻڌي هئي. نہ تہ انهن جي سامهون فلسفيانہ ڳالهيون ٹيندیون هيون. پر هو چهري شناس يا نبض شناس هو تہ ماڻهن کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي ۽ اهو ڪريڊٹ هن ڏانهن وڃي ٿو تہ هن سياست کي ڊرائنگ رومن مان ڪڍي جهوپڙا هوٹلن تائين پهچايو. پوءِ ان جو مقصد ڪهڙو هو ۽ جهوپڙا هوٹلن تي ويهندڙن کي هن چا ڏنو اهو الڳ موضوع آهي. حالت تہ اها هئي پير غلام رسول شاهہ قومي اسيمبلي جو ميمبر تہ پير آفتاب شاهہ صوبائي اسيمبليءَ

جو ميمبر. ايا تائين اهو سلسلو هلندو پيو اچي تہ نواب يوسف تالپر قومي اسيمبلي جو ميمبر تہ نواب تيمور ضلعي جو نائب ناظم. اها روايت هلندي پئي اچي ۽ جهوپڑا هوٽلن تي ويهندڙن ۾ هڪڙي ماڻهو کي هن نوازيو. اهو هو عبدالله سمون. جيڪو پيپلز پارٽي جو پهريون تعلقي عمرڪوٽ جو صدر هو ۽ اڄ هن جي اها حالت آهي تہ ڊاڪٽر خوشحال جي اسپتال جي سامهون فٽ پاٽ تي پيو آهي. ٽنگون پڇي پيون آهن ۽ خيرات جي ماني کائيندو آهي ۽ هو پُٽي صاحب جو بہ ساٿي هو. مطلب تہ اها هن جي خاصيت هئي تہ هو آڪسفورڊ جو پڙهيل هو ۽ ڪڏهن هو شبنم بٹجي ويندو هو تہ ڪڏهن وري شعلو. مثال طور: آئون توهان کي هڪڙو واقعو ٻڌايان. جڏهن هي اپوزيشن ۾ هو تہ ان وقت سائين جي. ايم سيد کان هن ماڻهو گهريا. جنهن ۾ حفيظ قريشي. امداد شاهہ. علڻ خان ٽيپو جڏهن هي دادو شهر پهتو دادو ۾ ڪا جاڳهہ نہ ملي. علن خان ان وقت ۾ B.D جو ميمبر هو ۽ هن ريسٽ هائوس جا تالا ٽوڙائي پُٽي صاحب کي ترسايو ۽ جلسي جو انتظام ڪيو ۽ هتي بہ اسان جو دوست هيو شوڪت سنڌي. پوءِ پُٽي صاحب چيو تہ علڻ خان سياست الائي ڪٽي پهچي. پر مون کي تون اڌ رات جو فون ڪري ڪم جو چوندين تہ آئون حاضر هوندس. بهرحال علڻ خان تہ سائين جي. ايم سيد جي چوڻ تي ويو هو. پيپلز پارٽي ۾ شامل تہ ڪونہ ٽيو رڳو جلسن جون سهولتون وغيره ڪري ڏنائين. جڏهن پٽو صاحب اقتدار ۾ آيو تہ. مون کي ۽ علڻ خان کي جيل پيڙو ڪيائين. اسين خيرپور جيل ۾ هجون تہ اتي هڪڙو قيدي هو منهنجي ئي تعلقي جو ماڃي هو. ان کي ڦاسي پئي آئي. جيل جو دستور آهي تہ جنهن قيدیٔ جو وزن ۽ ان جي برابر وارئ توري ويچي تہ معنيٰ صبح جو ان کي ڦاسي ڏني ويندي. ان وقت هن مون ڏانهن نياپو موڪليو تہ مون کي صبح جو ڦاسي پئي اچي. مون علڻ خان سان ڳالهہ ڪئي ۽ چيم تہ

هاڻي چا ٿو ڪري سگهجي ٿو. علڻ خان چيو ته پُٽي صاحب مون کي چيو هو ته، ضروري ڪم پوي ته مون کي آڏي رات جو به فون ڪجانءِ. هي ويو جيل سپرنٽنڈنٽ وٽ ۽ چيائين ته مون کي پرائيم منسٽر سان ڳالهه ڪراءِ. سپرنٽينڈنٽ ڏاڍو ٻاجهارو ماڻهو هو عثمان بلوچ. فون ملائي ڏنو هن انگريزي ۾ ته فلاڻو پيو ڳالهايان ته پٽي صاحب چيو ته ڪٽي آهين. ته هن چيو ته توهان جي مهرباني سان جيل آهيان ۽ آريسر به مون سان گڏ آهي. هن جي ڳونائي کي ڏاهي ٽي اچي، چيائين ته آئون ارجنٽ ۾ ڏاسي روڪرايان ٿو. باقي معاف ڪرڻ پريزيڊنٽ جي وس ۾ آهي. ڏاسي ته ملتوي ڪرائي ڇڏيائين، پر پوءِ پُٽو لٽو ته جنرل ضياءَ ان کي ڏاسي تي چاڙهائي ڇڏيائين. هو هر ڳالهه کي ياد رکندو هو ته هڪڙي طرف هن کي جيل ۾ وڌائين ته ٻئي طرف هن سان ڪيل قول پورو ڪيائين.

سوال: پُٽي صاحب ۾ ڪهڙيون خوبيون هيون، جنهن جي ڪري سائين جي. ايم سيد کي به ڪنهن دور ۾ اميدون نظر آيون؟

جواب: مون کي اها خبر ناهي ته. سائين جي. ايم سيد کي ان مان ڪي اميدون هيون. پر هن ۾ خوبيون هيون، جيئن مون اڳ ۾ چيو ته. هن ۾ بيپناهه طاقت هئي ۽ انتهائي چالاڪ ۽ محنتي ماڻهو هو ۽ ڄاڻي واڻي تقرير جو اهو لهجو ڪندو هو. نه ته هو آڪسفورڊ جو پڙهيل هو ۽ انگريزي مقررن جو هو واقف هو ۽ نندي ڪنڊ جي مولانا آزاد وغيره. انهن جون تقريرون ۽ ڪتاب وغيره پڙهيا هئائين. ڇو ته انگريزي ۾ ڇپجي چڪا هئا ۽ هو ڄاڻي واڻي عوامي لب لهجو استعمال ڪندو هو مثال طور هن جي تقرير جو هڪ ٽڪرو آهي ته: "سنڌ تي ارغونن، يونانين، عربن، ترخانن، مغلن ۽ انگريزن حڪومت ڪئي آهي ۽ هاڻي دور اچي ويو آهي ته سنڌ تي سنڌ جو ماڻهو حڪومت ڪري" هن سنڌ جي اڙ پڙهيل ماڻهن ۾ ٻي پناهه حوصلو پيدا ڪيو ۽ جيتوڻيڪ اها حڪومت

سنڌ جي ماڻهن جي حڪومت نه هئي. اها سنڌ جي جاگيردارن جي حڪومت هئي. مثال طور: ممتاز پٺو رسول بخش تالپر يا غلام مصطفيٰ جتوئي، جيڪو ايشيا جو ماڊل زميندار آهي، جنهن وٽ 60 هزار ايڪڙ زمين آهي. انهن جي حڪومت هئي، پر ماڻهن کي اها پُل ته اسان جي حڪومت آهي، يا جتي سنڌي مجموعو ڏنائين ته مهاجرن سان سنڌين جي دشمني آهي ته مهاجرن جي خلاف ڳالهائي ويو. ان قسم سان هن کي عوامي نفسيات جي ڄاڻ هئي ۽ ان لهجي ۾ تقريرون ڪرڻ جو فن، ڏاڻ هو. جيتوڻيڪ سنڌي پڙهي ڪونه سگهندو هو پر سنڌي ڏاڍي سٺي ڳالهائيندو هو اهو به اترادي لهجي ۾، ۽ هڪ دفعو اردو ۾ تقرير پيو ڪري ته: ''مهاجرو! اگر تم مہاجر کے پہر ہو تو'' مطلب ته هن کي اردو لفظ ڪونه آيو ته هو سنڌي جو 'قر' لفظ ڳالهائي ويو ۽ هن ڄاڻي واڻي عوامي لهجو اختيار ڪيو ته، جيئن سنڌي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري سگهي ۽ هن سنڌي ماڻهن کي زبان عطا ڪئي.

سوال: پٺو جاگيردارن جو نمائندو هو ته پوءِ هن سوشلزم جو نعرو ڪيئن ڏنو؟

جواب: مسئلو اهو هوندو آهي ته، ذهين سياستدان اهو سمجهي وٺندو آهي ته ماڻهن کي ڪهڙو نعرو ۽ ڪهڙي تقرير متوجه ڪري سگهي ٿي، جڏهن 46ع واري اليڪشن ننڍي کنڊ ۾ ٿي ته، اتي هندستان جو وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو هو ته، سباش چندر بوس جي قيادت ۾ آرمي وڙهي پيئي، ته ان جا ماڻهو قيد ٿي ويا، جنهن کي آزاد فوج سڏبو هو. جواهر لعل نهرو هونئن ته سوشلسٽ هو، پر هن 1946ع واري اليڪشن کٽڻ لاءِ نعرو ڏنو ته ''آزاد ہند فوج کو چھوڑ دو'' ته ماڻهن جواب ڏنو ته ''لال قلعے کو توڑ دو'' چو ته آزاد فوج جا جوان به لال قلعي ۾ قيد هئا، ته نهرو چيو ته لال قلعو ته اسان جي ثقافتي ميراث آهي، اسين هن ۾ حڪومت ڪنداسين ۽ ان جي تخت تائوس جي حفاظت ڪنداسين ۽ اهو نعرو

ايڏو تہ مقبول ٿيو جو سڄي انگريز سويپ (Sweep) ڪري ويئي سڄي برصغير ۾ سواءِ مسلمانن جي اڪثريت وارن صوبن جي، تہ اهي ذهين سياستدان هوندا آهن. مون جيئن اڳ ۾ چيو تہ هن جي عوام جي مسئلن ۾ گهري نظر هوندي هئي، ان ڪري هن نعرو ڏنو هو سوشلزم جو حالانڪ اهو ''روٹی کپڑا اور مکان'' جو نعرو تہ حيدربخش جتوئي وارا بہ هٽندا رهيا، پر ايڏي وڏي پئماني تي نہ هو. هي هڪڙو جاگيردار ۽ ايوب خان واري وزارت خارجہ ۽ ڏوگڏ عالمي شهرت هجي ۽ اهو جيڪڏهن ''روٹی کپڑا اور مکان'' جي ڳالهہ ڪري ۽ پي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ پيپلز پارٽي جا جيڪي تي نعرا آهن: جمهوريت، سوشلزم ۽ طاقت جو سرچشمو عوام ۽ هن سان گڏ جيڪي سوشلسٹ آهن، جي. اي رحيم، معراج محمد خان، شيخ رشيد ۽ انهن اهي نعرا هٽايا ۽ پوءِ ان ۾ اضافو بہ ڪيو.

اسلامي سوشلزم جڏهن مُلن فتويٰ وغيره ڏني تہ اسلامي سوشلزم ڪري چڏيائين ۽ انهيءَ تي شيخ ايياز چيو تہ ''اسلام ۾ سوشلزم زم زم ۾ وڌکا، مُلان چڏ اُڌکا'' انهيءَ دين تي هاڻي اسلام ۽ سوشلزم چا ملن.

سوال: چيو وڃي ٿو تہ پُنو دوستن کي بہ ڪمدار سڏيو هو. چا واقعي بہ ايئن هو؟

جواب: ايئن ناهي، اهو هن تي الزام آهي، مون جيئن چيو تہ هن ۾ جيڪا جاگيردارانہ انا موجود هئي، پر هن پنهنجي دوستن کي اقتدار ۾ ڏاڍو نوازيو. مثال طور: حفيظ پيرزادو يا غلام مصطفيٰ کي، مدبل ڪلاس جي حميد راهمي، معراج خالد، جيڪو سائيڪل تي ڪير کپائڻ وارو ماڻهو، انهن سيني کي هو اعليٰ عهدن تي وٺي ويو ۽ هي الڳ ڳالهہ آهي تہ اعليٰ عهدن تي رهندي بہ هو هن جي ماتحت هئا. هنن کي ڪڏهن ڪڏهن ڏمڪائيندو بہ هو. مطلب تہ جن منصبن جا حقدار هئا. انهن

تائين هن انهن کي پهچايو ۽ ٻي ڳالهه ته هن جو حافظو قهر جو هوندو هو. مثال: توهان کي لکن جي ميڙ ۾ ڏنائين ته توهان جو نالو ونڊي سڏيندو هو. هو وساريندو نه هو کنهن کي به. باقي ظاهر ڳالهه آهي ته هو هڪ جاگيردار هو ۽ ساڳي وقت انهن کي نوازيو به ۽ انٽيليجنس ذريعي انهن جون خاميون به جمع ڪرائيندو هو. جيڪي وقت سر انهن کي ڏيکاريندو به هو ته توهان هي آهيو. توهان کي مزيدار ڳالهه ٻڌايان ته هڪ دفعو آئون گلگت ويس. تقريبا 1989ع جي ڳالهه آهي ۽ اتان موٽيس ته اسلام آباد ۾ "اسلام آباد" هوٽل به آهي. اتي مون کي حفيظ پيرزادو مليو. تڏهن هو پ پ پ ۾ نه هيو ۽ مون کان پڇيائين ته ڪٿان پيو اچين. مون چيو ته گلگت. همراهه چيائين ته اتي توت مان ٿهيل ٽرو پيتو. مون چيو ته نه. چيائين ڪيئن گذارو ڪيو. مون چيو ته اتي شاهراهه ريشم تي اچي ٿو. چيائين ته اهو ڏاڍو قهر جو هوندو هو. پٽو صاحب به ان کي پسند ڪندو هو. باقي هو ڪمدار وانگر نه هلائيندو هو.

صلاح مشورو به ڪندو هو. آخري وقت تائين PNA سان مذاڪرات پئي هليا. انهن ۾ حفيظ پيرزادو به گڏ هو. قانوني يا ٻين معاملن ۾ صلاح به ڪندو هو. باقي مخالفن لاءِ سخت دشمن هو.

سوال: سنڌ جي سياست تي پُٽي جي شخصيت اثر انداز آهي يا پُٽي جي سياست؟

جواب: سنڌ جي سياست تي پُٽي جي شخصيت اثر انداز آهي. پٽي جي سياست اثر انداز ناهي. ڇو ته پُٽي جي سياست ته ڪا مستقل شئي هئي ئي ڪانه. ڪن آدرشن جي آڌار تي ۽ ڪن اصولن جي بنياد تي ۽ ڪن نظرين جي پٽيرائي واري هن جي سيات هئي ڪانه. هن جي سياست هئي سا ميڪاولي ۽ چانڪيائي قسم جي سيات هئي. پر هن جي شخصيت دل آويز هئي. هو قد بت ۾ سهڻو هو. جسم جو به سڊول هو ۽ هن ۾ تقرير ڪرڻ جي به صلاحيت هئي ۽ ماڻهو کي موهي چڏڻ

وارا انداز بہ هئا. تقرير جا جيڪي اڄ ڏينهن تائين اثر انداز آهن، جن پُڻي کي ڏنو ۽ هينئر توهان جيڪو ڏسو پيا، جيڪو گراف پ پ پ جو سنڌ ۾ ڪري پيو اهو ان ڪري جو نئون نسل جيڪو اڄي پيو ۽ ووٽن جو حقدار ٿئي پيو تنهن پُڻي صاحب کي ان صورت ۾ ڏنو ئي ڪونہ هو. هنن جي سامهون تاريخ آهي تہ سنڌ جي تاريخ ۾ هن ڇا ڪيو. هن سنڌ جا 52 رسالا ۽ ڪتاب ضبط ڪيا، ۽ لاڙڪاڻي ۾ جماعت اسلامي جا شيخ مخالف جيڪي بہ هئا. انهن جي منهن تي قرش جا ٽوڪرا ٻڌرايا ويا، ۽ منهنجي ہن پائرن کي گرفتار ڪري وڃي ميرپورخاص جيل ۾ هنيو ڏوهہ تہ منهنجو هو هنن جو تہ نہ هو ۽ اهو ڏوهہ منهنجو هيو ئي ڪونہ جيڪو وزير اغوا ٿيو "يزيد حسين زيدي" آئون بہ ڪو ماٺهو اغوا ڪندس! آئون تہ ان وقت سن ۾ وينو هوس. اهڙي طرح ليارين جا مسڪين ماٺهو تن کي بہ ڊي پي آر ۾ ٻڌي سوگهو ڪري توهان يقين ڪريو تہ ماني هنن کي ملاقات تي نصيب ٿيندي هئي، اهڙي حالت هئي. منشي سنڌ جو البيلو شاعر هو هن صرف هن جي خلاف شعر لکيا تہ:

"قائد اعظم ڏنوسين ۽ ڏنو قائد عوام،
ٻئي قاتل قوم جا ٻنهي ڪرايو قتل عام.
هن ڪُهايو ڪشمير کي،
۽ هن پريو بنگال مان پيٽ،
هي قائد مان ٿيو قاتل،
۽ هو ڪونجي قادو حجام."

ان شعر لکڻ تي هن کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ حالت اها هجي تہ هن جو مامو هوندو هو ۽ اهو صرف پن جي جُهوڙي ڪٽي ايندو هو هن جي لاءِ، اسان ٻئي گڏ هوندا هئاسين. مٿان PNA جي تحريڪ هلي تہ ملاقاتون بہ بند ٿي ويون. هڪڙو سگريٽ ڏُکائيندا هئاسين، اچان آئون بہ

ڦوڪون پريندو هوس تہ منشي چوندو هو تہ سائين قوم جون نظرن اوهان جي آگرين ۾ آهن ۽ طارق اشرف هڪ رائٽر ماڻهو هو يا مون کڻڻا ٻہ هنيا، جي. ايم سيد جو پوئلڳ هئس، رسالو ڪيندو هئس، جنهن ۾ هن تي تنقيد بہ ڪندو هئس، ويندي لنڊي ۾ زرداري هينئر تہ هو وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي ۽ آصف علي زرداري جو خاص ماڻهو آهي ۽ انهن جي ماين کي لنڊي ٽاٽي ۾ بند ڪيو ويو.

يا لاڙڪاڻي ۾ حيدر شاهہ جيڪو هينئر تہ پيپلز پارٽي ۾ آهي، انهن جي بيبين کي گرفتار ڪرڻ ۽ اها سڀ هن جي سياست تہ هئي ڪانہ، پر هن جي دل آويز شخصيت هئي، جنهن جو ماڻهن تي اثر آهي.

سوال: پٽي جي شهادت تي سنڌ ۾ وزندار ردعمل نہ ٿيڻ جا سبب ڪهڙا هئا.

جواب: هڪڙي تہ پيپلز پارٽي ڪا تياري بہ ڪانہ ڪئي هئي. ٻيو تہ پُٽي صاحب ۽ پيپلز پارٽي کي اها توقع هئي تہ ضياءَ کي اها طاقت ئي ناهي، جو هو پُٽي صاحب کي ماري چڏيندو. انهيءَ ڪري شوشو پيا چڏيندا هيا، تہ اڄ فلسطين جانباز ٿا اچن ۽ اجهو ٿا اچن ۽ پيپلز پارٽي ايجيٽيسن لاءِ ڪو ماحول ئي پيدا ڪونہ ڪيو ۽ ٻيو تہ ڪافي پيپلز پارٽي جي ليڊر شپ جيڪا هئي، سا پُٽي کي منظر تان هٽائڻ ۾ خوش هئي. حالت تہ اها آهي تہ مرحوم محمد خان سومري مون کي ٻڌايو تہ آئون نصرت پُٽو سان مليس تہ مون تشويش ظاهر ڪئي، ان تي بيگم صاحبہ چيو تہ توهان کي فڪر ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي. چيف جسٽس مون کي چيو آهي تہ هُو پُٽي صاحب کي چڏي ڏيندو. هن سمجهيو تہ آئون اڄ محسوس ٿو ڪريان تہ بيگم صاحبہ جي بہ پُٽي جي پسمنظر تان هٽجڻ جي تمنا هئي تہ. آئون پارٽي جي چيئرپرسن ٿيندس، ۽ پوءِ وزير اعظم ٿيندیس، تہ سمورو ماحول ايئن هو اها محمد خان سومري جي روايت پيو اوهان کي ٻڌايان، هُو پاڻ تہ نہ رهيو آهي، پر

آئون ڪوڙ نہ ڳالهائيندس، جيل ۾ گڏ هئاسين، اتي هن مون سان اها ڳالهه ڪئي ۽ اهو ئي سبب هو ۽ پوءِ جيڪو رد عمل ٿيو تہ، اهو پُٹي جي سببن جي ڪري ٿيو. ذات بيشڪ پُٹي صاحب جي ان ۾ ملوث هئي ۽ اهي ئي ساڳيا پُٹي صاحب جي حياتي ۾ تحريڪ هلائي پئي سگهيا، جيڪا ايم آر ڊي جي تحريڪ هنن هلائي نہ هلايائون.

انهن ۾ اهي سڀ قصور وار آهن. غلام مصطفيٰ جتوئي، ممتاز علي پٹو خليق زمان، مير هزار خان بجارائي، جنهن کي آمريڪا مان گهرائي هن وزير اطلاعات ڪيو هو.

سوال: پُٹي صاحب کي قاسي ڏيڻ جا سبب ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟

جواب: سبب تہ هڪڙو ئي هو! اُهو اِهو هو تہ قاسي جو تختو هڪڙو ۽ ڪنڊ ۾ هيا. جيڪڏهن پٹي کي ڇڏين پيا تہ قاسي جو تختو جنرل ضياءَ لاءِ هو ۽ جنرل ضياءُ اقتدار ۾ هيو پوءِ هڪڙو ئي ڪنڊ بچيو اهو ذوالفقار علي پُٹي جو ئي هو. فوجي جنتا انتهائي ڏنل هئي تہ، جيڪڏهن هن ديو کي اسان شيشي جي بوتل مان ٻاهر ڪڍيو تہ پوءِ اسان جو خير ناهي. زخمي شينهن خطرناڪ ٿيندو آهي. انهن کي تہ پنهنجو خوف هوندو هو. انهيءَ ڪري هنن هٿائڙ مناسب سمجهيو. ايئن ناهي تہ پيپلز پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ هنن ايئن ڪيو هو. پيپلز پارٽي کي پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ايجا ۾ ضرورت آهي. ان جي لاءِ پرويز مشرف، نواز شريف لاءِ ڪلمہ خير ڪونہ ڳالهائيندو آهي، پر بينظير ۽ پيپلز پارٽي لاءِ چڱن خيالن جو اظهار ڪندو آهي، چو تہ اها ايجا ۾ پنجاب جي ضرورت آهي.

بنيادي طرح پاليٽڪس هوندي آهي پئسي جي آڌار تي، ۽ سنڌ ۾ اقتصاديات جو دارومدار آهي زميندار ۽ زمين تي، ۽ زميندار تہ سيئي پيپلز پارٽي ۾ آهن ۽ عوام پ پ جي ڇوٽ تي زميندارن جي خلاف ٿي وڃي تہ ٻي ڳالهہ آهي، نہ تہ زميندارن جي هو زير دست آهي،

جيڪڏهن پ پ چاهي تہ هو غلام مصطفيٰ جتوئي کي شڪست ڏيئي رحمت الله بهڻ کي بہ ڪٽائي ٿي سگهي، يا پير پاڳاري کي هارائي هڪڙو لوفر ٽائيپ چوڪرو پرويز شاهہ ان کي بہ اقتدار ۾ آڻي پئي سگهي.

سوال: ڇا پُٽي جي سياست عالمي قوتن، خاص طور تي آمريڪا جي لاءِ خوف جو سبب هئي؟

جواب: نہ مطلب تہ آمريڪا کي خوف ڇا مان، يعني پٽو وڏ ۾ وڏ اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ اسلامي سربراهہ ڪانفرنس جو چيئرمين هو. مسلم ملڪن وٽ ڇا هڪڙو ئي هٿيار هو تيل تي بندش وارو اهو مرحوم شاهہ فيصل آزمايو جنهن کي آمريڪا مارائي ڇڏيو. ٻيو تہ مسلمانن وٽ ڪهڙي طاقت هئي، جنهن سان آمريڪا کي خوف هجي. آمريڪا کي خوف ان وقت بہ هو ۽ هاڻ تہ اهو بہ نہ رهيو آهي، ان ڪري ائين ناهي. اسان وٽ جيڪي حڪمران اچن ٿا، اهي آمريڪا جا ايجنٽ هوندا آهن ۽ ايجنٽ وڏي، جڏهن بہ آقا سان مهاڏو اٽڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ اهي انهن کي مارائي ڇڏيندا آهن، جنهن ضياءُ جو مثال توهان جي سامهون آهي يا اڳتي هلي جنرل پرويز مشرف جو جيڪو ٽيندو اهڙي طريقي سان پٽي صاحب ڪجهہ اُپرڻ چاهيو ٿي ۽ ڪسنجر سان ڪجهہ تلخ انداز ۾ ڳالهائين، ان ڪري هنن هٽائي ڇڏيو ۽ آمريڪا کي خطرو مسلم دنيا مان، ان جو تہ ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، پوءِ ڪيڏو بہ مدبر سياستدان چو نہ انهن ۾ پيدا ٿئي. ناصر ان ڪري ايريو جو ان وقت سوويت يونين هو ۽ سوويت يونين وارا پُٽي صاحب کي تہ پسند ئي ڪونہ ڪندا هئا، چو تہ اهي اندين جا دوست هئا ۽ هي سڄي عمر اندين جي خلاف ظاهر آفشاني ڪندو هو. ان ڪري هو هنن جا طرفدار نہ هئا. رسمي طرح ان وقت برزنين اپيل ڪئي هئي تہ هن کي ڪاسي نہ ڏني وڃي، پر حقيقي دباءُ نہ هو. آمريڪا ۽ سوويت يونين بہ حقيقي دباءُ وجهن ها تہ جنرل ۾ اها طاقت نہ هئي تہ

هو پُٹي صاحب کي قاسي ڏي، ويندي انديا تائين. انديا ۾ ان وقت اندرا گانڌي اقتدار ۾ هئي ۽ مُٺ پياڪ 'مراد جي' جيڪو ڳڻڻ جو پيشاب پيئندو هو ان کيُ جڏهن چيو ويو تہ جنرل ضياءَ کي توهان اپيل ڪريو چيائين تہ جنرل ضياءَ جي ايڊريس مون کي معلوم ناهي، اهي سڀ طاقتون جيڪي آهن، تن کي پُٹي سان همدردي نہ هئي.

سوال: پٹو اسلامي بلاڪ ٺاهڻ ۾ ڪيترو ڪامياب ويو ۽ ان مان ان جو ڪهڙو مقصد هو؟

جواب: اسلامي بلاڪ ٺهيو ئي ڪونہ هو. رڳو هڪ ڪانفرنس ٿي هئي ۽ گڏ ٿيا هئا. قرآن شريف جي آيت جو ترجمو آهي تہ "تون هنن کي گڏ ٿيل محسوس ڪرين ٿو پر هنن جون دليون جدا جدا آهن." جنهن جو مثال مون ڏنو تہ شاهہ فيصل جتي آيو تہ اتي شهنشاهہ ايران نہ آيو. اهڙي طريقي سان قذافي جيڪا تقرير پئي ڪئي ان جاءِ جو نالو "قذافي پارڪ" هينئر رکيو ويو آهي، ۽ عربي ۾ ساڳئي وقت سادات تقرير پئي ڪئي نئين دهلي ۾ انديا ۽ بنگلاديش جي حق ۾ فارسي ۾ چوندا آهن تہ "آيا، ويٺا، ڳالهايا ۽ اٿي ويا." ان جي ڪابہ رزلٹ اچڻي ئي ڪانہ هئي. جيڪو بلاڪ کو ٺهيو ئي ڪونہ هيو ۽ پُٹي جيڪو اجلاس گهرايو هو. ان جو مقصد صرف بنگلاديش کي تسليم ڪرائڻ هو. هيڏا سارا خرچ ڪري پنجابين ۽ پناهگيرن جي ناراضگي ختم ڪرڻ لاءِ بنگلاديش کي تسليم ڪرڻ هو.

سوال: پُٹي جي قاسي تي اسلامي ملڪن جو ڪو خاص رد عمل نہ ڏيکاريو، ان جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟

جواب: مون اڳ ۾ چيو آهي تہ ذوالفار علي پُٹي سان هنن جي ڪابہ دلچسپي هئي بہ ڪانہ. سواءِ سعودي عرب جي، سعودي عرب ۾ هن جو خاص دوست هو شاهہ فيصل ۽ سيني بادشاهن ۾ جي. ايمر سيد تعريف شاهہ فيصل جي ڪئي اٿس. هو لائق ماڻهو هو ۽ عربن واري عياشي هن ۾ ڪانہ هئي. هڪ ڪان وڏيڪ هن شاديون نہ ڪيون، سادي زندگي

گذاري ۽ باقي عرب دنيا پُٽي صاحب جي مخالف هئي. مصر، سوڊان ۽ عراق جيڪي طاقتور ملڪ آهن، اردن، ان جي وري پاڪستان سان مائٽي هئي، پاڪستان جي هڪ خاتون هئي، جيڪا اردن جي بادشاهه شاهه حسين جي پاءُ سان شادي ڪرايل هئي ۽ پوري عرب اسٽيٽس جُي پُٽي صاحب سان همدردي نه هئي.

سوال: ايندڙ ڏهن ويهن سالن کان پوءِ پُٽي صاحب جي شخصيت ڪيترو پر اثر رهندي؟

جواب: آئون سمجهان ٿو ته پُٽي جي شخصيت هينئر ئي اثر وجائڻ شروع ڪيو آهي ۽ ان کري اها نه رهندي. ان کري ته ڪي اصول ناهن، ته ڪي ضابطا ناهن ۽ ڪو فڪر ناهي. ان کري ان جي شخصيت کا پائيدار ناهي، جيئن گانڌي جي هئي يا جواهر لعل نهرو جي ۽ توهان ڏٺو ته جناح جي شخصيت ڪيترو اثر انداز رهي ۽ ان جي مسلم ليگ داڻا داڻا ٿي وئي. هاڻي فوجي حڪمرانن مسلم ليگ جو نالو استعمال ڪيو ۽ اتان پير صاحب به فنڪشنل ناهيو ويٺو آهي، جيڪا مريدن ۽ پنجاب جي ٽڪرايل سياستدانن تائين محدود آهي، ته انهي ڪري پيپلز پارٽي جو حشر به اهو ئي ٿيڻ وارو آهي. بنيادي طرح ته آرگنائيزيشن به ناهي، جنهن پارٽي جا اميدوار ضلعن کان وٺي صوبن تائين انتخاب جي ذريعي نه اچن ۽ نامينيٽ ٿين، ان کري ان جو اثر بهتر ڪونه ٿيندو. پر بينظير صاحبه نيون ڪي پاليسيون هلائي عوام کي پارٽي جي ذريعي (چو ته پُٽي صاحب جي شخصيت جو جادو هلي چڪو هو) هاڻي اُپارڻ گهرجي. هاڻي انديا ۾ ڪانگريس آهي، سا ڪانگريس جي ڪري ئي هلي ٿي. اها ڪنهن گانڌي يا نهرو جي ڪري ڪانه ٿي هلي. هنن پنهنجي اقتدار ۾ اهي اهي نيون پاليسيون جوڙيون، جيڪي ڪانگريس کي ايجا زندهه رکيو اچن ۽ هڪ به دفعا هو ڪِري (هارائي) به چڪي آهي اليڪشن ۾ ۽ هينئر هو اقتدار ۾ آهي ۽ بحيثيت پارٽي جي هو اڄ به زندهه آهي ۽ جيستائين پارٽي کي

متعارف نہ ڪيو ويندو ۽ جيئي پٽو جي بدران جيئي عوام جا نعرا متعارف نہ ڪرايا ويا تہ پارٽي جو خدا حافظ ٿي ويندو.

سوال: پُٽي خاندان جو سنڌ جي سياست ۾ ڪھڙو ڪردار آھي؟

جواب: آئون سمجھان ٿو تہ پٽي خاندان جو وڏو ڪردار اھو آھي تہ ھنن سنڌي ماڻھن کي سجاڳ ڪيو صرف ووٽ ڏيڻ جي حد تائين، تہ توھان ووٽ جي طاقت سان پنھنجي قسمت تبديل ڪري سگھو ٿا. اھو خاندان جو نہ پر پُٽي صاحب جو ذاتي ڪردار آھي. خاندان جي تہ ذاتي پوزيشن اھا آھي تہ بينظير صاحبہ کي يا مير مرتضيٰ کي تہ نہ سنڌي ھولي ڳالھائڻ ايندي ھئي ۽ نہ ئي وري لکي يا پڙھي سگھندا ھئا. ان جي ڪري پٽي صاحب جو ئي سنڌ جي سياست تي اثر آھي. آئون ھڪ دفعو سڪ آباد کي خطاب لاءِ ويس، شيخ ايازبہ ان وقت موجود ھو.

ھڪڙي ماڻھو چيو تہ توھان بينظير جو ذڪر نہ پر پاڳاري کي چڱن لفظن ۾ ياد ڪيو. حالانڪہ ھو يتيم آھي، تہ شيخ صاحب چيو تہ، يتيم حقيقت ۾ پاڳارو آھي، جنھن جي پيءُ کي (جڏھن ھي صغير ھو) انگريزن شھيد ڪيو ھو. بينظير تہ بالغ ھئي ۽ بالغ ٿيڻ کانپوءِ يتيم ھوندو ئي ڪونہ آھي. ھن جي پيءُ کي انگريزن نہ پر پنھنجي ملڪ جي ماڻھن ماريو آھي. انھن ئي ماڻھن ماريو جنھن کي ھن ئي اقتدار تائين پھچايو. توھان کي ھڪ مزيدار ڳالھہ ٻڌايان تہ، جڏھن ذوالفقار علي پُٽي جي ڦاسي جي خبر اسان ٻڌي تہ آئون ان وقت سن ۾ ھئس ۽ سائين جي. ايم سيد روئي پيو ھو. مون چيو تہ سائين توھان کي ڪلھہ پير حسام الدين راشدي صاحب چيو تہ، توھان رحم جي اپيل ڪيو تہ توھان انڪار ڪيو ۽ توھان چيو تہ ھو خود چونٽو ڪري ۽ اڄ توھان روئي رھيا آھيو. سائين جي. ايم سيد چيو تہ آئون روئان ان لاءِ پيو تہ، اسان مان ڪيڏو وڏو ماڻھو چو نہ ھجي، ان کي پنجابي جڏھن چاھين موچڑا ھڻي ڦاسي تي چاڙھي چڏين، تہ آئون پنھنجي قوم جي بيوسي تي پيو روئان. منھنجي قوم ۾ جيڪڏھن نظرياتي سياست

ڪن ها. انهيءَ کي منظم ڪن ها ته پُٽي صاحب جو اهو حشر نه ٿئي ها. پر هن سڄو FSF تي پاڙيو قوم پر ڪاڙ آرگنائيزيشن ڪانه ڪئي ۽ نتيجو اوهان جي سامهون آهي. پوءِ سائين جي. ايم سيد چيو ته پٽي جو پلانڊ ٽيڙ گهرجي. مون چيو ته سائين پلانڊ جو رواج اسان وٽ هوندو هو اڳي. ۽ انتقام اهو ڪونه ٿيندو ته جنرل ضياءَ کي ماري ڇڏجي. پر انتقام اهو ڪجي ته سندّ جي سر زمين تان پنجابي بي دخل ڪيا وڃن ۽ انهن جون وريون وٽن تي ٽنگيل نظر اچن.

سوال: محترمہ تي ذوالفقار علي پُٽي جي ڏيءُ هجڻ ڪري پٽي جي سياست جو ڪيترو اثر آهي؟

جواب: محترمہ جي سياست تي اثر سڄو پُٽي صاحب جو ئي آهي. باقي خانداني طرح هو آصف علي زرداري جي زير اثر آهي. ۽ پٽي صاحب پنهنجي ڏيءُ جي سياسي تربيت ايئن ڪئي. جيئن جواهر لعل نهرو پنهنجي ڏيءُ اندرا گانڌي جي ڪئي هئي. ۽ جيڪو خط لکيو اٽس سو ڪتاب جي صورت ۾ ڇپجي ڇڪو آهي "منهنجي پياري ڏيءُ" اهو به نهرو جي تقرير مثل. ڇو ته نهرو به جيل مان خط لکيا هئا اندرا گانڌي کي. جنهن مان هڪ عجيب خط آهي ته. "اندرا تو لکيو آهي ته. تو هن پيري جيل مان منهنجي سالگرهہ تي ڪوبہ تحفو ڪونہ موڪليو مون کي. نهرو جي عادت هوندي هئي ته جيل ۾ سُٽ ڪتيندو هو ۽ هر سالگرهہ تي سُٽ جي ساڙهي نهرائي اندرا کي موڪليندو هو. نهرو لکيو ته. اندرا. آئون توکي اهڙو تحفو ٿو ڏيڻ چاهيان. جو ڪنهن به پيءُ تاريخ ۾ پنهنجي ڏيءُ کي ڪونہ ڏنو هوندو. اهو آهي آزاد هندوستان. خوشحال هندوستان. باوقار ۽ خودمختيار هندوستان. تنهنجي حوالي ڪرڻ." پُٽي به جيڪو ڪجهہ لکيو سو نهرو جي زير اثر هو. نهرو کان ته ڏاڍو متاثر هوندو هو. بظاهر اعتراف ته ڪونہ ڪندو هو. پٽي صاحب بينظير کي لکيو آهي ته. آسماني بهشت بيشڪ ماءُ جي پيرن هيٺان آهي. پر دنيا جي بهشت عوام جي پيرن هيٺيان آهي.

محترمہ جي سڄي سياست پٽي صاحب جي زير اثر آهي. باقي جيڪي هيريون ڦيريون آهن. سي آصف علي زرداري جي ڪري آهن.

سوال: قومپرست سنڌي هئڻ جي ناتي اوهان سنڌي ذوالفقار علي پٽي کي ڪيئن ٿا سمجهو؟

جواب: اسان وٽ سنڌي جي هڪڙي ڊيفينيشن آهي. اها هي ته اسان سنڌي ڳالهائڻ واري کي سنڌي ناهيون سمجهندا. اسين ٻين مفادن کي قربان ڪري سنڌ جي مفاد تي سِر ڏيڻ واري کي سنڌي سمجهون ٿا. ۽ پٽي صاحب 74ع واري آئين ۾ سنڌ کي سفاڪي چڏيو آهي. توهان کي حيرت ٿيندي ته ون يونٽ نهي ويو ان جي باوجود به اهو نه هو ته باهرين صوبن جا ماڻهو اچي سنڌ ۾ آباد ٿين. 73 جي آئين ۾ اهو فڪر ورڪيو ويو ته پاڪستان جي هر شهري کي ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ رهڻ، ڪاروبار ڪرڻ ۽ ووٽ ڏيڻ جو اختيار آهي. نتيجي طور ون يونٽ تائين ڪوبہ پنجابي هتان نہ چونڊجي سگهندو هو. اڄ ته صورتحال اها آهي ته توهان جو سابق وزير تعليم عرفان الله مروت پناڻ آهي ۽ توهان جي ڊپٽي اسپيڪر راحيلہ ٽوانا به پنجابڻ آهي. ايترو پنجابين جي آبادي هتي وڌي وئي آهي.

ون يونٽ تائين اهو نہ هو ۽ اهو 73ع جي آئين ۾ هڪ خطرناڪ قدم هو. آبادي جي لوڏ سنڌ ۾ هلي آئي ۽ اڳي ته مهاجر به ڪراچي ۾ ايتري قدر ڪامياب نہ ٿيندا هئا. نہ ئي حيدرآباد مان. جيڪي هاڻ پيا ٿين. ان جو نتيجو سڀ 73ع جو آئين ئي آهي. اهو پُٽي صاحب جي مهرباني آهي. هن پنجابين کي خوش ڪرڻ لاءِ هڪڙو ته سنڌ جا دروازا کولي ڏنائين ۽ ٻيو ته غير ملڪن ۾ داخلا جي اجازت ۽ پرمٽ وغيره. انهيءَ ڪري اڄ پوري دنيا ۾ پنجابي پکڙيل آهن. انهيءَ مان ئي ظاهر ٿو ٿئي ته هن سنڌ جي خاص خدمت نہ ڪئي. ان جي ڪري اسين هن کي سنڌي نسل وارو ضرور سمجهون ٿا. پر هن کي مخدوم بلاول شهيد. شاهہ عنايت يا دودي سومري جي. ايم سيد. الله بخش سومري جي برابر سنڌي نٿا سمجهون.

(حيات سومري جي ٿورن سان)

قومپرست اڳواڻ عبدالواحد آريسر جو انٽرويو
آزادي منهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان اهم شيءِ آهي.

سوال: توهان جي زندگيءَ ۾ اهم شيءِ ڪهڙي آهي؟

جواب: منهنجي زندگيءَ ۾ گهٽي اهم شيءِ آزادي رهي آهي. جڏهن ته انسان جي زندگيءَ ۾ ٽي اهم شيون رهيون آهن: هڪ زندگي. بي آزادي ۽ ٽين محبت جي حاصلات. آمريڪا جو آئين ناهيندڙ ٽامس جيفرسن به انسان جي لاءِ اهي ٽي اهم شيون زندگيءَ لاءِ ٻڌايون آهن ۽ مان ان سان سهمت آهيان. جيڪا زندگي آزاد ناهي. اها ڪهڙي ڪم جي؟ منهنجي شروعات کان وٺي زندگي آزادي ۽ محبت جي حاصلات لاءِ جستجو ۾ رهي آهي. پوءِ اها ملي هجي يا نه! پر جستجو رهي آهي. ان جستجو ۾ پنهنجو مزو آهي. اها پهاڙن تي چڙهڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي. ڏونگر ٽوڙڻ تي به مجبور ڪندي آهي ۽ روپلو ڪولهي ٽيڙ تي پڙ مجبور ڪندي آهي. روپلي ڪولهي جي مٿي تي وٽيون ناهي. تيل جا ڏيئا ٻاريا ويا ۽ انگريز چيو ته: "تون آزادي تان هٽ ڪٽين ٿو؟" روپلي ڪولهي چيو "نه مان هٽ نه ڪٽندس."

سوال: سياست ۾ توهان جو اچڻ ڪيئن ٿيو؟

جواب: سياست ۾ اچڻ ايئن ٿيو جو آئون غريب ماڻهو هئس ۽ اڄان به آهيان (ڪلندي) هي گاڏي مون کي دوستن وٺي ڏني آهي. اها مهرباني دوستن جي آهي. آئون اڄان به چونئري ۾ رهندو آهيان. سياست ۾ منهنجو اچڻ ايئن ٿيو جو آئون اڄان به سنڌ جي مشاهدي تي ويندو رهندو آهيان. خدا جو ڪرم يا غضب آهي جو مون کي مشاهدي جي طاقت ڏاڍي هوندي آهي. هڪ پيري مان گوار وٺي وڃي رهيو هئس. (مان پنهنجي ضلعي جي ڳالهه ڪريا پيو) جو هڪ چوڪري چيو ته.

بابا! چا هي ڪو وڏيرو آهي، ان جي پيءُ چيو ته نه هي به اسان جيان آهي، مون محسوس ڪيو ته اسان جي ماڻهن جي تبديلي صرف پوليٽڪس (سياست) جي ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي.

سوال: توهان جي زندگي مسجد جي مدرسي کان وٺي، سياسي مدرسي تائين ڪيئن رهي آهي؟

جواب: مدرسي مان ان ڪري ويس، جو مان غريب ماڻهو هئس، اها منهنجي مجبوري هئي جو مون وٽ پئسا نه هئا، منهنجو ذهن گهڻو تيز هو (ٿهڪ ڏيندي! مان پليجي صاحب واري دعويٰ نه پيو ڪريان) مان 1962_1954ع ڊبل پروموشن مدرسي اندر ورتي، مون وٽ پئسا نه هئا جو انگريزي ڪتاب پڙهي سگهان، پر مون کي مولانا آزاد جا ڪتاب ملیا، جنهن لاءِ جواهر لال نهرو چيو آهي ته، جتي منهنجو علم ختم ٿئي ٿو اتان مولانا جو علم شروع ٿئي ٿو. اتي مدرسي ۾ پوءِ سيد جو به ذڪر آيو.

سوال: آريسر صاحب! توهان جي زندگي مسجد مدرسي کان وٺي سياسي مدرسي تائين ڪيئن گذري؟

جواب: ڏاڍي سٺي گذري آهي. ڪالهه رات اسان حيدرآباد ۾ هئاسين، اتي دوستن سان ويهي ڪچهري پئي ڪئي، جتي دوستن هي چيو ته اسان جيڪا پوليٽڪس ڪئي، اها رومانس هئي. مون کي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽر ٿيڻ جو ٻيون آڇون ٿيون، جنهن تي سيد چيو ته تنهنجي لاءِ ڪجهه پارٽيءَ وارا چئي رهيا آهن ته تون سينيٽر ٿو ٿئين، پر ان پوڙهي چيو ته ٻڌ! شينهن ڪڏهن به ٻئي جو ماريل شڪار نه کائيندا آهن. سيد مون کي چيو، چا تون شينهن جو شاگرد آهين يا گدڙ جو؟ مون چيو ته سائين! مان شينهن جو شاگرد آهيان. اها ڳالهه مون پليجي صاحب سان به ڪئي ته پليجي صاحب چيو ته اها ڳالهه اهو ئي ڪري سگهي ٿو اسان نٿا ڪري سگهون. ها مون پوءِ سيد کي چيو ته

سائين! مان توهان جو شاگرد آهيان. ٻيو مون کي ڇا گهرجي. مان خير بخش مري سان مليس. جنهن ڇيو ته آخر مان ڇا ڪندس. بس پهاڙن تي وڃي. ٽوم سان ماني کائيندس. (ڪي مسڪراهٽ ڏيندي) مون ان کي ڇيو ته مان هينر کان ئي ٽوم سان ماني کائي رهيو آهيان.

سوال: جڏهن توهان پهريون ڀيرو گرفتار ٿيئو ته ان وقت ڇا محسوس ڪيو؟

جواب: مان جڏهن پهريون ڀيرو گرفتار ٿيس. ان وقت منهنجي شادي نه ٿيل هئي. 1975ع شاگردي جي عمر ۾ گرفتار ٿيس. انهي وقت ڪجهه به محسوس نه ٿيو هو.

سوال: شاديءَ کان پوءِ واري گرفتاريءَ ۾ ڇا محسوس ڪيو؟

جواب: (ڪلندي) ڪجهه به نه. پر مان حيدرآباد مان گرفتار ٿيو هئس.

سوال: گرفتاريون سياسي زندگي ۾ ڪهڙيون تبديليون آڻين ٿيون؟

جواب: (گهوري ڏسندي) اسان گرفتارين کي پنهنجو مقدر سمجهون پيا. جيڪي ماڻهو گرفتار نه ٿيا. اهي ڪوڙا سياستدان آهن. اهي جناح وانگر آهن. (ڪلندي مون کي خبر آهي. توهان هي اخبار ۾ نه لکي سگهندؤ) جواهر لال نهرو هو جنهن چوڏهن سال قيد ڪاٽي. مان ان کي دنيا جو سرڪش وزير اعظم سمجهندو آهيان. هو گهٽو ڏهين هيو. ان جو وڏو ڪتاب discovery of India پنجن مهينن ۾ احمد نگر جيل ۾ لکيو هو. ان ڪتاب ۾ مولانا آزاد به جاڻ ڏيندو هئس. توهان ميڊيا وارن جون پنهنجون مجبوريون آهن. آئون سمجهان ٿو انهيءَ ڪري وڌيڪ نه پيو چوان. (اسان در حقيقت غلام قوم آهيون).

سوال: قيد جو تصور ڇا آهي؟

جواب: قيد جو تصور مون وٽ گهٽو خوبصورت آهي. پٽ ڏٽيءَ ڇيو آهي ته:

سڪر سيئي ڏينهن. جي مون گهاريا بند ۾.
وسايم وڏ ڦڙا. متي ماڙين مينهن.
نيئر منهنجو نينهن اُجاري اڇو ڪيو.

جيڪڏهن انگريز هندوستان کي غلام نه بڻائين ها ته گانڌي پيدا نه ٿئي ها. پٽيل پيدا نه ٿئي ها ۽ مولانا آزاد پيدا نه ٿئي ها. هڪ پيري اندرا گانڌيءَ چيو هو ته "منهنجو پيءُ سياستدان نه پر شاعر هو. هن سياست سان رومانس ڪيو هو پر منهنجي لاءِ سياست آزاد آهي." بينظير پٽو چيو هو ته Times ۾ اندرا گانڌيءَ جو انٽرويو لڳو جنهن ۾ هن سياست کي عذاب سڏيو هو. پاپا مون ڏانهن اخبار اڇلائيندي چيو ته پنڪي! پڙهه هن کي، هي عورت ڪيتري نه بيوقوف آهي، ان وقت مون پاپا کي ڪجهه نه چيو هو پر هاڻي محسوس ڪيان پئي ته ها! اندرا درست هئي، سياست عذاب آهي ۽ هي پهاڙ مون مٿان اچي ڪريو آهي. اها ڳالهه بينظير پنهنجي ڪتاب "Daughter of East" ۾ لکي آهي.

سوال: آريسر صاحب! گرفتاريون کڻڻ تبديليون آڻيندڙ آهن؟

جواب: ڪجهه به نه. اسان ان کي پنهنجو مقدر سمجهون پيا.

سوال: ڇا گرفتاريون مضبوط ڪندڙ ثابت ٿيندڙ آهن؟

جواب: بلڪل! مان توهان کي ٻڌايان ته اسان ڪڏهن به پاڻي نه ٽيا آهيون، جڏهن به اسان ڦٽڪا کاڌا آهن، اسان ائين محسوس ڪيو آهي، جڙ سندو مٿان انڊلڻ آسمان تي ايرندي آهي.

سوال: ان جو مطلب گرفتاريون ماڻهوءَ کي پڪو ڪن ٿيون؟

جواب: جي ها! بلڪل! گرفتاريون انسان کي پڪو ڪن ٿيون.

سوال: زندگي ۾ جتي گهڻيون تڪليفون آهن، اتي توهان کي گهڻي تڪليف ڪڏهن ملي آهي؟

جواب: ها! مون کي هڪ ماڻهوءَ مان گهڻي تڪليف آئي. مان ان جي جنس جو تعين نه ڪندس. ان مون کي چيو ته تون منهنجي نظر مان ڪري پيو آهين، پوءِ مون ڪڏهن به ان سان رابطو نه ڪيو ان کان پوءِ هن جي فون آئي پر مون چيو ته سيد چيو آهي ته پهاڙ تان ڪريل ماڻهو اٿي سگهي ٿو پر نظرن مان ڪريل ڪڏهن به نه ٿو اٿي سگهي، ان کان پوءِ آئون ساڻس ڪڏهن به نه مليس.

سوال: سنڌ کيئن لڳي آهي؟

جواب: سنڌ هينئر بہ قائم آهي. هزارين حملا ٿيا. سڪندر کان وٺي مشرف تائين. سنڌ مٿان حملا ٿيندا رهيا. پر سنڌ پنهنجن مهاڀڻن سان هولي ۽ لولي‌ءَ سميت زنده آهي. سنڌ تہ انڊيا ۾ بہ زنده آهي. سنڌ محبت آهي ۽ محبت کي تلوارون ڪڍهن قتل ڪري سگهيون آهن؟

سوال: آريسر صاحب! توهان کي سنڌ کيئن پئي لڳي؟

جواب: هڪ پيري آئون گاڏي‌ءَ ۾ وڃي رهيو هئس ۽ دوست کي چيم تہ گاڏي‌ءَ جو شيشو کول. هن چيو تہ چو؟ جواب ڏنو مانس تہ مان سنڌ ڏسڻ چاهيان ٿو. هن مون کان پڇيو تہ توکي سنڌ کيئن لڳي آ؟ مون چيو تہ سنڌ مون کي سوئيزرلينڊ کان بہ خوبصورت لڳي آهي. ماڻهو سوئيزرلينڊ ۾ دفن ٿيڻ ويندا آهن ۽ هتان جا ماڻهو مڪي ۾ دفن ٿيڻ ويندا آهن. پر سنڌ جا ماڻهو مڪلي ۾ بہ دفن ٿيڻ چاهيندا آهن. سنڌ جهڙو خوبصورت خطو ڪٿي ناهي.

سوال: سيد ۽ سنڌ سان رشتو کهڙو رهيو آهي؟

جواب: سنڌ کي مون سيد ذريعي سڃاتو آهي. مون کي One Unit جي خبر ئي نہ هئي. پر آئون سيد ذريعي ان سان متعارف ٿيس. آئون ٽئين. چوٿين درجي ۾ هئس. جو مون استاد کان وڃي پڇيو تہ هي سيد ڪير آهي؟ استاد چيو تہ هي هينئر جيل ۾ آهي. مون چيو تہ جيل ۾ تہ ڪانگريس وارا بند ٿيندا هئا. جيڪي آزادي‌ءَ جي ڀالهہ ڪندا هئا. هي چا لاءِ ويو آهي؟ استاد جواب ڏنو تہ اهو بہ ائين ئي ڪانگريسين جيان ڪري رهيو آهي. ان وقت مون "جديد سنڌ جا مسئلا" (Struggle for New Sindh) ڪتاب پڙهيو. پوءِ سيد سان ناتو شروع ٿيو. ڪروڙين اربين روپين جون آڇون ٿيون. پر مون ٺڪرايون. هينئر بہ (ڪلندي) ٿوم سان ماني کائي رهيو آهيان.

سوال: سنڌ ڏانهن توهان کي سيد يا سنڌ جي پيڙاءَ آندو؟

جواب: مولانا آزاد مون ۾ فڪري تبديلي آندي. هن مون کي آفاقيات جو علم ڏنو ۽ مولانا کان آزادي ڏياري. سيد عملي تبديلي آندي. مان سنڌ سان متعارف سيد ذريعي ٿيس.

سوال: سنڌ ۾ گھٽو ڪري نظريي جو رجحان رهيو آهي؟

جواب: مخدوم بلاول جي تحريڪ جو وڏو اثر رهيو آهي. مخدوم بلاول چيو هو تہ سنڌ آزاد هجي. هڪ پيري ٺارو شاهہ ۾ MQM وارن مون کان سوال ڪيو هو تہ. توهان سنڌ جي ڪهڙي آزادي چاهيو ٿا؟ مون چيو تہ هڪ پارڪ هجي. جتي منهنجي ڏيءُ اندرا ۽ هڪ غير مسلم هٿ ۾ هٿ ڏئي گهمندا هجن. ۽ بنهي جون نظرون آسمان ڏانهن هجن. پر انهن جون نظرون هڪ ٻئي جي جسمن ڏانهن نہ هجن. مان اهڙي سنڌ چاهيان ٿو.

سوال: ايم ڪيو ايم جو ڪهڙو رد عمل هيو؟

جواب: ايترو خاص نہ هيو پر انهن چيو تہ پارڪ مان ڇا مراد آهي؟ مون چيو تہ پارڪ هوندو تہ پاڻي هوندو. پاڻي ئي روڪيو وينا آهن تہ پارڪ ڪٽان ٺهندو.

سوال: تصوف ڇا آهي؟

جواب: تصوف جي هتي معنيٰ 'صوف' يعني 'اُنَ' مان ورتي وئي آهي. جيڪا صوفي پائيندا هيا. پر 'تصوف' يوناني ٻوليءَ مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي تدبر. دانشمندي. دانائي ۽ ٻيائي جي خلاف ۽ ڪمتري جي خلاف جهاد آهي. (هي مولانا آزاد لکي ويو آهي. ان پاڻ وصيت ڪئي هئي تہ 30 سالن کان پوءِ هي ڪتاب کوليو وڃي). تصوف جي معنيٰ هي ناهي تہ. تارڪ الدنيا ٿي ويهي رهجي ۽ ماڻهو تڪليف ۾ هجن. شاهہ عايت ۽ مخدوم بلاول هي ڳالهہ سمجهي ورتي. جيڪا مولانا آزاد ڪئي آهي. شاهہ عنايت جي ميلي ۾ ماڻهو 7 ـ اپ جون ٽوپيون پائي وينل هئا. هي تہ تصوف ناهي. مان اڪثر مخدوم بلاول جي مزار تي ويندو آهيان. پر ميلي تہ نہ ويندو آهيان. سائين چوندو هيو تہ. هي اسان جو مرشد آهي. تصوف دوکو ۽ ٻيائي خلاف ويڙهہ جو نالو آهي. هي تہ انسانيت سيکاري ٿو.

سوال: سنڌ ۾ هينئر انهيءَ تصوف جو رجحان آهي؟

جواب: ان جو رجحان هو. هي ادارو تباهه ٿي ويو آهي. خدا پناهه ڏي.

سوال: مذهبن جي حوالي سان چا خيال آهي؟

جواب: مذهب ماڻهپو سيکارين ٿا، پر ڪوڙن مولوين جي تشريحن ڪري ڪنڌ وارين شين جو بنياد وڌو آهي.

سوال: ننديءِ ڪنڊ ۾ مهاويرءَ گوتم ٻڌ جي لاءِ چا راءِ آهي؟

جواب: گوتم ٻڌ، عدم تشدد جو قائل هو، پر مهاويرِ اڳتي وڌي ويو. هن جي ڳالهه عقل کان مٿي هئي. هي عقل جي خلاف هو تہ نڪ تي ڪپڑو رکو تہ جيئن ڪو جيت نہ مري، پر گوتم ائين نہ هيو. مان ان کي عظيم سمجهان ٿو. گوتم هر شيءِ ڇڏي ڏني هئي، منهنجي خيال ۾ گوتم کي زخم لڳو هوندو جو ائين ٿيو.

سوال: اهو توهان جو پنهنجو مشاهدو آهي؟

جواب: ها! بلڪل.

سوال: هندو ازم لاءِ چا چوندؤ؟

جواب: هندو ازم مذهب ناهي. اها ڳالهه جواهر لال نهرو پڻ لکي هئي تہ هندو ازم ڪلچر ۽ ثقافت آهي. اهو مذهب ناهي، منو شاستر جا ۽ ڇن چا هي مذهب آهي؟ هي پنڊتن جي بدمعاشي آهي.

سوال: پوءِ برصغير اندر اسلام چا آهي؟

جواب: حضور صلي الله عليہ وسلم جن چوندا هئا تہ روزو ٽوڙيو ڪنهن غريب کي ماني کارائڻ لاءِ، غلام کي آزاد ڪرائڻ، ٻانهي ۽ ٻانهيءَ کي آزاد ڪرائڻ هي اسلام آهي. پر محمد بن قاسم وارو اسلام، اسلام نہ هيو. مولانا آزاد چيو آهي تہ قيامت واري ڏينهن تارازيءَ جي پلڙي جي هڪ طرف سڄي دنيا جا گناهه هوندا، ۽ حجاج بن يوسف جا ٻئي طرف هوندا، پر پوءِ بہ حجاج بن يوسف جو پلڙو هيٺ هوندو.

سوال: توهان ان ڳالهه سان سهمت آهيو تہ مذهبن دنيا کي ورهايو آهي؟

جواب: دنيا کي ورهائڻ ۾ مذهبن جو وڏو هٿ رهيو آهي. سائين (سيد) اڪثر شعر پڙهندو هيو ته "مذهبن ملڪ ۾ ماٺهو منجهايا."

سوال: اسلام جي نالي ۾ ورتل هن آزادي لاءِ ڇا خيال آهي؟

جواب: اها آزادي ڪٿي آهي؟ سنڌ تي هميشه حملا ٿيندا رهيا. پر 1843ع وارو حملو گهڻو ڏکوئيندڙ رهيو آهي. سنڌي ماڻهن ايتري غلامي برداشت نه ڪئي آهي، هي بدترين غلامي آهي.

سوال: جناح ۽ گانڌي کي ڪيئن پيا ڏسو؟

جواب: گانڌي جيڪڏهن ڪفر نه ٿئي ته ان کي مان پيغام آڻيندڙ چوندس. پيغمبر امو هوندو آهي، جيڪو چوي، پهرين ان تي پاڻ عمل ڪري. بهار ۾ هارين جي هلچل دوران ڪنهن هاري کي قميص پاتل نه هئي، گانڌي قميص لاهي ڇڏي ۽ چيو ته مان ايستائين قميص نه پائيندس، جيستائين پوري هندستان جا ماڻهو قميص نه پائيندا. جناح صاحب ته فل سوٽ پائيندو هو. گانڌيءَ مزدورن جي هلچل هلائي، گجرات ۾ جيڪو ان وقت جو ٽيڪسٽائيل جي حوالي سان اهم ڪردار ادا ڪري رهيو هو. ان وقت جي اخبارن لکيو هو ته پاڻ ٻڪريءَ جو کير پي رهيو آهي ۽ مزدورن کي کير به ميسرناهي. گانڌي ٻڪري کي کولي ڇڏيو ۽ چيو ته مان کير نه پيئندس. جيستائين مزدورن کي کير نه ٿو ملي، پر جناح صاحب برانڊي پيئندو هيو. (سائين مون کي ٻڌائيندو هيو) جناح صاحب صبح، منجهند ۽ رات جو برانڊي پيئندو هيو. جيڪڏهن ڪپڙا ٿورڙا به خراب ٿيندا هيس ته تبديل ڪري ونندو هو. پر گانڌيءَ کي جڏهن ملڪ برطانيا شاهي دعوت ۾ گهرائي ٿي ته، هو اتي به ساڳئي حال ۾ وڃي ٿو. گانڌي کي چيو ويو ته توهان شاهي مهمان آهيو. انهيءَ ڪري مخصوص لباس ۾ وڃڻو پوندو. گانڌيءَ چيو ته، نه مان انهيءَ حال ۾ ويندس ۽ مان شاهي ڪاڏو به نه کائيندس، بس کير به پنهنجي ٻڪريءَ جو پيئندس. گانڌيءَ کي چيو ويو ته هي ممڪن ناهي. گانڌيءَ چيو ته دعوت بادشاهه ڏني آهي، مون نه

ڏني آهي. جيڪڏهن ائين ناهي تہ مان هتي ئي ويهندس. آخرڪار بادشاهہ پنهنجا قانون توڙيا. گانڌي هڪ شال ويڙهي ويو ۽ جو انگلينڊ ۾ سردي گهٽي هوندي آهي. گانڌيءَ چيو تہ جيڪڏهن بادشاهہ پنهنجو هي هڪ سوٽ نيلام ڪري تہ سڄي هندستان کي ڪپڙا ميسر ٿي وڃن. درحقيقت چرچل، گانڌي کي پسند نہ ڪندو هو انهيءَ ڪري جناح کي پاڪستان ملي ويو.

سوال: سيد ۽ جناح ۾ڪهڙن قسمن جا اختلاف هئا؟

جواب: اختلاف بظاهر ۽ پاڪستاني تاريخ وارا ظاهر ڪن ٿا تہ ٽڪيٽن تي هئا. مان سيد سان چاليهہ سال رهيو آهيان. سيد سائين چوندو هيو تہ بلڪل اختلاف ٽڪيٽن تي ئي هئا. پر اصولي اختلاف اهو ہ هو تہ صوبن جا فيصلا صوبا پاڻ ڪن، مرڪز نہ ڪري. جيڪڏهن صوبن جو اختيار هاڻي کان ئي ختم پيو ٿئي تہ اڳتي ڇا ٿيندو؟ سيد واحد ماڻهو هو جيڪو جناح سان 18 ڪلاڪ بحث ڪندو هيو.

سوال: آريسر صاحب! پاڪستان جي ہ تاريخ اهي ئي اختلاف ٻڌائي ٿي ۽ توهان ہ اهو ئي ٻڌائي رهيا آهيو، پر سيد خود "سنڌ ڳالهائي ٿي" ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ شملا ۾ جناح صاحب، سيد کي چيو تہ هاڻي اسان ٻئي اختتام تي اڇي پهتا آهيون، (هي ٽڪيٽن کان اڳ جي ڳالهہ آهي) تہ پوءِ هي ڇا هو؟

جواب (غور ڪندي): ريزرويشن اسٽيٽس جو هو (آريسر ڪلندي: تاريخ وڌي آهي. هتي بحث نہ ٿو ڪري سگهجي) جناح صاحب 1942ع واري اپوزيشن کي 1946ع ۾ تبديل ڪري States جي جاءِ تي State جي تبديلي ڪئي. سائين جا اختلاف انهيءَ لاهور ريزرويشن تي هيا ۽ هندو اخبار ان کي پاڪستان ريزرويشن قرار ڏنو. خير! بنيادي طرح ورهاڱو ٿيو. ان ۾ سيد جون ہ غلطيون هيون ۽ ان جو اقرار هو پاڻ ہ ڪندو هو تہ مان جذباتي ۽ جابلو علائقي جو هيس. ورهاڱي ٽيڻ ۾

جواهر لال جون بہ غلطيون هيون. (مسڪراهٽ ڏيندي گانڊي معصوم هو) سائين جون بہ غلطيون هيون. ورهاڱي کان پوءِ بہ حالتون درست ڪري سگهجن پيون، پر جناح، غفار خان ۽ سيد سان گفتگو بہ نہ ڪئي. (ٽوڪ ڪندي: خدا جب حسن دیتا ہے تو نزاکت آ ہی جاتی ہے۔)

سوال: سيد هميشہ يو ٽرن ڇو ورتا هئا، جڏهن تہ "سنڌ ڳالهائي ٿي" ڪتاب ۾ هو پاڻ لکي رهيا آهن تہ پير صبغت الله بہ انهن سان پاڪستان جي مخالفت ڪئي هئي، پر سيد سپ ڪجهہ ڄاڻندي بہ يوٽرن ونڊو رهيو، ائين ڇو؟

جواب: مان توهان کي هن پيري سچ ٻڌايان تہ. اهي لفظ پير صاحب جا ناهن. سيد پنهنجا لفظ ٻين واتان چورائيندو هو. پير صاحب وارا لفظ اهي مون پاڻ لکيا هيا. (زور ڏيندي).

سوال: ڇا اهو درست آهي تہ اهي لفظ توهان لکيا آهن؟

جواب: (فخر ڪندي) ها مون لکيو آهي. ان سان گڏوگڏ الله بخش سومري جا لفظ جيڪي "جنب گذريم جن سان" ۾ پنهنجا لفظ انهن ڪردارن واتان چورائيندو هو.

سوال: ان جا ڪهڙا سبب هئا؟

جواب: سبب ٿي سگهن ٿا. پر مان اٽڄاڻ هئس. آهيان. سنڌي ماڻهو انهن ڪردارن جو قدر ڪندا آهن. شايد انهيءَ ڪري (سيد) چورائيندو هيو تہ. توهان منهنجي نہ پيا ميو تہ هي ڏسو! هي بہ اهو ئي چون پيا. سيد انڪساري وارو ماڻهو هو. ان کي آئون، آئون ڪرڻ جي عادت نہ هئي.

سوال: جيڪڏهن سيد سپ ڪجهہ ڄاڻندو هيو تہ پوءِ هن پُٽي سان گڏ شملا وڃڻ جو ڇو ارادو ڏيکاريو ۽ ضياءَ لاءِ سافٽ ڪارنر ڇو هو؟

جواب: سيد. ضياءَ کي صرف نفيس ماڻهو سمجهندو هيو سيد فرار نہ پيو ٿيڻ چاهي. شملا واري ڳالهہ بہ انهيءَ ڪتاب ۾ خطن ذريعي لکيل آهي. سيد چيو تہ مون کي اندرا سان ملڻ ڏيو پر پُٽي نہ مڃيو. سيد جو

پاسپورٽ بہ ضبط ڪري چڏيو. سيد انهن کي فرار ٿيڻ نہ ڏيو ڏي. سيد کي خبر هئي تہ اهي نہ ايندا. سيد چوندو هو تہ انهن وٽ همت ئي ناهي. جو اهي اڳيان اچي سگهن. جڏهن ضياءَ ملڻ پئي چاهيو تہ مون سيد کي چيو تہ. سائين توهان ڊپلوميٽڪ رهندا يا سڌي ڳالهہ سونٽي جي ڪندا. سيد چيو تہ. پهرين هو ايندو نہ. پر جي آيو تہ پوءِ ڏسجان. سيد جي (تون) ڊپلوميسي تہ مان چا ٿو ڪيان.

سوال: سيد 80ع واري ڏهاڪي ۾ آزادي تان هٽ چو ڪٽي ويو؟

جواب: نہ ائين بلڪل ناهي. (واقعو شيئر ڪندي) مان توهان کي ٻڌايان تہ. نادر شاهہ کي جڏهن هاٿي جي سواري ڪرڻ لاءِ ڏني وئي تہ اهو ڏاڪڻ ذريعي مٿي چڙهيو. جڏهن لغام گهريو تہ من کي ٻڌايو ويو تہ ان جي لغام هوندي ئي ڪانهي. نادر شاهہ هيٺ لهي چيو تہ مون کي اهڙي سواري گهرجي ئي نہ. جنهن جي لغام ٻئي جي هٿ ۾ هجي. جڏهن ايم آر ڊي جي تحريڪ هلي تہ. مون چيو تہ اسان کي بہ شامل ٿيڻ گهرجي. سيد چيو تہ جيڪڏهن هي تحريڪ 12 ربيع الاول تائين هلي وئي تہ تون شامل ٿجانءِ. پر اهو ئي ٿيو. غلام مصطفيٰ سينٽرل جيل ۾ قيد هو ۽ هن 12 ربيع الاول تي تحريڪ بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو. سائين جي نظر افق جي پردن کان اڳتي ڏسندي هئي.

سوال: ضياءَ جي سپورٽ ڪئي، پر پُٽي جي سپورٽ نہ ڪئي؟

جواب: (ڪلندي) هي سڄيون اخباري خبرون آهن. مان پاڻ موجود هئس. جڏهن پير حسام الدين راشدي وٽس روئندو آيو. سيد مشڪري ڪندي چيو تہ. حامد شاهہ گذاري ويو آهي چا؟ (حامد شاهہ. پير حسام جو پيءُ هو) پير حسام الدين راشدي چيوتہ. توهان پُٽي جي لاءِ رحم جي اپيل ڪريو. سائين چيو تہ. هو پاڻ چو نہ پيو ڪري. پير حسام جواب ڏيندي چيو تہ پُٽو چوي ٿو تہ مان بي غيرت ناهيان. سيد چيو تہ چا آئون بي غيرت آهيان. آئون هتي نظر بند آهيان. جتي اندرا ۽ سعودي عرب

وارا اپيل ڪري رهيا آهن. اتي مون غريب جي چا ٻڌندا؟ بنيادي طرح هو اسان جو ڪڏهن ٿيو هو جو اسان هن جا ٿيون.

سوال: شيرين سومرو جي ڪيس واري قادر بخش جتوئي هينئر هڪ انٽرويو ۾ چيو آهي ته، سائين چيو هو ته توهان گرفتاري ڏيو، پر پُٹي جي مدد ڪرٹي ناهي.

جواب: توهان راز فاش ڪرايو پيا. قادر بخش گولي نہ هنئين هئي، انهن حيدر شاهہ ۽ قادر شيرين سومري جي ڪيس مان فائدا ورتا. هو ايل ايم سي دوران ٻهراڙين جي چوڪرين جون واليون لاهي ڪني ويندا هيا. شيرين سومرو کي قادر گولي نہ هنئي هئي ۽ قادر ڪڏهن بہ سيد سان مليو ئي نہ هيو.

سوال: پوءِ قادر بخش ائين چو پيو چئي؟

جواب: هو (سيد)جو هينئر جيئرو ناهي، انهي ڪري ڪير ڪجهہ بہ چئي سگهجي ٿو.

سوال: انڊيا جي ميگزين کي انٽرويو ڏيندي سيد چيو هو ته بينظير پٹو پنهنجي پيءُ کان بہ چگي ناهي، هي اختلاف ناهن ته چا آهي؟

جواب: سيد هميشہ چوندو هو ته پنجابين هميشہ سنڌين، هروچن جي ڪلهن تي بندوق رکي هلائي آهي. سنڌ جا وسيلا گهٹا آهن، تي سئو سالن تائين پوري برصغير کي هلائي سگهي ٿي.

سوال: سيد جي پارٹي هينئر ڏڑن ۾ ورهائجي چکي آهي، ان جا سبب ڪهڑا آهن؟

جواب: انا پرستي آهي. ايائز چيو آهي ته. "سنڌڑي تنهنجو نانءُ ورتو جڻ ڪاريهر تي پير پيو" پر هينئر 'سنڌ' نالو وڏو واپار بٹجي چکو آهي.

سوال: آزاديءَ جي تحريڪن ۾ پارٹين جو ڪهڑو ڪردار هوندو آهي؟

جواب: بنيادي اهميت پارٽي نيائيندي آهي، پر عوام جو ڪردار وڌيڪ اهم آهي. جڏهن ته هڪ ارب ماڻهن لاءِ گهٽ ماڻهو جيڪي پارٽي ۾ هوندا آهن، اهي وڌهندا آهن. پارٽيءَ جا ماڻهو پنهنجي ذات جي ڪري نه عوام جي لاءِ وڌهندا آهن، پر اسان وٽ پنهنجي ذات لاءِ وڙهي رهيا آهن.

سوال: سيد جي چاليهي کان پوءِ ڪجھ ڏڙا گڏ ٿي ويا، پر ڪجھ وقت کان پوءِ وري ساڳي راند شروع ٿي وئي، جنهن ۾ توهان، آصف بالادي ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ بشير قريشي سان اختلاف رکيا ته پوءِ هي چا انا پرستي نه هئي؟

جواب: آصف بالادي وارو معاملو ٻيو آهي. بشير قريشي سان اختلاف انا پرستي تي نه هئا.

سوال: چا توهان انهن سيني ڏڙن کي ٻيهر گڏ ڪندؤ؟

جواب: بلڪل! آصف بالادي واپس ايندو سواءِ بشير قريشيءَ جي.

سوال: صفدر سرڪيءَ لاءِ توهان چا چوندؤ؟

جواب: (ڪلندي) مان ان لاءِ چا چوان. هن جي پنهنجي پارٽيءَ وارن سندس ئي خلاف چاڪنگ ڪئي آهي.

سوال: چا پارٽيءَ کي ڏڙن ۾ ڪرڻ جو اهم ڪردار انا پرستي جو آهي يا اسٽيبلشمينٽ جو؟

جواب: يقينا اسٽيبلشمينٽ جو آهي، پر انا پرستي ٻه آهي. (مثال ڏيندي) توهان ڏسو جيڪڏهن ڪوئي اخبار ۾ محنت سان ڪم ڪري پيو پر ان کي اها موٽ نه ٿي ملي، ته ان جي ان کي ٽيس رسندي، ائين ئي اسٽيبلشمينٽ ٽڏو ڪري، اناپرستيءَ کي استعمال ڪندي آهي.

سوال: جتي آزادي انا پرستيءَ جي عيوض ۾ ٽڪن تي وڪامجي وڃي ته اڄا اهڙيون تحريڪون اڃڻي هلي سگهنديون؟ اها ڳاله نوجوانن جي سمجھ کان ٻاهر آهي.

جواب: بنيادي طرح واقعي ائين ئي آهي، ائين نه ٽيڙ گهرجي، پر ڪجھ ڪردار اڃڻي نڪري ايندا آهن ۽ ڪجھ روپلو ڪولهي يا

جونافراڪ بہ بڊجي ويندا آهن. ائين ضرور ٿيندو تہ ڪجھ ڪردار اڀرندا.

سوال: سنڌي قوم جي نفسيات ڪهڙي آهي؟

جواب: پاڻ کي پڌائڻ جي آهي.

سوال: ڇا اها نفسيات سنڌ کي نقصان رسائي رهي آهي؟

جواب: ها!

سوال: اسان هينئر سنڌي قومپرست تحريڪ جو زوال ڏسي رهيا آهيون، ڇا توهان کي ائين لڳي رهيو آهي؟

جواب: نہ ائين نہ آهي! منهنجو هڪ دوست جيڪو منهنجا ڪيس مفت ۾ وڙهندو هيو ان مون کي چيو تہ ڇا گڏهہ باکوڑي ڏنو ٿئي. مون چيو ها. جيڪب آباد ۾ ڏنو آهي. تہ هن مون کي ڪلي چيو واقعي ۾ تو سنڌ ڏني آهي. توهان پهرين سنڌ تہ ڏسو.

سوال: پارٽين اندر پهرين اسٽيبي سرڪل هوندو هيو، هينئر اهو ناهي؟

جواب: ها! ائين آهي. ماکوڑي وانگر ڪرندي ڪرندي وري مٽي ٿيندا سين.

سوال: سنڌ جي تعليم جي تباهيءَ جو ذميوار ڪير آهي؟

جواب: حڪومت! حڪومت ئي تعليم جي تباهيءَ جي ذميوار آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رجسٽرار صالح راجڙ تي دفعا رٽائرد ٿي چڪو آهي، پر وري واپس هليو اچي، هو ڪجھ تعليم لاءِ ڪري ئي نہ رهيا آهن، پر ان ۾ انهن جو ئي ڪردار آهي.

سوال: آريسر صاحب! آزادي جي گهر ڪندڙ تحريڪن جو عمل ايترو سست ڇو آ؟ صرف حڪومت تي الزام عائد ڪرڻ سان مسئلا حل تہ نہ ٿيندا، توهان بہ يوسي جي سطح تي تعليم کي عام ڪري سگهو ٿا، ائين ڇو نہ آهي؟

جواب: اسان هينئر اسٽيبي سرڪل کي ٻيهر اجاگر ڪري رهيا آهيون. مان توهان کي ٻڌائيندو هلان تہ منهنجي هيءَ موبائيل ڳالهہ ٻولهہ لاءِ ناهي.

سڃي سنڌ مان نوجوان فون ڪري مون کان ڄاڻ حاصل ڪندا آهن. انهيءَ ڪري اسان ٻيهر استبدي سرڪل کي آباد ڪريون پيا.

سوال: وڏيرڪي ازم جي باري ۾ توهان ڇا چوندؤ؟

جواب: وڏيرڪو ازم ختم ٿي رهيو آهي. ان کي اجاگر پ پ پ ڪري رکيو آهي. مان توهان کي ٻڌايان ته غلام مصطفيٰ، جنهن وٽ 70 هزار ايڪڙ زمين آهي، ان کي رحمت الله جنهن وٽ پوري قميص به نه هئي. اليڪشن دوران هارائي ڇڏيو. هي ڇا آهي؟

سوال: ڪارو ڪاري ڇا سنڌ جي تهذيب آهي؟

جواب: نه!

سوال: اڪثر ڏٺو ويو آهي ته قومپرست ڊيم جي خلاف آواز اٺارندا آهن، پر ڪاروڪاريءَ لاءِ آواز نه اٺارندا آهن. ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

جواب: اهي وڏيرن کان ڊڄن ٿا، پر اها ختم ٿيندي.

سوال: اها ڪيئن ختم ٿيندي؟

جواب: اقتدار ملي ته ڏسو اسان ان کي ڪيئن ٿا ختم ڪريون. جڏهن انگريز هتان هليا ويا ته جواهر لال نهرو ستي رسم تي بين هٽي ڇڏيو.

سوال: جيستائين توهان کي اقتدار ملي، تيستائين توهان آواز نه اٺارندؤ؟

جواب: آواز اٺارڻ گهرجي، پر نه پيا اٺارين.

سوال: ايم ڪيو ايم سان ڪهڙن نقطن تي اتحاد آهي؟

جواب: نقطو ڪوبہ ڪونهي.

سوال: ڇا ڪوبہ نقطو ناهي؟

جواب: ايم ڪيو ايم سان هونئن ته ڪوبہ نقطو ناهي، پر هڪ پيري ميرپورخاص ۾ الطاف حسين سان ڳالهائيندي مون چيو ته ڇا تون بنگلاديش وانگر ڪردار نپائيندين؟ جڏهن ته هينئر پنجابي استيبلشمينٽ پاڻ پاڪستان ٽوڙڻ چاهي ٿي. ان جي موٽ ۾ الطاف حسين چيو ته جيڪڏهن ائين آهي "تو میں ایک دہکا اور دونگا" سيد چيو هو ته

ڪجھ ڪردار ڪمزور هوندا آهن ۽ ڪجھ ڪردار بهادر هوندا آهن.

سوال: آريسر صاحب! توهان ايم ڪيو ايم جي حوالي اهو سپ ڪجھ چئي رهيا آهيو، پر ڪراچي اندر هو سنڌين جي تعليم جي ڪوٽا کي ختم ڪري رهيا آهن ۽ ستي ناظم تعصب پرستي ڦهلائي رهيو آهي، تہ پوءِ هو توهان جو آزاديءَ ۾ ڪيئن ساڻ ڏينداٰ؟

جواب: توهان بہ تہ تعصب ڳالهائي رهيا آهيو.

سوال: جيڪو ڪجھ ڪراچيءَ اندر ٿي رهيو آهي. اسان ان ردعمل تي سوال پڇي رهيا آهيون؟

جواب: ڏسو جيڪڏهن مهر جتوئين جو جهيڙو ٿيندو تہ جرڳا ڪيا ويندا، ائين ئي اسان انهن سان بہ جرڳا ڪري سگهون ٿا.

سوال: پوءِ (ايم ڪيو ايم) سنڌي ڇو نہ سڪي رهيا آهن؟

جواب: هُو سِڪي رهيا آهن ۽ ان لاءِ سنڌي لئنگويج اٿارٽي، تاج جويي جي نگرانيءَ ۾ سيڪاري رهي آهي.

سوال: ايم ڪيو ايم لاءِ توهان جرڳو ڪري رهيا آهيو، پر پ پ لاءِ ايتري جڙ ڇو آهي؟

جواب: ڏاڙئي ڪان ننڍڙي مرڪ بہ وڏي آهي ۽ پنهنجا اسان کي ٿونشا هڻي رهيا آهن.

سوال: پوءِ هڪ جرڳو توهان پ پ سان ڇو نہ ٿا ڪريو؟

جواب: اسان هنن سان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيون. مون کي ياد آهي تہ سيد محترمہ جي غير مشروط حمايت ڪئي هئي. جڏهن تہ محترمہ لياري جي جلسي ۾ آئي تہ سيد گلدستو موڪليو هيو پر هو اسان کي ملڪ دشمن قرار ڏئي رهيا آهن، اسان ايجان چا ڪريون.

سوال: ڪوڪرا پار جي حمايت ڪهڙي سبب جي ڪري ڪئي؟

جواب: سنڌوءَ جي ساڃاهہ ۾ سيد لکيو آهي تہ 1965ع ۾ لائين ڪوڪرا پار بند ٿي وئي هئي، 1975ع ۾ ڪراچي جي آدمشماري 34 لک ٿي وئي. هي سپ ماڻهو ڪٿان آيا؟ جڏهن تہ لائين بہ بند هئي! مون ان وقت بہ

ڀيٽا سان گڏ چيو هيو تہ جڏهن لائين ڪوڪرا پار بند آهي، پر آبادي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. توهان ٽر جي زيرو (0) پوائنٽ تي ويجي ڏسو اتي پاڻي آهي ئي ڪونہ. اسان چئون ٿا تہ ڏاريا ويجن ۽ اسان کي هتي جيئڻ ڏنو ويجي. ڪوڪرا پار ڪلڻ سان سنڌين کي گهڻو فائدو رسندو. منهنجا مائٽ ٻئي پار رهن پيا، اسان چاهيون ٿا تہ اها اڇ وچ ٽٽي.

سوال: اڪثر هي سوال اٽاريو ويندو آهي تہ توهان (سنڌي) هڪ موقف تي ٻيهو، هڪ پاسي توهان ڏارين جي اچڻ جي مخالفت ڪريو پيا، ٻئي طرف ڪوڪراپار جي حمايت ڪريو پيا، ائين ڇو؟

جواب: ڪوڪرا پار کان سنڌي اچن پيا.

سوال: جنهن ملڪ اندر جمهوريت مضبوط نہ هجي، اتي توهان ڪيئن ٿا سمجهو تہ ڪوڪراپار ڪلڻ سان صرف سنڌي ايندا؟

جواب: حقيقت ۾ صحافين کي سنڌ جي جاگرافيءَ جي ڄاڻ آهي ئي نہ! جيڪڏهن يوپي مان ڪو ماڻهو ايندو تہ اهو پنجاب، اٽاري ريل گاڏي کان ايندو. لاهور کان دهلي 3 سئو ميل تي آهي، هو اتان ايندا، ان ڪري هو ڪوڪراپار نہ ٿا اچي سگهن.

سوال: توهان، ارباب جي دور ۾ ضلعن جي ورهاست جي ٻہ سپورٽ ڪئي هئي؟

جواب: ها! انهيءَ جي ڪري تہ جيئن ماڻهن کي سهولت ملي. حيدرآباد، شاهہ ڪريم کان ٻہ هيٺ آهي، اوير کان وٽي ويجي ميرپورخاص تائين هي پراڻو حيدرآباد آهي. حيدرآباد تمام وڏو آهي. جيڪڏهن ڪوئي آخر کان حيدرآباد ايندو تہ ان کي هڪ ڏينهن لڳندو. اصل ۾ انگريزن پنهنجي سهولت خاطر وڏا ضلعا ٺاهيا هيا، هنن کي مقامي ماڻهن تي پروسو نہ هيو ۽ انگريزن جو هڪ سي ايس آفيسر هوندو هيو ان جي سهولت لاءِ انهن وڏا ضلعا ٺاهيا. ننگرپارڪر کان شاهپور چاڪر تائين ٽر ضلعو هڪ هو. ماڻهن کي سهولت ڏيڻ لاءِ مون

انهن ضلعن جي حمايت ڪئي هئي (ڳالهه شيئر ڪندي) پ پ پ جي ڪلچر ونگ جي ماڻهوءَ کي مون فون ڪئي ته هڪ ماڻهوءَ کي چوٽياري ڀيم تي پٽيوالي جي نوڪري گهرجي. هن مون کي چيو ته ڊوميسائيل ڪٽان جو آهي؟ مون چيو ته عمرڪوٽ جو. هن چيو ته چوٽياري ڀيم سانگهڙ ۾ آهي ۽ اهو ڪم علي مردان شاهه ئي ڪري سگهي ٿو. (آريسر ڪلندي، ڏسو پاڻ ئي بادشاهه آهن. پر هڪ پٽيوالي جي نوڪري به نه ڏيندا).

سوال: بلوچستان جي تحريڪ لاءِ ڇا چوندؤ؟

جواب: هي آخري آزاديءَ جي تحريڪ آهي.

سوال: ڊاڪٽر شازيه تي توهان آواز نه اٺاريو، ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

جواب: اصل ۾ مري ٻروچ آهن، الاءِ ان معاملي جا ڪهڙا رنگ هيا.

سوال: اڪبر بگٽي ڊاڪٽر شازيه لاءِ آواز اٺاريو هيو ۽ توهان قومپرستن کي ميارون ڏنيون هيون؟

جواب: مان اڪبر بگٽي لاءِ ڪجهه چئي نه ٿو سگهان. ڇاڪاڻ ته هو هاڻي موجود ناهي.

سوال: ڇا توهان ڊاڪٽر شازيه لاءِ به ڪجهه نه چوندؤ يا ان ۾ به توهان کي مسئلا آهن؟

جواب: (منهن تي گهنج آڻيندي) غلط هو جيڪو ڪجهه ڊاڪٽر شازيه سان ٿيو. آئون مذمت ڪريان ٿو موقعو مليو ته سزا ڏيندا سين.

سوال: توهان جي نظر ۾ دنيا کي پيش ايندڙ مسئلا ڪهڙا آهن؟

جواب: دنيا کي پيش ايندڙ ٽي مسئلا آهن: دهشتگردي، بينڪي، بک ۽ بيروزگاري.

سوال: ٽر جي ڏڪار کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: ٽر لاءِ صرف ۽ صرف هڪ شعر پڙهندس:

سرجيس تان سور سامايس ته سڪ وبا،

اهي ٻئي پوڻ مون نماڻي نصيب ٿيا.

سوال: توهان جي نظر ۾ سچائي ڇا آهي؟

جواب: سچائي اضافي عمل آهي. هڪ ڪوڙ هڪ سچ، اهي ٻئي مختلف عمل آهن. بهرحال حد کان وڌيڪ سچو نہ ٿيڻ گهرجي. ڇو جو حد کان وڌيڪ سچائي بن منهن واري تلوار وانگر هوندي آهي. اها جنهن وٽ هوندي آهي، انهيءَ کي به زخمي ڪندي آهي.

سوال: بينظير ڀٽو جي شهادت لاءِ توهان ڇا ڇوندؤ؟

جواب: منهنجي خيال ۾ اها گڏيل سازش آهي. ڪنهن اردو ڳالهائيندڙ مون کي فون ڪري چيو ته ''وه چل بسی'' مون ان وقت انا الله وانا اليه راجعون. چيو. انهيءَ دوران يونيورسٽي جي ڇوڪري مون کان پڇيو ته ڇا ٿيو؟ (ان وقت آئون بس ۾ هئس. ڇاڪاڻ جو آئون اياز جي ورسي تي وڃي رهيو هئس)، مون هن کي ٻڌايو ته بينظير ڀٽو مري وئي آهي، ڇوڪري مون کي چيو ته خاموش ٿي وڃو نہ ته وڏو هنگامو ٿيندو.

سوال: ڇا توهان بينظير ڀٽو کي سنڌ جي شهيد سمجهو ٿا؟

جواب: آئون ٻن ڀٽن کي شهيد سمجهان ٿو مير مرتضيٰ ڀٽو بينظير ڀٽو.

سوال: ته پوءِ شاهنواز ڀٽي کهڙو قصور ڪيو؟

جواب: اصل ۾ شهيد اهو ٿيندو آهي، جيڪو وڙهندي مري. اسان کي کهڙي خبر ته شاهنواز ڪيئن مري ويو باقي هي ٻئي ڇٽا وڙهندي مري ويا.

سوال: آريسر صاحب جيڪڏهن سنڌي عوام توهان کان اهو پڇا ڪري ته توهان جي کهڙي غلطي جي ڪري، اڄ تحريڪ جو هي حال آهي، توهان کهڙي غلطي جو اقرار ڪندؤ؟

جواب: آئون ڏاڍو نرم دل آهيان.

سوال: سنڌ جي تحريڪ کهڙي ٿيوري تي هلي رهي آهي؟

جواب: ٿيوري نظريا ختم ٿي ويا آهن. مان آزاديءَ کي ڪنهن بنگلي جي دروازي جي چائنٽ تي نہ ٿو ڏسڻ چاهيان. آزادي ڪاڻيءَ جي گهر

کان وٹي ٿر جي چونڙي تائين پهچي، جيئن پهرين شاعري درٻارن جي اندر هئي، پر شاهه سائين ان کي ٻکرار تائين کڻي آيو. آئون آزادي کي ائين ٿو ڏسڻ چاهيان.

سوال: شاهه سائين جي ڳالهه نڪتي آهي، ته شاهه بابت ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: آئون هن کي سنڌ جو تشڪيل ڪار سمجهندو آهيان.

سوال: شيخ ايازَ لاءِ ڇا چوندؤ؟

جواب: شيخ اياز شاعري کي شهباز جا پر ڏنا.

سوال: جنهن شاعريءَ کي شهباز جا پر ڏنا، ان جي موت تي قومپرستن اها موت نه ڏني، جيڪا ڏيڻ گهرجي هئي؟

جواب: (چڙ ڪائيندي) قومپرست بيوقوف آهن.

سوال: ڇا هينئر تائين به بيوقوف آهن؟

جواب: ها! بيوقوف ئي آهن، جو هن کي هينئر تائين مان نه ٿا ڏين.

سوال: سنڌ جي نوجوانن کي اڪيلو ڪرڻ ۾ ڪنهن جو هٿ آهي؟

جواب: اديبن ۽ صحافين جو هٿ آهي.

سوال: صحافت جو ڪيئن؟

جواب: صحافت مُئلن کي ته ياد ڪري ٿي، پر جيڪي زندهه آهن، انهن کي بلڪل به نه ٿو ياد ڪيو ويي، جيڪڏهن اخبار جو ڪو رپورٽر زخمي ٿي پئي ٿو ته ٿي ڪالمي خبر لڳي ٿي، پر جيڪڏهن جي ايم سيد جو ساٿي مري ٿو ته ڪو هڪ ڪالمي خبر هٽن ٿا.

سوال: آريسر صاحب! سنڌ ڪٿي بينل آهي ۽ سنڌ کي ڪٿي بينل هجڻ گهربو هو؟

جواب: سنڌ بينڪي نظام ۾ بينل آهي ۽ ان کي آزاد هندستان سان گڏ آزاد بينل هجڻ گهربو هيو.

سوال: توهان لاءِ سيد چيو هو ته شال عشق به بچائي آيو هجي، (جڏهن توهان گرفتاري کان پوءِ هي چيو هيو ته مان ايمان ۽ سچائي بچائي آيو آهيان) توهان جو ان تي ردعمل ڇا هيو؟

جواب: ڪجهه به نه! پر مون سيد کي چيو ته سائين عشق سلامت هوندو ته سچائي ايمان به سلامت هوندي.

سوال: نوجوان نسل لاءِ ڇا چوندؤ؟

جواب: اهوئي چوندس ته ڀش اينٽينا کان پاسو ڪن ۽ شاهه ۽ اياز کي پڙهن.

سوال: ڇا پارٽيءَ جي ڏڙن کي اڳتي هلي گڏ ڪندؤ؟

جواب: ماڻهو گڏ ڪندس. باقي جيڪي انا جو شڪار آهن، انهن کي گڏ نٿو ڪري سگهان.

سوال: توهان پاڻ کي ڪٽي بينل ڏسو ٿا؟

جواب: سنڌ جا ماڻهو جيڪڏن منهنجو ساٿ ڏيندا ته سالن جو ڪم مهيني ۾ ڪري سگهان ٿو. گجرات کان وٺي گوادر تائين هڪڙي سنڌي قوم ناهي سگهان ٿو.

سوال: توهان عدم تشدد جا حامي آهيو يا تشدد جا؟

جواب: تشدد اهو ٿيندو آهي، جيڪو ماستر ٻار تي ڪري، مرد عورت تي ڪري، اهو تشدد ٿيندو آهي ۽ مان عدم تشدد جو پيروڪار آهيان.

سوال: گوريلا تحريڪ کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: رياست جيڪا تشدد ڪري ٿي، اها لعنت آهي ۽ ان جو ردعمل گوريلا تحريڪ آهي.

سوال: توهان گوريلا تحريڪ جي سپورٽ ڪريو ٿا؟

جواب: مون کي گوريلا تحريڪ پسند آهي.

✷



مولوي عبدالواحد آريسر

هي ٽرپارڪر ضلعي جو ويڙل آهي. رواجي گمنام زندگيءَ مان هن اهڙي شهرت حاصل ڪئي آهي، جو ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هي تقرير ۽ تحرير ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

مٿس مضمون ۽ تقريرن تان سرڪار ناراض آهي، جو ان جي خوف کان ڪن لڪائي لڪندو گهمي ۽ ٻئي طرف شاگرد آهن، جي سندس پويان حيران ۽ سرگردان آهن ته هي سندن مجلسن کي رونق افروز ڪري. منهنجو ڪيس چوڻ آهي ته گوشي ۾ ويهي تصنيف ۽ تاليف ۾ مشغول رهي.

هي ٻن ٻيڙين وچ ۾ آهي، خدا ڪيس لوسين، قوسين کان پناهه ۾ رکي ۽ ظالمن جي چنبي کان پري رکي. بدقسمتي اها آهي ته هي مظلوم قوم سنڌيءَ جو فرد ٿي پيو آهي، جي مهاجر ۽ پنجابين مان هجي ها، ته نه حڪومت کي سندس سحربيانيءَ ڪري ڪيس ڦاسائڻ جي همت ٿئي ها. ۽ نه هي پاڻ روزگار جي تنگي ۽ سرڪار جي خوف کان لکي وقت گذارڻ لاءِ مجبور ٿئي ها.

جي. ايم سيد

"اڄ ٻڌ چڪيم چاڪ" (صفحو: 492)